س.ا.س سِٽي سکر ڊاٽ ڪام

# ٽوڪيو جي گيشا گرل

## (مس سدابهار چنبيلي)

ناول

(الطاف شيخ)

ڊجيٽل پبلشر

سنڌي ادبي سنگت شاخ سکر سٽي

(ڊجيٽل ڪتاب) پبلشر

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com




هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

# ٻه لفظ

## محترم دوستو......!

السلام عليڪم

اداري، سنڌي ادبي سنگت شاخ سکر سٽيءَ طرفان اوهان جي لاءِ، جڳ مشهور شخصيت، (جنهن کي سنڌ جو ابن بطوط چئجي ته نهايت بهتر ٿيندو) محترم الطاف شيخ جا سفرناما ۽ ٻيا ليک پيش ڪجن ٿا.

اسان محترم الطاف شيخ صاحب جا تمام گهڻا ٿورائتا آهيون جن جي اجازت ۽ تعاون سان اهي ڪتاب ٿوري آئوٽ لوڪ جي ايڊيٽنگ سان (ڪتاب جي متن ۾ ڪابه تبديلي نه ڪئي وئي آهي، صرف ويب سائيٽ تي آڻن لاءِ ان جي آئوٽ لوڪ کي خوبصورت بڻايو ويو آهي) اوهان تائين پهچائڻ سگهيا آهيون. ان کان علاوه ڪتاب جي پبلشر وغيره جا نالا، سندن مالڪي حقن سبب نه ڏنا ويا آهن. صرف ليکڪ جي اجازت سان سندس ليک ڏنو ويو آهي.

محترم دوستو!.. اسان اُميد ٿا ڪريون ته اوهان پنهنجي راءِ کي پاڻ تائين محدود نه ڪندا، ڇا ڪاڻ ته اوهان جي اها راءِ ئي اسان جي جياپي جو ڪارڻ آ. وڌيڪ بهتري آڻن لاءِ ضرور راءِ ڏيندا .

ساٿ سلامت

مهرباني



اوهان جي مشوري جو منتظر

عبداللطيف انصاري

شمس آباد سکر سنڌ

فون : 0333.7146119

اي ميل : abdullateefansari@yahoo.com

# انتساب

## هڪ پياري انسان ۽ سٺي اديب

## ظفر حسن جي نالي

ظفر جي جدائيءَ جو ڏاڍو ڏک اٿم. هو نہ ڪنهن جي گلا ڪندو هو نہ اجائي خوشامد. ڪيڏو نہ محنتي، ايماندار ۽ Humble هو. هر وقت منهنجي همت افزائي ڪيائين ۽ سٺيون صلاحون ڏنائين. سندس بابت وڌيڪ لکڻ بدران انگريزي اخبار Dawn ۾ شيخ عزيز جون ڏنل ڪجھ سٽون ڏيان ٿو.

ليکڪ، اديب، ڪهاڻيڪار، تنقيدنگار ۽ سنڌي ادبي بورڊ جي اڳوڻي سيڪريٽري سيد ظفر حسن جي اوچتي موت سبب، سنڌي ادب کي ٿوري عرصي ۾ ٻئي هڪ پيو وڏو صدمو رسيو آهي. آچر ڏينهن حيدرآباد ۾ ظفر حسن دل جي بيهڻ سبب 61 سالن جي ڄمار ۾ گذاري ويو.

ظفر حسن تمام وڏو تنقيدنگار هو ۽ تنقيدنگاريءَ سان گڏ هن ڪيترين ئي خوبصورت ڪهاڻيون بہ لکيون. پاڻ ٿماهي مهراڻ سميت ڪيترن ئي رسالن جو ايڊيٽر پڻ رهيو.

ظفر حسن پيشي جي لحاظ کان سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ استاد هو. سنڌي ادبي سنگت کي متحرڪ ڪرڻ ۾ سندس تمام اهم ڪردار هو.

هو 14 آگسٽ 1937ع ۾ حيدرآباد ۾ ڄائو. سندس خاندان ٻتن پيڙهين کان تعليم جي شعبي ۾ ڪيل خدمتن جي حوالي سان، سڄي سنڌ ۾ چڱي ناماچاري رکي ٿو. پاڻ شروعاتي تعليم حيدرآباد ۽ ماسترس سنڌ يونيورسٽيءَ مان حاصل ڪيائين. ڪيس ننڍي عمر ۾ ئي لکت جي ڏات ملي وئي هئي. هن لکڻ جي شروعات (اٺويھ سؤ پنجاھ) واري ڏهاڪي جي پڇاڙيءَ ۾ ڪهاڻيون لکڻ سان ڪئي، ان کان پوءِ هن سنڌي ادبي سنگت کي منظم ڪرڻ طرف ڌيان ڏنو تڏهن هن جي سامهون وڏو مقصد سنگت جي پليٽ فارم تان جديد ادبي لاڙن جي ترويج ڪرڻ هو.

جڏهن سٺ واري ڏهاڪي ۾ سنڌي ادب جي فڪري جوهر ۾، ون يونٽ واري سياسي گهماگهميءَ سبب تبديلي اچڻ لڳي هئي، تڏهن ظفر حسن سنڌ جي سماجي ۽ اقتصادي

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

مسئلن کي ڪهاڻين، تنقيدي مضمونن ۽ مقالن ذريعي ڀرپور انداز ۾ پينٽ ڪيو. هو ان دور ۾ ٿي ڪيترن اهڙن ادارن سان گڏجي ڪم ڪرڻ لڳو جن جو مقصد ڪتابن ۽ رسالن وغيره ڇپائڻ ذريعي سنڌي ادب کي ترقي ڏيارڻ هو. اهڙي ڪم جي سلسلي ۾ سنڌس ادارت هيٺ نڪرندڙ ٻن رسالن ”ڏرتي“ ۽ ”آرسي“ کي ڪِٽائي سگهجي ٿو. ادب جي ترويج لاءِ هن 1970ع ۾ هڪڙي پرنٽنگ پريس به لڳائي، جنهن جي ڪري ڪيترن ئي اديبن کي پنهنجي تخليقي مواد ڇپائڻ ۾ ڪافي مدد ملي.

هو هڪ تخليقڪار جي حيثيت ۾ ترقي پسند تحريڪ سان آخري دم تائين لاڳاپيل رهيو ۽ هن جو سماجي حقيقت نگاريءَ ۾ پڪو ايمان هو.

هو شعوري طور تي ٺلهيءَ نعري بازيءَ کان پري رهيو. هو سچائيءَ، ايمانداريءَ، غير جانبدارائپ سان ڪم ڪرڻ ۾ يقين رکندو هو. هن جي سخت ۽ غير جانبدارانه تنقيد، ڪيترن ئي موقعن تي سنڌس هم عصرن کي پسند نه آئي، پر پوءِ به هو پنهنجي راءِ تان هرگز نه هٽيو ۽ پنهنجي لگن ۾ مگن رهيو. ايستائين جو جنرل ضياءَ جي مارشل لا واري دور ۾ به هن پنهنجي اصولن تي سودي بازي نه ڪندي ”اهلِ قلم ڪانفرنس“ ۾ شرڪت کان صاف انڪار ڪري ڇڏيو.

هڪ استاد جي حيثيت ۾ به ظفر حسن يونيورسٽيءَ اندر پنهنجي شاگردن لاءِ بهترين استاد طور سڃاتو ويندو هو. هو آخري وقت ۾ به لکڻ، پڙهڻ ۾ مشغول هو.

(روزانه ڊان ڪراچيءَ جي ٿورن سان)

الطاف شيخ

15 مارچ 1998ع

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

# مون طرفان

هي ناول، ٽوڪيو جي گيشا گرل (مس سدا بهار چنبيلي) پڙهندڙن کي ڪيئن لڳندو اهو نٿو چئي سگهان. پر مون کي خبر ناهي ڇو ايترو ته وڻيو جو دل چيو ته ان کي ترجمو ڪري سنڌيءَ جي روپ ۾ آندو وڃي. ڪجهه وقت ترسي هڪ دفعو وري پڙهيومانس، پر ٻئي دفعي به ساڳيو دلچسپ لڳو ۽ ترجمي لاءِ پڪو پهه ڪيم.

ترجمي جي موڪل لاءِ ناول جي لکندڙ جان بال جي ائڊريس جي ڳولا ڪيم. خبر پيئي ته اڄڪلهه آمريڪا جي شهر ڪئليفورنيا ۾ رهي ٿو ۽ جم جي تاريخ جي حساب سان هن وقت جيئرو هوندو ته اَسي سالن کن جو ٿيندو. خط لکيم. ٻه مهينا ٿي ويا جواب نه آيو. اديب دوستن سان صلاح مشورو ڪيم. خاص ڪري تاج بلوچ، قمبر شهباز هدايت منگي ۽ حسام سومري ترجمو ڪرڻلاءِ همت افزائي ڪئي. ايتريقدر جو تاج بلوچ ته چيو ته جي آئون نٿو ڪريان ته هو ڪندو. چيومانس ترجمو پلي ڪر پر سڄو ناول انگريزيءَ ۾ نه آهي، جيڪا جپانيءَ ۾ ڳالهه ٻولهه ٿيل آهي سو جپانيءَ ۾ لکيل آهي. ڪرم الاهي چني چيو ”يار ترجمو شروع ڪري ڇڏيو اجازت نامون پوءِ پيو ايندو. مون به سندري اُتم چنداڻيءَ جو ڪتاب ڇپائي ڇڏهن بس ڪيو ته اجازت وارو خط ان وقت پهتو. اديب لکڻ ۾ سست ٿيندا آهن.“

چيومانس اهو ته صحيح آهي پر جي آخري وقت خط ۾ اجازت نامي بدران منع نامون آيو ته پوءِ محنت ٿي برباد.

بهرحال هتي (ملاڪا ـ ملائيشيا) پهچڻ سان نيت بسم الله ڪري ترجمو شروع ڪيم. اڃان هڪ چئپٽر به ترجمو مس ڪيو هوندم ته جان بال جو خط پاڪستان مان ڦرندو گرندو هتي اچي مليو. ترجمي جي موڪل ۽ ڪتاب جي ڇپائيءَ جو پڙهي خوشي ٿي ۽ ڏينهن رات ڪم ۾ جنبي ويس.

هي ناول اصل ۾ انگريزي ۽ جپانيءَ ۾ لکيل آهي. هڪ آمريڪن انجنيئر رچرڊ سيٽان (ڪوڏائڻ جو نالو ڊِڪ) جپان ۾ ڪنهن ڪاروبار جي سلسلي ۾ ڪجهه ڏينهن لاءِ اچي ٿو ۽ سندس عشق مس ڪانوماسايو نالي ڇوڪريءَ سان ٿئي ٿو پر اها ڇوڪري عام نه پر ٽوڪيو جي نمبر ون گيشا آهي. (سندس گيشائڪو نالو مس سدا بهار چنبيلي آهي.)

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

جنهن پرپور انداز سان جان بال مغربي مرد ۽ مشرقي عورت جي جذبات جي چٽسالي ڪئي آهي، سا داد جوڳي آهي. هن ناول ۾ جپان جي رهڻي ڪهڻيءَ جي پڻ جاڻ پوي ٿي.

جتي جتي آمريڪن انجنيئر جارج (ڊِڪ) صحيح يا غلط سلط جپاني ٻولي ڳالهائي اتي سندس اهي دلچسپ جملا پڻ لکيا اٿم ۽ ڏنگين ۾ انهن جي معنيٰ پڻ. ساڳي وقت جتي جتي گيشا ڪانوماسايو (مس سدا بهار چنبيلي)، آفيس جي مترجم ڇوڪري ريڪو يا ٻيا جپاني ماڻهو ڪو دلچسپ جملو انگريزيءَ يا جپانيءَ ۾ چون ٿا ته اهو پڻ معنيٰ سان لکيو اٿم. جيئن جپاني ۽ انگريزيءَ کان اڻ واقف هن ناول مان صحيح معنيٰ ۾ مزو وٺي سگهن ۽ ناول نويس جان بال جي قابليت کي ساراهي سگهن.

پڙهندڙن جي راءِ ۽ تنقيد جو اوسيئڙو رهندو.

خلوص منجهان

**الطاف شيخ**

**(ملاڪا ـ ملائيشيا)**

1983ع

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

1

رچرڊ سيٽان ڪمپنيءَ جي سڀ کان اتاهين ماڙ واري آفيس ۾ ويهي سئن فرانسسڪو شهر جو دريءَ مان نظارو ڪيو. سندس ڪابي پاسي ڪالرا جي سئي هٽائڻ ڪري ڏکي رهي هئي، پر هن کي اها خوشي هئي ته هو جپان هڪ اهم حيثيت ۾ وڃي رهيو آهي، جتي هن کي سندس آمريڪن ڪمپنيءَ ڪجهه مشنيري خريد ڪرڻ کان اڳ ان جي چڪاس لاءِ موڪلي رهي هئي ته هو جپانين جي ٺهيل اليڪٽرانڪ شين جي ڪارڪردگي ۽ بهتر هجڻ جي رپورٽ وڃي موڪلي. جيئن ائين نه ٿئي ته لکها ڊالرن جو سودو طئي ٿيڻ بعد خبر پئي ته شيءِ سٺي يا صحيح ناهي، يا ڪو ٻيو جپاني ڪارخانيدار ساڳي شيءِ سستي اگهه ۾ پيو ڏئي.

رچرڊ سيٽان کي پهريون دفعو ولايت اسهڻ جي دل ۾ عجيب خوشي محسوس ٿي رهي هئي. هو ته پنهنجي ملڪ آمريڪا ۾ شڪاگو کان ڪڏهن پري نه ويو هو. پر هاڻ هڪ ڏورانهين ڏيهه، جپان ڏي ويندي هن جي عجيب ڪيفيت ٿي رهي هئي، جنهن جادو پري اوير جون هن ڪيتريون ئي ڳالهيون ٻڌيون هيون.

رچرڊ جو اتفاق سان آمريڪا جي هڪ اهڙي پراڻي روايتي خاندان سان تعلق هو جتي هن ننڍي هوندي ئي حيا شرم، وڏن جو ادب، نئڙت ۽ نهنائي جهڙيون وصفون سکيون هيون. شايد هڪ اهو به سبب هو جو سندس ڪمپنيءَ جي اعليٰ عملدارن، جپان جهڙي ملڪ لاءِ هن کي چونڊيو هو ۽ ان کان علاوه سندس انجنيئري علم، عقل ۽ ڏاهپ پڻ شامل هئي.

رچرڊ کي جپانين بابت ڪا پهرين جي ڄاڻ نه هئي سواءِ ان جي ته هو هڪ نافهم ٻولي ڳالهائين ٿا، پر اليڪٽرانڪ جو سامان تمام عمدو ٺاهين ٿا ۽ هي پنهنجي انجنيئري پيشي جي لحاظ ۽ ڊزائيننگ ۽ نقشن ذريعي هنن سان لهه وچڙ قائم رکي سگهيو ٿي.

هوڏانهن جپان ۾ "ماتسوموتو ڪمپني" جو مالڪ مسٽر ماتسوموتو پنهنجي آفيس ۾ آڳرين رستي فال ڪڍي رهيو هو ته شال اينڊرڙ آمريڪن کي سندس فئڪٽريءَ جو ٺهيل "انجنيئري سامان" وٽي وڃي ۽ آمريڪا کان وڏو آرڊر ور چڙهي ته جيئن ڪمپنيءَ جي ڏينهون ڏينهن ڪرندڙ ساک کي ڪو ٽيڪو اچي وڃي، جنهن جو اڳهين برائيءَ پيچو نٿي

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

چڏيوءِ هاڻ تہ ماڳهين ڏيوالي ۾ وڃڻ جو ڊپ هو. تازو آيل ٽپال ۾ پڻ فلپائين جي ڏنل آرڊر ڪي رد ڪرڻ لاءِ انهن وٽان خط پهتل هو. فلپين وارا سندن سڀ ڪان وڏا گراهڪ هئا. انهن جي هٿن مان وڃڻ جو صدموئي ڪافي هوءِ هاڻ آمريڪا ڪان ايندڙهن نمائندي رچرڊ سيٽان جو خيال هن جپاني سيٺ مٿان خنجر وانگر لٽڪي رهيو هو تہ الائي ڪيس سندس ڪمپنيءَ جو مال ۾ ڪم پسند بہ ايندو يا نہ. جڏهن تہ ٻين جپانين ڪمپنين جا جپاني مالڪ واڳوءَ وانگر وات پٽيو انتظار ويٺا ڪن تہ رڳو ٻئي جو گراهڪ ٽٽي تہ جهپ هڻي ڳڙڪائي وڃونس. بهرحال سيٺ ماتسوموتوءَ پنهنجي طرفان واسطيدار ماڻهن کي آمريڪي ڪمپنيءَ جي ايندڙ نمائندي جو خيال رکڻ لاءِ چڱيءَ طرح تاڪيد ڪري ڇڏي تہ ڪٽي ڪيترو بہ خرچ اچي پر آيل مهمان کي ڪنهن بہ ڳالهہ جي تڪليف نہ رسي ۽ ساڳئي وقت ڪيس ڪم ڪار ڪان واندو ٽيڻ ڪان پوءِ ڪنهن نہ ڪنهن وندر يا دلچسپيءَ ۾ رڌل رکيو وڃي، جيئن هڪ تہ هو خوش ٿي سٺي رپورٽ ڏئي ۽ ٻيو تہ ڪيس واندو ڏسي مٿان ڪو ٻيو جپاني ڪارخانيدار هن کي پاڻ ڏي ڇڪي نہ وٺي.

انهيءَ وقت جپاني مالڪ ماتسوموتو جي حڪم موجب سندس قابل نائب صدر مسٽر ياماگچي ۽ ٻيو همراهہ ڪمپنيءَ جو رابطا آفيسر مسٽر فوتابا. جيڪو انگريزي بہ ڳالهائي سگهيو ٿي. بلڪ هن کي اها خوش فهمي هئي تہ هو ڳالهائي سگهي ٿو. توڪيو جي انٽرنيشنل ايئرپورٽ تي پنهنجي آمريڪن مهمان رچرڊ سيٽان جي اچڻ جو انتظار ڪري رهيا هئا. ياماگچي صاحب مهمان جي آمد تي چوڻ وارا سوچيل جملا هبڪندي دل ۾ ٻاويهون دفعو ورجايا ۽ مسٽر فوتابا وري ويري سوچڻ ڪري ماڳهين اچي ان پريشانيءَ ۾ مبتلا ٿيو تہ آيا هو انگريزيءَ ۾ معزز مهمان سان ڳالهہ ٻولهہ قائم بہ رکي سگهندو يا نہ. ان ۾ تہ ڪو شڪ ناهي تہ انگريزيءَ جي پيرڊ ۾ هوءِ سندن ڪجهہ ڪلاس ميٽ پاڻ ۾ ويهي ساڳيا ساڳيا لکيل سوال ۽ رٽيل جواب هڪ ٻئي سان ڳالهائيندا هئا پر انگريزيءَ جي ڏکين اچارن ڪري هن ڪڏهن بہ ٻاهر ڪنهن سان انگريزيءَ ۾ گفتگو نہ ڪئي هئي.

جپانين جي عادت آهي تہ شرم يا مونجهاري مهل ڏندن اڳيان هٿ ڏئي ڦڪي کل ڪندا آهن سو هينئر جيئن ئي سئن فرانسسڪو ڪان آيل سنهي ۽ ڊگهي ڊي. سي 8 هوائي جهاز توڪيو جي هوائي اڏي کي ڇهيو تہ ياماگچيءَ کي دل ۾ آيو تہ اهڙي ڦڪي مرڪ چپن تي آڻي ڪٽي پنهنجي شرم کي پرچائجي جو هاڻ وقت ويجهو اچڻ تي ڪيس اها سمڪ بہ نہ پئي پيئي

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

تہ اهو مهمان جنهن جي آڌرڀاءَ لاءِ هو ٻيگ ٻڌي آيا آهن تنهن کي سڃاڻبو ڪيئن. ڳالهائڻ تہ تي پوءِ جي ڳالھ.

”هاڻ تہ اهو مسئلو انگهي ماڳهين هيبت ناڪ حد تائين وڃي پهتو جڏهن. جهاز مان لٿل مسافر هڪ هڪ تي 'ڪسٽم چيڪ' مان ٿيندا ٻاهرين در کان نڪري رهيا هئا. پر اهو بہ شڪر جو انهن ۾ گهٽا تہ جپاني هئا ۽ ڪجھ ڌاريان وري ٻارن ٻچن سان هئا. يعني انهن ۾ سندن آمريڪن مهمان تي نٿو سگهي جو هو آمريڪا کان اڪيلي سر نڪتو آهي. سو هاڻ ڪين چڙهن ۾ هڪ بيحد ڇانگهو همراھ ڏسڻ ۾ آيو. جيڪو آمريڪن ٽوئرسٽ جيان پوڪ بصر تي لڳو. جنهن جو منهن عينڪ ڪري ڇپري جهڙو هو ۽ باقي بيا بہ ڪنهن ملڪ کان آيل اڙي ڪاپ قسم جا واپاري تي لڳا. انهن ۾ مان هڪ جي سڃاڻپ تي وئي تہ اهو سيٽان نہ هوندو جو ان وقت ميزبانن واري گئلريءَ ۾ هڪ فارينر جي اچڻ سان هن ڪيس هٿ لوڏي ڪيڪاريو ۽ ساڻس گڏ هليو ويو. مسٽر فوتابا هاڻ دل جهلي ٻئي همراھ پرسان بيهي، ڇپن ۾ پڙڪيو:

”سائين، توهان رچرڊ سيٽان آهيو؟ ها؟“

” هن سڄو جملو ٻڌڻ جي بہ تڪليف نہ ڪئي ۽ ڪيس ڪنهن هوٽل جو دلال سمجهي يڪدم اُچل مان وراڻيو:

”نہ مون اڳهين هوٽل ۾ ڪمرو وٺي ڇڏيو آهي.“

” ۽ پوءِ ان آفت جي گهڙيءَ ۾ مدد جو ملائڪ هڪ من موهڻي جپاني ايئرهوسٽس جي روپ ۾ ظاهر ٿيو. ملڻ مهل جپاني جيڪا جهڪ جهڪان ڪندا آهن ان ضروري رسمي ڪيڪار ڪڙيءَ کان پوءِ ياماگڇي ڪانئس سيٽان- سان جو پڇيو تہ ان نالي وارو ڪو همراھ آمريڪا کان هن جهاز ۾ چڙهيو بہ هو يا نہ. ايئر هوسٽس ڪنڌ ڌوڻي هڪ بي ڊولي، آفت جيڏي همراھ ڏي اشارو ڪيو، جيڪو واٽڙيءَ وچ وانگر پريان هڪ جپاني پبلڪ فون وٽ بيٺو هو. ڀهڙي ڇانگهي همراھ کي ڏسي، ياماگڇيءَ تي رعب طاري ٿي ويو. پر پوءِ هڪ دفعو پنهنجي همت کي گڏ ڪري، ان انساني بلا جي اڳيان پهچي نئڙت منجهان نميو. بہ چار وکون پنيان، ساڄي پاسي بيٺل، رئيس فوتابا پڻ هن سان گڏ پاڇي وانگر جهڪيو. ياماگڇيءَ پوءِ جيتوڻيڪ وڏي خبرداريءَ سان پر پڳل ۽ غلط گرامر وارو جملو ڳالهايو:

(Seatan San! Are you, Yes?) ”سيٽان- سان! آهيو نہ. ها-؟ ماتسوموتو ڪمپني.“ هن

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليڪ وٽ محفوظ

چيو.

سج لٿي مهل برنڊڙ ڊيئي وانگر رچرڊ سيٽان جي منهن تي جرڪو اچي ويو. ”اوهه! مسٽر ماتسوموٽو“ هن گرمجوشيءَ مان چيو ”آئون ڊڪ سيٽان آهيان.“

ياماگچي هڪ دفعو وري نميو هن ڪيسي مان پٽو ڪڍي صحيح طريقو اختيار ڪيو يعني پنهنجي 'نالي نوڪريءَ' جو بزنيس ڪارڊ ڪڍي آيل مهمان جي حوالي ڪيو.

آمريڪن مهمان ڪارڊ تي ڇپيل عجيب شڪيلن وارا جاپاني اکر ڏسي وائڙو ٿي ويو پر وري ساڳئي ايئر هوسٽس ان ويل اچي لنگهي، جنهن جهڪي، پوءِ پڇيو:

”آئون توهان جي مدد ڪري سگهان ٿي؟“

ورنديءَ ۾ آمريڪن مهمان بہ جهڪڻ جهڙي ادا پيش ڪري پنهنجي خانداني هجڻ جو ثبوت ڏنو جيتوڻيڪ هو ان صحيح طريقي سان جهڪي نہ سگهيو جنهن سان جاپاني جهڪندا آهن. پر مڙيئي جهڪيو سهي ۽ جپانيءَ ۾ لکيل ڪارڊ سندس حوالي ڪري هن کي پنهنجي ڏکيائي ٻڌائي، ساڳيو مسئلو ياماگچيءَ بہ بيان ڪيو. ايئر هوسٽس ان بعد سيٽان ڏي مڙي ۽ هن سان ميزبان جاپاني همراهن جو تعارف ڪرايو:

”هي مسٽر ياماگچي آهي، ماتسوموٽو ڪمپنيءَ جو نائب صدر ۽ هي مسٽر فوتابا آهي، ڪمپنيءَ جو رابطا آفيسر. مهمانن جي ٽهل ٽڪور ۾ ڪم ڪار لا“. ڪمپنيءَ جو مالڪ ۽ صدر، ماتسوموٽو هن وقت آفيس ۾ ئي مشغول آهي ۽ اچي نہ سگهيو.“

آمريڪن مهمان کي ڳالهہ سمجهہ ۾ اچڻ تي ٻئي جاپاني همراهہ ڏند ٽيڙي ائين ور ور ڏئي نميا جڻ وڏي ڪيپ ڪٽي هجين.

”وئي ميڪ گريٽنگس“ فوتابا همت ڪري پنهنجي پرِ ۾ زبردست انگريزي ڳالهائڻ جو مظاهرو ڪيو.

”مهرباني سائين.“ رچرڊ سيٽان هٿ ملائي سندن ڪيڪار جو جواب ڏنو. جيتوڻيڪ هٿ ملائڻ جي ضرورت نہ هئي ۽ جپان ۾ هٿ ملائڻ جٽڪي ڳالهہ سمجهي وڃي ٿي، پر اها مڙيئي هڪ اهڙي غلطي آهي جيڪا جاپاني درگذر ڪري سگهن ٿا. پوءِ هن ايئر هوسٽس جو ٿورو مڃيندي ڪانئس پڇيو: ”جپان ۾ رهڻ دوران هتي مون کي ترجمي لاءِ ڪو همراهہ ملي سگهندو-؟“

من موهڻي جاپاني ايئر هوسٽس پنهنجن ديس واسين فوتابا ۽ ياماگچيءَ جي ڪارپٽ

رڪندي چيس: ”چو سائين. هي ٻئي مڙسالا انگريزي ڳالهائي نہ سگهن ٿا.“ پوءِ هن جهڪي موڪلايو.

ياماگچيءَ ٽئڪسي اسٽينڊ ڏي هلڻ لاءِ اشارو ڪيو ۽ فوتابا زور ڪري ڪانئس سامان وٺي پاڻ گهلڻ شروع ڪيو.

”يو - ٽائرڊ. ميڪ - سليپ - نائو؟“ (”توهان ٿڪل هوندين. چا هينئر آرام ڪرڻ چاهيندين؟“) ياماگچي چپن ۾ ٻڪي پهرين جپاني لفظن جو انگريزيءَ ۾ ترجمو ياد ڪيو ۽ پوءِ ڳالهايان چيو.

سيٽان جپاني همراهہ جي پور پور ٽيل انگريزي هاڻ ڪنهن ٻئي جي مدد بنا سمجهڻ لڳو هو.

”نہ هينئر مون کي سمهڻو تہ نہ آهي. باقي آئون اهو چاهيندس تہ پنهنجي هوٽل ۾ هلي وهنجان سهنجان.“

پاڻ شيو جهاز مان ئي ڪري آيو هو. ويهہ ٻاويهہ ڪلاڪن جي سفر بعد بہ سندس ڪالهوڪي پاٽل قميص اجا سٺي حالت ۾ هئي.

سيٽان جي آمريڪن لهجي واري انگريزيءَ جو 'وائٽڙي ٽيل ياماگچيءَ' کي فقط هڪ لفظ 'هوٽل' سمجهہ ۾ آيو ۽ ٽئڪسي اسٽينڊ وٽ پهچندي پهچندي هن وراڻيو:

”يس. وي گو هوٽيرو“ (پاڻ هوٽل ڏي هلون ٿا).

هڪ تمام ننڍڙي سائيز جي ٽئڪسي اڳيان اچي بيٺي. جنهن جي سيٽن تي آر جي ڪم جا اچا ڪير جهڙا پوش چڙهيل هئا ۽ هڪ گلدستي ۾ ننڍڙا ننڍڙا گل رکيل هئا. رچرڊ سيٽان سوڙهو سنگهوڙو ٿي ٽئڪسيءَ اندر گهڙيو ۽ چبو سبو ٿي سيٽ تي ويهڻ جي ڪوشش ڪيائين. پر ۾ سندس سامان جو ڍير سٽيو ويو. ياماگچيءَ ڪوسي چانهہ کي قوڪون ڏيڻ واري نموني ۾ ڊرائيور کي هوٽل ڏي هلڻ لاءِ جپانيءَ ۾ هدايتون ڏنيون ۽ ٻيءَ ٽئڪسيءَ ۾ ٻنهي پنهنجو پاڻ کي سٽيو.

جيئن ئي ٽئڪسي هلي تہ ان جي رفتار ۽ ڊرائيور جو روائيپڻو ڏسي رچرڊ سيٽان هراسجي ويو. سڏو هلڻ بدران پهرين تہ هن يو ٽرن ڪري ون وي پڳو. پوءِ سنهي گهٽيءَ مان شارٽ ڪٽ ڪري مين روڊ تي پهتو جتي هڪ ئي وقت گاڏين جون ٽي قطارون هلي رهيون هيون. هن رستو چيريندي چوٿين قطار ناهي. رچرڊ سيٽان رڙ ڪري انگريزيءَ ۾ چيس تہ هي

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

چا پيو ڪرين پر جپاني ڊرائيور اشاري سان سمجهايس تہ جلدي هلڻو آهي- جڻ ڪا اڳتي امرجنسي هجي. سيٽان ڊرائيور تان ڌيان هٽائي دريءَ مان ٽوڪيو شهر جو نظارو ڪرڻ لڳو. جن کي پڙهڻ جي هن گهڻي ئي ڪوشش ڪئي پر جپاني لفظن جي مورتن جهڙن اکرن مان هو ٽڙ جيترو بہ مطلب ڪڍي نہ سگهيو. اڳيان ويندڙ ڪارن ۽ بسن کي سندس ڊرائيور ايترو تہ ويجهڙائيءَ کان اوورٽيڪ ڪندو ويو جو ٻنهي گاڏين جا پاسا ٽي رهڙيا. ۽ پوءِ اڳتي هلي هڪ موڙ وٽ ڊرائيور اهڙي تہ بريڪ هڻي ٽئڪسيءَ کي موڙ ڪارايو جو سيٽان جا آنڊا ٻاهر نڪرڻ تي هئا. هن بيزاريءَ مان ڪٽي اکيون بند ڪيون. ڪيس سندس ملڪ آمريڪا ياد اچڻ لڳو پر سئن فرانسسڪو ۽ شڪاگو جون گليون هن وقت گهٽ ۾ گهٽ نو هزار ميل هتان کان ڏور هيون.

هوٽل ۾ پهچڻ تي اتي جي پرسڪون ماحول ۾ سيٽا جا مڙئي هوش ٺڪاڻي آيا. هوٽل جي ڪلارڪ سٺي انگريزي ڳالهائي بہ ٿي تہ سمجهي بہ ٿي. سندس ڪمرو بلڪل تيار هو. هاڻ هن جپاني ميزبانن مان پنهنجي جان ڇڏائي آرام ڪرڻ ٿي چاهيو. سوياماگچي ۽ فوتابا ڏي مڙيو جيڪي سندس حاضريءَ ۾ پنيان پنيان هلي رهيا هئا.

”مهرباني توهان جي. مون سان اچي ملڻ ۽ منهنجي رهنمائي ڪرڻ لاءِ آئون توهان جو ٿورائتو آهيان.“

فوتابا اهو ٻڌي ٻهڪيو ۽ جهڪي انگريزيءَ ۾ چيو: ”اها اسان لاءِ خوشيءَ جي ڳالهہ هئي.“

فوتابا کي انگريزيءَ ۾ ڳالهائيندو ڏسي ياماگچيءَ بہ پاڻ موڪڻ ٿي چاهيو ۽ مليل هدايتن موجب مهمان نوازيءَ جو مظاهرو ڪيو:

”اسان چاهيون ٿا تہ توهان کي وهنجڻ لاءِ ٻاهر غسل خاني تي وٺي هلون.“

رچرڊ سيٽان وائڙو ٿي ويو ۽ عجب مان ڪلارڪ ۽ ياماگچيءَ ڏي نهاري چيو: ”پر مون تہ اٽيچڊ باٿ واري ڪمري لاءِ ريزرويشن ڪرائي هئي. ڇا مون واري ڪمري سان وهنجڻ جاءِ لاڳو ناهي؟“

”جپان ۾“. ياماگچيءَ ڏيرج سان ڪيس انگريزيءَ ۾ جپاني غسل خانن جي رسم رواج کان واقف ڪرائڻ جي ڪوشش ڪئي. ”هاٽسي باٿ (گرم حوض) ۾ وهنجڻ جو ٻيو مزو آهي. ماڻهوءَ جو ٿڪل سرير تازو توانو ۽ صاف سٿرو ٿيو وڃي. ڇا توهان جپاني نموني سان وهنجڻ

پسند نہ ڪندؤ.“

رچرڊ سيتان تازو هڪ ڪتاب ”دي اگلي آمريڪن“ پڙهيو هو ۽ هن پاڻ کي موگومتر يا بيحس سڏرائڻ نٿي چاهيو. سو هن يڪدم اعلان ڪيو:

”ضرور. ضرور. مون کي تہ پاڻ خوشي ٿيندي.“

اهو ٻڌي جپاني ميزبانن جي اکين ۾ جوت ۽ چپن تي مرڪ اچي وئي.

”ويري ڪلوز.“ فوتابا چيو ”تمام ويجهو آهي. فقط هڪڙي گهٽي اڳيان ـ سائين چئو تہ ٽئڪسي گهرايون.“ رچرڊ سيتان کي هن قوم ۾ رهي ٽئڪسيءَ ۾ چڙهڻ جي سڌَ بنهہ نہ رهي هئي. ”هلو تہ پنڌ هلون.“ هن چيو.

توڪيو جو شهر ماڻهن جي سمنڊ ڪان مشهور آهي. زمين جو ٽڪر ٽڪر ماڻهن سان ڳتيل آهي جتي ڪٿي انبوهہ ماڻهن جا ملندا. هي عوام جي ان ڪٽ خلق کي چيريندا اڳتي وڌيا. ننڍڙي قد جي جپانين جي وچ ۾ هلندي ڪيس کي لڳو جڻ سندس جانگهي قد ۾ اوچتو چئن پنجن انچن جو واڌارو ٿي ويو هجي. جپاني نموني جي غسل خاني ۾ پهچي هن کي عجيب لڳو تہ هو ڪهڙي دنيا ۾ اچي نڪتو آهي. پر ان جي لابيءَ ۾ ويٺل انچارج ـ جنهن سٺي انگريزي ٿي ڳالهائي. هن کي دلداري ڏني تہ اهڙي ڪا ڳالهہ ناهي ۽ توهان جهڙا ڪيترائي آمريڪن هتي وهنجڻ لاءِ اچن ٿا ۽ ڪي تہ هن قسم جي غسل خانن ۽ مساج گهرن جي سرپرستي بہ ڪن ٿا. سو توهان کي بہ ٿوري ئي وقت ۾ پنهنجائپ محسوس ٿيندي.

ايتري ۾ اڇي رنگ جي اڌ ڪليل وڳي ۾ سميڪو نالي هڪ چوڪري آئي. جنهن سان هن جو تعارف ڪرايو ويو. سميڪو کي انگريزي صفا نٿي آئي. پر هن گوڏن تي هٿ رکي نمي ڪيڪارڻ جي ادا پيش ڪئي. موٽ ۾ سيتان بہ نمي ڪيس ڪيڪاريو. هن کي جيتوٽيڪ اچرج لڳي رهيو هو تہ مردن جي وهنجڻ جاءِ ۾ چوڪري ڪيئن هلي رهي آهي. پر هو چئيوان نينگر وانگر سميڪو جي اشاري تي سندس پنيان پنيان هڪڙو ورانڊو لتاڙي ٻئي ڏي وڌڻ لڳو. ورانڊي جي ٻنهي پاسن کان قطارن ۾ ڪمرا ٺهيل هئا. سميڪو اڳتي هلي هڪ ڪمري کي کولي اندر وئي ۽ سيتان کي بہ اندر داخل ٿيڻ لاءِ چيائين. چئبو تہ هرهڪ گراهڪ کي هتي الڳ ٿلڳ وهنجڻ جي سهولت آهي. هڪ دفعو هن آمريڪا جي هڪ رسالي ”نيشنل جاگرافڪ“ ۾ پڙهيو ضرور هو تہ جپاني زالون مرد اڪثر هڪ ئي حوض ۾ اُگهاڙا ٿي گڏ وهنجن ٿا ـ پر هن جي دل تڏهن اها ڳالهہ نہ مڃي هئي تہ ڪو ائين بہ ٿي سگهي

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

تو.

هن جو وهنجڻ وارو ڪمرو فارميڪا جي تختي ذريعي ٻن حصن ۾ ورهايل هو. تختي جي پنيان ٻاڦ جا نلڪا هئا ۽ ٻئي پاسي ڪناري تائين ٽب. ڪوسي پاڻيءَ سان ڀريل ٽب. ميزبان ڇوڪريءَ جي ويهڻ لاءِ هڪ اسٽول هو ۽ هڪ ڊگهي ٽيبل جنهن تي پاڻ ليٽي آرام ڪري سگهيو ٿي، رکيل هئي. سڄو ڪمرو اندران مڪمل صاف. شفاف ۽ اڇو ڪير جهڙو هو ۽ ڪٿي به ڪو داغ ڏٺو نه هو. جيڪڏهن جپانين جا ههڙا باٿ روم آهن ته پوءِ سندن ڇا ڳالهه ڪجي.

مس سميڪو اندران در کي بند ڪري ڪنڊي ڏني. پوءِ هن ٽب ۾ پيل پاڻيءَ کي پنهنجين ننڍڙين اڇين آڱرين سان ڇهي محسوس ڪيو ته گهڻو ڪوسو ته نه آهي. پوءِ ٽيبل تي وڇايل ٽوال کي اٿلائي پٿلائي پڪ ڪئي ته اهو صاف آهي. ان بعد هن پيت ۾ لڳل فارميڪا جي ڊگهي سنهي ڪٻٽ مان هڪ ٽنگڻي ڪڍي سيتان کي ڏني ۽ اشاري سان سمجهايائينس ته پنهنجو ڪوٽ لاهي ان ۾ ٽنگ. جيڪو سميڪو واپس ڪٻٽ ۾ ٽنگيو ۽ پوءِ گوڏن ڀر جهڪي هن جي بوٽ جا ڪشا کولڻ لڳي. سيتان کي اها بنهه ڪريل ڳالهه لڳي ته هڪ عورت ذات ان حد تائين مرد جي خدمت ڪري. پر اهو محسوس ڪري ته هن ملڪ ۾ اهو رواج آهي ۽ پاڻ هڪ ڌاريون ۽ اهم شخصيت سمجهيو پيو وڃي، سو هڪ هڪ پير ڪري هن ڇوڪريءَ ڏانهن وڌايو جنهن آهستي آهستي وڏي خيال سان ڀهريان کهيون کوليون. پوءِ بوٽ ۽ جوراب پيرن مان لاٿا. اهو به شڪر جو خوش قسمتيءَ سان اڄ هو نوان جوراب پائي آيو هو.

پوءِ مس سميڪو هن کي قميص ۽ سوٽ لاهڻ جو به اشارو ڪيو ۽ ساڳي وقت جپانيءَ ۾ چيو:

”سا آ، هازُو ـ ڪاشي ـ گارا ناءِ دي

(هاڻ شرم محسوس ڪرڻ بنا)

ڪي ـ تي اي رُومونو ـ او

(جيڪي ڪجهه پهريل اٿئي)

زين بو نو ـ اِيدي ڪداسائي

(سڀ ڪجهه لاهي ڇڏ)

زُو بون ـ مو پئنٽسو ـ مو...

(ٻئي: ڪڇو پتلون، وغيره وغيره...)

سيتان ڪجهه نه سمجهيو. ته هن وري ڪپڙن لاهڻ جو اشارو ڪري پوءِ ٻاڦ ۽ گرم پاڻيءَ سان ڀريل حوض ڏي اشارو ڪري کيس سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي ته اهي لاهي هن ۾ وهنجڻ لاءِ اچ. ان کان پوءِ وري پائجان.“

هن جي اشارن ڪي هو آهستي آهستي ـ جيتوٽيڪ ٽورو ڏکيائيءَ سان، سمجهڻ لڳو ۽ پوءِ انهن ڪنوارين غلام ڇوڪرين جي ذهني مونجهه ۽ شرم واري ڪيفيت وچان، جن ڪي ڪنهن زماني ۾ پري بازار ۾ اُگهاڙو بيهاري وڪڻڻ لاءِ واڪ ڏنو ويندو هو هن به هڪ هڪ ڪري سڀ ڪپڙا لاٿا. آخر ۾ جڏهن هن ڪڇو به لاٿو ته سميڪو ٻاڦ جي نل جي ڄُڀي کولي.

”دو زوا!“ سميڪو وري جپانيءَ ۾ چيو ۽ کيس ٻاڦ ۾ پاڻ پسائڻ ۽ تاڪور ڪرڻ لاءِ اشارو ڪيو.

سيتان تختي جي پنيان ٻاڦ ۾ ٽي بينو ۽ سميڪو ڪريءَ سان ٻارديءَ مان تازو پاڻي ڪيڏي هن جي مٿان نائڻ لڳي. ساڳئي وقت هوءَ ڪو خوشيءَ جو گيچ به ڳائڻ لڳي. جيتوٽيڪ اهو راڳ سيتان لاءِ هڪ غير زبان ۾ هجڻ ڪري سمجهه کان ٻاهر هو پر سميڪو جو آواز ايڏو منو هو ۽ سندس آلاپ ۾ ايڏي ڪشش هئي جو هن کي بيحد گهڻو سرور آيو. ٻاڦ جي گرمائش سندس جسم کي تاڪور پهچائي رهي هئي ته سميڪو جو راڳ روح کي راحت. ۽ پوءِ جيئن ئي هن کي پاڻي گهڻو گرم لڳو ته سميڪو ٿڌي پاڻيءَ مان ٽوال آلو ڪري مٿي ۽ پنن تي رکيس ۽ هٿن سان منهن ۽ پنيءَ کي مهٽڻ لڳيس. سيتان اچرج ۽ تجسس مان سڀ ڪجهه ڏسندو رهيو ۽ پوءِ سميڪو جي اشارن تي ٻاڦ مان ٻاهر اچي پاڻيءَ جي ٽب ۾ وينو. ڪجهه وقت وهنجارڻ کان پوءِ هن سيتان جي جسم کي ٽوال سان اوگهيو. ان بعد کيس مالش جي ڊگهي ٽيبل تي اونڌو ٿي سمهڻ لاءِ چيائين. جيئن ته هي ڌارئين ملڪ جو مهمان هو ۽ شرمائي رهيو هو ان ڪري ٽيبل تي سمهڻ بعد سميڪو سندس جسم جي وچ واري حصي مٿان ٽوال وجهائي پوءِ سڄي جسم کي مالش ڪئي.

پورن چاليهن منٽن کان پوءِ واپس لابي ڏي ايندي وقت سيتان کي ائين محسوس ٿيو جڻ ورهين جي ڌوڙ سندس جسم تان ڌوپي وئي هجي. هاڻ هو پاڻ کي نهايت ئي هلڪو محسوس

ڪري رهيو هو ۽ هلڻ وقت جڙ زمين کان گرانٽ ڪن متي اُڏري رهيو هو. ٻاهر صبر سان انتظار ڪندڙ ياماگچي ۽ فوتابا هن کي ايندو ڏسي اُٿي بيٺا ۽ مرڪڻ لڳا.

”باٿ ـ گڊ؟“ ڪيئن لڳو سنان؟ فوتابا نئڙت مان پڇيو.

ڪنهن شڪ شبهي ۽ تورڻ تڪڻ بنا ئي سيتان وراڻيو: ”واهه جو هو.“

سندس ميزبان پوءِ ڪيس هوٽل ۾ وٺي آيا جتي هنن ڪجهه پنهنجي انگريزيءَ ذريعي ۽ ڪجهه هوٽل جي ڪلارڪ جي مدد سان سيتان کان موڪلائڻ کان اڳ اهو پروگرام ٻاهيو ته شام جو نائين ٿائين هو هوٽل ۾ ئي آرام ڪري پوءِ ”ماتسوموتو ڪمپني“ جو مالڪ مسٽر ماتسوموتو پاڻ اچي سيتان سان ملندو ۽ ڊنر تي وٺي هلندس ۽ جيئن ته ماتسوموتو کي انگريزي ڳالهائڻ ٿپ نٿي اچي سو يامزگاچي ۽ فوتابا به ساڻس هوندا ۽ انٽر پريٽر (ترجمو ڪندڙ) جو ڪم سرانجام ڏيندا.

فوتابا ۽ ياماگاچيءَ جي رواني ٿيڻ کان پوءِ هن پنهنجي مغربي طرز جي ڪمري ۾ پهچي پنهنجو سامان کولي ٺاهي رکيو ۽ پوءِ دريءَ مان نظر ايندڙ توڪيو جي شهر تي ويهي ويچارڻ لڳو. هن سمجهيو ٿي ته هي ڏورانهين ڏيهه جو مشهور توڪيو الائي ڪيئن هوندو پر اهو پسي افسوس ٿيس ته هي شهر توڪيو ته سندس ملڪ آمريڪا جي هڪ شهر ڪليولئنڊ جهڙو هو. هو پنهنجو پاڻ مرادو سوچڻ لڳو ته اڄ جي دور ۾ جيٽ جهاز جي رفتار ۽ ٽيليفون تار اهي سڀ سرحدون ڊاهي ڇڏيون آهن جن هونءَ دنيا کي ڏار ڏار ڪيو. اها ڳالهه هڪ لحاظ کان سٺي ته ٿي آهي پر ان ۾ اها رومانيت نه رهي آهي. نه ته اڳئين زماني ۾ دنيا جي هڪ حصي جا ماڻهو جايون جڳهون، ريتون رسمون ۽ کاڌا پيتا ٻئي حصي کان ڪيڏو نه مختلف هئا. سچ لهي ڇڪو هو ۽ توڪيو شهر تي چوڏاري رات جو راڄ ڇانئجي رهيو هو. هو پلنگ تي سمهي سڪون محسوس ڪرڻ لڳو. سندس من ۾ ڪابه نواڻ ۽ ائڊوينچر جي ڳولا يا ڳڻ ڳوت نه هئي.

پوءِ هوٽل جي لابيءَ مان سندس فون آيو ته هن لاءِ 'ماتسوموتو ڪمپني' جو مالڪ ماتسوموتو هيٺ انتظار ڪري رهيو آهي. هيٺ لابيءَ ۾ اچي ڏٺائين ته صبح وارن همراهن: مسٽر فوتابا ۽ مسٽر ياماگچيءَ سان گڏ هڪ ٽيون همراهه ـ نوڙهو، ٿڙت ۽ ننڍڙين اکين وارو بيٺو آهي، جنهن جو منهن لوهه جي نهرائيءَ جيان ٺوس هوءِ جرڪي رهيو هو. مسٽر ياماگچي دستور موجب جهڪيو. مسٽر ماتسوموتوءَ جپاني نموني سان جهڪي ڪيڪارڻ بعد مغربي

نموني سان ملڻ لاءِ پنهنجو هٿ اڳيان ائين وڌايو جڻ ڪو بار پهريون دفعو نئين ٻالهه ڪرڻ لاءِ همت ڪري رهيو هجي. سيتان پنهنجو هٿ وڌائي مختصر طور لوڏيو ۽ ساڳي وقت اڌ گابرو جهڪيو. مسٽر ماتسوموتو هڪ دفعو وري ساڳي ادا سان ائين جهڪيو جڻ هن کي سيکاري رهيو هجي ته جهڪڻ جو صحيح طريقو هيئن هئڻ کپي. پوءِ هن ڪجهه چپن ۾ پٽڪي لابيءَ کان ٻاهر نڪرڻ لاءِ چيو. جيتوڻيڪ سندس ڏڳهو مهمان سندس اڳيان فٽ کن اتاهون تي لڳو پر هن سندس ساٿ نه ڇڏيو.

هوٽل جي در وٽ هڪ ڪاري رنگ جي ننڍي پر عاليشان ڪار، قيمتي پڙدن سان سجايل بيٺي هئي. ٻئي ڄڻا ان اندر گهڙيا ۽ ڊرائيور وڏي ڌيرج سان ڪار کي توڪيو جي گهٽين ۾ گهمايو. رستي تي لڳل جپاني اشتهاري بورڊن کان علاوه ٻين ڳالهين ۾ هي شهر واقعي ڪليولئنڊ جهڙو ئي لڳي رهيو هو. ويهه منٽن جي پنڌ کان پوءِ ڪار اوچتو هڪ سوڙهي گهٽيءَ ۾ گهڙي جنهن جي ٻنهي ڪنارن تي ڪاٺ جا گهر هئا جن مٿان لڳل بورڊ شڪلين وارن اکين سان سينگاريل هئا. ڪارخانن ۽ فئڪٽرين جي گوڙ گهمسان وارو توڪيو شهر غائب ٿي ويو هو. ڪار هڪ هنڌ هلي بيٺي ۽ سيتان جا ميزبان کيس هڪ جاءِ جي در وٽ وٺي آيا جيڪا ڏسڻ ۾ خوبصورت ريسٽورنٽ لڳي ٿي. در جي ٻاهران هڪ پٿر جو ٿلهو ٺهيل هو جنهن تي ڪيترائي رنگين سپاٽن جا جوڙا رکيا هئا. هوٽل جي ڪم ڪار وارين ڇوڪرين هيٺ جهڪي مهمانن جي بوٽن جا ڪشا کوليا، پر سيتان پاڻ ئي پنهنجي بوٽ جون کهيون کولي بوٽ لاٿو ۽ گذريل ڇوويهن ڪلاڪن ۾ پيو پيرو شڪرانو بجا آندو ته ڇگُو جو هڪ پيرو وري سندس جوراب ڦاٽل يا ميرا نه هئا. خدمتگار ڇوڪري سامهون دروازي وٽ بيٺي رهي. سندس منهن ڏڳهو ۽ سيٽيل هو ۽ لسي رنگ جو ڪمونو پهريل هيس. ڪمونو مٿان مفلر جهڙي اوبي سهٽي ۽ سني مئچ واري هئي. هي هن جي پنيان پنيان هلندا وڏي هال ۾ آيا، جنهن ۾ ڇوڏاري ڪکن جا صاف سترا تڏا وڇايل هئا. خدمتگار ڇوڪريءَ گڙڪندڙ دروازا ريڙهي کين ڪمري ۾ اندر گهڙڻ جو اشارو ڪيو.

ڪمري اندر ڪرسي يا ڪوچ جهڙي ڪنهن به شيءِ جو نالو نشان نه هو. پٽ تي سنهي ڪک جون تونئريون وڇايل هيون. فرنيچر ۾ فقط هڪ ٽيبل، ڇگُو ڏگهيڙو زمين کان فقط ٿونٽ جيترو مٿي رکيل هو. ڪمري جي هڪ ڪنڊ ۾ سنهو ڪانچو ٺهيل هو جنهن ۾ جپاني طرز سان رکيل گلدان ۾ فقط ٽي گل هئا ۽ باقي ساون پنن واريون ٽاريون. پوئين پٽ تي جبلن

۽ سمنڊ جو نظارو فقط چند آڏين ڦڏين ليڪن ۾ چٽيل هو. ڪمري جي هر شيءِ جپاني ماحول ۾ رچيل ۽ ٺهڪندڙ هئي. فقط پاڻ ئي هڪ هو جيڪو انهن مڙني ۾ اڻ ٺهڪندڙ ٿي لڳو. پنهنجي ڊگهي قد ڪري هو ٻين جي وچ ۾ نٽي سونهيو.

ڪمونو واري خذمتگار ڇوڪري وهاڻن جو ڍير کڻي، اندر ڪمري ۾ گهڙي ۽ ٽيبل جي چوڌاري ويٺل همراهن کي ورهائي ڏنائين. ٿئي جپاني رڪوع واري نموني ۾ ٽيبل جي چوڌاري ٿي ويٺا. پر سيٽان جون ڊگهيون ٽنگون ائين ويهڻ ۾ وچڙنديون رهيون. ٻين ساٿين وانگر هن لاءِ مان تي ويهڻ ناممڪن هو. ساڳي وقت ٽيبل هيٺان ٽوري جاءِ هجڻ ڪري ٽنگن کي ڊگهو به نٽي ڪري سگهيو. آخرڪار پلٿ مار ترڪ درزيءَ وانگر ٿي ويٺو. خذمتگار ڇوڪري وري نمودار ٿي ۽ هنن اڳيان ڪائڻ لاءِ تيلين جا جٽ (چاپ اسٽڪس) ۽ ڪاڻي جا ٿي پيالا رکي ويئي. سيٽان تيلين کي چٺي ڏار ڪيو ۽ مسٽر فوتابا کيس تيلين جهلڻ ۽ انهن سان ڪائڻ جو طريقو ڏَسيو. سيٽان مڙيئي هڪ پيالي مان ڪائڻ جي ڪوشش ڪئي. اهو ٻاڄين جو ٺريل ٻوڙ هو پر بادامن سان پر هو. هي اڃا ان جو ذائقو وٺي رهيو هو ته ايتري ۾ ڪمري جو دروازو کليو. هن مٿي نهاريو. ڏسڻ سان هن کان ڇرڪ نڪري ويو ۽ وايون بتال ٿي ويس. سندس جسم جو هرهڪ عضوو جڻ ڄمي ويو. ڪي گهڙيون بنا ڇرپر جي ائين ڏسندو رهيو جو اکين جا پنبڻ به نه چنڀيائين.

هنن پنهنجي سامهون دروازي وٽ هڪ خوبصورت ڇوڪري ڏٺي جيڪا عمر ۾ سورهن سترهن سالن جي ڪا مس ٿيندي پر سونهن سوڀيا ۾ عاج جي گڏي ٿي لڳي جا ڪنهن فنڪار واندڪائيءَ ۾ ويهي ٺاهي هجي. هوءَ تکي رنگ جي هڪ قيمتي ڪمونو ۾ ملبوس هئي. سندس وارن جو جوڙو مٿيرو ٻڌل هو ۽ پنيان سڄي ڳچي ڪنڌ تائين نظر اچي رهي هئي. منهن چاڪ جهڙو اڇو ۽ ٽنهن تي ميڪ اپ جو هلڪو ته چڙهيل هو. سيٽان جو هن کي ڏسڻ سان وات پٽجي ويو.

”گل از مائيڪو“ (هيءَ ڇوڪري مائيڪو آهي) فوتابا اڌ انگريزي ۽ اڌ جپانيءَ ۾ ٻڌايس ۽ پوءِ 'مائيڪو' جو مطلب سمجهايس ته ”مائيڪو سيکڙاٽ گيشا ڇوڪريءَ کي چئبو آهي.“ يعني جيڪا اڃا شاگرد هجي ۽ گيشا بڻجڻ جي سکيا وٺي رهي هجي.

ڪاسائي قيمون ناهڻ وقت جيئن گوشت تي ڪات جا ويجها ويجها ڌڪ هڻندو آهي، ائين ويجهين ويجهين ۽ ننڍين وکن سان اها مائيڪو ڪمري ۾ اندر آئي، ڪڪن جي

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

ٽونٽريءَ تي ويٺي. سيتان هن کي تعجب ۽ پسند جي نگاهه سان ڏسڻ لڳو. هڪ ٻئي نئين خدمتگار ڇوڪري هڪ ٽن تارن وارو ستار نما ۽ ڏکڻي ڳڇيءَ وارو واڄو ڪٺي اچي مائيڪو جي اڳيان ڏيرج سان ٽڏي تي رکيو ۽ پوءِ ڪمري مان ٻاهر نڪري پنيان وري ساڳي ڏيرج سان ڪمري جو ڳڙڪندڙ دروازو بند ڪري ڇڏيو.

پوءِ آهستگيءَ سان، هڪ دفعو وري دروازو کليو. سامهون نهارڻ سان سيتان کي هن دفعي پنهنجين اکين تي يقين نه پئي آيو. هن جي اڳيان عورت جي روپ ۾ سونهن ۽ سوڀيا جي هڪ ٻي اهڙي مورت اچي بيٺي جنهن مجسمي جهڙي سهڻي صورت هن ڪڏهن نه ڏٺي هئي ۽ نه ٻڌي هئي. هن جي منهن جا نقش نگار بلڪل روايتي جپانين جي ڇهري جهڙا هئا ۽ سندس حسن جپانين جي نج ثقافت جو جيئرو جاڳندو مثال هو. ڪيس گلابي رنگ جو قيمتي ڪمونو اوڍيل هو جنهن تي سنهي سئيءَ سان اچي رنگ جا گل پريل هئا. ڪمونو جي چوڏاري ٻڌل اوبي (مفلر جهڙو پٽو) ڪافور جي ڪاٺ جي رنگ جهڙو هو جنهن تي چانديءَ جي تند جو سنهو ۽ ڳتيل ڪم ٿيل هو.

ڪمري ۾ ويٺل هرهڪ مرد کي ڏسڻ مهل هن پنهنجي هٿ ۾ جهليل پني جي وڃڻي کي شان سان پنهنجي منهن اڳيان لوڏيو. پوءِ ڪيڪار ڪارڻ هن جڏهن ناز سان پنهنجا نازڪ چپڙا چوريا ته ائين لڳو ڄڻ ڪنهن شعر جون غير فاني مصرعون چئي رهي هجي. اڳتي وڌي جڏهن هوءَ هڪ خالي رکيل وهاڻي تي اچي ويٺي، ته سيتان کي ان وقت محسوس ٿيو ته اهو وهاڻو ته سندس ئي پرسان رکيل هو. هڪ مدهوش ڪندڙ عطر جي خوشبو سندس حواسن تي ڄڻ واسو ڪري ويئي.

سيتان جڏهن ٿيڏيءَ اک سان سندس پر ۾ ويٺل هن جپاني ڇوڪريءَ ڏي ڏٺو ته هن کي اهو ڏسي عجيب ڪيفيت محسوس ٿي ته هوءَ به هن ڏي ڏسي رهي هئي. بلڪ سيتان کي ائين محسوس ٿيو ته ان من موهڻيءَ جون نظرون سندس اکين مان پار ٿي سندس اندر جي آنڊ مانڊ کي ڇٽيءَ طرح پڙهي رهيون هيون. سيتان کي ائين لڳو ڄڻ هي ٻه ئي هڪ ٻئي سامهون هجن، باقي سڄو ڪمرو غائب ٿي ويو هجي ۽ سندس ٻيا ساٿي هتي انهيءَ ٽڏي ۽ ڇوديواري ۾ موجود هجڻ بدران ڪنهن ٻئي مڪان ۽ زمان ۾ گم ٿي ويا هجن. هن سيتان ڏي ٿوري دير ٻي نهاري پوءِ مرڪيو۔ اها مرڪ جيڪا صدين جي تپسيا ۽ سکيا بعد ڪيس مردن جي من موهڻ ڪارڻ ورثي ۾ ملي هئي. مرڪڻ مهل هن جا فقط چپ چريا، ناسن کي هلڪو لوڏو آيو. باقي

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

سندس اکين ۾ ڪشش ۽ جادو سمايل هو.

مسٽر ياماگچي ڪو اهڙي ئي گهڙيءَ جو انتظار ڪري رهيو هو. تنهن موقعو ڏسي ان ئي گهڙيءَ فخر مان هن آيل مهمان ڇوڪريءَ جو تعارف ڪرايو.

”توهان جي اڳيان هن وقت توڪيو شهر جي سڀ کان حسين ترين گيشا گرل 'مس سدا بهار چنبيلي' حاضر آهي.“

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

2

عورتن جي معاملي ۾ سيتان جي قسمت ڪڏهن به سندس ساٿ نه ڏنو. هن ائين به نه چاهيو ته صرف مرد هجڻ جي ناتي هرڪا ايندڙ ويندڙ هن تي چڪن ٿيندي وتي، پر هن ايترو ضرور چاهيو ٿي ته سندس ايترو ته حق هئڻ کپي ته هو ڪجهه ڇوڪرين مان ڪا پنهنجي پسند جي ڳولي سگهي. پر ان معاملي لاءِ اڃا تائين ڪا به اهڙي ڇوڪري هن جي آڏو نه آئي هئي. هن جي ڳالهائڻ ٻولهائڻ جو طريقو ۽ هلت چلت جو نمونو ڪجهه اهڙو هو جو پاڻ ئي ان افسوسناڪ نتيجي تي پهتو ته سندس پسند جي ڪا به ڇوڪري ڪڏهن به هن کي نه چاهيندي. پر هاڻ ته ڪمال ٿي ويو جو هڪ بيحد سهڻي ڇوڪري، جيڪا هن کي پهرين نظر ۾ ئي وڻي وئي سا پاڻ به، پنهنجو سڀ ڪجهه هن مٿان نڇاور ڪرڻ لاءِ هئي. اهو هن لاءِ اهم نه هو ته هوءَ هڪ غير ملڪ ۽ غير زبان جي، جپاني ڇوڪري هئي. اها حقيقت آهي ته پيار محبت جي اشارن اڳيان زبان جو مضبوط قلعو به اچي ڦهڪو ڪندو آهي. اها هن لاءِ گهٽ ڀاڳ جي ڳالهه هئي جو ڪا ڇوڪري هن کي لفٽ ڪرائي- سا به هئڙي سدا ملوڪ!

منهن ڪان سواءِ چنبيليءَ جي باقي جسم بابت سيتان ڪجهه چئي نٿي سگهيو جو ڪموني جا ڍگها ۽ ڪلفدار پُڙَ سندس جسم جي مڙني خامين کي، جيڪڏهن ڪي هيون ته، ڍڪي ڇڏيو هو. هن کي پهرين ڪڏهن به سمجهه ۾ نه ايندو هو ته ڪمونو عورت کي ڪيئن ٿو سونهن بخشي ۽ سندس عورتپڻي کي وڌيڪ جوت ڏئي ۽ اها سڌريل ماڻهن جي هڪ بهترين ايجاد ڇو ٿي سڏي وڃي. پر اڄ هيءَ ڪمونو پهريل عورت هڪ روايتي شهزاديءَ جي روپ ۾، جنهن بابت هن اسڪولي ڏينهن ۾ آکاڻين جي ڪتابن ۾ پڙهيو هو سندس سامهون ويني هئي ۽ نه فقط ويني هئي پر سندس بلڪل سامهون ويني هئي ۽ هن کي عجيب چاهت وارين نظر سان ڏسي رهي هئي. سيتان کي هي سڀ هڪ اهڙو ڪرشمو ٿي لڳو جنهن جو بندوبست قدرت فقط هن جي وجهه ۽ فائدي لاءِ ويهي ڪيو هجي. بدقسمتيءَ سان سيتان اها ڳالهه شروع ڪان ئي نه سمجهي سگهيو ته هن عورت جي هر ادا واپار آهي ويندي ڇپن جي مرڪ ۽ اک جي نهار تائين سڀ ڪجهه ڪاروباري فرض جي پورائيءَ لاءِ آهي.

هڪ خذمتگار ڇوڪري ڪجهه ڊڪيل پيالا هن جي اڳيان رکي هن کي خوابن پري

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

خوبصورت دنيا مان سجاڳ ڪري هن فاني دنيا ۾ آڻي ڦٽو ڪيو. پر خواب ساڳيو ئي سندس پر ۾ ويٺو هو. وڏي شانُ مانُ سان 'مس سدا بهار چنبيلي' پيالي ڏي ادا سان نهاري معزز مهمان کي پيئڻ لاءِ اشارو ڪيو. مهمان کي ان جي واپرائڻ جو طريقو ٻڌائڻ خاطر مسٽر فوتابا پنهنجو پيالو کڻيو سندس مٿان ڪپڙي جو ڍڪ لاٿو ۽ پيالي جي اندِ وات تي رکي پيئڻ شروع ڪيو. سيٽان لاءِ اها هڪ عجب جوڳي ڳالهه هئي ته ڪاڏو وغيره پهرين عورتن کي ڏيڻ بدران مردن کي ڏنو وڃي. اها هڪ اهڙي گهٽتائي ۽ عورت جي شانُ ۾ گستاخي هئي، جنهن جو گهٽ ۾ گهٽ پاڻ ازالو ڪري سگهيو ٿي. هن پنهنجو گرم پيالو خيال سان هٿن ۾ کڻيو ۽ پنهنجي پر ۾ ويٺل ساٿياڻيءَ کي پيش ڪيو.

ويٺل مائيڪو ڇوڪرين مان هڪ ان کي ان عمل تي ايڏو ته اچرج ۾ ڪل آئي جو اهو به ڌيان ۾ نه رهيس ته کلڻ وقت هن کي منهن اڳيان پکو جهلڻ کپي- مٿان مهمان شڪي ٿئي. پر بهرحال بچاءُ ٿي ويو. مسٽر ماتسوموتو جي وقتائتي ڪرڙين نگاهن کيس اتي جو اتي صحيح ڪري ورتو ۽ هن کل کي روڪي وات اڳيان کٽي هٿ رکيو. گيشا- مس سدا بهار چنبيليءَ پنهنجي مٿي جي هلڪي ڌوڻ سان سيٽان کي اجازت ڏني ته پلي هو شروع ٿئي. پر هڪ جينٽلمئن کي ائين هرگز نه ڪرڻ کپي ۽ 'ليڊيز فرسٽ' (عورت پهرين) جي اصول تي سختيءَ سان عمل ڪرڻ کپي. منجهندي سنجهندي هن پنهنجو پيالو وري کڻيو ۽ گيشا جي خالي هٿن تي رکيو.

سڄي ڪمري کي جڻ ماٺ وٺي ويئي. گيشا ان کي قبول ڪيو ۽ مٿي چپن تي آڻي ان مان سرڪ پرڻ جو منهه ڪيو. پوءِ ٻيو پيالو سيٽان کي پيئڻ لاءِ ڏنو. سيٽان مطمئن ٿي پنهنجي چپن تي آندو ۽ ننڍيا ننڍيا ڍُڪ ڀري پيالو پي خالي ڪيو. سوپ پاٽيءَ جهڙو ڇڊڙو هو پر بيحد لذيذ ۽ ساموندي سواد وارو هو.

سوپ پيئڻ کان پوءِ پهرين ساڪي شراب جو دور هليو. سيٽان کي سندس پر ۾ ويٺل خوبصورت ساٿيءَ پنهنجن نازڪ هٿن سان گرم شراب جو جام پيش ڪيو جيڪو هن قبول ڪري پوءِ پنهنجن ميزبانن سان ڪنهن ڳالهه جو سلسلو شروع ڪيو. جواب ۾ جپاني همراهن نه وڏيڪ پڇ پڇ ڪئي ۽ نه کيس وندرائڻ لاءِ ڪا ڳالهه ٻولهه يا چرچو ڀوڳ ڪرڻ جي تڪليف ورتي- آخر ائين ڪن به ڇو جڏهن ته ان ڪم لاءِ هنن خرچ ڪري شهر جي خوبصورت گيشا کي گهرايو هو.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

مانيءَ مختلف نندڙن ڊشن ۾ ايندي رهي ۽ پوءِ سگهوئي اها خوبصورت گيشا ڇوڪري سيتان جي پاسي مان اُٿي بيني. اُٿڻ مهل هن اهڙي ادا ڪئي جڻ هن جي دل هڪ پل لاءِ به سيتان کان پري ٿيڻ نٿي چاهي. بهرحال اتان رڙهي ڪمري جي پرئين ڪنڊ ۾ رکيل ساميسين (جپاني واجو) کڻي وڄائڻ لڳي. ان ميوزڪ تي باقي به مائيڪو ڇوڪريون پنهنجن ڪاغذي پکن کي لوڏي نچڻ لڳيون ۽ ائين اهو سلسلو ڪجهه دير تائين هلندو رهيو.

ساز بند ٿيڻ تي سيتان تاڙيون وڄائي تعريف ڪئي. هن ڏنو ته هي ئي هڪڙو هو جنهن ائين ڪيو- پر پاڻ مجبور هو. ڪنهن سٺي شيءِ کي داد ڏيڻ ۾ ڪهڙي خرابي، مسٽر ماتسوموتو پنهنجا پير چنڊي اُٿيو جنهن مان مطلب صاف ظاهر هو ته هاڻ پارٽي ختم ٿي. ٻئي مائيڪو ڇوڪريون پنيان رڙهي بيٺيون ۽ گيشا ڇوڪري 'مس سدا بهار چنبيلي' گوڏن تي هٿ رکي مهمانن کان موڪلائڻ لاءِ جهڪي.

سيتان جي سيني جي ڪنهن ڪنڊ پاسي ۾ هن کي پنهنجن قديمي ابن ڏاڏن جون دانهون ڪوڪون ٻڌڻ ۾ آيون. جڏهن انسان اڃا تهذيب يافته نه ٿيو هو پر جهنگلي دور ۾ هو. ان دور ۾ ڪنهن ماڻهوءَ کي ڪا دلپسند عورت ملي ويندي هئي ته هن جي مٿي ۾ سونٽو هڻي، ڪيس وارن کان ڇڪي گهر وٺي ايندو هو ۽ صدين کان اهوئي ٿيندو پيو اچي ته جيڪڏهن ڪجهه حاصل ڪرڻو آهي ته ڪري ڏيکار جي. هو اڳتي وڌي ان سدا سهڻيءَ وٽ اچي بيٺو ۽ کيسي مان پنهنجي نالي جو ڪارڊ ۽ پين ڪڍي اشاري سان هن کي لکڻ لاءِ چيو. هن هڪ خوبصورت مرڪ چپن تي آڻي پين جو ڍڪ لاهي، وڏي ڌيرج ۽ احتياط سان وڏن اکرن ۾ هڪ سٽ لکي. سيتان پنهنجو ڪابو هٿ مٿي ڪن وٽ جهلي ٽيليفون تي ڳالهائڻ وارو انداز پيش ڪيو. گيشا پنهنجي ساڄي هٿ جون آڱريون ڳل تي رکي لمحي لاءِ سوچيو پوءِ ڪارڊ تي هڪ دفعو وري لکيو.

سيتان موڪلائڻ بعد پنهنجي هوٽل ۾ آيو. لابيءَ مان ڪمري جي چابي ڪنيائين. بوٽ لاهي ڪپڙا بيجدلائي پوءِ پنهنجي ڪمري جي اڪيلائيءَ ۾ آرام سان ڪارڊ ڪڍي جانچڻ لڳو. ڪارڊ جي پوئين پاسي هن بار جي لکٽيءَ جيان ڪچي اي بي سي ڊيءَ ۾ پنهنجو اصلي نالو Kanno – Masayo (ڪانوماسايو) لکيو هو. سيتان اهو ڏسي خوش ٿيو ته ڪيس هن عزت ڏني نه ته هوءَ انڪار به ڪري سگهي ٿي. نالي هيٺيان ڪجهه انگ لکيل هئا جيڪي پڪ هن جو فون نمبر ئي ٿي سگهن ٿا.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

رچرڊ سيتان جو پيءُ نندي هوندي ئي گذاري ويو هو. ماڻس نپائي وڏو ڪيس جنهن نندي هوندي کان ئي عورت جي عزت ڪرڻ جو ڪيس سبق پڙهايو هو ۽ ان تي عمل ڪرڻ کي هن پنهنجو اولين فرض سمجهيو ٿي. خوش قسمتيءَ سان، مس سدا بهار چنبيلي هڪ باعصمت ۽ بااخلاق عورت هئي ۽ پوشاڪ مان به سٺي ۽ سياجهي لڳي رهي هئي، سندس نوڪري يا ڌنڌو- مردن سان ڪچهريءَ ۾ گڏ ويهڻ ۽ پنهنجين وڻندڙ ادائن، ڳالهين، خبرن چارن ۽ راڳ ۽ ساز ذريعي ڪين وندرائڻ هو. سيتان کي گيشا عورتن بابت ڄاڻ ذري گهٽ نه برابر هئي. پر ايتري پڪ هيس ته هوءَ چوويهه ڪلاڪن مان اٺ ڪلاڪ ڪن ڪم ڪن ٿيون. اٺ ڪلاڪ آرام جا ڪيڄن ته به اٺ ڪلاڪ بچن ٿا جن مان هوءَ ڪجهه وقت هن لاءِ ڪيڏي سگهي ٿي. فون نمبر ڏيڻ مان هن جو مطلب صاف ٿو لڳي ته هوءَ ڳالهائڻ چاهي ٿي. هڪ گهڙيءَ لاءِ هن جي دل چڙ پڏي وئي جنهن ۾ هن کي لڳو ته ڪٿي ائين نه هجي ته هن منجهائس جان ڇڏائڻ لاءِ اهو نمبر غلط ڏنو هجي. پر هن کان اڳ آمريڪا ۾ ته ڇوڪرين کي هن سان انڪار ڪرڻ ۾ ڪڏهن به دقت پيش نه آئي هئي. سو هي نمبر ضرور صحيح هوندو. ڪم ڪار کان واندو ٿي سياڻي هو اهو نمبر ضرور آزمائيندو. هن کي اها ڳالهه سا ڏيان ۾ نه آئي ته ٿي سگهي ٿو ته هن کي سندس زبان جو هڪ لفظ به سمجهه ۾ ايندو هجي. بهرحال هي پنهنجو پاڻ کي هڪ خوشنصيب انسان قرار ڏئي پاسو ورائي سمهي رهيو.

ٻئي ڏينهن هو صبح ساجهر تيار ٿي، بريف ڪيس هٿ ۾ کڻي هيٺ هوٽل جي ڊائيننگ روم ۾ پهتو. نيرن ۾ آمريڪن نموني جو ناشتو: بيضا، بيڪن ۽ ڪافي ڏسي هن کي خوشي ٿي. گذريل ڏينهن هن کي اهو پڇڻ وسري ويو هو ته مسٽر ماتسوموتو جي آفيس جو ڪم ڪهڙي وقت کان شروع ٿئي ٿو. هن کي اهو سوچي خراب لڳو ته ائين نه ٿئي ته پاڻ دير سان آفيس ۾ پهچي ۽ اتي پهچي خبر پوي ته مسٽر ماتسوموتو- مالڪ ۽ سندس انجنيئرنگ اسٽاف هن لاءِ ڪلاڪ کان انتظار ڪري رهيا آهن. سو جلدي نيرن ڪري لابيءَ ۾ ويٺل ڪلارڪ کي ياماگچيءَ وارو ڪارڊ ڏيکاريائين جنهن ان تي لکيل آفيس جي ائڊريس پڙهي، پني پور تي ٽئڪسي ڊرائيور لاءِ جپانيءَ ۾ ڏس لکيو ته هن صاحب کي فلاڻي روڊ تي فلاڻي آفيس ۾ پچائڻو آهي. هونءَ آفيس اهڙي سولي هنڌ تي هئي جو آمريڪن بدران ٻيو ڪو هجي ها ته ڪلارڪ کيس ريل گاڏيءَ ۾ ئي وڃڻ جي صلاح ڏئي ها، پر ڪلارڪ کي لڳو ته هي آمريڪن متان رستي تي گم ٿي وڃي، جو هنن کي رڳو ڏارين ٻوليءَ ۾ ٻڙ ٻڙ ڪرڻ تي

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

اچي.

آفيس جا پار پار پتا لکرائي، سيتان وڏي بهادريءَ سان هڪ دفعو وري سر جو سانگو لاهي خودڪشيءَ جي موڊ ۾ توڪيو جي ٽئڪسيءَ ۾ چڙهيو. بهرحال هي ڊرائيور بہ جيتوٽيڪ خوفناڪ نموني سان ٽئڪسي هلائي رهيو هو. پر پهرئين کان گهٽ ترڙو تي لڳو. رستي تان سيتان توڪيو جي ماڻهن جا ڳاهٺ ۾ سوين دڪان ڏسندو رهيو. ٽئڪسي ڊرائيور ڪجھ پنهنجي مت تي ڪجھ ماڻهن کان پار پتا پڇرائيندو اچي ماتسوموتو ڪمپنيءَ جي در وٽ پهتو ۽ ميٽر ۾ آيل بل- ڇھ سؤ چاليھ يين ونڻ لاءِ هٿ وڌايو. سيتان سندس هٿ تي ست سؤ يين رکي باقي ريجو ڪيس بخشڻ جو اشارو ڪيو. ڊرائيور ڪاوڙ منجهان اهو ڪرڻ کان انڪار ڪيو ۽ باقي واپس ڏيڻ جا پئسا- سٺ يين، ڳٽي مسافر جي هٿ تي واپس رکيا. جيڪو (آمريڪن) اڳتي هلي شايد ڪنهن ڏينهن سڌري پئي- جيتوٽيڪ سندس سڌرڻ ۾ هن کي شڪ هو.

اندر گهڙڻ سان سيتان ڏٺو تہ ماتسوموتو ڪمپنيءَ جون آفيسون کلي چڪيون هيون ۽ ڪارخاني ۾ ڪم هلي رهيو هو. هن واچ ڏي نهاريو. ساڍا اٺ وڄي چڪا هئا. بهرحال اها ڪا ايتري دير نہ هئي. هن کي هونءَ بہ ميزبانن جي پهچڻ کان پوءِ اچڻ ڪتو تي، جيڪي اڌ منو ڪلاڪ کن اڳ ڪٽي آيا هجن. بهرحال ان دوران هنن کي راتوڪي آيل تپال ڏسڻ جو بہ ڪافي وقت ملي ويو هوندو ۽ سيتان سان پروجيڪٽ تي هاڻ سڪون سان ڳالهائي سگهيا ٿي. سيتان جي آمريڪن ڪمپنيءَ هنن کان لکها ڊالرن جي هڪ گهڻ مقصدي اليڪٽرونڪ مشين نهرائڻ چاهي ٿي، جنهن سان ڪيترين ئي شين چڪاس ڪري سگهجن.

اندر استقباليہ ۾ وينل عورت سيتان کي ڏسڻ سان چرڪ پري گهڙيال ڏي نهاريو ۽ پوءِ ڪنپ هجنس ها تہ جيڪر اُڏامي وڃي ها. پر بدقسمتيءَ سان هن کي ڪاٺ جي ان گول ڪروتڙي ۾ ئي ڦاسي ويهڻو پيو جو در وٽ سيتان اچي بيهنس ۽ سندس نڪرڻ جو رستو بند ٿي ويو.

سيتان تازو 'جپاني- انگريزي- بول چال' وارو ڪتابڙو پڙهي ڪجھ جپاني جملا ياد ڪري آيو هو. تن مان هن هڪ آزمايو:

”وا ٽئڪسي وا - رچرڊ سيتان ڊيسڪ.“

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

چوڪري اهو ٻڌي منجهي پئي ته هي چئي چا پيو. ٽئڪسي ۽ ڊيسڪ جي ڪهڙي ڳالهه پيو ڪري.

سيٽان هڪ دفعو وري ساڳيو جملو ورجايو.

جپاني چوڪريءَ نئڙت سان جهڪي جپانيءَ ۾ وراڻيس:

”ايگو گا وڪاري ماسين“ (انگريزي آئون نٿي سمجهان.) ان سان گڏ ساڳيو جملو انگريزيءَ ۾ پڻ ناهي چيس: ”نو انگلشو.“

”آئي ايم نات اسپيڪنگ انگلش“ (آئون انگريزي نه پيو ڳالهايان) سيٽان چيو ۽ وري ساڳيو جملو چوڻ شروع ڪيو:

”وا ٽئڪسي وا...“

چوڪري ٿورو گهٻرائي پر سگهوئي سمجهه ۾ اچي ويس ته هي مڙسالو پنهنجو تعارف پيو ڪرائي ۽ هن جو مطلب 'وا ٽئڪسي وا' مان جپاني لفظ 'وا تاڪشي وا' آهي- معنيٰ آئون ۽ ڊيسڪ مان مطلب 'ڊيسڪا' اٿس- يعني 'آهي' سو هن به پنهنجو تعارف ڪرايس:

”واقتاڪشي وا چيوڪو ديس“ (آئون مس چيوڪو آهيان.)

چيوڪو سوچيو ته عجيب اتفاق آهي جو هن کان اڳ ڪائنس ڪڏهن به ڪنهن نالو نه پڇيو هو. هي آمريڪن جنهن جي جيتوڻيڪ ڦڏي سڏي شڪل آهي پر فضيلت وارو ٿو لڳي. چيوڪو جي هڪ گهاٽي ساهيڙي هئي جنهن هڪ آمريڪيءَ سان وڃي شادي ڪئي هئي جنهن مان ٻه ٻار به هئس. جن سان گڏ هوءَ آمريڪا ۾ رهي ٿي. چيوڪو سيٽان وٽان پاسيري ٿي ٻاهر پنهنجي آفيس جي ساهيڙي مس ريڪو ڏي وئي جنهن کي ڪمپنيءَ وارن انگريزي زبان جي ڄاڻو ڪري رکيو هو.

ريڪو کي ڄاڻ هئي ته سيٽان نالي آمريڪن اچي رهيو آهي ۽ ساڻس انگريزي ڳالهائڻ جهڙي مصيبت لاءِ هن پاڻ کي اڳواٽ تيار ڪري رکيو هو. ريڪو انگريزي ڄاڻڻ لاءِ لڳاتار اٺ سال تعليم ورتي هئي، پر اڃا به سندس گرامر ۽ لهجي مان لڳو ٿي ته ڪو ڏاريون پيو ڳالهائي. رستي تان هن پنهنجي ڊڪشنري کنئي ۽ وڏي همت سان چيوڪو سان گڏ استقباليه ڏي وڌڻ لڳي. سيٽان جي ويجهو پهچي هن چيو: ”مسٽر سيٽان، از اٽ نات“ (مسٽر سيٽان، اهوئي آهين نه؟)

”گڊ مارننگ“ سيٽان ٻڏل دل سان سلام ڪيس ۽ جهڪڻ جي ڪوشش ڪئي.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

ريڪو ڏنو تہ سيتان جپانين وانگر جهڪڻ جي ڪوشش ڪندي وقت عجيب ضرور لڳي رهيو هو پر بيوقوف هرگز نہ. هن پنهنجي واقفيت ڪرائي ۽ پوءِ دروازي جو طاق کولي سيتان کي اندر هلڻ لاءِ چيو. سيتان در کي جهلي ڪيس پهرين هلڻ لاءِ اشارو ڪيو. ريڪو کي جيتوڻيڪ اهو عجيب لڳو پر دل ئي دل ۾ خوش بہ ٿي ۽ پوءِ ڪيس فوتابا جي ٽيبل ڏي وٺي آئي.

هن کي ايڏو جلد آفيس ۾ ايندو ڏسي فوتابا بہ ٿورو پريشان ٿي ويو. ڪيڪار ڪڙيءَ کان پوءِ ڪيس ڪانفرنس روم ۾ آندو ويو ۽ چانهہ لاءِ آرڊر ڏنو ويو. سيٺ ماتسوموتو ۽ ٻين کي بہ اتي اچڻو هو. تيسين هي ان مشينري جا نقشا/ ڊرائينگون ڪڍي ٽيبل تي وڇائڻ لڳو. جيڪا مشينري ماتسوموتو ڪمپنيءَ کي ناهڻي هئي. ڊرائينگ انجنيئرن جي عالمي زبان سمجهي وڃي ٿي جنهن ذريعي هو هر ڪا ڳالهہ سمجهي سگهن ٿا.

ٿوري دير بعد ڪالهہ وارا سڀ همراهہ اچي گڏ ٿيا. ريڪو کي ترجمي خاطر وچ ۾ ويهاريو ويو. اڄ فوجي هارا نالي هڪ وڏيڪ همراهہ پڻ آيل هو جيڪو ڪارخاني جو چيف انجنيئر هو. هن خوش خير عافيت ڪرڻ بعد سيتان کان سندس مسافريءَ جو احوال ورتو ۽ جپان ۾ رهائش ۽ ڪاڏي پيتي جو معلوم ڪيو ۽ ريڪو ترجمو ڪندي رهي.

جواب ۾ سيتان پڻ ڪنڌ ڌوڻي هائوڪار يا ناڪار ڪندو رهيو. هن کي دير بہ ٿي رهي هئي، تہ اڃا ڪم جي ڳالهہ شروع نہ پئي ٿئي جنهن لاءِ هو آمريڪا کان هلي هتي جپان پهتو آهي. آخرڪار هو وري ڊرائينگ ڪڍي هنن کي پيش ڪرڻ وارو هو تہ اسان جي آمريڪن ڪمپنيءَ کي هن قسم جي گهڻ مقصدي اسيمبلي ڪپي جيڪا آيا هي ناهي سگهندا يا نہ. تہ ايتري ۾ ڪانفرنس روم جو در کليو ۽ ڇوڪري چانهہ جو سمان کڻي اندر گهڙي. سيتان ڊرائينگون وري ويڙهي کڻي واپس بريف ڪيس ۾ وڌيون. نوجوان عورت چانهہ جا ڪوپ، ساسرون ۽ ڪيڪ پيسٽريون ٽيبل تي سهڻي نموني سجائي رکڻ لڳي. پوءِ ٻي نوجوان عورت ظاهر ٿي. هوءَ چانهہ جون بہ ڪيٽليون ۽ اڇي رنگ جا ڪجهہ وٽيل ننڍا ٽوال بانس جي پيالي ۾ کڻي آئي. نئڙت منجهان سيتان کانئس هڪ ٽوال وٺي هاڻ پنهنجن جوتن تي وڇائڻ وارو هو تہ هن کي محسوس ٿيو تہ هڪ تہ اهو آلو هو ۽ ٻيو ڪوسو پڻ. ريڪو خطري جي ڌپ سونگهي ورتي ۽ پنهنجو اوشي بوري (ننڍڙو ٽوال) کولي ان سان پنهنجو منهن ۽ هٿ صاف ڪيا ۽ پوءِ پنهنجي ڦڪي سائي چانهہ پيئڻ لڳي. سيتان بہ ان پٺيان بنا ڪنڌ وجهڻ جي پنهنجي ڦڪي چانهہ پيئڻ شروع ڪئي۔ اهو سوچي تہ شايد سندس سواد اهڙو ئي ٿيندو

هجي.
چانهه جي دور پوري ٿيڻ کان پوءِ هن کي فئڪٽريءَ گهمڻ جي دعوت ڏني وئي. ڪيس پوءِ جو پروگرام پڻ ٻڌايو ويو ته فئڪٽري ڏسڻ بعد منجهند جي ماني ٿيندي ۽ ان بعد ڪيس ڪاماڪورا شهر ڏي 'عظيم ـ ٻڌا' جي مورتي ڏيکارڻ لاءِ وٺي هلبو. پوءِ هڪ هڪ ٿي ماڻهو نڪرڻ لڳا. ريڪو در ڪولي پهرين مردن کي وڃڻ ڏنو پر سيٽان سڀ کان آخر ۾ نڪتو. هن پاهر نڪري ترجمو ڪندڙ ڇوڪريءَ ريڪو کي پاسيرو سڏي چيو:

"توکي 'مس' چئي مخاطب ٿيان يا تنهنجو نالو 'ريڪو' وٺان؟"

"دوزو" (پليز) ريڪو جپانيءَ ۾ وراڻيس.

"ريڪو! اهو ته ٻڌاءِ ته جنهن ڪم لاءِ آئون هتي آيو آهيان، ان بابت ڳالهه ٻولهه ڪڏهن شروع ٿيندي؟"

ريڪو کي هي ماڻهو سوير کان ئي سٺو پئي لڳو. مرڪندي وراڻيائين، "سيٽان سانَ! (سيٽان صاحب) توهان هتي جپان ۾ پهريون دفعو آيل ٿا ڏسجو. اسان جپانين ۾ اهو رواج آهي ته ڏنڏي ڏاڙيءَ جي ڳالهه ٻولهه يڪدم نه ڪندا آهيون. توهان اڄ فرحت وٺو جيئن هن ڪمپنيءَ کان وڌيڪ واقف ٿي سگهو. سڀاڻي شايد توهان جا اهي نقشا ڏٺا وڃن جن مطابق توهان ڪم چاهيو ٿا."

سيٽان اهو ٻڌي ڍرو ٿيو. پوءِ ڊگهو ساهه کڻي چيائين: "ريڪو! ڪالهه رات منهنجي هڪ نوجوان عورت سان ملاقات ٿي، مون کي ان وقت تنهنجي خبر نه هئي، سو ان کي وري ملڻ لاءِ چيو هوم."

ريڪو اهو ٻڌي ٿورو شرمائجي وئي. هن ڪڏهن به اهو نه سوچيو هو ته فارينر به پين جي جذبات جو ايڏو خيال رکي سگهن ٿا. آخرڪار انهن ۾ سڀ جهنگلي به نه آهن. "ڇا هن کي انگريزي اچي ٿي؟" ريڪو پڇيو.

"مون کي خبر ناهي، پر مون وٽ هن جو فون نمبر آهي." سيٽان ٻڌايس.

"سو ديسڪا (ته اها ڳالهه آهي). تون هن کي فون ڪرڻ لاءِ مون کي چوڻ چاهين ٿو؟ اها مون لاءِ خوشيءَ جي ڳالهه آهي، سيٽان سانَ ـ ته اهو ٻڌاءِ ته تون هن کي ڇا تو چوڻ چاهين."

اهو سوچڻ لاءِ سيٽان کي ڪجهه گهڙيون لڳيون. پوءِ هن چيو: "آئون هن کي ڊنر لاءِ وٺي وڃڻ ٿو چاهيان بشرطيڪ هوءَ واندي هجي ته."

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

هن سندس ڪارڊ ڪڍي ريڪو جي حوالي ڪيو. ڪارڊ پڙهي ريڪو جون اکيون ڦاٽي ويون. ”هيءَ ته گيشا آهي. ڇا توکي اها خبر آهي-؟“

هن ڪنڌ ڌوڻي هائوڪار ڪئي. ريڪو وري ڪارڊ ڏي ڏنو ۽ نمبر پڙهيو: ”بهرحال آئون تو پاران فون ڪريانس ٿي.“

سيٽان تيسين اهوئي پهه ڪيو ته هو ريڪو کي به ساڻ وٺي هلندو. جيتوٽيڪ هيءَ مس سدا بهار چنبيليءَ جي پتيءَ ۾ به نه آهي پر انگريزي سٺي سمجهي ۽ ڳالهائي ٿي ۽ سندس جذبات ۽ ڳالهين جي سٺي ترجماني ڪري سگهندي.

ڏينهن جو ڳپل حصو هن کي ماتسوموتو ڪمپنيءَ جو ڪارخانوئي ڏسڻ ۾ لڳي ويو. هي اهو ڏسي بيحد متاثر ٿيو ته ڪمپنيءَ ۾ ڪيتريون ئي اليڪٽرانڪ جون ننڍيون وڏيون شيون ٺهي رهيون هيون ۽ ڇوڪرين جون قطارون مٿي تي هڪ ئي رنگ جا رومال ٻڌي تحمل ۽ صبر سان مشينريءَ جا ننڍا ننڍا پرزا ناهي رهيون هيون. ان دوران هن جي ملائڪن کي به خبر نه پيئي ته سندس فون بعد مس سدا بهار چنبيليءَ جي سلسلي ۾ پنيان ڪمپنيءَ ۾ کهڙي هڻ وٺ لڳي وئي هئي. ايتريقدر جو ڪمپنيءَ جو مالڪ مسٽر ماتسوموتو پاڻ ان مسئلي جي فيصلي لاءِ اچي حاضر ٿيو. هوءَ ته هڪ گيشا عورت آهي - سا به توکيو جي سڀ کان سهڻي ۽ مهنگي ۾ مهنگي. جنهن جي سنگت جي هڪ هڪ منٽ جي في سوين ييين آهي. گذريل ڏينهن جي ڪلاڪ ٻن جي ڪچهري ۽ گڏ ويهڻ ۽ کائڻ پيئڻ لاءِ ئي ڪمپنيءَ کي ڪيئي هزار ييين، ان گيشا جي مالڪڻ کي ادا ڪرڻا پيا هئا. پر اهو پهرين ڏينهن آيل مهمان کي وندرائڻ لاءِ ضروري هو.

هلندڙ رسم رواج مطابق هو (گيشا عورتون) فقط اهو وقت مهمانن سان کلي ڳالهائين ۽ کين وندرائين ريجهائين جن جا انهن کي پئسا ٿا ملن. گيشا جي ان مرڪ ۽ پيار کي، نه مهمان کي سچو پيار سمجهڻ کپي ۽ نه گيشا کي مهمان جي موهت ٿيڻ تي دل ڏئي ساڻس عشق ۽ شادي ڪرڻ کپي. جپان جي اها رسم رواج، تهذيب ۽ ثقافت صدين کان هلندي اچي.

وعدي مطابق جڏهن ريڪو فون ملايو هو ته کيس تعجب ضرور لڳو ته واقعي اهو ڪانو جو ذاتي نمبر هو جنهن ڪن خاص سببن ڪري هن آمريڪن کي پنهنجو نالو به اصلي لکي ڏنو هو جيتوڻيڪ هوءَ گيشا طور سڄي توکيو ۾ 'مس سدا بهار چنبيلي' جي نالي سان مشهور آهي. بهرحال مس سدا بهار چنبيلي سالن جون ريتون رسمون ڀڃي هڪ گراهڪ سان

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

دوستي رکڻ ٿي چاهي، ته اها سندس مرضي. ريڪو کي فقط ان ڳالهه عجب ۾ وڌو ته هي آمريڪن همراهه جيڪو ڳالهائڻ ٻولهائڻ ۽ هلت چلت مان ته صفا چسو پيو لڳي ۽ نه وري ٻين ماڻهن وانگر چالاڪ ۽ عياش آهي تنهن سان ڪيئن هوءَ پهرين ئي ملاقات ۾ ايڏو ويجهو ٿي ويئي جو ڪيس نه فقط پنهنجو ذاتي نالو ٻڌايو اٿس، پر فون نمبر پڻ 'گيشا گهر' بدران پنهنجي ذاتي گهر جو ڏنو اٿس.

مس ريڪو پنهنجي باس کي ان ڳالهه کان آگاهه ڪيو ته سندن آمريڪن مهمان هڪ گيشا عورت کي ڊنر لاءِ دعوت ڏني آهي ۽ هيترن سالن جي سکيا ۽ وهنوار چاڙهڻ جي باوجود به مس سدا بهار چنبيليءَ عام عورتن وانگر هن مان متاثر ٿي پائنجي ۽ هن کيس چيو ته هوءَ ان جي پڪ بابت وري فون ڪندي.

مس سدا بهار چنبيليءَ ان بعد هڪدم پنهنجي اڏي (گيشا گهر) تي فون ڪري پنهنجي مالڪياڻيءَ کان ان جي پوئواريءَ بابت اجازت گهري. اڏي جي مالڪياڻي 'ماماسان' يڪدم ڪمپنيءَ جي مالڪ مسٽر ماتسوموتو کي فون ڪيو، جيڪو سندس پراڻو ۽ عزت وارو گراهڪ سمجهيو ويو ٿي، جيئن ته هن ئي ان آمريڪن جو پهرين تعارف ڪرايو هو جيڪو اجا به سندس ئي مهمان هو سو کيس مس سدا بهار چنبيليءَ جي ملاقات جي مڙني خرچ پکن جي جوابداري کڻڻ لاءِ آگاهه ڪيو.

سيٽان جو هھڙي وڏي درجي واريءَ گيشا سان وري ملڻ جو ٻڌي مسٽر ماتسوموتو جا ٽپ ئي نري ويا. هاڻ ڇا ڪري. جي انڪار ٿو ڪري ته ڪم ٿو خراب ٿئي. آيل مهمان جو موڊ خراب ٿيندو ۽ واندڪائيءَ واري وقت ۾ اجايو ٻين ڪارخانيدارن جي ور چڙهي ويندو. ساڳي وقت ڪيترو به خرچ اچي پر ڪمپنيءَ کي عزت بچائڻي آهي. گيشا گهر وارا ۽ آيل مهمان ڇا سوچيندو. اها ٻي ڳالهه ته اڄڪلهه ڪمپني ڏيوالي ڏانهن وڃي رهي آهي ۽ هھڙن اجاين سجاين خرچن سهڻ جي سگهه نه اٿس پر ان هوندي به 'ڪتل آهيون ته به خان ته آهيون' وارو ڏيک ڏيڻ ضروري هو. هوڏانهن آمريڪن مهمان کي ته اها به شايد خبر نه هئي ته گيشا گرل جو چڪر ڇا آهي ۽ گيانا جي ساٿس ڳالهائڻ ٻولهائڻ جا منٽن جي حساب سان پئسا ڇڪائڻا پون ٿا. بهرحال مسٽر ماتسوموتو ٻڌندي ترندي گيشا گهر جي پوڙهي مالڪياڻي ماماسان کي هڪ ٻي شام لاءِ مس سدا بهار چنبيليءَ جي خذمتن جي ادائگيءَ لاءِ هاڻوڪار ڪئي. هن ماماسان کي اها تاڪيد ڪئي ته 'ماڪورا گاني' (وهاڻي واري خذمت) ان وندر ۾

شامل نہ هئڻ گهرجي، جنهن جي بل لاءِ هو پڌل نہ رهندو. ماماسان ڪيس پڪ ڏني تہ مس سدا بهار چنبيلي ان ڳالهہ کان پري آهي. جپان جي ٻين ڪيترن سهڻين ۽ اعليٰ قسم جي گيشا ڇوڪرين وانگر مس سدا بهار چنبيلي پڻ هر بستري جهڙي عياشي مهيا ڪرڻ کان گريز ڪري ٿي.

ان فيصلي جو اطلاع ريڪو کي گيشا گهر کان ڪيو ويو تہ گيشا ـ مس سدا بهار چنبيلي توهان جي آمريڪن مهمان جي ڏنل ڊنر خوشيءَ سان قبول فرمائي ٿي ۽ هن سان گڏ فقط هڪ مائيڪو (سکيا وٺندڙ گيشا) هوندي. ريڪو ڊنر لاءِ توڪيو جي 'نيو اوتاني' هوٽل جو نالو چونڊيو. اهو ڄاڻي تہ اتي مينو جپانيءَ سان گڏ انگريزيءَ ۾ ڇپيل پڻ ڏنو وڃي ٿو.

منجهند جي مانيءَ کان اڳ سيٽان باٿ روم مان ايندي وقت ريڪو جي ڊيسڪ وٽان لنگهيو. هن ڪيس چٽي ڏني جنهن ۾ مس سدا بهار چنبيليءَ سان ملاقات جو وقت ۽ جڳهہ لکيل هئي. سيٽان جو ملول چهرو خوشيءَ وچان ٻهڪڻ لڳو. هن دفعي مانيءَ جو بندوبست ڪمپنيءَ جي آفيس ۾ انگريزي نموني سان ٽيبلن، ڪانٽن ڇرين ذريعي ڪيو ويو هو. مانيءَ دوران سيٽان پنهنجي هم پيشي جپاني انجنيئر فيوجي هارا سان ڪل پوڇ ڪندو رهيو. هن کي جپاني ماڻهن جي تهذيب تمدن، جيڪا سندس ملڪ جي تهذيب کان مختلف هئي، وڻي رهي هئي. ڇو جو هي پهريون دفعو هو جو هن ڏٺو تہ پيار جي موٽ ۾ پيار ڪيو ٿي ويو.

منجهند جي مانيءَ کان پوءِ هو ڏڪٽي فوتابا جي حوالي ڪيو ويو. جيڪو کيس ڪمپنيءَ جي ڪار ۾ هڪ سامونڊي ڪناري واري شهر ڪاماڪورا ڏي وٺي هليو. رستي تي هو جپان جي ٻهراڙي وارن علائقن جو بہ ديدار ڪندو هليو. سيٽان کي تعجب لڳو تہ جپان جي زمين جو هڪ هڪ انچ استعمال هيٺ آهي. زمين جا بچيل ٽڪرا سائي گاهہ سان ڀريل نظر آيا ٿي يا قطار ۾ پوکيل پاڇين ۽ ولين سان. رستي جي مٿان جتي ڪٿي پليون ۽ اليڪٽرسٽيءَ جون طاقتور تارون لنگهيون ٿي. هي ملڪ هڪ دور کان لنگهي ٻئي دور ۾ گهڙندو نظر آيو ٿي. پراڻين ۽ نيون شيون هڪ ٻئي ۾ رلي ملي ويل ٿي لڳيون.

ڪاماڪورا شهر گوتم ٻڌ جي وڏي کان وڏي بوتي (Statue) کان مشهور آهي، جيڪو ٽامي جو ٺهيل آهي. سيٽان هن آفت جيڏي بت جي چوڌاري ڦري کيس ڏٺو ۽ فوتابا اهو ڏسي خوش ٿيو تہ هڪ فارينر سندس ملڪ جي ڪنهن شيءِ مان متاثر ٿيو آهي. ان بعد فوتابا 'هاسي ڪان نان' مندر ۾ وٺي آيس جتي ڪاٺ مان ٺهيل هڪ ديويءَ جو بت رکيل آهي.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

”ويري بيوٽيفل.“ (تمام سهڻو) فوتابا چيو.

”ييس.“ سيتان جهيڻي هائوڪار ڪئي.

ان بعد مندر کان ٻاهر نڪري سمنڊ جي ڪناري تي اچي ويٺا. سامهون وشال ساگر جون لهرون جڏهن سندس پيرن چمڻ لڳيون ته سيتان کي عجيب احساس ٿيو ته زندگي هن لاءِ جڻ هاڻ سک جا دروازا کولي ڇڏيا هجن ۽ شايد اجا ٻيا به ڪيترائي هجن جيڪي اڳتي هلي کلن.

واپس پنهنجي ڪمري ۾ پهچي هن ايندڙ شام بابت سوچيو ۽ ناممڪن حالتن ۾ پيش ايندڙ ڳالهين تي غور ڪيو جن ۾ هو زبردستي هيرو جي رول ۾ پيش ٿي رهيو هو پر پاڻ فلمي هيرو ته نه هو. پاڻ ته فقط آمريڪا جي هڪ شهر جو رهاڪو انجنيئر هو جنهن جي عورت جي معاملي ۾ ڪڏهن به ساعت نه رهي هئي، پر اڄ هن جي هڪ اهڙيءَ حسن جي ديويءَ سان ملاقات رٿيل هئي جيڪا هن ڌرتيءَ جي وڏي ۾ وڏي شهر ـ توڪيو جي حسين ترين عورت مڃي وئي ٿي.

سيتان پوري ڇهين بجي پنهنجي عينڪ کي چڱيءَ طرح نڪ تي جمائي هيٿ هوٽل جي لابيءَ ۾ پهتو. هن ڪلارڪ کي رات لاءِ ڪنهن بهترين ٿيٽر ۾ ٽڪيٽن جي ائڊوانس بڪنگ لاءِ چيو ۽ في الحال ڪين نيو اوتاني هوٽل ۾ ڇڏي اچڻ لاءِ هڪ ٽئڪسي سڏائڻ لاءِ پڻ چيو. ٿورو ترسي هن ڪلارڪ کان هڪ سوال پڇيو جيڪو هن کي منجهائي رهيو هو:

”آئون هڪ عورت سان گڏ مانيءَ جي دعوت تي پيو وڃان. سندس سچو نالو مس ڪانو ماسايو آهي. ان سچي نالي ۾ سندس ذات ڪهڙي ٿي ۽ مون کي ڪيس ڇا سڏڻ کپي؟“

”ڪانو هن جي ذات ٿي ۽ ماسايو سندس نالو. جڏهن توهان جي دوستي گهاٽي ٿي وڃي ته پوءِ هن کي ماسايو سانِ سڏي سگهيو ٿو. 'سان' معنيٰ 'سائين'، 'عزت ماب'، 'مانوارو' يا 'مانواري'. جيڪڏهن هن کي ڪا نوڪري آهي يا لقب ته پوءِ ان موجب. مثال طور 'ڪانو ـ ماسايو ـ سين سي ئي' معنيٰ 'ڪانو ـ ماسايو ـ مسترياڻي.' ڪلارڪ سمجهايس.

”ڪانو ـ سان گيشا آهي. هن جو گيشائڪو نالو 'مس سدا بهار چنبيلي' آهي.“ سيتان ٻڌايس.

ڪلارڪ جون اکيون ڦاٽي ويون. ”توهان اڄ مس سدا بهار چنبيليءَ جي شام خريد ڪئي آهي، سيتان ـ سانَ؟ توهان کي ڪنهن اعليٰ جاءِ جي ڳولا هوندي. هونءَ اسان جي

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

هوٽل ۾ بہ توهان جھڙن وڏن ماڻھن لائق سوٽ (ڪمرو) مھيا ٿي سگھي ٿو.“

”نہ مھرباني. هيءَ اسان جي ملاقات گيشا ۽ گراهڪ جي نہ، پر ذاتي ياريءَ دوستيءَ جي ناتي هيٺ ٿي رهي آهي.“

”هوءَ توهان جي ذاتي دوست آهي“ بس سائين، مان اجھو توهان لاءِ ٽئڪسي ٿو گھرايان تہ توهان کي نيو اوتاني هوٽل ۾ ڇڏي اچي. موڪلائڻ وقت توهان کي 'گڊلڪ' (شال ڀاڳ ڀلو ٿيئي) بہ نہ چوندس جو توهان جو ڀاڳ اڳھين ڀلو آهي.“

سيتان نيو اوتاني هوٽل ۾ ڀھرين پھچي ويو. ڪمپنيءَ وارن هن لاءِ اها هڪ بھترين جڳھ چونڊي هئي جنهن کي ڏسي هو خوش ٿيو. چيف بٽري کي گھرائي چيائين:

”منھنجو نالو سيتان آهي. ڊنر لاءِ هڪ ٽيبل رزروڊ رکرائڻ چاهيان ٿو جو منھنجا ڪجھ مھمان اچڻا آهن.“

بٽرو ادب وچان جھڪيو: ”سائين توهان لاءِ اڳھين رزرويشن ٿي پئي آهي. توهان پاران توهان جي ميزباني ڪمپنيءَ ان سلسلي ۾ فون ڪيو هو ۽ اسان سڄو بندوبست ڪري ڇڏيو آهي. ڀلا سائين توهان هينئر ئي پنھنجي ٽيبل تي ويھڻ چاهيداؤ يا مھمانن اچڻ کان پو“ـ؟“

”نہ في الحال آئون لابيءَ ۾ ويھان ٿو. مھرباني ڪري مون کي اهو تہ ٻڌاءِ تہ 'گڊ ايونگ' (شام جي ڪيڪار) کي جپانيءَ ۾ ڇا ٿا چون؟“

”اهو تمام سولو آهي مسٽر سيتان. 'ڪان بان وا'.“

”ڪان ـ بان ـ وا ـ“ سيتان ورجايو.

”بلڪل صحيح ٿا چئو سائين.“

سيتان پوءِ لابيءَ جي در وٽ بيھي ـ تصوراتي دنيا ۾ پنھنجو پاڻ کي هڪ ڏينھن دنيا جي اهم شخصيت ٿيڻ جا خواب ڏسڻ لڳو. ايتري ۾ سامھون مس سدا بھار چنبيلي ايندي نظر آئي. هن کي ڪمونو پھريل هو ۽ ساٽس گڏ هڪ ٻي ڇوڪري آسماني ۽ اڇي رنگ جي وڳي ۾ هئي. سيتان هن ڏي جھڙو تھڙو نھاري وري پنھنجي ملاقاتيءَ جي خوبصورت چھري ڏي ڏٺو. ويجھو اچڻ تي هو ساٽس جھڪي مليو ۽ سلام ڪيائين: ”ڪان بان وا“.

گيشا پنھنجن گوڏن کي جھڪايو ڪنڌ کي ٿورو پاسيرو ڪيو ۽ پوءِ ان شانائتي ادا سان جھڪي سلام ڪيو جنهن جي سڪڻ پنيان صدين جي تاريخ آهي. ”ڪان بان وا ـ سيتانو ـ سان“ هن مرڪندي جواب ڏنو. جيڪڏهن اهڙي ادا سان 'سائرس' ڳالھائي ها تہ

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

جيڪر 'اوڊيس' تہ پنهنجي گهر جو رستو بہ پلجي وڃي ها.

بلو ۽ اڇي وڳي واري ڇوڪريءَ پنهنجو سهڻو جپاني چهرو سيتان ڏي ڪري انگريزيءَ ۾ چيو: ”آئون پيگي آهيان.“ سندس لهجو صحيح نہ هو پر انگريزي سٺي ٿي ڳالهايائين. ”آئون مائيڪو آهيان. يعني 'شاگرد - گيشا'. گيشا ٿيڻ کان اڳ ڪجهہ سالن لاءِ ڇوڪري مائيڪو سڏبي آهي ۽ جڏهن بہ ڪا فرسٽ ڪلاس گيشا ڪٿي دعوت تي ويندي آهي تہ هوءَ پاڻ سان گڏ هڪ يا ٻہ مائيڪو بہ ڪٺندي آهي. هونءَ بہ مس سدا بهار چنبيليءَ کي انگريزي ٿوري گهٽ ٿي اچي. آئون توهان جي وچ ۾ خلل ثابت نہ ٿيندس. بلڪ مون کي تہ هونءَ بہ پنهنجن خيالن ۾ گم رهڻ جي عادت آهي.“

پيگيءَ کي انگريزيءَ ۾ لس ئي لس ڳالهائيندو ٻڌي سيتان کي ڏاڍو مزو آيو. ٻنهي کي پاڻ سان گڏ وٺي مانيءَ لاءِ ڊائننگ روم ۾ گهڙيو. ٻئري کين سندن ٽيبل ڏيکاري جيڪا دريءَ پرسان هئي جنهن مان سڄي شهر جو نظارو صاف پئي ڏٺو. گيشا وڏي شاناٿي نموني سان پنهنجي ڪرسيءَ تي ويٺي. سيتان سامهون واري ڪرسيءَ تي ٿي ويٺو ۽ پيگي پاسي واري بچيل ڪرسي رِيڙهي ان تي ويٺي - ۽ هڪ دفعو وري دل ئي دل ۾ سوچڻ لڳي تہ سونهن ۽ سوپيا ۾ هيڏي مها سهڻي، ڳالهائڻ جي فن ۾ ههڙي اڪابر- مس سدا بهار چنبيليءَ هڪ فارينر کي شام گذارڻ ۽ ڪچهري ڪرڻ لاءِ ڪيئن چونڊيو آهي- جيڪو سندس ڪا بہ ڳالهہ ٻولهہ، چرچو ڀوڳ، گهڻويا شعر و شاعري سمجهڻ کان قاصر آهي.

”مس ڪانو“ سيتان هاڻ پڇيو ”ڊو يو اسپيڪ انگلش؟“ (تون انگريزي ڳالهائي سگهين ٿي؟) گيشا مرڪيو. آڱوٺي ۽ آڱر سان چپٽيءَ جو نشان ناهي جپانيءَ ۾ چيو: ”ساڪوشي“ (تمام ٿوري ٿوري) ۽ پوءِ وري انگريزيءَ ۾ چيو: ”لٽل بٽ.“

”پوءِ تہ توسان ڳالهائڻ لاءِ مون کي جپاني سکڻي پوندي.“ سيتان چيو.

پيگي تڪو تڪو ترجمو ڪندي ويئي. گيشا مرڪيو ۽ خاص ادا سان هيٺين پنبڻن وٽان هن ڏانهن نهاريو. سيتان جو بلڊپريشر گيشا جي نيڻن جي ان نهار سان خطرناڪ حد تائين مٿي چڙهي ويو. اڄ ڏينهن تائين هن ڏي ڪنهن عورت اهڙي پيار مان نہ ڏٺو هو.

جڏهن هن جو مٿو بولاٽيون کائي کائي هڪ ٺانيڪو ٿيو تہ هن کانئن ڪجهہ پيئڻ لاءِ پڇيو. ٻنهي عورتن شراب پيئڻ کان لهرايو. مس سدا بهار چنبيلي هن ڏي وري نئين دلچسپيءَ منجهان نهارڻ لڳي. ٻئري کين مينو (کاڌي جي لسٽ) آڻي ڏني. گيشا ان کي کولڻ کان اڳ

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

ڪجهه سيڪنڊ انتظار ڪيو تيسين سيتان پنهنجو مينو ڪولي جپان جي مشهور شيءِ اسٽيڪ (ڳائي گوشت جي چاپ) جو آرڊر ڏنو ۽ سندس مهمانن پنهنجو آرڊر جپانيءَ ۾ ڏنو جيڪو بئرو نوٽ ڪري ڪاڻو آڻڻ لاءِ روانو ٿيو.

سيتان، ميزبان جي حيثيت ۾ پنهنجي ٻي مهمان- مائيڪو سان ڪا ڳالهه ٻولهه ڇوڙڻ لڳو:

”توتي اهو انگريزي نالو 'پيگي' ڪنهن رکيو؟“

مائيڪو ڏند ڪڍي کلڻ لڳي. ”مون تي اهو نالو منهنجي بواءِ فرينڊ رکيو. انگريزي ٻه مون کي هن ئي سيکاري. هو جپان ۾ آمريڪن جي قائم ڪيل فوجي اڏي تي ايئرمئن آهي. اسان ٻئي هڪ ٻئي لاءِ چريا آهيون.“

”توهان جو مڱڻو ٿي چڪو آهي-؟“ سيتان پڇيو ۽ ان ئي وقت کيس اهو ٻه محسوس ٿيو ته ڪٿي سندس اها ڳالهه پيگيءَ کي خراب نه لڳي هجي.

”آئون مڱڻو ڪيئن ٿي ڪري سگهان؟ گيشا جي ڌنڌي ۾ شادي نٿي ڪري سگهجي،“ پيگيءَ وراڻيو ”گيشا کي اڪيلو ئي رهڻو پوي ٿو.“ ايتري ۾ هن عينڪ واري همراهه- سيتان جي منهن جو پنو لهندو ڏسي يڪدم ڳالهه سمجهي ويئي. سو اتي جو اتي ڳالهه ڦيرائي ڇوڙڻ لڳي ”ها البت اها ٻي ڳالهه آهي ته جيڪڏهن گيشا پاڻ ٻه چاهي ٿي ته شادي ٿئي ته پوءِ هن کي پهرين ان ڌنڌي مان نڪرڻو پوندو آهي.“

سيتان وڏي غور سان پڇيو: ”پوءِ ٻيا ائين ڪيتريون ئي گيشا عورتون ڪن يا نه؟“

”ها مڙيئي چڱيون خاصيون ڪن ٿيون.“ پيگيءَ هڪدم ڪوڙ ناهي ڇيو.

”تنهنجي انگريزي ته ڏاڍي سٺي آهي. ڇا تون آمريڪا ۾ ٻه رهي چڪي آهين؟“

”رهي ته نه آهيان، پر هاڻ وڃي رهنديس. اتي ڪو گيشا گهر ناهي. منهنجو بواءِ فرينڊ چئي ٿو ته آمريڪا ۾ گيشا گهر جي گهڻي گهرج آهي ۽ وڏي ڪمائي ٿيندي. ڪجهه سالن بعد آئون ٻه مائيڪو مان ڦري گيشا سڏائيندس. مون کي پنهنجو گيشائڪو نالو هوندو. پنهنجي لئه ۽ پنهنجو شان هوندو. پوءِ منهنجو بواءِ فرينڊ ۽ آئون گڏجي ڪجهه انگريزي جاٽنڊڙ ڇوڪريون هٿ ڪنداسين ۽ آمريڪا ۾ پهريون گيشا گهر کوليندا سين.“

”اهو سوچيو اٿوَ ته ان لاءِ ڪهڙو هنڌ مناسب ٿيندوَ؟“

پيگيءَ ڪنڌ ڌوڻيو: ”منهنجو بواءِ فرينڊ چوي ٿو ته نيويارڪ پاسي کوليندا سين ۽ تمام

سهڻو هنڌ ڳولي چڙهيو اٿس. برادوي ۾ ايڪونجاهين گهٽيءَ جي ميلاپ وٽ.“

آمريڪا ۾ پيگيءَ جو گيشا گهر هلي سگهندو يا نہ. ان بابت سوچڻ بدران سيٽان پنهنجو ڌيان ان حسين ترين مخلوق ڏي ڏريو جيڪا هر طرح مڪمل سونهن ۾ جوين جو مجسمو بڻيو سامهون ويٺي هئي. سيٽان پنهنجو هڏائون هٿ ٽيبل تي رکي مس سدا بهار چنبيليءَ ڏي وڌايو ۽ ان ڳالهہ جو اظهار ڪرڻ چاهيو تہ هن جو سڄو ڌيان هن ڏي آهي. مس سدا بهار چنبيليءَ مرڪيو ۽ پنهنجو ڪنداڻين ۾ سهڻين آڱرين وارو هٿ هن جي هٿ مٿان رکيو. هٿ جي معمولي ڇهاءَ سيٽان جي ڪرنگهي تائين جڻ ڪرنٽ ڊوڙائي ڇڏيو. سيٽان گيشا جي بادامي اکين ڪي غور سان ڏسڻ لڳو جن ۾ چاهت جي گرمي هئي. سندس وار ڊونهين جهڙا ڪارا هئا ۽ منهن ۾ جسم جي چمڙي ڪريم جهڙي اڇي ۽ لسي هئي. ”جنهن ماڻهوءَ جي شادي مس سدا بهار چنبيليءَ جهڙي عورت سان ٿيندي ان کي ڀئي ڪهڙي بهشت جي ضرورت.“ سيٽان دل ئي دل ۾ سوچيو.

ٻئري هن جي اڳيان فروٽ ڪاڪ ٽيل اچي رکيو ۽ سندس مهمانن اڳيان پليٽن ۾ ساون پنن جي مٿان اڇي رنگ جا چورس ٽڪرا.

”شا شي مي.“ گيشا چيو ۽ پوءِ هڪ اڇو ٽڪرو چاپ اسٽڪ (تيلين) سان ڪٽي سيٽان کي چکڻ لاءِ ڪارايو. هن تجربي خاطر ان کي چباڙيو پر چڱيءَ طرح پرکي نہ سگهيو تہ ڪهڙي شيءِ آهي.

”ڪچي مڇي.“ پيگيءَ چيو ”شا شي مي جپان ۾ ڪچيءَ مڇيءَ جي ڊش کي چئجي ٿو.“

اهو ٻڌي سيٽان ڪٽي اکيون بند ڪيون ۽ وڏيڪ چباڙڻ بدران منهن ڪڙو ڪري هڪ ئي ڳيت ۾ ڳهي ويو.

”تو لاءِ ڪجهہ گهرايون؟“ پيگيءَ پڇيو.

”نہ مهرباني.“ سيٽان وراڻيو ۽ پوءِ ڳالهہ بدلائي ڪانئن اهم سوال پڇيو:

”مانيءَ بعد توهان جي ڪجهہ وقت ڪيڏي سگهو تہ 'نيچي - گيڪي' ٿيٽر ۾ ڊرامو هلي ڏسون.“

پيگيءَ ترجمو ڪيو ۽ پنهنجي سانئڻ جي فيصلي جو انتظار ڪرڻ لڳي. گيشا تيلين سان شا شي مي - مڇيءَ جو ٻيو ٽڪرو کنيو ۽ هوا ۾ جهلي بيٺي.

”اف يو وِش“ (جيڪڏهن توهان چاهيو تہ) گيشا آخرڪار وراڻيو. سندس منهن تي فخر

جون ريڪائون هيون جو هن انگريزيءَ جو جواب انگريزيءَ ۾ ئي ڏنو.

هوٽل مان اُٿڻ وقت لابيءَ ۾ موجود سيني همراهن مس سدا بهار چنبيليءَ کي مڙئي مڙئي ڏنو. جيڪا واقعي هڪ جيئري جاڳندي سونهن هئي.

نيچي - گيڪي ٿيٽر ۾ هلندڙ ڊرامو سيٽان کي ڏاڍو وڻيو. پر ۾ ويٺل مس سدا بهار چنبيليءَ به سڄو وقت پنهنجو هٿ جهلڻ لاءِ سندس حوالي ڪري ڇڏيو هو. ڊرامي ختم ٿيڻ مهل پيگيءَ کيس ٻڌايو ته هو ٽئڪسيءَ ذريعي پاڻهي گهر هليا ويندا ۽ سيٽان کين گهر تائين ڇڏي اچڻ جي تڪليف نه ڪري جو هو اڪثر اڪيليون هليون ونديون آهن. سيٽان جيتوڻيڪ اها اُميد رکيو وينو هو ته ڇڏڻ جي بهاني پنهنجي محبوبه جو گهر ڏسي ڇڏي ۽ ممڪن ٿي سگهي ته سندس ماءُ پيءُ سان به ملي وٺي. پر في الحال ان جو سوال ئي پيدا نه پئي ٿيو. پوءِ ٿورو منجهندي پڇيائين:

”پلا سياڻ توهان سان ملي سگهان ٿو؟“

گيشا چپ ٿي وئي ته ڪهڙو جواب ڏجي. هونءَ گيشا جي زندگيءَ ۾ اهڙا گهٽ لمحا ايندا آهن جو هوءَ ڪنهن ڳالهه جو جواب نه ڏيئي سگهي.

”ڊويو وش؟“ (تون ملڻ چاهين ٿو؟) گيشا پڇيو.

”آف ڪورس!“ (بلڪل) سيٽان وراڻيو. جواب ۾ پيگيءَ هن ڏي نهاري مرڪيو. کيس اها ڄاڻ نه هئي ته سيٽان ڪو ايڏو امير ماڻهو آهي. آمريڪن هجڻ ڪري، ان ۾ ڪو شڪ ناهي ته هو ٻين کان شاهوڪار ٿي سگهي ٿو پر هڪ ٽاپ ڪلاس جي گيشا سان روز ملڻ تمام وڏي ڳالهه آهي، جنهن لاءِ حد درجي جو امير به ٻه دفعا سوچيندو. ڇو جو ان جي تمام گهري ادائگي ٿئي ٿي.

بهرحال اهو ته پيگيءَ پئي سوچيو پر اسان واري يار سيٽان کي اها خبر نه هئي ته هو جيڪو هڪ منٽ گيشا سان گهاري رهيو آهي ان جا پئسا سندس ميزبان - ماتسوموتو ڪمپنيءَ جو مالڪ سيٺ ماتسوموتو گيشا گهر جي مالڪياڻي - 'ماماسان' کي روڪڙا ادا ڪري رهيو آهي. جپان جي رسم موجب ماماسان وڏي عمر جون عورتون، غريب ۽ حسين ڇوڪرين کي حاصل ڪري ان کي گيشا بنجڻ جي تربيت ڏينديون آهن. ڳالهائڻ ٻولهائڻ، ڳائڻ نچڻ کان علاوه ڪيترن ئي هنرن ۾ ان کي پڙ ڪنديون آهن. ان ۾ ڪيترائي سال ۽ ڪيترائي پئسا لڳي ويندا آهن. پر پوءِ به گيشا ٿي وڃڻ بعد کيس به ان جو قل/ ڪمائي

ملندي آهي ۽ اها گيشا ان ماماسان جي سڄي عمر ٻڌي ٻانهي ٿي رهندي آهي. ان ڪري گيشا جو پنهنجو وقت بہ پنهنجو نہ پر ان ماماسان يا گيشا گهر جي مالڪياڻيءَ جي ملڪيت هوندو آهي.

نہ وري ماتسوموتو ڪمپنيءَ سيٽان کي ان بابت آگاهہ ڪرڻ چاهيو ٿي جو هنن اها پنهنجي بي عزتي سمجهي ٿي تہ متان مهمان شڪي ٿي پوي.

ساڳئي وقت سيٽان وري اهو پئي سوچيو تہ مس سدا بهار چنبيليءَ جي پهرين ملاقات ۾ ئي ساٽس ڪا دوستي ٿي وئي آهي ۽ هوءَ واندڪائيءَ مان پنهنجو ذاتي وقت ڪڍي هن سان ملي رهي آهي جيئن پاڻ ڪم ڪار لاهڻ بعد فرصت جون گهڙيون هن سان ملي ٿو. جيتوڻيڪ گيشا پنهنجي ڌنڌي جي نوعيت مطابق هن سان کلي ڳالهائي رهي هئي، پر سيٽان گيشا جي ان عمل کي واپاري ادا نہ پر عشق ۽ محبت جو رنگ ڏئي رهيو هو. ان ۾ ڪو شڪ نہ هو تہ گيشا ـ مس سدا بهار چنبيليءَ کي بہ دل ۾ واقعي سيٽان لاءِ پهرين ئي ملاقات ۾ محبت جي چڻنگ دکي پئي هئي جا آهستي آهستي وڌي رهي هئي. هونءَ گيشائپ جي ڌنڌي ۾ هڪ گيشا کي ڪنهن سان عشق يا شادي ڪرڻ جي نہ رسم رواج اجازت ٿي ڏني نہ سندس رکوالي ڪندڙ ماماسان. جنهن جي حڪم هيٺ هوءَ هئي. پر هتي حالتون ڪجهہ اهڙو رُخ اختيار ڪري رهيون هيون جو ان تي پيگيءَ کي بہ تعجب لڳي رهيو هو تہ هي ڇا ٿي رهيو آهي. دل وندرائڻ لاءِ وڏا وڏا امير بہ فقط ڪڏهن ڪڏهن گيشا جي سنگت خريد ڪندا آهن. هي تہ لڳاتار ٽئين ڏينهن لاءِ بہ گهر ڪري رهيو آهي. بهرحال گيشا ساٽس ملڻ لاءِ هڪدم ها ۽ وعدو نہ ڪيو:

”ڇئي نٿي سگهان. ٿي سگهي ٿو تہ سياڻ مونکي ڪو ڪم هجي.“

مس سدا بهار چنبيليءَ انگريزيءَ جو هڪ هڪ لفظ خيال سان انگريزيءَ ۾ اُچاريندي چيو.

سيٽان اجا پنٽي هٿڻ نٿي چاهيو: ”فئڪٽريءَ تي ڪم پورو ٿيڻ تي آئون پلا ڪٽي فون ڪندس ۽ پوءِ جي توکي ڪي گهڙيون فرصت جون ملي ويون تہ مون سان گڏ ڪٽي گهارجانءِ.“

پيگي اهو جملو جپانيءَ ۾ ترجمو ڪري گيشا کي ٻڌايو ۽ جواب ٻڌڻ لاءِ پاڻ بہ آتي ٿي.

ماٺ ۾ منٽ کن گذري ويو. ان کان پوءِ گيشا سيٽان ڏي مرڪ ڀريل نگاهن سان نهاريو.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

”اوڪي يو ڪال.“ (چڱو پلا تون فون ڪجان”.) گيشا نيٺ چيو ۽ مڙي وڃي ٽئڪسيءَ ۾ ويٺي جيڪا ان ئي وقت اچي پهتي هئي.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

3

ٻئي ڏينهن صبح جو نو لڳي ڪجهه منٽن تي مسٽر ماتسوموتو جي آفيس ۾ ان ئي عنوان تي بحث هلي رهيو هو جو ٿوري دير اڳ ان سلسلي ۾ گيشا گهر ڪان فون اچي چڪو هو. جپاني ٻولي سڏي سنواتي ناهي پر ان ۾ ڪيترين ئي ڳالهين اڻ سڌيءَ طرح ڪيون وڃن ٿيون. ان ڪري ان جو لفظ بلفظ ترجمو ڪرڻ ته پاڻ کي اوڙاهه ۾ اڇلڻو ٿيو پر ايترو هو ته جيڪي ڳالهيون هلي رهيون هيون. ان مان صاف لڳو ٿي ته مٿئين ليول جي آفيسرن جي حالت خراب آهي. ڪين سمجهه ۾ نٿي آيو ته اهو گيشا وارو مسئلو ڪيئن حل ڪجي.

مسٽر فوتابا، جيڪو انگريزي ڳالهائيندي ته هميشه هٻڪيو ٿي، هينئر پنهنجي مادري زبان جپانيءَ ۾ کليءَ طرح بحث ۾ حصو وٺي رهيو هو. ”ڪمپنيءَ طرفان مهمانن جي وندر لاءِ رٿيل بجيٽ ته سڄي خرچ ٿي وئي.“ هن چيو ـ بلڪل ائين ئي سڌيءَ طرح. ”منهنجي خيال ۾ ته اسان کي هن بيوقوف مهمان مان ڪنهن طرح جان ڇڏائڻ کپي. جيڪو روز بروز مٿي جو سور ٿيندو پيو وڃي. گيشا واري عياشي پوءِ پلي وڃي پنهنجي ڏيهه ۾ ڪري ته خبر پئيس ته ڪيڏو ٿو بل اچي.“

مسٽر ياماگچي ڪجهه اونهو ئي سوچي رهيو هو. ”هنن وٽ آمريڪا ۾ اجا گيشائون نه آهن.“ هن فوتابا کي ٻڌايو ”آمريڪا هڪ نئون ملڪ آهي ۽ سماجي طرح آمريڪي اجا ايترو سڌريل نه آهن. مون کي پڪ آهي ته سيتان کي هتي جي حالتن جي خبر ناهي. اسان جي هن کي هتان پچائي ڪيڊنداسين ته آمريڪا ڪان مليل آرڊر هٿن مان هليو ويندو ۽ چئن ڏوڪڙن ڪمائڻ جي اُميد تي پاٽي گهمي ويندو.“

”سيتانو سانَ کي،“ ماتسوموتو بيزاريءَ مان ٻڌايو ”اسان سان تيسين گڏ رهڻو آهي جيسين سندن آرڊر ڪيل مشينري جو نمونو تيار ڪرائي ڪانئس پاس ڪرايون. ان ڪري ڪا ٻي راهه ڳولڻ کپي.“

”سندس وندر لاءِ چو نه ڪا آمريڪن ڇوڪري هٿ ڪجي.“ مسٽر ياماگچيءَ صلاح ڏني.

ماتسوموتوءَ اها ڳالهه نه مڃي. ”هڪ اڻ سڌريل آمريڪن ڇوڪريءَ سان وقت گذارڻ جو

ڪنهن کي لاچار پيو آهي جڏهن ته ڪوڙ جپاني ڇوڪريون موجود آهن.“

”يلا هيستائين ڪيترو بل اچي چڪو آهي؟“ ياماگڇيءَ پڇيو.

”خير. پهرين شام جو خرچ ته ڳڻڻ نه گهرجي جو اها ته اسان پاڻ ئي رٿي هئي ۽ ان ڏينهن جو خرچ اسان تي واجب هو ـ جيئن دستور موجب هر نئين آيل پارٽيءَ کي خوش ڪرڻ لاءِ ڪندا آهيون. پر گذريل شام جي چند گهڙين جو بل به ڏيڊ لک ين تي ويو آهي. ۽ هن اج لاءِ وري ساڳي گيشا کي دعوت ڏني آهي.“ (ڏيڊ لک ين اٽڪل ڇهه سؤ آمريڪن ڊالر وڃي ٿيا.)

”سيٺان سان عورتن جي ڪچهريءَ ۾ ويهڻ ۾ ڪا دلچسپي نٿو رکي،“ ياماگڇيءَ ان نڪتي ڏي ڌيان ڇڪايو. ”هو دراصل هن خاص عورت جي قندي ۾ ڦاسي پيو آهي.“

”حقيقت ۾ اهو منهنجو ڏوهه آهي.“ پوڙهي ماتسوموتوءَ ڪنڌ ڌوڻيندي چيو ”پر مون به فقط ان خيال کان مس سدا بهار چنبيلي جهڙي مهنگي گيشا گهرائي ته هيءُ هڪ وڏيءَ پارٽيءَ جو نمائندو آهي ۽ هيو ته روز روز ته اهو خرچ نه ڪبو. پر اها ڪل نه هيم ته هي اسان جو مهمان ان تي اکين ڇڪن ٿي پوندو ۽ هن جي ٻن منن ٻولن کي محبت نامو سمجهندو. مس ريڪو جو به ان ۾ ڏوهه ناهي جنهن فون ڪري هن کي ٻئي ڏينهن به ملرايو. هن ته دراصل اهوئي ڪجهه ڪيو جنهن لاءِ هن کي چيو ويو هو ۽ هوءَ ته هڪدم سربستو احوال اسان کي ڏيندي رهي آهي.“

هاڻ ڪري ڇا ٿو سگهجي. هرهڪ جي ڌيان ۾ مسٽر ماتسوموتو جهڙو هڪ ٻيو جپاني ڪارخانيدار ـ مسٽر ساڪاموتو جارج هو جيڪو سٺي انگريزي ڳالهائڻ ۽ آمريڪا ۾ گهڻو وقت رهڻ ڪري اتي جي گهٽي ڇاڻ رکندڙ هو ۽ هنن مڙني تي حاوي هو. هن جپان ۾ آيل ٻين جي گراهڪن کي پنهنجين اٽڪلن سان پنهنجو ڪري ٿي ڇڏيو. سو ساڪاموتو جارج جي جيڪڏهن سيٺان سان لهه وچڙ ٿي ته هنن لاءِ ٻائيتال مچي ويندو ۽ آمريڪا کان مليل هن آرڊر جي سڄي ڪمائي هنن بدران ساڪاموتو جارج جي حوالي ٿي ويندي.

”يلا گيشا کي هفتي جي ٻڌي حساب سان ياڙي تي رکڻ بابت ڇا خيال آهي.“ فوتابا پڇيو.

”بس اهائي هڪ ڳالهه آهي جيڪا آئون سوچيا پيو. ٻڌي حساب سان ڪجهه گهٽ اگهه ٽيڻ ڪري پئسي جي وري به ٿوري بچت ٿي سگهندي،“ ماتسوموتو وراڻيو ”اهو به شڪر ڪرڻ گهرجي جو سيٺان صاحب هم بستري لاءِ گيشا کي نه چيو ـ نه ته ايڏي وڏي ڪلاس جي گيشا

جي اها 'وهاٽي واري خذمت' پنهنجي ڪمپنيءَ جو ڳاتو پيچي رکي ها.

”واقعي اهو ڪمال آهي. هڪ فارينر جو ايڏو سلڇڻو هجڻ واقعي عجب جهڙي ڳالهه آهي، جنهن تي يقين نه ٿو اچي.“ ياماگچيءَ چيو.

”بهرحال پوءِ اج لاءِ ڇا ڪجي-؟“ فوتابا پڇيو ”ڇا ائين بهتر نه ٿيندو ته هن کي ڇٽجي ته گيشا اج واندي ڪانهي.“

”جي ائين ڪبو ته،“ ياماگچيءَ چيو ”سيٽان سانُ دلشڪستو ٿي، بيزاريءَ جي حالت ۾ آفيس کان سڌو هوٽل ڏي سوبر ئي موٽي ويندو جتي پنهنجو رقيب ساڪاموتو جارج هن سان ضرور ملاقات لاءِ پهچي ويندو.“

ڪارخاني جي مالڪ ۽ صدر مسٽر ماتسوموتو نيٺ آخري فيصلو ڪيو. ”هيئن ٿا ڪريون جو شام جو هن کي گيشان سان گڏ باغيچي ۾ واڪ ڪرڻ لاءِ پروگرام رکايون ٿا. پوءِ رات ڌاري هي همراهه پڪ گيشا کي مانيءَ جي دعوت ڏيندو جنهن لاءِ گيشا کي ڇٽي ڇڏبو ته اڦت انڪار ڪري ڇڏي. ايتري رپورٽ ملڻ بعد وڌيڪ جو پوءِ سوچيندا سين.“

ڏهين بجي ڌاري سيٽان اچڻ سان ماتسوموتو ڪمپنيءَ جي رسيپشنسٽ ڇوڪريءَ کان پڇيو:

”صبح جي ڪيڪار _ گڊ مارننگ کي توهان جپانيءَ ۾ ڇا ٿا چئو-؟“

”او هايو گوذائي ماس“ هن وراڻيس، ”لفظن تي تمام گهڻو زور نه ڏي. بس آمريڪا جي رياست 'اوهيو' چوڻ کان پوءِ 'گو' ۽ پوءِ 'ذائي ماس'!.“

”او _ هيو _ گو _ ذا _ ئي _ ماس، ريڪو سان“ سيٽان چئي ڏنو.

ڇوڪريءَ کي اهو ٻڌي مزو آيو. ”اوهيو _ گوذائي ماس سيٽان سان. تمام خوشيءَ جي ڳالهه آهي جو توهان جپاني سکي رهيا آهيو.“

اهو چئي هوءَ سيٽان کي گس ڏيکاريندي ڪانفرنس روم ۾ وٺي آئي جتي چانهه جو بندوبست ٿيل هو. ياماگچي ۽ فوجي هارا اٿي بيٺا ۽ کيس ادب سان ڪيڪاريائون. ظاهري طرح ماحول ۾ ڪنهن به قسم جي بيزاري يا پريشانيءَ جو اهڃاڻ نه هو.

سيٽان ڏکيو ساهه کڻي ڇڻ ٽپي هنئي: ”اوهيو گوذائي ماس ياماگچي سان.“ هن دور پڙهڻ شروع ڪيو ”اوهيو گوذائي ماس فيوجي هارا سان.“

سيٽي تعريف جي نگاهن سان کيس ڏٺو. جپاني جيتوڻيڪ رڳو جهڪي ڪيڪارين ۽

هٿ ڪونہ ملائين پر ياماگچيءَ ان ڪيڪار جي موٽ ۾ پنهنجو هٿ اڳيان وڌايو۔ اهوئي سوچي تہ جڏهن هڪ آمريڪن ايتري همت ڪري سگهي ٿو تہ پاڻ بہ ائين ڇو نہ ڪري. پوءِ سڀ هڪ دوستاڻي ماحول ۾ چانهہ لاءِ تيار ٿي ويٺا ۽ جيئن ئي مشينري جي نموني ٺاهڻ جي ڳالهہ نڪتي تہ سيٽان يڪدم پنهنجي بريف ڪيس کولي، ان مان ان مشينريءَ جي اسيمبلنگ جو نقشو ڪڍي سيني اڳيان رکيو.

پر ڪلاڪن جي هن گڏجاڻيءَ ۾ ڪافي ڪم جون ڳالهيون هليون. دنيا جي سيني انجنيئرن جي هڪ ئي زبان ٿئي ـ سا آهي ڊرائنگ، ماتسوموتو ڪمپنيءَ جي انجنيئرن ڊپارٽمينٽ اهي سڀ ڊرائنگون (نقشا) ڌسڻ سان جهٽ سمجهي ورتا جيڪي سيٽان آمريڪا جي انجنيئرن کان ٺهرائي ڪٽي آيو هو جنهن مطابق جپانين کي مشنيري ٺاهڻي هئي. ڪوجنا ۽ بناوٽ جي ڪاتي جي ماڻهن کي بہ سڏايو ويو ۽ ڪجهہ ريڪو سان جي ترجمي جي مدد سان بہ مشين جي تفصيل تي غور ڪيو ويو ۽ ان نموني جي مشنيري پلانٽ ٺاهڻ جي اوائلي قدمن تي سوچيو ويو. فضا ۾ چوڌاري انجنيئرنگ جو ماحول ڇانيل هو. سيٽان جي ڳچيءَ ۾ ٻانهن جا ٻيڙا ڪليل ۽ ڪف ڳنجيل هئا. هڪ هٿ ۾ پينسل ۽ ٻئي ۾ سلائيڊ رُول هو. هن کي ماتسوموتو ڪمپنيءَ جي انجنيئر فيوجي هارا سان خيالن جي ڏي وٺ ۽ ڪم ڪندي مزو اچي رهيو هو جيڪو اليڪٽرانڪ ٽيڪنالاجيءَ ۾ هن جهڙو ۽ ذري گهٽ هن برابر هو جنهن ڪم لاءِ هي جپان ۾ آيل هو. منجهند تائين اهو شروعات جو مرحلو ٽپي چڪو هو.

منجهند جي ماني هن جپاني انجنيئر عملي سان گڏ ڪئي ۽ هن دفعي هي اهو مڃڻ لاءِ تيار هو تہ چاپ اسٽڪس (تيلين) سان کائڻ واقعي سولو ڪم آهي۔ بشرطيڪ کائڻ واري شيءِ آئيس ڪريم نہ هجي. مانيءَ دوران هن کي انجنيئري ڪم جو جوش هڪ طرف مزو ڏئي رهيو هو تہ ٻئي طرف گيشا سان ملڻ جي پروگرام جي هورا کورا الڳ منجهائي رهي هيس. 'جيڪڏهن ڪم ۾ لڳو رهندس ۽ دير ٿي ويئي تہ پوءِ گيشا سان ملڻ مشڪل ٿي پوندو.' هن سوچيو.

پر۔ پوءِ ڄڻ اوچتو جادو ٿيو۔ ۽ سندس مسئلو حل ٿي ويو. ٻي بجي ڌاري جپاني انجنيئر مسٽر فيوجي هارا اچي چيو تہ اڳتي وڌڻ کان اڳ هن کي ڪجهہ وقت ڏنو وڃي جيئن هو نقشن کي اجا بہ غور سان جانچي سگهي. سيٽان نقشن جون ڪاپيون ويڙهي هن جي حوالي ڪيون ۽ پاڻ استقباليہ ۾ آيو جتي ريڪو کي چيائين تہ هوءَ گيشا کي فون ڪري معلوم

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

ڪري ته جيڪڏهن هوءَ واندي آهي ته هي هن سان ملڻ چاهي ٿو. ريڪو چپن تي مرڪ آڻي اقرار ۾ ڪنڌ ڌوڻيو ۽ گيشا جي نمبر بنا ڏسڻ جي ئي ڊائل ڪيو ۽ هني جي وچ ۾ ڪجهه دير پوراڻيل جپاني هلندي رهي. پوءِ ريڪو فون جهلي سيٽان کي چيو: ”مس سدا بهار چنبيلي ڀهڙي جهڙالي ڏينهن تي توهان سان پارڪ ۾ پسار ڪرڻ ٿي چاهي. پوري ساڍي ٽين وڳي هوءَ پارڪ جي در وٽ بيٺي هوندي. آئون توهان لاءِ ٽئڪسي گهرائي ان کي اهو هنڌ سمجهائي ٿي ڇڏيان.“

”هڪ ٻي ڳالهه ريڪو.“ هن چيو. ”ڇا سياڻي توسان گڏ لنچ ڪرڻ جو شرف آئون حاصل ڪري سگهان ٿو؟“

ريڪو کي ان قسم جي ڳالهه جي ته ڪا به اميد نه هئي، ڇا جواب ڏئيس. بهرحال ترت جواب ڏيڻ لاءِ هن کي ڪجهه تڪڙي تڪڙي سوچ ڪرڻي پيئي. آفيس طرفان هن کي مانيءَ لاءِ هر روز ڪو اڌ ڪلاڪ مس موڪل ملي ٿي. پر هن اقرار جو فيصلو ڪري ورتو جو هن کي اِها پڪ هئي ته ڪارخاني جا مالڪ به اهوئي چاهيندا ـ جيئن آيل مهمان وندري ۽ خوش رهي. ان ڪان علاوه هن پاڻ به اهو چاهيو ٿي ـ جنهن کي ظاهر آهي ته ڪا خاص اهميت نه هئي. هن پنهنجو ڪنڌ نمايو: ”مون لاءِ خوشيءَ جي ڳالهه آهي. مان انتظار ڪنديس.“

سيٽان اهو ٻڌي دل ئي دل ۾ خوش ٿيو ته آمريڪا ۾ ته هن جهڙي ماڻهوءَ کي ڪا ڇوڪري لفٽ ئي نه ڪرائيندي هئي، پر هاڻ ته ڀاڳ کلي ويا اٿس. اهو سوچيندي هو ٽئڪسيءَ ۾ وڃي ويٺو.

ٽئڪسي ڊرائيور کيس هڪ پراڻي زماني جي باغ جي دروازي وٽ اچي لاٿو. کيسي مان هن هن پيري پورو پاڙو ڪيڏي ٽئڪسي ڊرائيور کي ڏنو جيترو ميٽر ۾ آيو هو. ٽئڪسي ڊرائيور موٽ ۾ مهرباني چئي روانو ٿيو ۽ هي يار باغيچي جي در مان جيئن ئي گهڙيو ته سامهون هوءَ بيٺي هئي جنهن جي اکين ۾ قدرتي چقمقي چڪ هئي، جنهن جي چپن مان جڻ ماکيءَ جي لار ٿي ڳڙي، جيڪا سونهن ۽ سوپيا جي ديوي هئي، جنهن جي حسن ۾ ڪو ڦڏ يا ڦير نه هو. هوءَ نه فقط اتي موجود هئي پر اڪيلي موجود هئي.

”گڊ آفٽر نون.“ سيٽان سلام ڪيو ۽ هن ڏانهن پنهنجيون ٻانهون وڌايون. هن کي ريڪو کان اهو پڇڻ وسري ويو هو ته منجهند جي وقت واري سلام کي جپانيءَ ۾ ڇا چئجي.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

”گڊ آفتر نون.“ گيشا بہ انگريزيءَ ۾ سلام جو جواب ڏنو ۽ پوءِ هن جي وڏايل ٻانهن ڏي ڏسي منجهي پيئي تہ ڪيس ڇا ڪرڻ کپي. سيٽان هن جو ساڄو هٿ جهلي ڏيرج سان پنهنجي ٺونٺ مٿان رکيو.

”آ ـ سو“ (تہ ائين) هن جپانيءَ ۾ وراڻيو. پنهنجو هٿ سيٽان جي ٻانهن تي ائين رکندي هن کي مونجهارو تہ ٿيو پئي پر هن اهوئي ڪرڻ چاهيو ٿي جيڪو سيٽان جي دل وٽان هجي.

هو ٻئي آهستي آهستي واڪ ڪرڻ لڳا. باغيچو چئني طرف صاف سٿرو نظر اچي رهيو هو. هر شيءِ پنهنجي پنهنجي جڳهہ تي ۽ صحيح نموني سان رکيل هئي. ڪيترن ئي وڻن جا ٽڙ ۽ ٽاريون ٿڌي هوا جي بچاءَ ڪارڻ هٿ جي ٺهيل سنهي ٽونئريءَ سان ڍڪيل ۽ ٻڌل هيون. ٽڪري ٽڪري تي سرن جون بينچون هيون. ڪٿي بہ گندگي ۽ ڪن ڪچرو نہ هو.

هي همراهہ پسار ڪندي باغيچي جي هڪ اهڙي ڪنڊ ۾ پهتا جتي مختلف قسمن جا ننڍي قد جا وڻ هئا جپان ان قسم جي ننڍڙن وڻن کان مشهور آهي جن کي 'بانسائي' سڏجي ٿو. ”بانسائي.“ مس سدا بهار چنبيليءَ انهن وڻن ڏي اشارو ڪندي چيو. سيٽان کي اهي ڄامڙا وڻ بيحد وڻيا جيڪي قدبت ۾ جيتوڻيڪ ننڍن ٻوٽن جيڏا هئا پر هر لحاظ کان مڪمل وڻ هئا. انهن وڻن جو نظارو ڪندا ڪندا هو هڪ سوڙهي لنگهہ وٽان ٽپي هڪ ننڍڙيءَ ڍنڍ جي ڪناري تي اچي نڪتا.

جيتوڻيڪ گيشا قد ۾ هن کان گرانٽ ڊيڊ ڪن ننڍي هئي پر سيٽان محسوس ڪيو تہ هوءَ هن سان وک ۾ وک ملائي نهايت آرام سان هلي رهي هئي. ڍنڍ جي چوڌاري ٿورو پنڌ ڪرڻ بعد هڪ ننڍڙي پيٽاري نظر آين جتي وڻن جي جهنڊ هيٺ خاموشيءَ ۾ ويهي هو ڳالهائي سگهيا ٿي. هو ڪاٺين جي پل ٽپي اتي پهتا ۽ هڪ هنڌ ڇپر تي ويهي ڳالهائڻ لڳا. چوڌاري ماٺ ئي ماٺ هئي. رکي رکي فقط ڪنهن ننڍڙي پکيءَ لاٽ ٿي لنوي يا ڪنهن جيت چرپر ٿي ڪئي.

سيٽان ڪنڌ هيٺ ڪري دل ئي دل ۾ اهو گهريو تہ جيڪر رب ڪيس سهڻو ناهي ها. پر پوءِ هن رب جي رضا تي راضي رهي ايندڙ حالتن جو هر حال ۾ مقابلو ڪرڻ جو فيصلو ڪيو.

'مس ڪانو' هن مس سدا بهار چنبيليءَ کي سندس اصلي ۽ ذاتي نالي 'ڪانو ماسايو' سان سڏيو.

”هئہ ئي“ (جيءُ). هن جپانيءَ ۾ وراڻيو.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

”مس ڪانو ـ آئون توڪي فقط 'ماسايو' چئي مخاطب ٿيان؟“ سيٽان پڇيس.

گيشا سندس هٿ کي پنهنجي نازڪ هٿ سان ٿورو مهٽي جپانيءَ ۾ چيو: ”دوزو (پلي)، ري ـ ڪا ـ دو“ هن آخري لفظن جو هڪ هڪ آواز ڌار ڌار اچاريو.

”ري ـ ڪادو نه پر ري ـ چرڊ ـ رچرڊ“، سيٽان پنهنجي نالي جي درستي ڪئي، ”منهنجو نالو رچرڊ سيٽان Richard ـ Seaton آهي. پر دوست مون کي پيار مان ڊِڪ Dick سڏين.“

”ڊي ـ ڪو ـ سانَ“ (ڊِڪ ـ سائين) هن سندس نالو جپاني اسٽائيل ۾ چئي پوءِ ڪجهه دير لاءِ سوچيو. جڏهن سندس دماغ ۾ انگريزيءَ جا ڪافي لفظ گڏ ٿيا ته هڪ هڪ لفظ آهستي آهستي ڪري چيو: ”يو هئو بيبيز؟“ (چا توکي ٻار آهن؟)

”مون کي زال ئي نه آهي.“ هن سنجيدگيءَ سان چيو.

همدرديءَجا جذبا گيشا جي چهري تي تري آيا ۽ پڇيائين: ”شي ڊاءِ؟“ (هوءَ مري ويئي؟)

سيٽان ڪنڌ ڌوڻيو ۽ هٿ جون تريون کولي دکدائڪ حقيقت جو اظهار ڪيو. ”نات وانٽ؟“ (توکي ڪانه پسند نٿي ڪري) گيشا وري انگريزيءَ ۾ پڇيو.

سيٽان ڪان هاڻ ان بابت وڌيڪ ڳالهايو نٿي ٿيو سو اٿي بيٺو. هو جپاني عورت جي پيٽ ۾ گهڻو قداور لڳي رهيو هو. هن جي ائين اوچتي اُٿڻ تي مس سدا بهار چنبيلي سمجهي وئي ته سندس انگريزي سادي هجڻ ڪري شايد هوءَ ڪا اهڙي ڳالهه ڪري وئي آهي جيڪا هن دل ۾ ڪئي آهي. هوءَ به اٿي بيٺي ۽ هن کي پرچائڻ جي ڪرڻ لڳي. هن کي ننڍي هوندي ئي اهو سبق سيکاريو ويو هو ته ڪنهن به ماڻهوءَ جي ذاتي ڳالهه ۾ دخل انداز نه ٿيڻ ڪپي. هوءَ پنهنجي بيوقوفيءَ تي شرمسار ٿي خطرناڪ انجام بابت سوچڻ لڳي.

”آئون ڪنهن بهتر کان بهتر ڇوڪريءَ جي ڳولا ۾ آهيان.“ سيٽان چيو.

آخرڪار گيشا کي ڳالهه سمجهه ۾ آئي. اج ڏينهن تائين ڪنهن به ڇوڪريءَ هن ماڻهوءَ کي پسند نه ڪيو آهي ۽ نه وري هي دل وندرائي سگهيو آهي جو ڪن سببن ڪري آمريڪا ۾ شايد ڪوبه گيشا گهر يا چڪلو نه آهي. هن پنهنجي دل ۾ سيٽان لاءِ همدردي محسوس ڪئي ۽ هن معصوم ۽ پيار جي بکايل انسان جي ڏک جو سوچيندي هن جي اک مان ڳوڙهو تري اچي ڳل تي ڪريو.

سيٽان اهو ڏسي پنهنجو ورمال ڪڍيو. پنهنجي کاٻي هٿ سان سندس کاڏي مٿي ڪري

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

اهو ڳوڙهو اگهيو ۽ پوءِ بنا ڪنهن سوچ ويچار جي سيتان هن جو منهن پاڻ ڏي نمائي ڪيس ڪٽي چمي ڏني. مس سدا بهار چنبيليءَ جي چپن جو ڇهاءُ اليڪٽرڪ جي ڪرنٽ کان گهٽ نه هو. هن هڪ دفعو وري هن کي پاڻ ڏي ڇڪيو ۽ پاڪر ۾ سوگهو جهلي ڪيس ٻيهر چمي ڏني ۽ پوءِ اوچتو هن پاڪر ڪٽي ڍرو ڪيو. ۽ پنهنجي ڪئي تي شرمساري ۽ گناهه محسوس ڪرڻ لڳو. هن گيشا کي سندس اجازت بنا چمي ڏني - هن سوچيو سندس اندر ڪٽي ڪيترو نه اجرو هجي ۽ پلي ڪٽي هن اهو سڀ ڪجهه نيڪ نيتيءَ سان ڪيو هجي ته به اهو گناهه معافيءَ جوڳو نه هو. هن کي لڳو ته هاڻ هوءَ پڪ ڪاوڙ ڪندي. هو هڪ قدم پنتي رڙهي پنهنجي پاڳ جو فيصلو هن جي اکين مان پڙهڻ لڳو.

گيشا پنهنجو هٿ آهستگيءَ سان مٿي کنيو ۽ پنهنجن چپن کي ڇيهو: ”يو ڪس مي.“ (تو مونکي چمي ڏني) هن چيو. پوءِ سيتان جو چهرو ڪجهه سيڪنڊن لاءِ غور سان ڏسندي رهي.

”فرسٽ ٽائيم.“ (پهريون دفعو مون کي ڪنهن چمي ڏني آهي.) هن سيتان کي ٻڌايو.

سيتان کي هن جي ان ڳالهه تي يقين ئي نه آيو ۽ پوءِ بنا ڪنهن سوچ سمجهه جي چئي ڏنائين: ”چو پلا، ائين ڪيئن ٿو ٿي سگهي. تون ته هڪ گيشا آهين؟“

اهو ٻڌي هوءَ چپ ٿي وئي. ڄڻ ڪيس ڪو نانگ سونگهي ويو. ڪجهه گهڙيون اڳ جيڪا هن جي اکين ۾ اونهائي هئي سا غائب ٿي وئي ۽ پوءِ هن جي اکين ڏي نهاري ٽوڪ طور وراڻيائين: ”هائو. آئون هڪ گيشا ئي آهيان.“ ۽ پوءِ پنهنجي واچ ڏي ڏٺو.

سيتان کي عورتن متعلق تمام گهٽ تجربو هو پر هو ايترو سمجهي ويو ته هن جيڪا ڳالهه ڪئي سا هن جي محبوبا کي خراب لڳي ۽ هن غلط ڳالهه ڪئي آهي.

گيشا ڪا رنڊي نه آهي جنهن بابت ڌاريان ماڻهو اڪثر غلط سوچين ٿا. پر بهرحال هو هڪ اهڙي انڊرسٽينڊنگ ڳالهه ڪري ويٺو جنهن جي تلافي ايڏي سولي نٿي لڳي.

في الحال هي اهڙو ڏيکاءُ ڏيندو رهيو ڄڻ ڪا ڳالهه نه ٿي آهي ۽ سڀ ڪجهه ٺيڪ آهي. موڪلائڻ وقت هو مس سدا بهار چنبيليءَ سان گڏ باغ جي در تائين آيو ۽ پوءِ ٽئڪسيءَ ۾ هن کي ويهاري پوري ڏيان ۽ دل جوئيءَ سان ڪانئس موڪلايو ۽ ياد ڪري ڊرائيور جي هٿ تي رستي جي ڀاڙي لاءِ سؤ سؤ يين جا ٽي نوٽ رکيائين. پوءِ ڪار جي دريءَ وٽ جهڪي، اندر وينل گيشا کي هٿ لوڏي ”تنهنجي وڏي مهرباني“ چيائين. گيشا ورنديءَ ۾ ڪنڌ ڌوڻي

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

مرڪيو. سندس مرڪ ڪاروباري هئي. هن يچ رواني ٽيڙ ڪان پوءِ سيٽان بيءَ ٽئڪسيءَ ذريعي هوٽل ۾ پهتو سڄي وات ڪيس ڪو هوش نہ هو. سندس ضمير ڪيس شرمسار ڪري رهيو هو تہ هن ائين ڇو ڇيو. هوٽل وٽ پهچي هن هاتسي باٿ (گرم غسل خاني) جوڙُخ ڪيو. جتي هن کي پهرين ڏينهن مسٽر ياماگچي ۽ فوتابا وارا وٽي هليا هئا.

لابيءَ ۾ پهچڻ سان استقباليہ ۾ ويٺل همراهہ هن کي يڪدم سڃاڻي ورتو ۽ پيرن تي اُيو ٿي هن جي آجيان ڪيائين. ”توهان جي خدمت لاءِ پهرين ڏينهن واري ساڳي ڇوڪري مس سميڪو کي موڪليان؟“ هن پڇيو.

”جيڪڏهن اها واندي هجي تہ واهہ نہ تہ پلي ڪابہ هجي.“ سيٽان وراڻيو.

هي ٿوري دير ويٺو رهيو تان جو اها ڇوڪري پهرين آيل گراهڪ کي روانو ڪرڻ لاءِ جهڪي موڪلائي. پوءِ هن ڏي منهن ورائي مرڪي: ”ڪوني چي وا،“ چيو. ظاهر آهي تہ ان جو مطلب گڊ آفٽر نون (منجهند وارو سلام) ٿيو. سيٽان پاڻ بہ ساڳيا لفظ دهرايا ۽ ان پتڪڙي ڇوڪريءَ پنيان هلڻ لڳو جيڪا ڪيس ساڳي ڪمري ۾ وٺي آئي.

ڪلاڪ کن بعد جڏهن هو ٻاهر نڪتو تہ هن پاڻ ۾ عجيب تازگي محسوس ڪئي. مس سدا بهار چنبيليءَ سان هن جيڪو اڻ سونهندڙ گفتگو ڳالهايو هو ان جو احساس ڪجهہ ڪجهہ ڏوبي ويل محسوس ڪيائين. واپس وري پنڌ ڪري هوٽل تي پهتو. ڪمري ڏي وڃڻ کان اڳ 'استقباليہ' تان چابيون ڪڍڻ مهل ٽپال جو پڇيائين. ڪو خط يا تار تہ نہ آيل هئي البت هن لاءِ نياپو ڇڏيل هو. مسٽر جارج ساڪاموتو نالي ڪو همراهہ آيو هو ۽ نياپو ڇڏي ويو هو تہ مسٽر سيٽان جيڪڏهن ڪنهن ٻئي هنڌ وڃڻو ناهي تہ هو ڪيس ستين بجي پاڻ سان ڊنر تي وٺي وڃڻ ۾ خوشي محسوس ڪندو.

سيٽان ڪنهن بہ جارج ساڪاموتو نالي ماڻهوءَ کان واقف نہ هو. پڪ هن جو واسطو بہ ماتسوموتو ڪمپنيءَ وارن سان ئي هوندو. هن ڪلارڪ کي چيو تہ فون ڪري ڪيس سندس دعوت قبولڻ جو اطلاع ڪري.

هن اهوئي بهتر سمجهيو تہ ڪاروباري قسم جي گفتگو سان سندس من جي مونجهہ ڪجهہ هلڪي ٿي ويندي.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

4

”مسٽر سيتان ڪريو خبرچار ڪيئن آهيو. توهان سان واقفيت ڪري مونکي خوشي ٿي آهي.“ جارج ساڪاموتو هوٽل جي لابيءَ ۾ ٻانهن لوڏيندي چيو ”اميد ته جپان ۾ تنهنجو سٺو وقت پيو گذري.“

سيتان پنهنجو چشمو نڪ تي مٿي چڪي، هن آيل ماڻهوءَ جو غور سان جائزو ورتو. ”ڇا توهان آمريڪن آهيو؟“

قداور ۽ جاذبي جوان مرڪيو: ”نه. آئون ته جپاني آهيان. پر مون ڪافي عرصو توهان جي ملڪ آمريڪا ۾ واپار وڙي جي سلسلي ۾ گذاريو آهي.“ هن پنهنجي پير ۾ بيٺل هڪ پرڪشش ڇوڪريءَ ڏي مڙندي چيو: ”نارما، هي آهي مسٽر سيتان. مس نارما، منهنجي انگريزيءَ جي سيڪريٽري آهي. هوءَ هتي تعليمي دوري تي آيل آهي. ڏينهن جو ڪافي حصو هوءَ واندي گذاري ٿي. ان ڪري مون ڪيس به هن دعوت ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ چيو.“

سيتان يڪدم ڄاڻي ورتو ته نارما انهن تيز ترار ڇوڪرين مان آهي جن عام زندگيءَ ۾ هن کي ڪڏهن به وٽ نه ڏنو ۽ جن کي حاصل ڪرڻ هن لاءِ ناممڪن ڪم هو. آمريڪا ڇڏڻ وقت سندس آفيس جي ڪئنٽين ۾ هن جون هڪ اهڙيءَ ئي ڇوڪريءَ سان نظرون چار ٿيون هيون. پر ٻين ڇوڪرين وانگر هوءَ به ساڍس پيچ پائڻ بدران ڪيس گهائل ڪري هلي وئي هئي. ۽ هاڻ سندس سامهون نارما ويٺي هئي جيڪا ان آمريڪن ڇوڪريءَ جي بنيادي ڊيزائين جي ٿوري ڪا ڦيرقار هئي. بهرحال اصل پيٽنٽ شيءِ ته ملين ڊالر ملهه جي هئي.

”توهان جي اها مهرباني ڇئبي جو مون کي دعوت ڏني اٿوَ مسٽر ساڪاموتو“ سيتان چيو ”ڇا توهان جو ماتسوموتو ڪمپنيءَ سان ئي واسطو آهي؟“

ساڪاموتو ٿورو کليو. ”نه اڄڪلهه منهنجو هنن سان واسطو ناهي. جيتوڻيڪ مسٽر ماتسوموتو منهنجن پراڻن دوستن مان آهي. بهرحال، آئون هڪ بلڪل نرالي هوٽل ڄاڻان ٿو. مسٽر سيتان، جيڪڏهن توهان جاپاني کاڌو کائڻ چاهيو ٿا ته ان هوٽل ۾ کائڻ سان توهان کي جاپان جو سٺو تجربو ٿي سگهي ٿو. ڇا خيال آهي، سائين اتي نه هلي کائجي؟“

سيتان منجهي پيو. ”توهان ته تمام گهڻو سخي ٿا ڏسجو پر مون کي سمجهه ۾ نٿو اچي

تہ...“

ساڪاموتو ڳالهہ ڪي درگذر ڪندي، وڏي ادا سان سيتان کي پنهنجي ڪار ڏي وٺي آيو جيڪا ذري گهٽ مسٽر ماتسوموتو جي ڪار جي ڪاربن ڪاپي هئي. سيتان اهو سوچي ئي سوچي تہ هو ڇا ڀيو ڪري ان ڪان اڳ هو پنينءَ سيٽ تي ساڪاموتو سان گڏ ويهي چڪو هو. نارما اڳيون در کولي اڳئين سيٽ تي ڊرائيور جي پر ۾ ٿي ويٺي.

هوٽل جي در وٽ پهچڻ تائين ساڪاموتو جپان بابت سيتان کان سندس خيال پڇندو هليو. جارج ساڪاموتو هوٽل جي استقباليہ وٽ پنهنجي واقفيت ڪرائي. سيتان کي هوٽل جي سوڙهن ورانڊن مان لنگهائي اندر وٺي آيو. ڪجهہ گهڙين لاءِ سيتان کي ائين لڳو تہ هي همراهہ ڪيس ڪنهن ڦندي ۾ ڦاسائي رهيو آهي. سندس ميزبان ڪيس هڪ ننڍڙي بورچيخاني جي پر ۾ هڪ ٽيبل تي اچي ويهاريو. بورچيءَ جهڪي جهڪي کين سلام ڪيا.

”هيءَ هوٽل ڪاڏي جي شوقينن لاءِ آهي.“ ساڪاموتو سمجهايس. ”۽ هتي هر روز فقط چند خاص ماڻهن جي خدمت چاڪري ڪئي ويجي ٿي. بورچي پنهنجي مرضيءَ تي مهمانن لاءِ اهو ڪجهہ رڌيندو آهي جيڪو کيس بهتر لڳندو آهي ۽ مهمانن کي پنهنجو پاڻ هن جو حوالي ڪري ڇڏڻو پوندو آهي.“

پاسي کان بورچي ٽڪو ٽڪو گل گوبيءَ جي پنن جهڙي پاڇي ڇريءَ سان وڍڻ لڳو. هن ٽن پيالن ۾ مهمانن موجب، اها پاڇي سينگاري. پوءِ هڪ مڇي ڪٽي پهرين ان جا چلر لاٿا ۽ ڪندا ڪڍيا. ان ڪان پوءِ ان جا سنها ڳيا ڪيا ۽ پوءِ سهڻي نموني سان پيالن ۾ پاڇيءَ مٿان اهي مڇيءَ جا ٽڪرا سينگاري اچي هنن اڳيان پيش ڪيا.

”شا شي مي.“ جارج ساڪاموتو ان مڇيءَ بابت ٻڌايو.

”مون کي خبر آهي.“ سيتان پنهنجيون ڪاٺ جون تيليون کنيون ۽ همت کان ڪم وٺي ان ڪچي مڇي (شا شي مي) جو هڪڙو ٽڪرو وات ۾ وڌو. بورچي تيسين ٻي ڪاڏي جي شيءِ تيار ڪرڻ ۾ جنبي ويو. هو عجيب غريب پاڇين کي صاف ڪري پوءِ اٺن پيرن واري آڪٽوپس مڇيءَ کي ڳيا ڳيا ڪرڻ لڳو.

”جپان هڪ نرالو ملڪ آهي،“ جارج ساڪاموتو ڳالهائڻ شروع ڪيو پر ائين ڄڻ تقرير پيو ڪري، ”اسان وڏي خبرداري ۽ خيال سان پراڻيون ريتون رسمون ۽ رواج سانڍيندا اچون تہ ساڳي وقت اسان ڪيترن ئي ڪارخانن ۽ مشنيريءَ ۾ دنيا کان اڳرا بہ آهيون. جپان جهاز

سازي، دوربينن ۽ ڪئميرائن ناهڻ توڙي ڪارخاني سازيءَ ۾ ته سيني ملڪن جي اڳواٽي تو ڪري. اسان اليڪترانڪس ۾ به سڀ کان پڙ ۽ متيرا آهيون.“

خذمتگار ڇوڪريءَ گرم ساڪي (شراب) جو گلاس سيتان جي ساڄي پاسي کان اچي رکيو.

”مون کي خبر آهي،“ سيتان اعتراف ڪيو ”ماتسوموتو ڪمپنيءَ جي ماڻهن جو ڪٽي مثال وٺو. زبان جي مشڪلات هوندي به هو اسان جون گهرجون چڱيءَ طرح سمجهن ٿا.“

جارج ساڪاموتو ڪنڌ ڌوڻيو. ”اهي تمام سنا آهن. مونکي خوشي آهي ته توهان هنن سان گڏ ڪم ڪري رهيا آهيو ڇو جو هنن سان ويجهڙائيءَ ۾ ڪجهه مسئلا ٿي پيا هئا. توهان جي خريداريءَ سان هنن جي مدد ٿي سگهندي.“

”ڪهڙي قسم جا مسئلا؟“ سيتان پڇيو.

ساڪاموتو هٿ کي جهٽڪو ڏئي ان ڳالهه جو اظهار ڪيو ته ڪا اهڙي وڏي ڳالهه يا وڏو مسئلو نه آهي. ”فلپين ۾ هنن جا ڪنيل ڪيترائي وڏا وڏا نيڪا هنن جي هٿن مان نڪري ويا آهن. هنن نين شين جي ترقي ۾ ڪوجنا پنيان ڪافي ملڪيت لڳائي، پر ڪجهه به هڙ حاصل ٿي نه سگهين.“

هوٽل جي بورچيءَ جيڪو هنن جي ڳالهين جو هڪڙو اکر به ڪونه ٿي سمجهيو تنهن ٻه ٻيا ڊش اچي سندن اڳيان رکيا.

”حقيقت ۾“ ساڪاموتو ٻڌائيندو هليو ”جپان ۾ رهڻ دوران توهان کي ڪپي ته ان ساڳي مشينريءَ جي نموني لاءِ ڪنهن ٻئي ڪارخانيدار کي به چٺي ڇڏيو. جيئن متان ماتسوموتو ڪمپني اڳتي هلي توهان جي گهرجن جو پورائو نه ڪري سگهي يا ڪن سببن ڪري جي ڏيوالي ۾ هلي وڃي، ته ٻي ڪمپني يڪدم توهان جي غرض ته پوري ڪري وٺي.“

”ڇا تنهنجي خيال ۾ ته ماتسوموتو ڪمپني تمام گهٽي مصيبت ۾ آهي؟“

”هرگز نه. مون ٻڌو آهي ته هنن اڳين پوئين کوٽ پوري ڪرڻ لاءِ هر شيءِ جي قيمت ۾ مزوريءَ جو اگهه وڌائي ڇڏيو آهي. منهنجو فقط اهو رايو ۽ صلاح آهي ته احتياط طور توهان ڪنهن ٻيءَ ڪمپنيءَ سان به ڳالهائي ڇڏيو جيئن پسِ پيش ضرورت وقت توهان کي مال جي گهرج لاءِ ٻيو طريقو ۽ هنڌ ته موجود هجي، جنهن سان پوءِ اتان آمريڪا ۾ ئي ويٺي ويٺي ڳالهائي سگهو. جيڪڏهن توهان ائين مناسب سمجهو ته آئون ان سلسلي ۾ توهان جي مدد

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

ڪري سگهان ٿو.“

سيتان ان بابت وڌيڪ بحث ڪري نہ سگهيو. ان بدران هن هڪ نئون آيل ڊش چکي ڏٺو جيڪو هن کي بيحد لذيذ لڳو. ”مون کي هتي ونئي اچڻ لاءِ آئون سچ پچ تہ توهان جو ٿورائتو آهيان.“ هن ساڪاموتو کي چيو ۽ پوءِ ڇوڪريءَ ڏي مهڙ ڪري پڇيو: ”نارما، توهان هتي ڇا پڙهي رهيون آهيو؟“

”آئون جوڊوڪا آهيان“ (آئون جوڊو جي رانديگر آهيان.)۔ نارما وراڻيو.

”ڇئبو تہ تون مردن سان ملهون وڙهي ڪين ڏسيو رکين.“

هن هائوڪار ۾ ڪنڌ ڌوڻيو.

”ڪڏهن کان اهو ڪم ڪندي اچين۔؟“ سيتان پڇيو.

هن ساڪيءَ جو ڪوپ خالي ڪندي چيو. ”ڇهن سالن کان آئون ڏهہ هزار ملهون ماري چڪي آهيان ۽ هن وقت تائين آئون ”شوڊان“۔ ڪارو پٽو پڻ حاصل ڪري چڪي آهيان، جيڪو دنيا ۾ وڏي ڳالهہ سمجهيو وڃي ٿو. پر ان هوندي بہ آئون پنهنجو پاڻ کي سيڪڙات ئي سمجهان ٿي. آئون ان کان بہ وڌيڪ بنجڻ چاهيان ٿي.“

بورچي ڪجهہ بيا کاڌي جا ڊش کڻي آيو. جن مان ڪيترن جو لذت ۽ سواد سيتان لاءِ نئون هو پر هي سڀ مان ڪجهہ نہ ڪجهہ چکندو ويو جيئن جپان ۾ رهڻ دوران اهو تجربو بہ حاصل ڪري وٺي. رکي رکي هن جي ڌيان ۾ اهو پڙاڏو گونجيو ٿي: ”ها آئون هڪ گيشا ئي تہ آهيان.“ ۽ هو پنهنجو پاڻ کي سمجهائيندو رهيو تہ ان جپاني گيشا بابت اجايو سجايو سوچي پاڻ کي پريشان ڪرڻ بدران هن سهڻيءَ آمريڪن ڇوڪريءَ ڏي ڌيان ڌريان. پر پوءِ سگهوئي ساڪاموتو هن کي انجنيئرنگ جي ڳالهين ۾ لڳائي ڇڏيو. ساڪاموتو کي اليڪٽرانڪس جي تمام گهڻي ڄاڻ هئي. ڊايوڊ، ٽرائيوڊ، سيمي ڪنڊڪٽر، ڪئپيسيٽر، ائنڊ گيٽ، نئنڊ گيٽ، ٽي. وي، ريڊيو، ڪمپيوٽر۔ هر شيءِ تي هو چڱيءَ طرح ڳالهائيندو رهيو ۽ سيتان کي هڪ واريءَ دل ۾ احساس ٿيو تہ ڪاش هن جو واسطو هن ڏيڍر جهڙي ماتسوموتو بدران ساڪاموتو سان هجي ها جيڪو جپاني ۽ انگريزي ٻنهي ٻولين کان تہ چڱي طرح واقف آهي۔ ۽ هوڏانهن اسان واري همراهہ ماتسوموتوءَ انگريزيءَ جي هڪ لفظ سکڻ جي بہ تڪليف نہ ورتي آهي. بهرحال ان هوندي بہ ماتسوموتو ڪمپنيءَ جا ماڻهو وڏي محنت ۽ جوش جذبي سان ڪم ۾ لڳا پيا آهن. هنن ڪڏهن بہ ڪيس ڪنهن شڪايت جو موقعو نہ ڏنو

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

آهي.

بورچي اندر گهڙيو ۽ سامهون اچي بيٺو. هن دفعي هن پهرين دفعي کان گهٽ مرڪيو- معنيٰ مانيءَ ۾ جيڪي ڪجهه هن کي پيش ڪرٽو هو سو ڪري چڪو. سندس سٺي ماني پچائڻ جي شان ۾ تعريف ڪئي ويئي جنهن جي جواب ۾ بورچي وري جهڪيو ۽ هو اُٿي کڙا ٿيا. مانيءَ جو ڪوبہ بل، چيڪ يا پئسا ان وقت ادا نہ ڪيا ويا.

هوٽل کان ٻاهر نڪرڻ تي هو ساڳي گهٽيءَ ۾ اچي نڪتا. جتي هينئر هڪ بدران ٻہ ڪارون بيٺيون هيون. آئون نٿو چاهيان تہ اوهان مونکي خراب ميزبان سمجهو،“ ساڪاموتو چيو. ”پر فلپائن کان ڪجهہ ڪاروباري نمائندا آيل آهن جن سان هن وقت منهنجي هڪ واپاري نوعيت جي ڪانفرنس آهي سو آئون اها اٽينڊ ڪرڻ لاءِ توهان کان اجازت گهرندس. هي ٻي ڪار توهان کي هوٽل تائين پچائيندي. توهان کي جيڪڏهن اعتراض نہ هجي تہ هوٽل تائين نارما بہ توهان سان گڏ هلي جيئن رستي تي جيڪڏهن توهان ڪجهہ ڏسڻ وائسڻ چاهيو تہ هوءَ مدد ڪري سگهي.“

”اهو تہ تمام سٺو.“

”چڱو تہ پوءِ آئون موڪلايان ٿو ۽ اُميد تہ پنهنجي وري سگهوئي گڏجاڻي ٿيندي. نارما! هن کي پنهنجو ڪري سمجهجانءِ ۽ پارٽ هجنئي.“

”بهتر.“ ڇوڪريءَ وراڻيو.

ڪجهہ گهڙين بعد سيٽان پنهنجي جسم تي پگهر جون بوندون محسوس ڪيون. هو وڏي آرام سان ڪار جي پوئينءَ سيٽ تي ٽيڪ ڏيو ويٺو هو جنهن تي ڪير جهڙا اچا پوش چڙهيل هئا. نارما سرڪي سندس پرسان لڳي اچي ويٺي. ان ڪري هن جي نبض جي رفتار وڌي ويئي ۽ هن کي پنهنجا هوش حواس سندس وس کان ٻاهر لڳي رهيا هئا. اڳتي هلي ڪار رستي تان تکو موڙ کاڌو ۽ نارما ٿوري پري ٿي وري اڇلجي اچي هن تي پيئي. سيٽان ڪيس جهلي ورتو. سندس ڪاٻو هٿ تکڙ ۾ نارما جي ڇاتين ۾ وڃي پيو.

”واهہ واهہ-“ نارما چيو.

”آئون...“ سيٽان جي زبان هڪ دفعو وري جهڙي گونگي ٿي پيئي. هو ڳالهائي نہ سگهيو.

پوءِ نارما مرڪي رهي هئي. ”توکي تہ جوڊو جو رانديگر ٿيڻ کپندو هو.“ پوءِ نارما ڄاڻي واڻي سيٽان جي ٻانهن مٿي ڪري پنهنجن ڪلهن پويان ورائي ڇڏي. ”مڙيئي خير آهي. مون

ڪي ڏکو ڪاڻڻ کان بچائڻ لاءِ مهرباني.“

ڪار هڪ ڪاٺائين عمارت جي در وٽ اچي بيٺي. اها عمارت هڪ پراڻو مندر هئي. نارما ڪيس هيٺ لهڻ لاءِ چيو. ”اچو ته مندر گهمون.“

هو ٻئي هٿ هٿ ۾ ڏئي هلڻ لڳا. پهرين هڪ ڊگهو ورانڊو آيو جنهن جو پٽ ۽ ڇت ٻئي ڪاٺ جا ٺهيل هئا. ان ورانڊي جي آخر ۾ گوتم جو بت رکيل هو. ان اڳيان هڪ ڪاٺ جي پيتي نذراني وجهڻ لاءِ هئي. جنهن جي پرسان ڪجهه ماڻهو پوڄا پاٺ ڪري رهيا هئا. ڪي ماڻهو مذهبي قسم جو راڳ وڏي سر ۾ ڳائي رهيا هئا. اوسي پاسي ۾ ويٺلن کان هو بلڪ بي نياز خاموشيءَ سان عبادت ۾ محو هو. هن کي تعجب لڳو ته جپان جيتوڻيڪ هڪ طرف ته ايڏي ترقي ڪئي آهي جو اڄ دنيا جي ماڊرن ملڪن مان آهي ٻئي طرف منجهس صديون اڳ جون ريتون رسمون اڃا هلنديون اچن. هو ڪيڏو سڪون محسوس ڪري رهيو هو. واپس ورڻ تي دل نٿي چيس. آخر نارما موٽڻ لاءِ اشارو ڪيس ۽ هي سندس ڪلهن مٿان ٻانهن ورائي مندر کان ٻاهر نڪتو.

ڪار ۾ پهچڻ تي نارما چيس، ”توڪيو شهر سرڪاري طرح ڏهين بجي رات جو بند ٿيو وڃي. پر گنزا ۾ سڄي رات پرهه ڦٽيءَ تائين رونق رهي ٿي. توهان ڪافي پيئڻ لاءِ اتي هلندئو؟ مان اتي جي هڪ سٺي هوٽل کان واقف آهيان.“

”ڇو نه هلندس.“ سيتان وراڻيو. ايندي وقت ڪار ۾ سندس هٿ ڇراند ڪي نارما بلڪل دل ۾ نه ڪيو ۽ ان مان ئي هن ڪجهه پرائي ورتو هو.

ڊرائيور ٽوڪيو جي خاموش گهٽين مان ڦيرائيندو ڪين گنزا ۾ وني آيو جتي ڪيترين ئي ننڍين ننڍين هوٽلون ڪليون پيون هيون. هوٽل جي ٻاهر شيشي جي ڪٻٽن ۾ اهي سڀ شيون ميڻ مان ٺهيون رکيون هيون جيڪي اندر گراهڪن کي وڪيون وڃن ٿي. شين مٿان انهن جي قيمت به لکيل هئي. نارما ڊرائيور کي اچت جپانيءَ ۾ سمجهايو ته هو پلي هاڻ موڪل ڪري. سيتان کي هوءَ پاڻهي گهر تائين پهچائيندي.

ڊرائيور جي رواني ٿيڻ تي هو ڪافي پيئڻ لاءِ گنزا جي هڪ ننڍڙي ريسٽورنٽ ۾ آيا. ان جو ڊائننگ روم مغربي نموني جو هو جنهن ۾ ٽيبل ڪرسيون رکيل هيون. ڪافي ۽ ڪيڪ تي هو چڱي دير ڪچهري ڪندا رهيا. سيتان پنهنجو پاڻ کي ذهني طرح اها ئي ڏک ڏني ته هو دراصل هن وقت هڪ ٻيءَ خوبصورت ڇوڪريءَ سان ملاقات ڪري پيو. ڪيس پنهنجي

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

ملڪ آمريڪا ۾ تہ ڪا ڇوڪري ڪنگھندي بہ ڪانہ ھئي. ھن دل ئي دل ۾ سوچيو تہ ڪاش سندس آمريڪن آفيس جا دوست يار ھوند ھن وقت اچي ڪيس ڏسي سگھن. ھنن کي يقين ئي نہ ايندو. ھي خود بہ وائڙو ھو تہ نارما ساڙس ڪيترو تہ آرام سان ڳالھائي رھي ھئي ۽ پاڻ بہ بنا ڪنھن مونجھہ، خوف ۽ احساس ڪمتريءَ جي ھن سان لس ئي لس ڳالھائي رھيو ھو. اھا ھڪ نئين زندگي ھئي جنھن ھن ۾ نئون روح ڦوڪي ڇڏيو ھو.

”آئون ٽئڪسي گھرائي توکي گھر تائين ڇڏي ٿو اچان.“ نارما جھڙو ئي اٿي بيٺي تہ ھن چيس.

”تون فڪر نہ ڪر سيٽان، منھنجو رستو تنھنجي ھوٽل کان ٻئي طرف آھي، ان ڪري آئون پاڻھي ھلي وينديس.“

”مڙيئي خير آھي. مونکي ڪا تڪليف نہ ٿيندي.“ سيٽان چيو.

ھن سيٽان جي ڳل تي ھلڪي ٺڪڪي ھڻندي چيو ”آئون سمجھان ٿي سيٽان، پر توکي اجائي تڪليف نٿي ڏيڻ چاھيان. تنھنجي وڏي مھرباني.“ ھن لمحي لاءِ ماٺ ڪئي. وري اوچتو ڪجھہ سوچي، شايد ڇيڙائڻ جي خيال کان سيٽان کي چيو. ”ڇا خيال آھي جيڪڏھن آئون توسان تنھنجي ھوٽل تائين ھلان تہ_؟“

سيٽان ان جو خلوص ڀريو جواب ڏيڻ لاءِ ڪجھہ وچڙيو ۽ پوءِ چيائين، ”ڀلي ھل. آئون توکي شراب پيئڻ جي دعوت ٿو ڏيان.“ نارما ھن جي اھا دعوت قبول ڪرڻ لاءِ ھائوڪار ڪئي.

”منھنجي خيال ۾ اھا سٺي شروعات ٿيندي.“

ٻئي ڏينھن صبح جو شيو ڪرڻ مھل سيٽان سوچيو تہ ڪن اڻ ڄاتل سببن ڪري ڪڏھن ھن کي ھتي ڪنھن بہ ڇوڪريءَ سان سنگت رکڻ ۽ نباھڻ ۾ دقت پيش نہ آئي. ويندي آمريڪن ڇوڪري نارما بہ شراب پي وڃڻ وقت چئي رھي ھئي: ”آئون وري تو وٽ اينديس. مون کي وسارجانءِ نہ.“

ٻئي ڏينھن سيٽان 'ماتسوموتو ڪمپنيءَ' جي فئڪٽريءَ ۾ پھتو. صبح جون گھڙيون جلدي گذري ويون. ماتسوموتو ڪمپنيءَ کي جيڪو آمريڪا وارن لاءِ مشينريءَ جو نمونو ڏاھڻو ھو ان جو ڪجھہ حصو ڊولپمينٽ سيڪشن وارن تيار ڪري ورتو ھو. ننڍڙيون ننڍڙيون قيمتي پٿرن جھڙيون شيون ان ۾ ڳتيل ھيون. انھن مان ڪي ذرڙا پلاسٽڪ جا ھئا،

ھن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

ڪي تارن جا، ڪي سيمي ڪنڊڪٽر مواد مان ٺهيل. ته ڪي وري ٽامي جي چادرن مان ٺهيل هئا. بهرحال جيڪي ڪجهه تيار ڪيو هئائون ان مان هنن جي اعليٰ دماغ جي ثابتي ملي ٿي. سيٽان هرهڪ ڪي پيار مان ڪٽي ڏنو ۽ تعريف ڪئي ته اهي ذرڙا ڪيئن هڪ ٻئي سان لڳي هڪ اعليٰ مشين ٺاهيندا. جيئن ٽي وي، وي سي آر ۽ ٻيون شيون. انهن ذرڙن مان، هي جپاني ٺاهي رهيا آهن. هي بلو پرنٽن (نقشن) ۽ مشيني دماغن جي دنيا آهن جنهن جو هو پاڻ به هڪ فرد هو.

ٻارهين لڳي پندرهن منٽن تي هن ٻين کان معافي وٺي موڪلايو هٿ منهن ڌوتو ۽ لنچ (منجهند جي ماني) لاءِ رٽيل پروگرام موجب سڌو ريڪو جي ٽيبل تي آيو. هوءَ سيٽان کي سامهون اينڊو ڏسي پرس هٿ ۾ ڪري اُٿي بيٺي ۽ ٻئي ڄڻا ڏهن منٽن اندر هڪ مغربي نموني جي ريسٽورنٽ ۾ اچي ويٺا.

سيٽان لاءِ گذريل چوويهن ڪلاڪن اندر هيءَ ٽين ڇوڪري هئي جنهن جو هو ويجهڙائيءَ کان جائزو وٺي رهيو هو. ڪيس انهن مڙني ۾ ريڪو پنهنجي پر ۾ سڀ کان وڌيڪ ڪشش واري لڳي. ريڪو پاڻ ته هن آفت جيڏي فارينر اڳيان ويهندي عجيب مونجهاري واري ڪيفيت محسوس ڪري رهي هئي، پر ڪيس اهو به احساس هو ته هن جي خوشنودي حاصل ڪرڻ تي سندس ڪمپنيءَ جي مالڪ کي وڏو فائدو رسي سگهي ٿو. مينو جپانيءَ ۾ لکيل هو ان ڪري ريڪو کي ئي پڙهڻو پيو ۽ ظاهر آهي کاڌي جي چونڊ به هن کي ئي ڪرڻي پيئي. هونءَ ته جپان ۾ رواج موجب عورتن جي صلاح مشوري کي ڪا اهميت نٿي ڏني وڃي پر ريڪو کي تعجب لڳو ته سيٽان هڪدم سندس ڏنل صلاح قبول ڪئي ۽ هن جي چونڊيل کاڌي کائڻ لاءِ هائو ڪار ڪئي.

”تون مسٽر جارج ساڪاموٽو کي سڃاڻين؟“ جيئن ئي ٻئي سيوين جهڙين نوڊل جا پيالا سندن اڳيان رکيا ته سيٽان پڇيو.

غريب ريڪو منجهي پئي ته ڪهڙي ورندي ڏجي، پر جيئن تيئن ڪري هن وراڻيو: ”ساڪاموٽو مشهور ماڻهو آهي، هو ڪيترين ئي ڪمپنين جو مالڪ آهي.“ مونجهاري ۾ ريڪو صحيح انگريزي به ڳالهائي نه سگهي.

بهرحال سيٽان جو مونجهاري ڏانهن ڪو ڌيان نه ويو.

”گذريل رات مون هن سان ماني کاڌي هئي. مون ته پهرين اهو سمجهيو ته شايد هن جو

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

توهان جي ڪمپنيءَ سان سندس واسطو آهي.“

”نـ“ ريڪو نرميءَ سان وراڻيو.

”هن سان گڏ سيڪريٽري بـ هئي.“ سيٽان ٻڌائيندو هليو ”تمام سٺي ڇوڪري ٿي لڳي. سندس نالو نارما اسڪاٽ آهي. شايد تون هن کي سڃاڻندي هجين.“

ڪجھ سيڪنڊن لاءِ ريڪو دل ئي دل ۾ پنهنجن ڏاڏن پڙڏاڏن کي مدد لاءِ پاڏائڻ لڳي، ”نـ منهنجي هن سان واقفيت ناهي. باقي فوتابا- سانُ شايد نارما کي سڃاڻندو هجي. هو نارما سان جوڊو ڪراٽي جي پرئڪٽس ڪندو آهي ۽ اڪثر موچڙا کائي موٽندو آهي پوءِ سڄو هفتو گڪو ٿي هلندو آهي.“ ريڪو ڳالھ بدلائڻ خاطر چيو: ”يلا مس سدا بهار چنبيليءَ سان پارڪ ۾ ڪيئن وقت گذريو؟“

سيٽان هن کي دوست ۽ همدرد ٿي سمجهيو ۽ پنهنجي اندر جو حال اوريو. ”ريڪو آئون هڪ غلطي ڪري ويٺو آهيان. مون هن کي ڪٽي چمي ڏني هئي.“

”هن توکي ان جي اجازت ڏني؟“ ريڪو پڇيو. هن هائوڪار ۾ ڪنڌ ڌوڻيو. ”پوءِ تـ مڙيئي خير آهي.“

ريڪو جي ننڍي لاڪون طبيعت عاشقاڻي هئي. جيتوڻيڪ غمگين جپاني فلمون ڏسي ڏسي هاڻ اڌ بـ نـ رهي هئي.

”نـ ريڪو مون کي ائين ڪرڻ نـ کپندو هو. هوءَ هاڻ مون سان ماڳهين ملڻ نٿي چاهي. هن مونکي اهو چيو تـ اهو پهريون دفعو آهي جو ڪنهن مرد کيس چمي ڏني هجي.“

ريڪو ان ڳالھ جي صدارت ۾ ڪنڌ ڌوڻيو. ”جپاني ڇوڪريون گهٽ ڪري چمي ڪونـ ڏيڻ ڏين.“

سيٽان جون اکيون ڏک سان ڀرجي ويون. ”پر ريڪو مون هن کي چيو 'پر تون تـ هڪ گيشا آهين' بلڪل ائين چيومانس.“

”توکي ائين چوڻ نـ کپندو هو. اها تو هن جي بي عزتي ڪئي،“ ريڪو چيو ”هوءَ هڪ اعليٰ قسم جي گيشا آهي. سيٽان سائين تون بـ هڪ جينٽلمئن آهين، پر تون جپاني عورت کي سمجهي نـ سگهيو آهين.“

”آئون ڪنهن بـ عورت کي سمجهي نـ سگهيو آهيان.“ هن تلخ حقيقت بيان ڪئي.

ريڪو کي اهو ٻڌي ڏک سان گڏ دل ۾ سيٽان لاءِ همدردي پڻ پيدا ٿي. سوچڻ لڳي تـ

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

ڪاش هن جي هٿ وس هجي ته هن کي ڪنهن طرح سان دلداري ڏئي سگهي. هن سيتان جي اکين ۾ نهاريو ۽ همت ڪان ڪم وٺي چيو: ”توهان جيڪر چئو ته آئون اوهان جو پرچاءُ ڪرائي وٺان.“

”ڇا تون اهو ڪم ڪري سگهين ٿي؟“

”آئون ڪوشش ڪنديس.“

ماتسوموتو جيڪو ظاهري طرح هڪ اميراڻي شان شوڪت ۽ دٻدٻي واري ماحول جو مالڪ هو پر اندروني طرح حساس، جذباتي ۽ مذهبي فطرت وارو هو. ڪاروباري زندگيءَ جي گوڙ گهمسان ۾ ته هو پنهنجا اهي نازڪ احساسات لڪائي رکندو هو پر تڏهن به ڪڏهن ڪڏهن ظاهر ٿي پوندو هو. وقت ملڻ تي فرصت جا لمحا زين (ٻڌ) ڌرم بابت ويهي سوچيندو هو يا شاعري ڪندو هو. هن جي نظرن ۾ مغربي واپار جا طريقا هڪ چلڪندڙ چادر جيان هئا، جيڪا دراصل جپاني تهذيب جي هنڌ مٿان وڇائي وجي ٿي. ماتسوموتو کي جيتوڻيڪ پنهنجي ذاتي ڪم لاءِ ريڪو کي اڪيلائيءَ ۾ سڏائيندي خراب لڳو ٿي، پر ڪاروباري هوشياري ۽ جاسوسي به ضروري شيون آهن.

جنهن وقت ريڪو آفيس ۾ گهڙي ته سندس لٽل منهن ڏسي ماتسوموتو ڊجي ويو ته شايد ڪا گڙٻڙ ٿي آهي ۽ يڪدم ياماگچي ۽ فوتابا کي سڏائڻ پڻ مناسب سمجهائين. پوءِ هن ريڪو ڏي مهاڙ ڪري اٽڪل سان پڇيو: ”آمريڪن مهمان سيتان سان ماني کائڻ دوران تنهنجي ڪا ساڻس اهڙي ڳالهه ٻولهه ٿي جيڪا تون سمجهين ٿي ته اسان جي لاءِ دلچسپيءَ جو باعث بڻجي سگهي ٿي؟“

ريڪو جنهن انگريزيءَ جي ڏکي گرامر ۽ ترجمي ڪري سيتان سان هٻڪي هٻڪي ٿي ڳالهايو تنهن هاڻ جڏهن جپانيءَ ۾ لس ئي لس ڳالهايو ته ائين لڳو ڄڻ ڳالهين جو ڳوٿ هجي. هوءَ يڪدم اصل ۽ اهم ڳالهه تي آئي. ”سيتانو ـ سانَ جي رات ساڪاموتو جارج ماني ڪئي هئي. هن سان گڏ نارما ڇوڪري به هئي. بعد ۾ ساڪاموتو ڇوڪريءَ کي سيتان جي حوالي ڪري پاڻ هليو ويو. جن پوءِ هڪ هوٽل ۾ اچي ڪافي پيتي هئي.“

”ڪمال آهي...“ ماتسوموتو ڪجهه ڇوڙ تي چاهيو پر وري ماٺ ٿي ويو.

”بيشڪ.“ مسٽر فوتابا ڳالهه کي ٽيڪو ونرايو ”منهنجي هن ڇوڪريءَ سان جوڙو سڪڻ وارن ڏينهن کان وٺي واقفيت آهي، پر مونکي ته هن ڪڏهن ڏينهن جو به ڪافي ڪانه پياري

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

آهي.“

ماتسوموتو ڪرسيءَ تي وڏيڪ ايو ٿي ويٺو. ”تنهنجي معنيٰ ته ساڪاموتو اسان کي پهرين ملهه ماري ويو يا گهٽ ۾ گهٽ پهرين اننگ ۾ وڏيڪ اسڪور ڪري ويو.“

ريڪو ٿورو وڏيڪ جهڪي پنهنجي ڪمپنيءَ جي صدر صاحب جو ڌيان ڇڪايو: ”آئون نٿي سمجهان ته ڪو هن وڏيڪ رنس ڪيون آهن.“ هن چيو ”سيٽان صاحب کي ڇوڪريون وٽن ضرور ٿيون، پر ڪيس اها خبر ناهي ته هنن سان ڪرڻ ڇا ڪپي. جيئن ته گيشا جو خرچ پکو سپ توهان ڪري رهيا آهيون ان ڪري آئون توهان کي ايترو ضرور ٻڌائيندس ته ڪالهه پارڪ ۾ سيٽان سانَ جو گيشا مس سدا بهار چنبيليءَ سان گڏ ڪو سٺو وقت نه گذريو.“

ماتسوموتوءَ تعجب مان نهاريندي پڇيو: ”ڇو ڇوڪريءَ ڪهڙو پڙو ڪم ڪيو؟“

ريڪو پهرين ٿورو گهٻرائجي وئي ته ڪٿي ٻئي جو ٻڌايل راز ظاهر ڪري ڪا اخلاقي غلطي ته نه پئي ڪري، پر پوءِ هن کي ڪمپنيءَ جو پڙ هر ڳالهه کان ڳرو نظر آيو. هن رومانوي انداز سان سڄي ڳالهه ڪري ٻڌائي. جڏهن ڳالهه پوري ٿي ته هن کي تعجب لڳو ته سندس مالڪ ماتسوموتو جي منهن تي ڪجهه جذباتي تاثرات نمودار ٿي رهيا آهن.

”اها ڳالهه ته 'سيٽان سانَ' جي سٺين ڳالهين ۾ ڳڻڻ کپي.“ ماتسوموتو چيو ”تنهنجي معنيٰ ته هن ٿوري ئي عرصي ۾ جپاني عورت جي اهميت کي قبول ڪري ورتو آهي.“

”اهو پڻ ظاهر آهي.“ ياماگچيءَ چيو ”ته سيٽان گيشا جي ڏنڌي کان بلڪل اڻ واقف آهي.“

”نارما جهڙي سهڻي ڇوڪري هڏيءَ طور ڪٽي، ساڪاموتو جهڙي استاد شاڪريءَ جو سيٽان جهڙي سٽيي شڪار پنيان لڳڻ پاڻ لاءِ نقصانڪار ثابت ٿي سگهي ٿو.“ ماتسوموتو آخري فيصلو ٻڌايو. پوءِ ريڪو ڏي منهن ڪري چيو ”مهرباني ڪري مس سدا بهار چنبيليءَ سان جلد لهه وچڙ ۾ اچي هن کي هفتي جي حساب سان جيترو جلد ٿي سگهي ته پگهار تي رکڻ جو بندوبست ڪر. هن کي اڻ مقرر مدي تائين اجوري تي رکينس ۽ چئينس ته سيٽان سانَ سان هڪدم فون تي ڳالهائي. جيڪو هينئر فئڪٽريءَ ۾ ويٺو هوندو. مس سدا بهار چنبيليءَ وٽان فون اچڻ تي سيٽان جو ڌيان ان ڏي ٿي ويندو ۽ نارما کي في الحال وساري ڇڏيندو جيڪا هن کي ساڪاموتو لاءِ پنهنجي ڦندي ۾ ڦاسائي رهي آهي.“

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

ريڪو ادب وچان جهڪي. ”سائين ڳالهه ته بلڪل عقلمنديءَ جي ٿا ڪريو.“ هن داد ڏيڻ لاءِ آهستي پڙڪيو. ياماگچي ۽ فوتابا به ريڪو جي داد جي پوئواري ڪئي. پوءِ ريڪو اُٿي ڪڙي تي ۽ در کولي ٻاهر فون ڪرڻ لاءِ ويئي. جمعي جو ڏينهن هو ايندڙ ڏينهن: ڇنڇر ۽ آچر موڪل هئڻ ڪري انهن ڏينهن تي شهر جون سڀ سٺيون سٺيون گيشائون، ڳائڻيون ۽ رنڊيون وغيره بڪ هجڻ جو انديشو هو. هن فون جو نمبر گهمايو جلدي جلدي ڪجهه ڳالهايو ۽ ٻاهر نڪري آئي.

ان مهل ٽائيم چئن ۾ ڪجهه منٽ هئا جو ماتسوموتو ڪمپنيءَ جي چيف انجنيئر فيوجي هارا سيتان جي ڪلهي تي هٿ رکي فون ڏي سندس ڌيان ڇڪايو جيڪو ڪنڊيءَ ۾ لڙڪي رهيو هو. سيتان تعجب مان سوچيندو فون ڏي وڌيو ته ڪنهن جو ٿي سگهي ٿو.

هڪ صاف سٿرو ۽ پاٽيءَ وانگر وهندڙ لسو آواز ڪن تي پيس. ”سيتان سانَ، آئون ڪانوماسايو آهيان ـ گيشا، مس سدا بهار چنبيلي.“

هڪ لمحي لاءِ سيتان جو جسم ڇڻ ڪيرو ويرو ٿي پيو پر پوءِ هوش جاءِ ڪري ڏيرج سان وراڻيائين. ”آئي ائم گليڊ“ (آئون خوش ٿيو آهيان.)

پر گيشا فون تي هن جي آمريڪن نموني جي انگريزي نه سمجهي، وائڙي ٿي وئي. ”يو مئڊ؟“ هن ڊڄندي پڇيو.

”نه نه. مئڊ نه پر گليڊ“ هاڻ سيتان لفظ ڏار ڏار ڪري اچا به ڏيرج سان ڳالهايو ”تنهنجو آواز ٻڌي مون کي خوشي ٿي آهي. آئون توسان ملڻ ٿو چاهيان.“

ڪرشمو چئجي يا عجيب اتفاق جو ان ئي وقت ريڪو سهڪندي اتان اچي لنگهي. سيتان هن جي حوالي فون ڪندي چيو: ”فون تي مس سدا بهار چنبيلي پئي ڳالهائي. مهرباني ڪري پڇينس ته آئون ساڻس ملي سگهان ٿو.“

آفيس کان فئڪٽريءَ تائين ڊوڙي پهچڻ ڪري ريڪو اچا تائين سهڪي رهي هئي، تنهن سيتان جو نياپو پهچايو. گيشا نئڙت مان پڇيو ته ڪين سندس ڪڏهن گهرج ٿيندي ۽ ڪيتري وقت لا“. ريڪو جيڪا اچا تائين صحيح طرح پاڻ سنڀالي نه سگهي هئي تنهن بنا سوچڻ جي گيشا جا چيل لفظ هوبهو ترجمو ڪري سيتان کي ٻڌايا. سيتان اهو ٻڌي ڪجهه وائڙو ضرور ٿيو ۽ پوءِ ڊگهو ساهه کڻي چيو: ”پڇينس ته سياڻي پهرين موڪل آهي جي واندي هجين ته ٻئي ڏينهن گڏ گذاريون.“

سيتان جو اهو عرض ٻڌڻ سان ريڪو کي جڻ ميجالي ۾ ڪنهن متر ڪا وهائي ڪڍيا. مس سدا بهار چنبيليءَ جهڙي ٽاپ ڪلاس گيشا جو ٻن ڏينهن جو بل آسمان سان ڳالهيون ڪرڻ جيترو ٿو ٿئي. جنهن جي سهڻ جي سگهه هن جي غريب ڪمپنيءَ کي ته نه هئي پر چڱين خاصين امير ڪمپنين کي به اهو بل ڏونڏاڙي رکڻ لاءِ ڪافي هو. ريڪو سيتان کي هڪ اهڙو فضيلت وارو انسان سمجهيو ٿي جنهن کي پنهنجين حيواني خواهشن تي پورو پورو ضابطو هو. پر سندس قائم ڪيل اهو اميج هاڻ هن اڳيان پور پور ٿي پيو. واڻڻ وانگر هن سيتان جو اهو نياپو لفظ بلفظ ترجمو ڪري اڳتي ٻڌايو ۽ اهو ٻڌي ٻي پاسي کان گيشا جي به ڏڪهي ساهه کڻڻ جو آواز هن کي فون تي چٽو ٻڌڻ ۾ آيو.

جواب لاءِ سيتان کي تڪڙ لڳي پيئي هئي ۽ هن ريڪو جي پني ٽپريندي جلدي ڪرڻ لاءِ چيس. ”ريڪو هن کي چئه ته هوءَ ڪجهه غلط نه سمجهي. مون لاءِ هرويرو به وقت نه ڪڍي. جيڪڏهن واندي هجي ته واهه واهه. آئون ساڻس گڏ اهي به ڏينهن جپان گهمندي خوشي محسوس ڪندس.“

ريڪو جهٽ پٽ ترجمو ڪري ٻڌايس. هن پنهنجي طرفان به تصبرو ڪندي چيس، منهنجي خيال مطابق سيتان جي نيت صاف آهي ۽ ڪا به خراب ڳالهه ڌيان ۾ نه اٿس.

گيشا سيتان سان سنئون سڌو ڳالهائڻ چاهيو. ريڪو فون سيتان جي حوالي ڪيو جنهن کي هن پنهنجي ياڳ جو فيصلو ٻڌڻ لاءِ ڏڪندي ڪنن تي رکيو: ”سيتان سانَ يو وانٽ سي ڪيوتو؟“ (سيتان سائين، توهان ڪيوتو شهر ڏسندائو؟)

سيتان کي ڪيوتو بابت ڪا خبر نه هئي، پر هي ته هڙي پياري معشوق سان گڏ جهنم ۾ وڃڻ لاءِ به تيار هو. ”هائو.“ هن وراڻيو.

هن فون ريڪو کي واپس ڏنو جنهن وعدو ڪيو ته جيئن ئي ڪيوتو وڃڻ جو پروگرام پڪو ٿيندو ته هوءَ وري مس سدا بهار چنبيليءَ کي فون ڪري ٻڌائيندي.

پوءِ فون رستي ريڪو به ٽڪيٽون نيو ٽوڪئدو ريل گاڏيءَ جو ٽوڪيو کان ڪيوتو تائين رزرو ڪرايون ۽ جيڪي ڪجهه ٿي گذريو سا سڄي ڪارروائي مسٽر ماتسوموتو کي ٻڌائڻ لاءِ رواني ٿي.

غريب ماتسوموتو جيڪو اُميد رکيو ويٺو هو ته آمريڪا مان مليل هن نيڪي مان ڪجهه ڪمائي پنهنجي ڪمپنيءَ جي ساک بچائي تنهن مس سدا بهار چنبيليءَ جي ٻن

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

ڏينهن جي بل جو اڳواٽ اڳواٽ ويهي حساب ڪيو ته وايون بتال ٿي ويس. آمريڪا طرفان مليل آرڊر وارو مشينري پلانٽ جيسين نهي، چڪاس ٿئي، آمريڪا پهچي ۽ ان جا پئسا ملن تيسين ته سندس ڪمپنيءَ جو ڏيوالو ئي نڪري ويندو. اهو سوچي هن ڪي روئڻ ٿي آيو.

5

ٻئي ڏينهن صبح جو ناءِ ٻڌندي سيتان پاڻ بابت سوچيو ته جيتوڻيڪ هو ڇوڪرين سان سنگت رکڻ جي معاملي ۾ ناتجربيڪار آهي، پر منجهس سٺيون عادتون ۽ دل جي صاف گوئي به اهڙيون شيون آهن جن جي ڪري سندس محبوبه به پڪ هن تي فدا ٿيندي هوندي. نئين ائڊوينچر جي شوق ۾ هو بئگ کڻي ٽوڪيو جي سينٽرل ريلوي اسٽيشن ڏي روانو ٿيو.

هن اڳ ڪڏهن به ماڻهن کي ايڏو تڪڙو تڪڙو هلندي نه ڏٺو هو ـ انسانن جو هڪ سمنڊ هو جيڪو هزارين مختلف منزلن ڏي وڃي رهيو هو. نيو ٽوڪئڊو ريلوي لائين جا پليٽ فارم ماڻهن جي هشامن سان سٿيا پيا هئا. ڏهيون اليڪٽرڪ جون ريل گاڏيون نانگڻين وانگر اسٽيشن اندر مقرر وقت تي اچي وڃي رهيون هيون. جپان دنيا ۾ هڪ اهڙو ملڪ آهي جتي ريل گاڏيون مقرر ڪلاڪ ته ڇا پر پورن منٽن ۽ سيڪنڊن تي پهچن ۽ ڇٽن ٿيون. اهو هتي وقت جي پابنديءَ جو ڪمال آهي. پليٽ فارم تي ننڍا ننڍا انگ لکيل هئا جن جي سامهون مقرر گاڏا اچي ٿي بيٺا. سيتان پنهنجي گاڏي نمبر پنجين ۾ چڙهڻ لاءِ سولائيءَ سان جاءِ ڳولي ورتي.

ٿوري دير بعد گاڏي ترندي آئي ۽ بنا ڪنهن لوڏي جي پنهنجي مقرر هنڌ تي بيهي رهي. پليٽ فارم تي لکيل انگن جي بلڪل سامهون انهن انگن جا گاڏا هئا. دروازا کليا ۽ ماڻهو اندر گهڙڻ لڳا. سيتان پنهنجي فرسٽ ڪلاس جي دٻي ۾ مليل نمبر واري سيٽ تي اچي ويٺو. هن واچ ۾ وقت ڏٺو. گاڏي ڇٽڻ ۾ اٺ منٽ باقي هئا. هن کي پريشان وڪوڙي وئي ته سندس محبوبا خبر ناهي ايندي به يا نه. ٽن منٽن تائين ته هو پاڻ کي گهٽ وڌ چوندو رهيو ته اجايو ٻاهر مسافريءَ جو پروگرام رٿيوسين. هتي نه هڪ گاڏي آهي ۽ نه هڪ پليٽ فارم. ۽ وري ساڳي پليٽ فارم تان چوويهن ڪلاڪن ۾ ڪيئي گاڏيون پيون ڇٽن. ٿوري پل ڇڪ به پروگرام ۾ رولو وجهي سگهي ٿي. ان ڪان ته فلم ڏسڻ جو پروگرام رکجي ها ته غلط فهميءَ جو ڪو انديشو ته نه رهي ها. هي پريشانيءَ ۽ مونجهاري جي عالم ۾ انتظار ڪرڻ لڳو ۽ اهو ارادو ڪيائين ته آخري منٽ تائين هو سندس انتظار ڪندو پوءِ به جيڪڏهن هوءَ نه آئي ته پاڻ لهي ويندو. انهيءَ ٻڌتر ۾ هو ته ڪنهن نازڪ هٿ جو ڇهاءُ هن پنهنجي ڪلهي تي محسوس

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

ڪيوءِ ڪنڊ متي ڪٽي ڏنائين تہ هوءَ بيٺي هئي.

مس سدا بهار چنبيليءَ ڪي ڏسڻ شرط پاڻ پيرن تي اُٿي بيٺو. هن ڪانئس ٿيلهو وٺي متي تختي تي رکيو ۽ ڪيس پنهنجي پر ۾ دريءَ واري پاسي ڪان ويهڻ لاءِ جاءِ ڏني ۽ اکين ئي اکين ۾ هن جا ٿورا مڃيائين جو هوءَ مٿس ڀروسو رکي گڏ گهمڻ لاءِ هلي آئي هئي. هن ڪي گهٽيءَ يا گهر ۾ پائڻ وارا ڪپڙا پاتل هئا ۽ واقعي بلائوز ۽ اسڪرٽ ۾ بيحد وڻندڙ لڳي رهي هئي.

”اوهيو گو ڏائي ماس“ هن جپانيءَ ۾ صبح جي ڪيڪار ڪئي.

”اوهيو گو ڏائي ماس، ماسايو سانَ“

سيٽان بہ جپانيءَ ۾ ئي ورندي ڏني، جنهن جي عيوض مس ڪانو ماسايو دل لڀائيندڙ مرڪ چپن تي آندي. سيٽان ڪي جڻ خاطري ملي تہ گذريل دفعي پارڪ ۾ جيڪا هن ڪان غلطي ٿي هئي تنهن ڪي هن درگذر ڪري ڇڏيو آهي.

پوءِ ريل جي سفر جا پورا ٽي ڪلاڪ هن ڪي هڪ حسين ترين عورت سان گڏ ويهڻ جو ڀرپور مزو نصيب ٿيو. مزي جي ڳالهہ اها جو سمورو وقت هوءَ بہ هن جي ڳالهين مان محفوظ رهي. جيئن ئي هو هڪ ٻئي سان بي حجاب ٿي ويا تہ سيٽان محسوس ڪيو تہ هن جيترو سمجهيو ٿي هوءَ ان کان گهڻو وڌيڪ انگريزي ڳالهائي سگهي ٿي.

سفر دوران هن منجهند جي ماني ريل گاڏيءَ جي ڊائيننگ ڪار ۾ وڃي کاڌي. ٻئي ٽيبل جي هڪ طرف تي ويٺا ۽ سامهون دريءَ مان نہ ڪٿندڙ نظارا هئا جن مان هڪ ڪڏهن بہ نہ وسرندڙ فيوجي جبل جو هو. هڪ سؤ پنجويهہ ميل في ڪلاڪ جي رفتار سان سفر ڪندي سيٽان دل ئي دل ۾ جپاني انجنيئرن جي اعليٰ ذهن جي تعريف ڪرڻ کان رهي نہ سگهيو جن هن قسم جي ريل گاڏي ٺاهي آهي. آمريڪا جي ڪابہ شيءِ هن ريل سان پيٽي نٿي سگهي.

شام ڌاري هو ڪيوٽو شهر ۾ داخل ٿيا ۽ پوري وقت تي- ويندي سيڪنڊن جي حساب سان، گاڏي ڪيوٽو اسٽيشن تي اچي بيٺي. جيئن ئي هو ٻاهر پليٽ فارم تي نڪتا تہ سامهون ايندڙ هڪ جوان مڙس ڪانئن اچي سامان ورتو.

”سائين ڪيوٽو ۾ ڀلي ڪري آيائو. اچو توهان لاءِ ٻاهر ڪار بيٺي آهي جيڪا توهان ڪي توهان جي رهائش واري مسافرخاني تائين پهچائيندي“ ٻاهر نڪري هن سامان هڪ ڪار جي ڊڪيءَ ۾ وڌو. اها ڪار عام قسم جي ٽئڪسي نہ هئي، پر سچي ڏينهن لاءِ مسواڙ تي جهليل پرائيويٽ نموني جي ڪار هئي. اهو ماڻهو جيڪو پورن ٻن ڏينهن لاءِ ملڪ جي

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

خوبصورت ترين گيشا جو خرچ برداشت ڪري سگهي ٿو سو هڪ عام ٽئڪسيءَ ڪيئن موڪليندو. اسٽيشن تي آيل همراهه هن کي ڪار ۾ ويهاري ڊرائيور کي جپانيءَ ۾ سمجهايو. سيٽان دل ئي دل ۾ ريڪو جي تعريف ڪئي جنهن هنن لاءِ هي بندوبست ڪرايو هو.

ڪار شهر جي ٽرئفڪ کي چيريندي آخر هڪ سوڙهي گهٽيءَ ۾ هڪ بنا نالي واري عمارت اڳيان اچي بيٺي. هڪ مرڪنڊڙ جپانيءَ ٻاهر نڪري سامان کنيو ۽ کين دروازي وٽ وٺي آيو. جيئن ئي هنن بوٽ لاٿا ته هو مرڪيو ۽ کين اندر وٺي آيو. ڪاٺ جو ٺهيل هي مسافرخانو اندران تمام سهڻو هو. مسافرخاني جي سادي ٺهيل استقباليه وٽ ڪمونو ۾ ملبوس ٻن عورتن ۽ ڪمپليٽ سوٽ پهريل هڪ مرد سيٽان جي اڌ جپاني اڌ انگريزيءَ ۾ ڪيڪار ڪري آڌرڀاءُ ڪيو.

”سيٽان سان۔! ها ـ ئي؟ (توهان سيٽان آهيو؟) اِراس ـ شائي ـ ماسي (ڀلي ڪري آيا) ويلڪم“ مرد چيو.

”توهانجي مسافرخاني ۾ اسان جي رهائش لاءِ ريزرويشن ته ٺيڪ آهي يا نه؟“ سيٽان پڪ ڪئي.

”ريزرويشن ـ ها ـ ئي ـ دوزو“ جپاني همراهه سيٽان کي هٿ ۾ پين ڏيندي ٻڌايو ته ريزرويشن بلڪل ٺيڪ آهي.

سيٽان رجسٽر تي پين سان پنهنجو نالو۔ ”رچرڊ سيٽان“ وڏي اي بي سيءَ ۾ لکيو. پوءِ پين مس سدا بهار چنبيليءَ جي حوالي ڪئي. جنهن سڌيون ڦڏيون ليڪون پائي شڪلين واري جپاني (ڪانجيءَ) ۾ پنهنجو اصلي نالو ڪانو ماسايو لکيو. سيٽان ڪلارڪ کي ٻڌايو: ”اسان کي ٻه ڪمرا ڏجان“.“ ۽ ان سان گڏ ڪيس پنهنجيون ٻه آڱريون ڏيکاري رهيو هو ته ايتري ۾ سندس ڏيان هڪ ننڍڙي قد جي نوڪر ڏي ڇڪجي ويو جيڪو سندس پيرن ۾ انهن جي ماپ کان گهٽو ننڍو چمپل پارائڻ جي ڪوشش ڪي رهيو هو.

عورتن مان هڪ کين رستو ڏيکاريندي ورانڊي ۾ وٺي آئي جتان هڪ ڪمري وٽ پهچي هن ڪمري جو گهڙڪنڊڙ دروازو کين اندر گهڙڻ جو اشارو ڪيو.

ڪمرو چڱو وڏو هو. سنهي پيس جي تڏي مٿان جپاني قسم جو ننڍڙين ٽنگن وارو ٽيبل رکيل هو. پر ان ڪمري ۾ هڪ بخاري ۽ ٻه مغربي طرز جون ڪرسيون پڻ هيون جن جي وچ ۾ هڪ وڏيڪ ننڍڙو ٽيبل هو. هڪڙي پٽ ۾ تصوير جيڏي ننڍڙي دري هئي جنهن مان

مسافرخاني جو سهڻو ۽ ننڍڙو ذاتي باغيچو نظر آيو ٿي. باغيچي جي وچ ۾ بانس جي لڪڻ مان پاڻيءَ جو ڦڙو ڦڙو وهي هيٺ ڪري رهيو هو. عورت ڪمرو هنن جي حوالي ڪري ٻاهر نڪتي ته پنيان نوڪر سندس سامان کڻي آيو ۽ وڏي خيال سان ڪمري جي ڪنڊ ۾ هڪ هڪ شيءَ لاهي رکي.

سيتان سوچڻ لڳو: ڪنهن سبب ڪري ريڪو غلط فهميءَ جو شڪار بنجي هنن لاءِ ٻن الڳ ڪمرن جو بندوبست نه ڪرائي سگهي آهي ۽ ماسايو (مس سدا بهار چنبيلي) هن بابت ڪيڏو نه خراب تاثر وٺيو ويٺي هوندي. هن پنهنجو ٿيلهو کنيو ۽ هٿ جي اشاري سان اهو اظهار ڪندي ته هي ڪمرو هن لاءِ ئي آهي. پاڻ پنهنجي لاءِ ٻئي ڪمري جو بندوبست ۾ نڪتو.

ٻاهر لابيءَ ۾ مسافرخاني جو مئنيجر مليس جنهن کي ڳالهه سمجهائڻ تي هو وائڙو ٿي ويو ته هي آمريڪن همراهه پنهنجي زبان ۾ ڇوي چا پيو. هن ته پنهنجي حساب سان سڀ کان بهتر ڪمرو هنن جي حوالي ڪيو آهي، پر ان هوندي به سيتان صاحب خوش نه آهي. سيتان جڏهن زبان سان سمجهائي نه سگهيو ته اشارن واري زبان کان ڪم ورتائين. مئنيجر ڪافي ذهين ٿي لڳو. سيتان وڏي خبرداريءَ سان هڪ هٿ جي شاهد آڱر اڀي ڪري ٻئي هٿ سان ان ڏي اشارو ڪري چيو "ون" (هڪ). يعني اسان ته هن کي 'ون' ٽا چئون توهان جپانيءَ ۾ چا ٽا چئو.

"يوبي" (آڱر) جپانيءَ پنهنجي ٻوليءَ ۾ ٺهه پهه وراڻيس. هن اهوئي سوچيو ته مهمان جي اهو معلوم ڪرڻ ٿو چاهي ته جپانيءَ ۾ آڱر کي چا ٿو سڏجي ته هن کي ٻڌائيندي ڪهڙو غم!

سيتان پوءِ ٻي آڱر به اُڀي ڪئي ۽ هاڻ ٻنهي آڱرين ڏي اشارو ڪيو:

"يوبي" جپاني هڪدم ساڳيو جواب ڏنو. ڇو جو جپانيءَ ۾ واحد جمع جو چڪر ته آهي ئي ڪونه. سو هڪ آڱر به 'يوبي' ته ٻه آڱريون به 'يوبي'.

سيتان سمجهي ويو ته ائين ڪرڻ سان به ڪم نه هلندو. سامهون مس سدا بهار چنبيليءَ کي ايندو ڏسي هن کي خوشي ٿي. هوءَ واڻڙي ٿي ويئي ته سندس معزز گراهڪ سان ڪهڙي قسم جي ويڌن ٿي پئي آهي.

"آئون ٻن ڪمرن لاءِ گهر ڪري رهيو آهيان، پر هي منهنجي ڳالهه سمجهن ئي ڪونه پيا." سيتان هن کي ٻڌايو. پريشانيءَ جي عالم ۾ هو ايترو ته تکو تکو ڳالهائي ويو جو گيشا کي

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

به سمجهه ۾ نه آيو. نئڙت سان هن هوٽل جي انچارج سان جپانيءَ ۾ ڳالهايو. هن سيٽان کي ترسڻ جو اشارو ڪيو ۽ پاڻ ٽيليفون نمبر گهمائي ڪٿي فون ڪرڻ لڳو. ٿوري دير ڳالهائڻ کان پوءِ هن فون مهمان جي حوالي ڪيو.

”هي جپان ٽريول سروس آهي.“ زبردست قسم جي انگريزيءَ ۾ ڪنهن ٻئي پاسي کان ڳالهايو ”مهرباني ڪري پنهنجو مسئلو ٻڌايو ته ان جو ترجمو ڪريون.“

”مهرباني سائين،“ سيٽان گرمجوشيءَ مان چيو: ”آئون هينئر هينئر هن مسافرخاني ۾ پهتو آهيان. مون سان گڏ هڪ عورت به آهي جيڪا منهنجي مهمان آهي. اسان شادي شده نه آهيون.“

”سائين مڙيئي خير آهي. توهان ڪوبه فڪر نه ڪريو. هوٽل وارا توهان جي وچ ۾ ڪنهن به قسم جو رخنو پيدا نه ڪندا.“

”شايد توهان منهنجي ڳالهه چڱيءَ طرح نه سمجهي. دراصل منهنجي نيت صاف آهي ۽ دل ۾ هن عورت لاءِ عزت آهي. آئون هن سان گڏ سمهڻ نٿو چاهيان.“

”جيڪا توهان جي مرضي، سائين.“

سيٽان وري ورجايو: ”آئون ٻه ڌار ڌار ڪمرا چاهيان ٿو. هڪ هن جي لاءِ ۽ هڪ پنهنجي لاءِ.“

”ڌار ڌار ڪمرا_؟ ائين نه؟ سائين!“ مئنيجر ڪجهه تعجب مان پڇ ڪرڻ چاهي.

”مهرباني جو توهان ڳالهه سمجهي. دراصل ڪيترائي آمريڪن بلڪل نرالا آهن. پر آئون انهن مان نه آهيان. آئون ڪنهن عورت سان سمهڻ کان اڳ هن سان شادي ڪرڻ چاهيندس.“

”سائين توهان بلڪل صحيح ٿا چئو سيٽان صاحب. توهان جا نيڪ خيال قابلِ داد آهن. بهرحال آئون ان بابت مسافرخاني جي مئنيجر کي سمجهايان ٿو.“

سيٽان ٽيليفون مئنيجر حوالي ڪيو. جنهن فون تي ڳالهه ٻڌي پهرين تعجب جو اظهار ڪيو ان بعد سندس چهري تي سڪون ۽ اطمينان جا تاثر نظر آيا. آخرڪار هن فون رکيو ۽ مس سدا بهار چنبيليءَ کي ان ڳالهه جي مبارڪ ڏني ته هي آمريڪن همراهه توسان جهٽ پٽ شادي ڪرڻ وارو آهي. ان مطابق دعوت جو پڙ جوڳو بندوبست ڪيو ويندو.

اهو ٻڌي ڪانو ماسايو کي ماٺ وٺي ويئي. ان ۾ ڪو شڪ ناهي ته آمريڪن ان ڳالهه

ڪان بدنام آهن ته جپان ۾ هنن ڪي جنهن وقت به پور پوندو آهي ته بنا ڪنهن سوچ سمجهه جي شاديءَ لاءِ ڇوڪري ڊوڙائي اچي شنتو مندر ۾ ٻائي اڳيان بيهاريندا آهن جڻ شادي نه ٿي راند ٿي. ۽ ڪيوٽو ته ان قسم جي شادين ۾ مندرن ڪان مشهور آهي. هن اتان هڪدم پڇي وٺڻ جو سوچيو پر ٻي گهڙيءَ سيٺان تي نظر پوڻ سان اُن نتيجي تي پهتي ته جيڪڏهن هن ڪي مرد جي طبيعت جي ٿوري به پروڙ آهي (جيڪا هن ڪي تمام گهٽي هئي) ته سيٺان اهڙن ماڻهن مان هرگز ڪونه ٿو لڳي. ضرور ڪٿي ڪا ڳالهه هيٺ مٿي ٿي ويئي آهي.

سو هڪ دفعو وري جپان ٽريول سروس وارن سان رابطو رکيو ويو جنهن بعد ڳالهه وڃي سيني جي سمجهه ۾ ويني ۽ مئنيجر صاحب ـ جيڪو شاديءَ جي دعوت جو سوچي رهيو هو تنهن ڪائنن معافي وٺي نوڪر کي ٽئڪسي آڻڻ لاءِ چيو جيئن سندس مسافرخاني جا مهمان ڪيوٽو شهر گهمڻ لاءِ روانا ٿين.

تيستائين گيشا ماسايو ڪانو هن ماڻهوءَ ـ سيٺان بابت سوچڻ لڳي جنهن کي وندرائڻ سندس فرض هو. هو جيتوڻيڪ ڪو سهڻو نه هو پر نيت جو صاف ۽ ايماندار ٿي لڳو جيڪا خاصيت مس سدا بهار چنبيليءَ (ماسايوڪانو) دل سان قبول ڪئي ٿي ۽ جنهن ڪري ڪيس سيٺان لاءِ عزت پڻ هئي. جنهن نموني سان هي گيشا سان گڏ هلي رهيو هو ان مان اهو اندازو صاف ٿي لڳو ته هن ويچاري کي اها خبر ناهي ته جيڪو وقت ڪانو ماسايو ساڻس گذاري پئي ان جي هڪ هڪ منٽ جو ڳرو ملهه ڪو ٻيو ادا ڪري رهيو آهي. جنهن وقت هوءَ ٽئڪسيءَ ۾ چڙهي "۽ ڊرائيور کي ائڊريس ٻڌائي رهي هئي ته هن کي خيال آيو ته سيٺان لاءِ بهتر اهو ٿيندو ته هو ڪا اهڙي سني ڇوڪري ڳولي جيڪا گيشائپي ڏنڌي ۾ نه هجي.

ٽئڪسي شهر مان نڪري ٻهراڙيءَ جي علائقي مان هلندي هلندي هڪ باغ وٽ اچي بيٺي. ٻئي ڄڻا اتي لٿا ۽ باغ ۾ چڪر هڻڻ لڳا. باغ ڇا هو جنت جو ٽڪرو هو. زمان ۽ مڪان جو ته ڄڻ مٿس اثر ئي نه ٿيو هو. ڏکيا ڏکيا وڻ جن جا گهاٽا ڇانورا. پري پري تائين ور وڪڙ ڪائيندڙ ڍنڍ جو ڪنارو. گلن، پنن، پراڻن وڻن جي ڇوڏن ۽ ڍنڍ جي پاڻيءَ جو مليل جليل هڳاءُ ـ ڇا ته پرسڪون جڳهه هئي. جڻ خلقتهار پاڻ پنهنجن هٿن سان واندڪائيءَ ۾ ويهي ٺاهي هجي.

هڪ پوڄاريءَ جيان، سيٺان سرن سان نهيل رستي تان هلندو اڳتي وڌيو گيشا به پنيان پنيان هلندي رهي پوءِ هو هڪ وڏي پٿر وٽ ترسي ان تي ويهي رهيو. ڪانو ماسايو ويجهو

پهچي پنهنجي ٿيلهي مان هڪ ننڍڙي ڪئميرا ڪڍي ۽ فوٽو ڪڍڻ لاءِ اک تي رکي. سيتان عينڪ کي نڪ تي ٺاهي فوٽي لاءِ ڪئميرا جي شيشي ڏي نهاريو. جيئن ئي ڪانو ماسايو ڪئميرا جو بٽڻ دٻايو ته هو اُٿي ڪڙو ٿيو ۽ ڪانئس ڪئميرا وٺي ڪيس ان پٿر تي ويهڻ جو اشارو ڪيو.

حڪم جي تعميل ڪندي گيشا پٿر تي ٿي ويني ۽ سيتان فوٽو ڪڍيو. ان بعد سيتان جيئن ئي اچي هن جي پر ۾ وينو ته هن ڪيس پاڻ ڏي وڌيڪ ويجهو ويهڻ لاءِ اشارو ڪيو. سيتان ائين ئي ڪيو. ان بعد گيشا پنهنجو منهن هنجي منهن جي اجا به ويجهو آڻي سندس عينڪ لاٿي ۽ عينڪ بنا سندس منهن کي غور سان ڏسڻ لڳي. ايتري قدر جو هڪ هٿ سندس ڪاڌيءَ تي رکي منهن پنهي پاسي ڦيرائي به ڏٺائين.

”توڪي هي باغيچو وٽي ٿو؟ سهڻو آهي نه؟“ مس سدا بهار چنبيليءَ پڇيو.

”هائو خاص ڪري جڏهن تون ان ۾ موجود آهين.“ سيتان وراڻيو.

هن سندس جملي جو مطلب سمجهيو ۽ جذباتي ٿيڻ کان بچڻ لاءِ پنهنجو پاڻ کي اهو سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي ته سيتان فقط هڪ گراهڪ جي حيثيت رکي ٿو. هڪ گهڙيءَ لاءِ ته هوءَ ايڏو بي اختيار ٿي پيئي جو آئيندي لاءِ گيشا ٿيڻ کان انڪار ڪرڻ جو فيصلو ڪري ورتائين. هن چاهيو ٿي ته هوءَ به هڪ عام انسان ٿي رهي ۽ نه هڪ ويڪائو مال. اهو چاهيو ٿي ته پاڻ تي لڳل گيشا مس سدا بهار چنبيليءَ جو نپو ڊاهي هڪ عام ڇوڪري ٿي وڃي جنهن کي هر قسم جي آزادي هوندي آهي ته جيڏانهن وڻيس تيڏانهن وڃي. جنهن سان وڻيس تنهن سان ملي. شايد باغ جي سونهن ۽ رومانيت هن جي دل ۽ دماغ تي ايڏو ته گهرو اثر ڪيو جو هوءَ سالن جي ورتل سکيا جا اصول به في الحال وساري ويني هئي. آخرڪار هوءَ به هڪ انسان هئي جنهن جي رت ۾ پڻ جذبات هئا ۽ سونهن لاءِ چڪ هئي.

”هي پهريون دفعو هو جو هن ڪنهن کان پنهنجي لاءِ تعريف پريل بول هڪ گيشا جي ناتي سا نه، پر پنهنجو پاڻ- يعني مس ڪانو ماسايو لاءِ ٻڌا هئا. هن اهو به محسوس ڪيو ته سيتان جي هن ۾ ڪا به لالچ ناهي ۽ ان کان علاوه سيتان ۾ اها مڙيئي سنائي آهي جيڪا ٻئي ڪنهن فارينر ۾ هجڻ جو هوءَ سوچي به نٿي سگهي. عينڪ بنا هن جو مهانڊو جيتوٽيڪ مشرقي نموني جو نه هو پر ان هوندي به سندس ڪي ڪي نقش تڪا ۽ چٽا پٽا ٿي لڳا. ”يو آر اي هئنڊسم“ (تون سهڻو آهين) هن مڙيئي ٿورو ڪوڙ ڪان ڪم وٺي سيتان جي تعريف

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

ڪئي.

سيتان جون اکيون پورجي ويون ۽ پوءِ هن آهستي انڪار ۾ ڪنڌ ڌوڻي ان ڳالهه جو اظهار ڪيو ته هو ته ڪو سهڻو ناهي. پلا اهو ڪيئن ٿي سگهي ٿو جي سهڻو هجي ها ته سندس ملڪ ۾ ڪا ته ڇوڪري مٿس ضرور موهت ٿئي ها. گيشا هن جي من جي ——— ريت پروڙي ورتي. سندس عينڪ هٿن ۾ جهليندي، هن آهستي پيار وچان پنهنجيون آڱريون سندس ڳچيءَ جي چوڌاري ڦيرائي ڪيس پاڻ ڏي ڇڪيو ۽ اهو سوچڻ سواءِ ته جپان ۾ کلئي عام رستن ۽ پارڪن ۾ چمي ڏيڻ خراب ڳالهه سمجهي وڃي ٿي. هن سيتان جي چپن تي چپ رکي چمي ڏني. پوءِ ٿوري ساعت لاءِ هيڏانهن هوڏانهن ڪنڌ ورائي پڪ ڪئي ته اوسي پاسي ۾ ڪو ماڻهو ته نه آهي. پري پري تائين ڪير به نه هو. اڪيلائي ۽ خاموشي چانيل ڏسي هن وري سيتان کي پاڻ ڏي ڇڪيو ۽ پنهنجا چپ هن جي چپن سان چنبڙائي ڇڏيا. سيتان ماٺ ئي ماٺ پت ٻڌيو بيٺو رهيو. انهيءَ دپ کان ڳالهايائين به نٿي ته متان ٻي خبريءَ ۾ هو ڪو اهڙو جملو چئي وجهي جيڪو سندس محبوبه کي خراب لڳي.

”منهنجي خيال ۾،“ ڪانو ماسايو انگريزيءَ ۾ ايترو چئي وري وڏيڪ لفظ سوچڻ لاءِ ڪجهه دير ترسي چوڻ لڳي، ”تون عينڪ ڪٽي نه پا“.“

”افسوس جو آئون پاڻ به پائڻ نٿو چاهيان، پر مون لاءِ پائڻ ضروري آهي.“ سيتان چيو.

بنا عينڪ جي جيتوٽيڪ هن کي چٽو ته ڏسڻ ۾ نه پئي آيو پر ان هوندي به هو ايترو ڏسي سگهيو پئي ته سندس اڳيان بيٺل ڇوڪري ڪنڌ ڌوڻي رهي آهي. مس سدا بهار چنبيلي هڪ دفعو وري ٻوليءَ جي مسئلي سان ويڙهه ڪندي ڪاميابي حاصل ڪئي ۽ جيڪي ڪجهه هن چاهيو ٿي ان جا انگريزي لفظ سندس ڏيان ۾ اچي ويا: ”Contact Lenses“ (ڪانٽئڪٽ لينسز - عينڪ بدران اکين جي ماڻڪيءَ مٿان رکڻ جا ننڍڙا شيشا).

ٿوري دير وڏيڪ باغ ۾ گهمڻ ڦرڻ بعد مس سدا بهار چنبيليءَ ٽئڪسي گهرائي ۽ هو اتان روانا ٿي هڪ ٻي عمارت وٽ پهتا جيڪا سڄي ڪاٺ جي هئي ۽ صاف لڳي رهيو هو ته ڪو عبادت گهر آهي. اندر گهڙڻ لاءِ سيتان در وٽ ڪجهه سڪا ڏنا ۽ بوٽ لاٿو. مندر جي اندر ڪابي پاسي سنهو فٽ پاٿ هو ۽ ساڄي پاسي ڏاڪن تي قطار ۾ رکيل پٿر جون مورتيون اٿين ٿي لڳيون ڄڻ ڪنهن بادشاهه جي دربار ۾ خدمتگار قطار ۾ وينل هئا ۽ اوچتو سندن ساهه نڪري ويو هجي ۽ هاڻ ايامن کان اٿين پند پهڻ ٿي پيا هجن.

”هزار ديوتائن جون مورتيون“ مس سدا بهار چنبيليءَ معلومات طور ڳالهه ڪئي، ۽ هن جي منهن ۾ نهاريو. سيتان ماٺ ۾ سيڪجهه ڏسندو هليو. اڳيان اڳيان هوءَ هئي ۽ پنيان هي. اڌ قطار مورتن جي ختم ٿيڻ بعد هڪ وڏو ڪمرو آيو جتي گوتم ٻڌ جي هڪ وڏي مورتيءَ کي ڏسي هن عقيدت ۽ عزت وچان پنهنجون منيون پيڙيون ۽ پوجا خاطر اڳيان ڪنڌ جهڪايو.

سيتان لاءِ اها ڳالهه نرالي ۽ نئين هئي ته هوءَ هڪ اهڙي پٿر جي ديوتا اڳيان جهڪي رهي هئي، جنهن کان هو بلڪل اڻ واقف هو. هن گوتم ٻڌ بابت ٿورو گهڻو ٻڌو ضرور هو پر هن ان گيان ڪندڙ بابت پڙهيو بلڪل نه هو. جيڪو هندستان جو شهزادو سڌارٿا گوتم هو. جنهن حضرت عيسيٰ ع جي ڄمڻ کان به پنج ڇهه صديون اڳ سچ ۽ اندر جي روشني حاصل ڪرڻ لاءِ پنهنجيون محل ماڙيون ۽ تخت تاج ڇڏي ڏنا هئا. جنهن جي اثر هيٺ دنيا جا جيترا گهڻا ماڻهو آيا اوترا ڪنهن ٻئي فاني مخلوق جي اثر ۾ نه آيا. چين، برما، سريلنڪا جيان جپان تي به ٻڌ ڌرم جو اثر آهي ۽ اهو سوچي سيتان پريشان ٿي ويو ته سندس ساٿڻ مذهبي طرح هن کان مختلف آهي. بهرحال گوتم ٻڌ جي مورتيءَ کان پوءِ باقي بيٺل پنج سؤ بتن وٽان لنگهي هي مندر کان ٻاهر نڪتا.

ٻاهر نڪري ڪانو ماسايو واچ ۾ وقت ڏٺو ۽ پوءِ سيتان ڏي منهن ڪندي هن کان پڇيو:

”هڪ ٻي به جاءِ ڏسڻ لاءِ هلون؟“

جاءِ ڪٿي ڪهڙي به هجي. اهڙي سهڻي ساٿيءَ سان گڏ گهمڻ ڦرڻ لاءِ انڪار ڪير ٿو ڪري سگهي.

”ها يلي وٺي هل.“

هڪ دفعو وري هنن ٽئڪسي ڪئي ۽ شهر ڏي روانا ٿيا. ٽئڪسي جتي اچي بيٺي اهو هڪ باغ هو. دروازي وٽ پهچي اندر گهڙڻ لاءِ هن ٽڪيٽ ورتي. باغ بيحد پراڻو پر تمام صاف سٿرو هو. منجهس گلن ڦلن کان وڌيڪ گول پٿر جا رستا ۽ پاٽيءَ جون شاخون ۽ واٽر ڪورس هئا. هو ٻئي هڪ وڏي پٿر تي اچي ويٺا ۽ ڪا دير هڪ ٻئي کي غور سان ڏسندا رهيا. ان بعد هو پنهنجي مسافرخاني ڏي روانا ٿيا.

مسافرخاني ۾ گهڙڻ سان بندري قد جي جپاني نوڪر هن دفعي نوان آندل وڏي سائيز جا چمپل سيتان اڳيان رکي هن جي پيرن ۾ پائڻ جي ڪوشش ڪئي. جڏهن هن ڏٺو ته اهي چمپل سندس مهمان جي پيرن ۾ بلڪل صحيح اچي ويا ته ڏاڍو خوش ٿيو.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

مئنيجر سيٽان جي رُڪي ۽ عجيب طبيعت ڪي ڏيان ۾ رکندي ڪيس ورانڊي ۾ وٺي آيو ۽ ڪيس ٻئي ڪمري ڏي اشارو ڪري ٻڌايائين ته سائين هي ڪمرو توهان لاءِ آهي. در وٽ سندس سامان به رکيو هو جيڪو هن کڻي اندر ڪيو. مئنيجر جي هلئي وڃڻ کان پوءِ اڪيلائيءَ ۾ هو ڪمري جو جائزو وٺڻ لڳو. باٿ روم مغربي نموني جو هو جنهن ۾ هڪ ڪاٺ جو چورس ٽب به رکيل هو. قميص جا ٻيڙا کولي جهڙي هن قميص لاٿي ته در تي ٺڙڪو ٻڌائين. گنجيءَ ۾ ئي اڳتي وڌي هن در کوليو. هن سمجهيو شايد مئنيجر آيو آهي پر هي اهو ڏسي وائڙو ٿي ويو ته ٻاهر مس سدا بهار چنبيلي پاڻ بيٺي آهي. هن کي ڪاٽن جو پلين آسماني ۽ اڇي رنگ جو ڪمونو پهريل هو جيڪو تازو ڌوپيءَ وٽان آيل ۽ ڪلف ڏنل ٿي لڳو. هوءَ بيحد پياري لڳي رهي هئي.

بنا پڇڻ ڇوڻ جي هوءَ اندر گهڙي آئي ۽ ڪمري کي ڏسڻ لڳي. ڪمري جي هڪ ڪنڊ ۾ هن کي اها شيءِ ملي ويئي جيڪا هن ڳولڻ چاهي ٿي ـ ڪاٽن جو اڇي ڪاري رنگ جو ڪمونو ـ يوڪاتا ـ ويڙهيو سيڙهيو خومچي ۾ رکيو هو. هن ان کي کڻي کوليو جيڪو گائون وانگر هو ۽ سيٽان کي اهو پائڻ لاءِ چيائين: ”هي مردانو ڪمونو آهي ۽ ان کي جپانيءَ ۾ يوڪاتا سڏجي ٿو.“

سيٽان يوڪاتا پائڻ لڳو ته هن سندس پتلون کي ڇڪي چيو: ”يوڪاتا هن جي مٿان نه پائبو آهي. شاباش! ان کي لاهي ڇڏ.“ هاتسي باٿ ۾ ڪپڙا لاهيندي هن جو ايترو حجاب پئي ڇڪو هو سو پنيرو ٿي هن پتلون لاٿي. ۽ پوءِ هيٺ جهڪي يوڪاتا کي پيرن تائين ڏنائين. هن کي هيءَ عجيب ڊريس پسند آئي جيڪا هيٺ مرن تائين ٿي آئي. يوڪاتا جي وچ ۾ ڪپڙي جون پٽيون لڳل هيون جن کي ڇڪي هن اڳٿ وانگر ٻڌو.

گيشا هن کي پسند جي نگاهه سان ڏسي واهه واهه ڪئي ۽ پوءِ ڪيس هٿ کان وٺي پنهنجي پهرين واري ڪمري ۾ وٺي آئي. ڪنڊ ۾ رکيل هڪ ننڍين ٽنگن واري ڪرسيءَ تي ويهڻ جو اشارو ڪري پاڻ سامهون رکيل ٻي ڪرسيءَ تي هن ڏي منهن ڪري ويٺي. سندس چپن تي دل لڀائيندڙ مرڪ ڪيڏي رهي هئي. پوءِ وارن جي پوِيان هٿ وجهي پنهنجن ٻڌل وارن مان ٻڪل ڪيڏي مٿي کي جهٽڪو ڏنو ته سندس وارن جون ڊگهيون ڇڳون ڪلهن تي پکڙجي ويون. هن پنهنجين آڱرين سان وارن کي ڦٽي ڏيندي ڀنيان ڪيو ۽ پوءِ پنهنجي اسپيشل گراهڪ ڏي جادو ڀريل نگاهن سان ڏٺو.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

ڪليل وارن سان هن جي سونهن ۽ شخصيت وڏيڪ نکري پيئي. سيتان هن کي دل و جان سان چاهيو ٿي ۽ ڪيس سندس سخت ضرورت محسوس ٿي رهي هئي ۽ هو هن کي ذري گهٽ زور سان پاڪر پائڻ وارو ئي هو ته در تي کڙڪو ٿيو ۽ ڪمر واري ڇوڪري بيئر جون ٻه ٿڌيون بولتون ٽري ۾ رکي اچي حاضر ٿي.

وڏي اندروني ڇڪتاڻ بعد سيتان پنهنجو پاڻ سنڀاليو ۽ بيئر جو گلاس ڪٽي پيئڻ لڳو. نوڪرياڻي وچئين ٽيبل تي ڊنر لاءِ ڪاڏي جا پيالا ۽ پليٽون لڳائي هلي ويئي.

پٺ تي پلٽ ماري ويهي ڪائڻ جو ڏانءُ اجا ٻه سيتان کي نٿي آيو پر هاڻ مڙيئي گذارو ڪرڻ جهڙو سکي ويو هو.

مس سدا بهار چنبيليءَ کي سنهي وڳي ۽ ڪليل وارن ۾ ڏسي هن جي دل اڏاما ڪائي رهي هئي. هڪ گهڙيءَ لاءِ هن جي دل ۾ اهو نفساني خيال ٻه آيو ته اجايو هن ڌار ڌار ڪمرن ۾ رهڻ لاءِ ضد ڪيو جيڪر هو هڪ ئي ڪمري ۾ رهن ها. هن اخلاقيات جي اصولن کي دل ئي دل ۾ گهٽ وڌ ڳالهايو جن ڪارڻ اڄ هو ان مزي کان محروم رهجي ويو نه ته اڄ جي رات سندس زندگيءَ جي سنهري رات هجي ها.

رات جي مانيءَ کان پوءِ هو ٻاهر مسافرخاني جي پرسان هڪ ننڍڙي باغيچي ۾ پسار لاءِ نڪتا. قسمين قسمين ۽ رنگين شين جا دڪان چوڌاري بلاڪن وانگر پکڙيا پيا هئا. هن هڪ دڪان تان پنهنجي محبوبه کي ڪارائڻ لاءِ منائي ورتي جا ٻنهي کاڌي. ڪمري تي واپس پهچڻ تي هنن جا ڪمرا سمهڻ لاءِ تيار هئا. ٽيبل ۽ ڪرسيون وغيره هٽائي جپاني نموني جا نرم هنڌ 'فوتان' ٻن ٻن وهاڻن سان گڏ هڪ ٻئي جي پر ۾ وڇايل هئا. ننڍڙي بلب وارو ٽيبل لئمپ ٻري رهيو هو جنهن جي تمام هلڪي روشني ڪمري ۾ پکڙيل هئي.

سيتان کي اها خبر نه پئي پيئي ته هن جي ساٿيءَ کي اهو محسوس ٿي رهيو آهي يا نه ته سندس دل ۾ ڪهڙي آنڌ مانڌ متل آهي ۽ گيشا کي اها پڪ نه پئي ٿي ته آيا هو ساڻس سچي محبت ڪري ٿو يا نه. پر کيس اها پڪ ضرور هئي ته هن شخص پنهنجي زندگيءَ ۾ ڪنهن عورت سان اڃا همبستري نه ڪئي آهي. جڏهن هو اُٺي بينو ۽ در کان ٻاهر نڪري, اکين ۾ ڳوڙها آٽي ڪائنس موڪلايو ته هن پنهنجيون جپاني ريتون رسمون ۽ اخلاقي حدون نظر انداز ڪري کيس ڪٽي پاڻ ڏي ڇڪيو. ڪن گهڙين لاءِ هوءَ کيس پاڪر ۾ جهلي بيٺي رهي ۽ پنهنجو پاڻ کي چميءَ لاءِ حاضر ڪري چڏيائين ۽ جيڪي ڪجهه هن کي مليو ان کان

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

وڏيڪ پاڻ ڏنائين. ۽ پوءِ ڪمري جو دروازو گهرڪائي بند ڪرڻ وقت هن کي اهو لڳو ته آمريڪن ماڻهن بابت جيڪي ڪجهه هن ڳالهيون ٻڌيون هيون، گهٽ ۾ گهٽ اهي سيٽان سان لاڳو نه هيون.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

6

سومر جي صبح جو رچرڊ سيٽان جرڪندڙ چهري سان ماتسوموتو ڪمپنيءَ جي آفيس ۾ جيئن ئي گهڙيو تہ ريڪو پري کان ئي سندس خوشيءَ کان ٻهڪندڙ منهن ڏسي سمجهي ويئي تہ سيٽان جا گذريل ٻہ ڏينهن تمام سٺا گذاريا آهن ۽ پڪ ماڪورا ڳاني - وهاٽي واري عياشي پڻ ڪئي اٿس.

تازين جنگين ڪري جپان ۾ ڇوڪرين جو تعداد تمام گهڻو ۽ مردن جو گهٽ ٿي وڃڻ ڪري ڪنهن خوش نصيب ڇوڪريءَ کي ڪو بواءِ فرينڊ يا مڙس مليو ٿي ۽ سندس جواني سجائي ٿي ٿي. "ڪالهوڪيون ٻہ راتيون مس سدا بهار چنبيليءَ ڪنهن مرد سان گذاريون - ڪمپنيءَ کي ان لاءِ چتي پرٽي سا پيئي." مس ريڪو اهو سوچيندي هئي ٻہ سوچڻ لڳي تہ اهڙيون راتيون ڪڏهن سندس زندگيءَ ۾ اچا نہ آيون آهن. ڪنهن ڪنهن وقت هن ڪيڏي تہ ملولائي محسوس ڪئي ٿي. هن پنهنجو گهر چاهيو ٿي، ان سان گڏ ٻار پڻ.

اهو ڏسي ريڪو کي تعجب لڳو تہ سيٽان اڳيان لنگهي هن وٽ ائين اچي بيٺو ڄڻ هو ڪا اهم شخصيت هجي.

"اوهيو گوذائي ماس، ريڪو - سان" (صبح خير، ريڪو صاحبہ)

"اوهيو گو ذائي ماس، سيٽان - سان." (صبح خير، سيٽان سائين) اُميد تہ موڪل جا ڏينهن سٺيءَ طرح گذريا هوندا." جيتوڻيڪ هن کي اهو پڇندي شرم پئي آيو پر هن بنا هٻڪ جي پڇي ورتو.

"جي ها، ريڪو مون کي ڏاڍو مزو آيو. ڀلا ريڪو ٿوري دير لاءِ اندر ڪانفرنس روم ۾ هلنديءَ؟" سيٽان پڇيو.

ڪانفرنس روم ۾ گهڙي سيٽان اندران ڪنڊو ڏنو تہ ريڪو گهبرائجي ويئي.

"ڀهرين تہ ريڪو تنهنجي تمام وڏي مهرباني جو تو مون لاءِ ههڙي سٺي پروگرام جو بندوبست ڪيو. اري گاتو گو ذائي ماس (مهرباني). اهو ٻڌي ريڪو سڪون جو ساهہ کنيو نہ تہ هن تہ سمجهيو تہ سيٽان الائي ڇا ٿو ڪري.

"مون کي مسافرخانو ڏاڍو پسند آيو. پر هنن اسان لاءِ فقط هڪ ڪمري جي ريزرويشن

ڪئي هئي. مون کي ڪين اهو سمجهائڻ ۾ ڇڱي دقت پيش آئي ته اسان کي هڪ نه پر به ڪمرا گهرجن.“

”به ڪمرا؟“ ريڪو تعجب مان پڇيو. ”ڇو توکي فوتان (جپاني هنڌ بسترو ـ جيڪو پٽ تي وڇايو ويندو آهي) پسند نه آيو ڇا؟“ هن جي دماغ ۾ ته اهائي ڳالهه اچي سگهي ٿي.

”نه اها ڳالهه ناهي. مون کي فوتان ته تمام گهڻو پسند آيو. اهو پهريون بسترو مون کي هتي جپان ۾ ئي نصيب ٿيو جنهن تي آئون ڇيلهه سڌي ڪري آرام سان سمهي سگهيس.“ ريڪو جي اکين ۾ سوال جا نشان ڏسي، سيتان کي سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي: ”ڳالهه هيءَ آهي ريڪو ته مون کي مس سدا بهار چنبيليءَ لاءِ دل ۾ عزت آهي...“

ڳالهه کي سمجهڻ لاءِ ريڪو پڇيس: ”توهان جو مطلب آهي ته توهان کي هوءَ وڻي ٿي.“

”جي ها. مون کي هوءَ بلڪل وڻي ٿي، پر هن دنيا ۾ اڃا ڪيترائي انسان پيا آهن جيڪي ان ڳالهه ۾ يقين رکن ٿا ته شاديءَ بعد ئي ڇوڪريءَ سان گڏ سمهڻ کپي.“

ريڪو اهو ٻڌي واقعي حيرت ۾ پئجي ويئي. فارينرن کي سمجهڻ واقعي هن جي وس جي ڳالهه نه هئي، سو هن وڌيڪ ڳالهائڻ کان پرهيز ئي ڪئي.

ساڳي ئي وقت ماتسوموتو ڪمپنيءَ جو مالڪ مسٽر ماتسوموتو به اهائي خبر ٻڌي رهيو هو جنهن تي واقعي اعتبار ڪرڻ ڏکيو ٿي لڳو. گيشا هائوس وارن فون ڪري ڪيس ٻن ڏينهن جي خرچ جو حساب ٻڌايو ته مس سدا بهار چنبيلي جنهن جي ڪلاڪ جو اگهه هيٽرو آهي سا هيترا ڪلاڪ توهان جي مهمان سان گڏ رهي ۽ ٽوٽل هيترو بل توهان جي بلي ٿيو.

جيتوڻيڪ اهو خرچ آسمان سان ڳالهيون ڪرڻ جيترو هو. پر ان هوندي به اهو ان خطرناڪ بل کان گهڻو گهٽ هو جنهن بابت هو سوچي رهيو هو. ڇاڪاڻ جو سيتان مس سدا بهار چنبيليءَ کان ماڪورا گاني ـ وهاٽي واري عياشيءَ (همبستري) جي گهر نه ڪئي هئي ـ جيڪا انڊو پاڪستان جي بوليءَ واري رسم کان به ڳري اگهه واري ٿي ٿئي. گيشا گهر کان ڪيس اهو به ٻڌايو ويو ته جيئن ته سيتان صاحب هڪ سٺي گراهڪ وانگر هن قيمتي ملڪيت ـ مس سدا بهار چنبيليءَ سان، تمام گهڻي خيال ۽ خبرداريءَ سان پيش آيو آهي، ان ڪري آئيندي لاءِ مس سدا بهار چنبيليءَ جي مڙني گراهڪن ۾ ڪيس وڌيڪ ترجيح ۽ اهميت ڏني ويندي.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

سيٽ ماتسوموتو ڳالهه ٻڌي فون رکيو. هن ڪيترا دفعا پنهنجن وڏن کي ياد ڪري دعا گهري هوندي تہ ان گيشا جي شل ڪا ٽنگ ڀانهن ڀڃي تہ اسان جي جان ڇٽي. پر ائين ٿيڻ اڻ ٿيڻو هو سو هاڻ هن کي ڀيو ئي ڪجهہ سوچڻو پيو. هن اڳهين فوتابا کي چٺي ڇڏيو هو تہ اڄ رات لاءِ سيٽان کي ماني ۽ ٿيٽر ۾ ڊرامي ڏسڻ جي دعوت ڏجان”۔ جيئن گهٽ ۾ گهٽ گيشا تي ٿيندڙ اڄ جي خرچ کان تہ بچت ٿي وڃي.

ريسرچ ۽ ڊيولپمينٽ سيڪشن ۾ سيٽان ڪمپنيءَ جي جپاني انجنيئر فيوجي هارا سان پروجيڪٽ تي ڳالهائي رهيو هو جو فوتابا اچي نڪتو ۽ ڊنر لاءِ دعوت ڏنائينس جيڪا هن خوشيءَ سان قبول ڪئي.

سيٽان اڄ ڪم ۾ ايڏو تہ رڌل رهيو جو وقت گذرڻ جو بہ هوش نہ رهيس. منجهند جي مانيءَ تي بہ دير ٿي ويس. جنهن بعد فئڪٽري بند ٿيڻ جو وقت ٿي ويو. اڄ گهربل اليڪٽرانڪ مشين جي اسيمبليءَ ۾ ڪم ايندڙ سڀ پرزا تهي راس ٿيا هئا. انهن کي ٻئي ڏينهن صبح جو ڳنڍي گهربل ٽيسٽنگ مشين ناهڻي هئي. سيٽان رات جي ماني فوتابا سان گڏ توڪيو جي مشهور امپيريل هوٽل ۾ کاڌي. فوتابا کي انگريزي گهٽ ٿي آئي. ان ڪري ڪچهري گهٽي ٿي نہ سگهي ۽ ماٺ ۾ پيٽ پري ڪائڻ جو سٺو موقعو ملي ويس. بهرحال سيٽان اهو ضرور اندازو لڳائي ورتو تہ فوتابا جي بيحد دلچسپ شخصيت ٻوليءَ جي قيد ۾ قاسيو چيتيون چيتيون ٿيو پوي.

جپاني ٻوليءَ ۾ لام جو اُچار نہ هجڻ ڪري ڪيترائي جپاني لام اُچاري نٿا سگهن. پوءِ انگريزي ڳالهائڻ وقت جتي ايل (L) اچي اتي آر (R) اُچارين. سو فوتابا جي انگريزي بہ گرامر جي چڪن سان گڏوگڏ اُچارڻ ۾ بہ اهڙي ئي هئي. جڏهن ماني ختم ٿي تہ فوتابا مڙيئي هڪ انگريزي جملو ڳالهائڻ جو بندوبست ڪيو:

(You liking beautiful girls? Seeing plenty tonight no clothes. Nichi geki Music hall one block obly. Walking okay?)

(”نيچي گيڪي ميوزڪ هال ۾ هلندئو. تمام سهڻيون ڇوڪريون اُگهاڙيون ٿي ڊانس ٿيون ڪن. فقط هڪ بلاڪ پري آهي. پنڌ ئي هلون؟“ هن جو مطلب هو)

”ها پلي پنڌ ئي سهي.“ سيٽان مڃيو.

اسٽيج تي پهرين جپاني ڇوڪرين بنا انگين جي ڊانس ڪئي. جيتوڻيڪ ناچ ۾

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

آمريڪا ان ڪان بہ وڌيڪ مشهور آهي. پر سيتان ڪڏهن بہ اتي اهڙين ڳالهين ۾ دلچسپي نہ ورتي هئي. سو هتي هي پهريون دفعو ان قسم جو ناچ ڏسي پهرين تہ هن کي عجيب لڳو پر پوءِ جپاني ڇوڪرين جون نئڊيڙيون پر سوٽُ ڇاتيون جانچي ڏسڻ ۾ لڳي ويو. آخر ۾ هڪ آمريڪن ڇوڪريءَ پنهنجي ناچ جو مظاهرو ڪيو ۽ نچندي نچندي پنهنجي جسم جا جڏهن ڪپڙا لاٿا تہ ماڻهن ان کي سڀ کان گهڻو داد ڏنو.

”آل ويز ون فارينر“ (هر پيري هڪ فارينر جو ناچ ضرور ڏيکاريندا آهن.) فوتابا تار واري زبان ۾ چيو. ”هتي جپان ۾ آمريڪن عورتن کي تمام گهڻو پسند ڪيو وڃي ٿو.“

سيتان اهو سوچي فرحت محسوس ڪئي تہ ڇڱو جو سندس ماءُ جو دور لنگهي ويو ۽ وڃي قبر ۾ آسودي ٿي ۽ هي اُگهاڙا ناچ سڀ پوءِ شروع ٿيا. جن واهيات ڳالهين جي هوءَ سخت خلاف هئي. سندس پيءُ جي وفات بعد ڪيس ماءُ نپائي وڏو ڪيو هو ۽ تمام گهڻو مذهب سان لاڙو هجڻ ڪري هن سيتان جو نيپاج بہ ڪجھ اهڙو ئي ڪيو ۽ ڪيس سخت اخلاقي حدن اندر رکيو. سندس وفات کان پوءِ جيتوڻيڪ هر ڳالھ سيتان جي مرضيءَ تي ڇڏيل هئي، پر تہ بہ هو ڪافي حد تائين اخلاقيات جو ساٿ قائم رکندو هليو. ٿيٽر ختم ٿيڻ کان اڳ جڏهن آخري دفعو سيني سهڻين ڇوڪرين کي هڪ ئي قطار ۾ بيهاري پيش ڪيو ويو تہ سيتان پهريون دفعو دل کولي تاڙيون وڄايون ۽ ناچ جي تعريف ڪئي.

هوٽل تي موٽڻ وقت هن کي جارج ساڪاموتو طرفان ملايل ڇوڪري نارما جو نياپو مليو تہ آڌي رات کان اڳ، ڪنهن وقت هوءَ وري فون ڪندي. فوتابا کان موڪلائي سيتان پنهنجي ڪمري ۾ آيو ۽ جيمس بانڊ جي اسٽائيل سان فون کڻي نارما سان ملايائين.

نارما جي آواز ۾ ساڳي پنهنجائپ هئي: ”ڊِڪ! مون تو لاءِ هڪ پروگرام رٿيو آهي. تو ڪڏهن سومو (جپاني ملهن جو ملاکڙو) ڏٺو آهي؟ جپان جي پراڻي ثقافت آهي ۽ اهو ملاکڙو صدين کان هلندو اچي. سڀاڻ رات لاءِ مون وٽ ان جون بہ ٽڪيٽون آهن. تون اوڏانهن هلڻ وقت مون کي بہ کڻندو هلجان“.

”بلڪل. مون طرفان پڪ ئي سمجهجان.“ سيتان گرمجوشيءَ سان وراڻيو.

”تمام سٺو. آئون جوڊو ڪراٽي جي آڪاڙي تي هونديس جتان مون کي ڇهين بجي ڌاري کڻيو هلجان“. ڇڱو ڊِڪ. وڌيڪ سڀاڻي. في الحال شب خير.“

”شب خير“ سيتان کي پنهنجا ڳالهايل لفظ وات مان نہ پر نڙيءَ مان نڪرندا محسوس ٿيا

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

۽ نارما جي فون رکڻ بعد بہ ڪا دير هو فون هٿ ۾ جهلي سوچيندو رهيو. نارما ڦهر جي سهڻي چوڪري آهي. هونءَ هن جو ارادو مس سدا بهار چنبيليءَ کي دعوت ڏيڻ ۽ ان سان گڏ شام ملهائڻ جو هو. پر هن صبر کان ڪم وٺڻ ۾ پنهنجو فائدو سمجهي في الحال نارما سان انڪار بہ نٿي ڪرڻ چاهيو ۽ نہ وري مس سدا بهار چنبيليءَ سان پروگرام پڪو ٿي ڪيو.

ٻئي ڏينهن منجهند جو ٽي بجي ڌاري ماتسوموتو ڪمپنيءَ جي پوڙهي مالڪ ماتسوموتو سکون جو ساهہ کنيو ۽ خوشي محسوس ڪئي جو بہ ڏينهن گذري چڪا هئا ۽ سندس آمريڪن مهمان – سيٽان توڪيو جي مهنگي گيشا جو نالو نہ کنيو هو ۽ ظاهر آهي في الحال ڪمپنيءَ جو ڪجهہ تہ خرچ بچيو. ماتسوموتو ڪو مهمان نوازيءَ کان ڀڄو نٿي، پر اڪين اڳيان نظر ايندڙ ڏيوالپٽي هن کي منجهائي رکيو هو. ياماگچيءَ کي گهرائي حالات جو جائزو وٺڻ لاءِ چيائين:

”آئون پنهنجن وڏن کان دعائون گهري رهيو هوس،“ هن چيو. ”تہ ڪنهن پر سيٽان جي هن گيشا مان جان ڇٽي، پر اهي دعائون اگهامڻ بدران ماڳهين نارما اچي نازل ٿي آهي جيڪا اسان لاءِ ويتر نقصانڪار ثابت ٿيندي، جنهن جو مقالو اسان مس سدا بهار چنبيلي جهڙي گيشا سان ڪيئن ٿا ڪرائي سگهون. نارما انگريزي سٺي ڳالهائي ٿي ۽ ساڪاماتو جارج جي ڪمپنيءَ سان هن جو پڪو ۽ ٻيڪو واسطو آهي، جيڪو اڄڪلهہ فلپائن پڙ روانو ٿيڻ وارو آهي ۽ آئون نٿو سمجهان تہ فلپائين وارا اسان کي نيڪو ڏيڻ لاءِ هاڻ ڪا نظرثاني ڪندا.“

ان ئي ويل ماتسوموتو جي فون جي گهنٽي وڳي. فون گيشا گهر کان هو ۽ پوڙهي انچارج ماماسان چئي رهي هئي تہ مس سدا بهار چنبيليءَ جي اڄ شام لاءِ هڪ ٻئي گراهڪ گهر ڪئي آهي. پر جيڪڏهن هنن کي پنهنجي مهمان سيٽان لاءِ اڄ ضرورت هجي تہ پوءِ هوءَ ان خاطر ٻئي گراهڪ کي جواب ڏئي ڇڏين. ماتسوموتو خوشيءَ وچان ڪيس ٻڌايو تہ هو ڀلي مس سدا بهار چنبيلي ڪنهن ٻئي گراهڪ لاءِ بڪ ڪري ڇڏي.

”هڪ ڳالهہ منهنجي ڌيان ۾ هينئر هينئر آئي آهي،“ ياماگچيءَ چيو: ”سيٽان – سانَ کي ڪيوٽو شهر گهمڻ ۾ ڏاڍو مزو آيو هو. ڇو نہ اسان هن کي جپان جا ٻيا شهر گهمائڻ جي پڙ آڇ ڪريون. گيشا جي هڪ يا ٻن ڪلاڪن لاءِ جيترا اسان کي پئسا ڏيڻا ٿا پون ان کان وري بہ

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

گهٽ خرچ ايندو.“

ماتسوموتو کي اها ڳالھ وڻي. ”واھ واھ. هينئر ئي وڃي سيتان کي دعوت ڏئي اچ. سندس ملڪ وڃڻ ۾ باقي ڪو هفتو کن مس آهي ۽ ائين ڪرڻ سان پنهنجي ڪجھ مڙيئي ڪل بچي پوندي.“

ياماگچي جڏهن سيتان وٽ پهتو تہ هو پاڻهن جا ڪف متي ڪنجي پنهنجي تيار ڪيل مشنيري جي نموني کي ڪنهن خاص اوزار ذريعي چڪاسي رهيو هو. اهو عجيب قسم جو اوزار آمريڪا کان هن پاڻ سان آندو هو. ان کي ڏسي مسٽر ياماگچيءَ جي دل ۾ آمريڪن لاءِ عزت پيدا ٿي جن اهو اوزار ايجاد ڪيو آهي. ان ۾ ڪو شڪ ناهي تہ آمريڪن اهي ماڻهو آهن جيڪي ڪنهن بہ شيءِ جي ڪٽي نہ پر اعليٰ ٽيڪنيڪل تهذيب جي هام هڻي سگهن ٿا.

ان ئي وقت ريڪو بہ رڙهي اچي اتي بيٺي تہ متان ياماگچيءَ ۽ سيتان کي ترجمي جي ضرورت پوي ياما گچيءَ ڪجھ پنهنجي انگريزي ۾ ۽ گهڻو ٿڌو ريڪو جي ترجمي  ذريعي سيتان اڳيان جپان گهمڻ جي دعوت پيش ڪئي ”اها تہ منهنجي دل وٽان ڳالھ آهي، مسز ياما گچي!“ سيتان شوق منجهان چيو. ”پر مون کي اهو خيال ٿو ٿئي تہ ائين ڪرڻ سان ڪمپنيءَ تي خرچ جو بار نہ پوي.“

ياماگچيءَ هن کي دلداري ڏني تہ خرچ جو هو بلڪل نہ سوچي، بلڪ ڪمپنيءَ کي ان قسم جي مهمان نوازي ڪري خوشي ٿيندي. پوءِ اوچتو ياماگچيءَ شام جي مانيءَ لاءِ پڻ سيتان کي چيو.

”مون کي افسوس آهي،“ سيتان وراڻيو ”اڄ منهنجي هڪ آمريڪن ڇوڪريءَ سان ملاقات رٿيل آهي جنهن کي ساڻ وٺي سومو ملاکڙي تي ويندس.“

اهو ٻڌڻ سان ياماگچيءَ کي يڪدم مونجھ ورائي وئي ۽ دل سست ٿيڻ لڳيس. هن کي خبر هئي تہ اها آمريڪن ڇوڪري ڪير ٿي سگهي ٿي. حالات کي منهن ڏيڻ لاءِ فقط هڪ ئي طريقو هو ـ مس سدا بهار چنبيليءَ جون خدمتون وري حاصل ڪرڻ. جيتوڻيڪ اڄ لاءِ تہ هوءَ هٿن مان نڪري ويئي ۽ ٿي سگهي ٿو تہ سندس اڄ جو گراهڪ ٻيو ڪو نہ، پر ساڪاموتو ئي هجي، جنهن سيتان کي گيشا کان ٽارڻ ۽ نارما جي ڦندي ۾ ڦاسائڻ لاءِ اها سٽ سٽي هجي.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

سيتان پوري وقت تي جوڊي ڪراٽي جي آڪاڙي ـ ڪوڊوڪان ۾ پهتو. ڏاڪڻ تان چڙهي اچي ڪرسيءَ تي ويٺو. جوڊي جا سڀ رانديگر اڇي رنگ جي ڪاٽن واري وڳي ۾ هئا. جن جي چيلهين تي سائو پورويا ڪارو بيلٽ ٻڌل هو.

بيل وڄڻ تي هڪڙي مئچ ختم ٿي ٻي شروع ٿي ٿي. سيتان جي نظر سگهو ئي نارما تي پيئي جيڪا گوتم ٻڌ جي مورتيءَ وانگر بنا چرپر جي سيٽيو بيٺي هئي. انچارج ٻن ڄڻن جا نالا ورتا. ٻه رانديگر پنهنجين جاين تان اٿيا هڪڙو هڪڙيءَ ڊر جو هو ۽ ٻيو ٻيءَ جو. هڪ ٻئي ڏي منهن ڪري پرتڪلف انداز ۾ نوڙيا پوءِ حڪم ملڻ سان ٻنهي هڪڙي وک وڌائي هڪ ٻئي تي حملو ڪيو ۽ هڪ ٻئي کي ڪيرائڻ جي ڪوشش ڪئي. آخرڪار هڪڙو ڄڻو ٻئي جي دڳ سان وڃي لڳو. پير نڪري ويس ۽ ”ايپان“ ريفريءَ اعلان ڪري ڪٽنڊڙ ڏي هٿ جو اشارو ڪيو. هارائيندڙ پنهنجي جاءِ وٺڻ کان اڳ وري جهڪيو.

”نارما.“ انچارج هاڻ نارما کي مقابلي لاءِ سڏيو.

نارما اڳتي وڌي آئي ۽ اڳئين راند جي ڪٽيندڙ ـ جيڪو قدبت ۾ ڇوڪريءَ کان مضبوط ٿي لڳو تنهن جي سامهون مقابلو لاءِ اچي بيٺي. هڪ دفعو وري رسم موجب جهڪڻ ٿيو. ان بعد ويڙهه شروع ٿي ويئي. نارما سان مقابلو ڪرڻ وارو جيتوڻيڪ ڪائنس پهلوان هو پر هن کي نارما مٿي ڪٽي پنيان هيٺ ڦهڪو ڪرايو ۽ ان ئي وقت ريفريءَ نارما جي کٽڻ لاءِ ”ايپان“ چيو.

ان بعد نارما جو جنهن سان مقابلو ٿي رهيو هو اهو نارما کان عمر ۾ ٿورو وڏو ۽ تجربيڪار ٿي لڳو. اڌ منٽ تائين نارما پنهنجن پيرن تي بيٺي رهي پر پوءِ حملي ڪندڙ هن کي مٿان ڦيرائي ڪٽي هيٺ تڏي تي ڦهڪو ڪرايو. ريفريءَ ”ايپان“ چئي مقابلي جو نتيجو ٻڌايو. سيتان جو خوف مان وات پٽجي ويو پر نارما تي جڻ اثر ئي نه ٿيو. هڪدم اُٿي بيٺي ۽ پنهنجي سگهاري ڪٽيندڙ همراهه سان کلي ڳالهائڻ لڳي.

ان بعد نارما سيتان سان اچي ملي ۽ ٻئي ڄڻا ٻاهر نڪري آيا.

”ڪهڙو حال آهي؟ بچي ته وئينءَ؟“ سيتان پڇيو. ”آئون سامهون بالڪنيءَ مان ڏسي رهيو هوس. منهنجو ته...“

نارما کليو. ”اهڙا ته مون هزارين ڌڪ کاڌا هوندا. ان کان پوءِ ئي مون کي ڪارو بيلٽ مليو آهي. ڌڪ ڪيئن پچائي وڃجي ـ اهو پڻ هتي سيکارين ٿا.“

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

اتان نڪري هو پهرين شهر کان ٻاهر هڪ ننڍڙي ريسٽورنٽ ۾ اچي ويٺا، جنهن ۾ مغربي نموني جون ٽيبل ڪرسيون رکيل هيون ـ جيئن فارينر اچڻ جي ڪشش محسوس ڪن.

”اڇو ته ٽئمپورا کائون ـ مڪڻ ۾ تريل سامونڊي ڪاڏو ۽ ڀاڄيون.“ نارما چيو. ”شهر جي سٺين جاين مان هيءَ به هڪ آهي.“ هن ٻڌري کي آرڊر ڏنو.

”مسٽر ساڪاموتو ڪيئن آهي.“ سيتان پڇيو.

”خوش آهي. توکي ڏاڍو چاهي ٿو. هو تنهنجي لاءِ چوندو رهي ٿو ته تون تمام قابل ماڻهو آهين.“

سيتان حجاب کان ڪنڌ ڪٽي هيٺ ڪيو.

”توهان کي جپان ۾ رهندي ڪيئن محسوس ٿو ٿئي؟“ سيتان پڇيو. جيتوڻيڪ کيس خود عجيب لڳي رهيو هو اهو سوال ڪندي، پر هن مڙيئي ڪجهه ڳالهائڻ خاطر ڪٽي پڇيو.

”تمام سٺو لڳي ٿو. مون کي آمريڪا سان به پيار آهي، پر اتي جلدي ٿڪجيو ٿو پوان.“

”توهان کي پلا جپان ڪيئن ٿو لڳي؟“ نارما هن کان ٻيو سوال ڪيو.

ان وقت هن جي ڌيان ۾ مس سدا بهار چنبيلي ڦرڻ لڳي ۽ ان سان گڏ اهو باغيچو پڻ، جتي هن کي پهريون دفعو چمي ڏني هئائين.

”آئون ڪڏهن به ايترو خوش نه هوس جيترو هتي جپان ۾ اچي ٿيو آهيان.“ هن دل جي گهراين مان چيو.

نارما ڪجهه گهڙين لاءِ پنهنجو هٿ هن جي مٿان رکندي چيو: ”ڊِڪا! ڳالهه هيءَ آهي ته زندگيءَ جا ڪي ڪي پهلو ڀرپور نموني گذاريندي توکي خوف ٿو ٿئي.“

ٻئرو ٽئمپورا ۽ ٻين شين جا ڊش ڪٽي حاضر ٿيو. سيتان کي کائڻ جو طريقو سمجهه ۾ نه آيو پر پوءِ نارما کي ڏسي پاڻ به ائين ٽئمپورا جا ذرا ڪٽي ناسي رنگ جي چٽڻيءَ مان ٻوڙي کائڻ لڳو ـ اهو واهه جو کاڌو هو. هن پنهنجو پاڻ کي چيو ”هڪ اها بور زندگي هئي جيڪا آئون آمريڪا ۾ گذاري رهيو هوس...“ پر هاڻ هن ان زندگيءَ کي جڻ طلاق ڏئي ڇڏي هجي.

ماني کائڻ بعد هو ٽئڪسي ڪري ملاڪڙو ڏسڻ لاءِ سومو هال ۾ آيا جيڪو ماڻهن سان ڀريو پيو هو. وچ تي ننڍڙو آکاڙو هو. هنن کي آکاڙي جي پر ۾ پٽ تي وڇايل تڏي تي ويهڻ لاءِ جاءِ ملي. نارما جپاني نموني سان ڪڙين تي ٽي ويٺي، پر سيتان پلٽ ماري ڪڏهن هڪ پاسي پير تي ته ڪڏهن ٻئي پير تي پنهنجو بار ٿي رکيو. ملاڪڙي لاءِ پهرين ريفري هٿ ۾ ڪاغذ جو

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

پڪو لوڏيندو آيو ان ڪان پوءِ ٻه سومو پهلوان، جن ڪي مقالو ڪرڻو هو اهي آيا. ڳري جسامت وارن هنن همراهن کي فقط سنهڙا ڪڇا پيل هئا.

جيستائين ملهه جو سوال آهي، سيٽنا محسوس ڪيو ته، سومو سخت بور قسم جي راند آهي. ملهه بذات خود ته سيڪنڊن جي به نه پر ان ڪان اڳ جا ساٺ سوڻ، ٻائي جو پرارٿنائون، پاڪ لوڻ جي ڇٽڪار ـ ڏسڻ واري جو جڻ مٿو ئي ڦيرائي ٿا ڇڏين ۽ پوءِ وڃي اصلي ملهه شروع ٿئي ٿي ـ جيڪا ڪي چند سيڪنڊ ئي هلي ٿي. هڪ پهلوان ٻئي کي ٺيلهو ڏيندو ۽ هو دائري کان ٻاهر وڃي ڪرندو يا جي هو ٺيلهو بچائي ويو ته ٿونو هڻندڙ پهلوان پاڻ ترڪي وڃي ٻاهر ڦهڪو ڪندو ۽ ملهه ختم. هڪڙا پهلوان هلن وري ٻيا اچن. وري ساڳيا ساٺ سوڻ. ساڳي ڪتراڳ. هڪ يا ٻه ملهون مزو ڏين ٿيون باقي مقرر ٽائيم ٽائين ويهي ملهه زوريءَ زهر ڳهڻ جي برابر ٿيو.

آخرڪار، نارما پنهنجو هٿ سيٽان جي ٻانهن تي رکي چيو: ”جيڪڏهن ملهن ڏسڻ مان دل پرچي وئي هجئي ته ٻڌاءِ ته هليا هلون. دراصل ساشي ميءَ (جپاني ڪچي مڇيءَ) وانگر هي سومو ملهه به جيسين ڪجهه دفعا کائجي يا ڏسجي نه تيسين مزو مور نٿو ڏئي. چڱو هل ته هلي منهنجي فليٽ تي ڪجهه شراب پيئون.“

نارما جو فليٽ جيتوٽيڪ ننڍو هو پر تمام سهڻي نموني سان سينگاريل ٿي لڳو. منجهس جيڪي آرٽ جون شيون رکيل هيون سي جيتوٽيڪ مغربي نموني جون هيون، پر سندن ڊيزائين مشرقي هئي. اندر گهڙڻ تي نارما سيٽان جي بريف ڪيس وٺي پاسي تي رکي ۽ ڪيس بوٽ ۽ ڪوٽ لاهي هلڪو ٿي آرام سان ويهڻ لاءِ چيو.

سيٽان به اهو بهتر ۽ صحيح سمجهي سندس صلاح جي پوئواري ڪئي ۽ سولو ٿي ڪوچ تي ويٺو. تيسين نارما بيڊروم جي گهرڪنڊڙ دروازي مان اندر ويئي ۽ ٿوري دير بعد سلڪ جي اچي ۽ سنهي وڳي ۾ ٻاهر نڪتي جنهن جون ٻانهون ڪمونو وانگر ويڪريون هيون. جيئن ئي سيٽان جي پر مان لنگهي ننڍڙي بار ڏي ويئي ته سيٽان کي محسوس ٿيو ته يڪي چوغي جهڙي چولي هيٺان نارما کي نه انگي آهي نه ڪڇو. سيٽان کان سندس پسند جو شراب پڇڻ بنا هوءَ پنهنجي مرضيءَ سان ڊبل سائيز جا ٻه گلاس ناهي آئي ۽ اچي ڪوچ تي هن جي پرسان ويني.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

”ٿڪُ محسوس ڪري رهيو آهين؟“ نارما پنهنجي گلاس مان ڍُڪ ڀري سيتان کان پڇيو.

”هائو.“ هن قبول ڪيو. ”پر اسان هر روز ڪافي ڪم ڪري رهيا آهيون ۽ جنهن رفتار سان ڪم هلي رهيو آهي، مون کي لڳي ٿو تہ پنهنجي گهر هفتي کن اندر پهچي ويندس.“

نارما پنهنجو گلاس هيٺ رکي هن سان وڌيڪ لڳي ويٺي ۽ چيو: ”پنهنجون اکيون بند تہ ڪجو.“ سيتان چيو مڃيو ۽ اکيون بند ڪرڻ سان نارما جو جسم پنهنجي جسم سان لڳندي محسوس ڪيو. نارما پنهنجا گرم چپ سندس چپن تي پورن ٽن سيڪنڊن لاءِ رکيا، ۽ پوءِ پري ٿي ويٺي. ”مون کي پنهنجي ان مشينريءَ بابت تہ ٻڌاءِ جنهن جي لاءِ تون آمريڪا کان آيو آهين.“ هن هڪدم چيو پر سندس لهجي مان صاف بکي رهيو هو تہ هن اها ڳالهہ پڇڻ لاءِ وَٽُ ڪاڍو آهي.

سيتان پنهنجي عينڪ اکين تي صحيح ڪندي سولو ويهڻ لاءِ هيڏانهن هوڏانهن پاسا ورايا ۽ چيو: ”اها هڪ نين ۽ پيچيده قسم جي اليڪٽرانڪ مشين آهي، جنهن ذريعي ٻيون مشينون ٽيسٽ ڪري سگهبيون. ماتسوموتو ڪمپنيءَ جا ماڻهو اها شيءِ اسان لاءِ ناهي رهيا آهن.“

نارما پنهنجو گلاس ڪٽي هڪ ڍڪ وري ڀريو.

”ڍڪا! تون ساڪاموتو کان بہ ڪٽي ان جو اگهہ پڇ تہ هن جي ڪمپني اها مشين گهٽي ۾ ناهي سگهندي. پڇڻ ۾ چاهي.“

سيتان پنهنجي گلاس مان ڍڪ ڀري چيو: ”آئون پاڻ بہ اهوئي چاهيان ٿو پر اسان ان ڪاروبار جو وعدو ماتسوموتو وارن سان ڪري چڪا آهيون.“

نارما بيحد آرام سان ڳالهايو: ”ساڪاموتو ماتسوموتو جي گراهڪن پويان ناهي، پر آئون هڪڙي ڳالهہ ٿي ڪريان تہ ماتسوموتو جي فئڪٽريءَ ۾ باهہ ٿي لڳيو وڃي يا ڪو ٻيو ڪجهہ اهڙو اتفاقي حادثو پيش اچي، تہ توهان لاءِ ساڪاموتو جهڙو ماڻهو ساڳي وقت هڪ وڏي مدد ثابت ٿي پوندو.“

سيتان ٿورو پنيان جهڪي پنهنجي ٿڪل دماغ کي آرام ڏنو. ”جيڪڏهن آئون توکي ان مشين جا نقشا ڏيان تہ تون ساڪاموتو تائين پهچائيندينءَ.“

”چو نہ. جيڪڏهن تون چوندين تہ.“

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

”ڇڱو ڀلا.“ هن بريف ڪيس ڇڪي ان مان هڪ لفافو ڪڍيو. ”هي ان مشين جو نقشو آهي. مون کي حساب ڪري ٻڌائجو تہ هن مشين جهڙيون سؤ سو توهان ڪيتري ۾ ٺاهي ڏيندا؟“

نارما لفافو وٺي ڪٽي پاسي تي رکيو. ڇڙ ڪا اهم ڳالهہ نہ هجي. ”سيٽان تون بيحد ٿڪو پيو آهين آئون تنهنجي وهنجڻ لاءِ ڪوسو پاڻي ٺاهي ٿي وٺان.“ هن سيٽان جي اکين ۾ گهوري ڏٺو. ”وهنجي تازو ٿي وٺ جيئن پوءِ اڄ جي رات پاڻ سٺي نموني ملهائي سگهون. ڪيئن ٺيڪ آهي نہ؟“

جيئن رستي تي حادثي مهل هڪ ئي وقت تي چار گاڏيون ٽڪرائبيون آهن تيئن سيٽان جي دماغ ۾ بہ هڪ ئي وقت ڪيترين ئي ڳالهين اچي واسو ڪيو. پهرين تہ اها هئي تہ نارما پنهنجي پاڻ سونپي رهي آهي جيڪا ڳالهہ جيتوڻيڪ يقين جوڳي نٿي لڳي، پر پنهنجي جاءِ تي هڪ حقيقت هئي. ٻيو لفظ ”اخلاق“ سندس سامهون هو جيڪو بئنر وانگر ڦڙڪي رهيو هو ۽ ٽين سڀ کان زبردست ڳالهہ ان حساس گهڙيءَ جي ياد هئي جڏهن مسافرخاني ۾ مس سدا بهار چنبيليءَ ڪيس چمي ڏئي موڪلايو هو. شايد جيڪر هو چاهي ها تہ ان اولمپڪ راند ۾ هو سڀ کان متاثهون هجي ها. پر هن کي ننڍي لاڪون گهر ۾ ڪجهہ اهڙي سکيا ڏني وئي هئي جو هن اڳيان اخلاق کان مٿي ڪا بہ شيءِ نہ هئي ۽ هينئر بہ ان شروعاتي سکيا ۽ مذهبي ماحول جي اثر تي ڪرڪندي هن فيصلو ڪيو تہ هن کي هتي نارما وٽ رهڻو ناهي ۽ هڪدم اُٿڻ کپي. پنجن منٽن بعد هي اُٿي کڙو ٿيو ۽ نارما وڏي پيار سڪ ۽ دوستاني نموني سان ڪيس چمي ڏئي ڪانئس موڪلايو.

هوٽل تي پهچي هن مشين وانگر ڪپڙا لاٿا ۽ سمهڻ جا ڪپڙا پائي پلنگ تي ڍڳهو ٿي سمهي پيو. نفساني خواهشن کي هو ڪيڏي عرصي کان دٻائي رهيو هو. هو ”اخلاقي“ زندگي گذاري رهيو هو فقط ان ڪري جو هن زنا جهڙو گناهہ نٿي ڪرڻ چاهيو ۽ هن کي رنڊين سان حد درجي جي نفرت هئي پر نارما جي چا ڳالهہ ڪجي، جنهن ۾ هر ڪا سونهن ۽ ڪشش موجود هئي...! هن پنهنجو پاڻ کي مرد ثابت ڪري ڏيکارڻ ٿي چاهيو پر ساڳي وقت هو مرد ٿيندي بہ ڊنو ٿي.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

7

پئي ڏينهن منجهند جو ساڍي ٽين وڳي ڌاري ماتسوموتو ڪمپنيءَ مٿان مايوسيءَ جا گهاٽا ڪڪر مڙڻ لڳا. لڳو ٿي تہ هن ڪمپنيءَ مٿان هر اها بدبختي جيڪا ٿي سگهي ٿي اها اچي نازل ٿي آهي يا باقي رهيل بہ بس اچڻ واري ئي آهي. اها تڪليف ڏيندڙ ڊيوٽي ياماگچي صاحب جي ئي حصي ۾ آئي هئي تہ پنهنجن آفيسرن کي اطلاع ڪري تہ سيٽان صاحب واقعي مس نارما سان گڏ 'سومو' راند ڏسڻ ويو هو جتان پوءِ سوير ئي موٽيو ۽ نارما سان ويندي وقت بہ بريف ڪيس سيٽان جي هٿ ۾ هئي. اها خبر اهڙي هئي جنهن جي ٻڌڻ سان گيشا هائوس فون ڪرڻ لازمي هو جو نارما کي منهن ڏيڻ جو اهوئي طريقو هو. ماتسوموتو وارن کي صاف صاف لڳو پئي تہ آمريڪا وارن مان جيڪا ٿوري گهڻي اُپت ٿيڻ جو آسرو هو سو بہ في الحال ٻن سالن لاءِ تہ ختم ٿي ويو.

“ پوءِ ٽپهريءَ ڌاري هڪ ٻي خبر پهتي جنهن هٽي ماتسوموتو کي هڪ گمنام شاعر ٻڌائي ڇڏيو ۽ هو پنهنجو منهن هٿن ۾ لڪائي سوچڻ لڳو تہ دنيا جي هنن جهنجهٽن ۽ پنهنجي شڪست جو منهن ڏسڻ بدران چو نہ اچو ڪمونو پائي جپاني رسم مطابق پنهنجو پيٽ چريءَ سان ڪپي عزت جو موت مرجي. ڦلهير مهانڊي فيوجي هارا (ماتسوموتو ڪمپنيءَ جي انجنيئر) ٻت ٻت ڪندي اها خطرناڪ خبر ٻڌائي تہ جنهن اليڪٽرناڪ مشين جو سئمپل هو آمريڪا لاءِ ٺاهي رهيا هئا تنهن جا مڙيئي پرزا جوڙڻ بعد اها ڪم نٿي ڪري.

جيٽوٽيڪ ماتسوموتو کي اليڪٽرانڪ بابت تمام گهٽ ڄاڻ هئي پر في الحال ان مصيبت جو ٻڌندي ئي پنهنجين اکين سان ان کي ڏسڻ لاءِ انجنيئرنگ ڊپارٽمينٽ جو رُخ ڪيو. انجنيئرنگ ڊپارٽمينٽ ۾ ٽيبل تي اها اليڪٽرانڪ جي سهڻي مشينري رکيل هئي جيڪا هن جي ڪمپنيءَ جي ورڪرن ٺاهي هئي. سيٽانو سانُ ـ جنهن ماٺهوءَ کي هر طرح سان خوش رکڻو هو اهو بہ صبر سان ان مشيريءَ جا سرڪٽ ۽ سئچ هڪ دفعو وري چيڪ ڪري رهيو هو. پر نتيجو وري بہ ساڳيو ظاهر ٿي ٿيو تہ ماتسوموتو ڪمپنيءَ جي تيار ڪيل هيءَ اليڪٽرانڪ مشينري بيڪار ٺاهي وئي آهي.

ريڪو همت ڪري خوفائتي ماٺ کي چيري اعلان ڪيو تہ سيٽان سانَ جو فون آيو آهي،

مس سدا بهار چنبيلي ڳالهائڻ ٿي چاهي. سيٽان سانَ انهيءَ سمن جي جواب لاءِ فون ڏي ويو تہ پنيان فيوجي هارا انجنيئر ڳالهہ ڪئي. ”هن مان ڪي بہ ٽي شيون ممڪن ٿي سگهن ٿيون: هڪ تہ ٿي سگهي ٿو تہ مشين جي بنيادي ڊيزائين جيڪا آمريڪا کان آئي آهي اها غلط هجي. يا تہ ان مشين کي ٽيسٽ ڪرڻ وارو اوزار جنهن سان سيٽان سانَ ان کي چڪاسيو ٿي سگهي ٿو اهو صحيح نہ هجي. پر مون سيٽان سانَ سان گڏ ڪم ڪيو آهي، هي تمام سٺو انجنيئر آهي ۽ آخري ڳالهہ جنهن لاءِ مون کي ڊپ آهي اها هيءَ تہ اسان جيڪا اليڪٽرانڪ مشين ٺاهي آهي ان ۾ ڪٿي ڪو غلط پرزو نہ هٽي ويا هجون. هاڻ اهوئي ضروري آهي تہ بلو پرنٽس (نقشا) ڪٽي وري مٿان کان وٺي جانچ ڪجي تہ ڪٿي غلطي ٿي ويئي آهي ـ شايد ائين ڪرڻ سان غلطي ملي وڃي.“

”پلا سيٽان سانَ وٽ نقشن جو پيو سيٽ آهي؟“ ماتسوموتو پڇيو. ”جيڪڏهن هجي تہ پوءِ هڪ ئي وقت ٻنهي سيٽن کي جانچڻ سان غلطي جلدي ملڻ جا امڪان آهن.“

فيوجي هارا کي پراڻي زماني جا اهي نياپا آٽيندڙ غلام ياد آيا جيڪي خراب خبر آڻڻ تي اڪثر ان ئي وقت قتل ڪيا ويندا هئا. اها سزا کين ان ڪري ڏني ويندي هئي جو خراب خبر آڻڻ ڪري مالڪن جي سکون ۾ رُخنو پئجي ويندو هو. ”نہ سائين، هن وٽ پيو سيٽ هو سهي، پر هن رات ئي مس نارما کي ڏئي ڇڏيو ـ وڌيڪ توهان پاڻ سمجهو آهيو.“

”آئون تہ هڪ منهن ڪري وڃي ٿو مندر وسايان ۽ گوتم ٻڌ کي ٻاڏايان،“ ماتسوموتو اعلان ڪيو ”جي اتان جيئرو نہ وريس تہ منهنجي وصيت نامي جي ڪاپي ڪٻٽ جي مٿئين خاني ۾ ڪاٻي پاسي رکي اٿوَ. چڱو هاڻ سايونارا ـ موڪلايانوَ ٿو.“

سيٽان ٽيليفون تي ماسايو جو آواز ٻڌو. گذريل رات هو انهيءَ فيصلي تي پهتو هو تہ نارما سان فقط وقت پاس ڪري رهيو آهي باقي هن کي چاهت سا ڪانوماسايو (گيشا) سان ئي آهي. هينئر ئي سندس آواز ٻڌڻ سان هن کي ائين لڳو جڻ نيراڻي هير سندس سڄي جسم کي تازو ڪري ڇڏيو آهي. هوءَ ڪو بهانو پيش ڪري ان کان اڳ سيٽان کيس شام جي ملڻ لاءِ چيو.

ٻئي ڏينهن صبح جو سيٽان روز جي وقت کان گهٽو اڳ آفيس پهتو تہ هن ڏٺو تہ جپاني انجنيئر فيوجي هارا ماتسوموتو ڪمپنيءَ جي ٿهيل اليڪٽرانڪ مشينريءَ تي گڪو ٽيو پيو

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

آهي. ان ئي وقت ريڪو چانهه کڻي ظاهر ٿي ۽ سيٽان کي ٻڌايائين ته فيوجي هارا سڄي رات هتي هو ۽ فقط ٻن ڪلاڪن لاءِ ستو آهي. سيٽان کي ضمير مارڻ لڳو ته هو گذريل ڏينهن سوير ئي گيشا سان ملڻ خاطر آفيس مان هليو ويو ۽ هي جپاني انجنيئر سڄي رات ڪم ڪندو رهيو. هن يڪدم پنهنجو ڪوٽ لاٿو ۽ چانهه پي ڪم ۾ لڳي ويو. هن فيوجي هارا کي ڏاڍو چيو ته هو پلي وڃي ڪجهه دير سمهي آرام ڪري، پر هن ائين ڪرڻ کان انڪار ڪيو. منجهند تائين ٻئي گڏ ڪم ڪندا رهيا ۽ نيٺ هنن کي معلوم ٿي ويو ته ان اليڪٽرانڪ مشين جي ڊيزائين جو نقشو ـ جيڪو آمريڪا مان نهي آيو هو ـ بلڪل غلط آهي.

سموري مسئلي بابت بحث ريڪو ذريعي هڪ ٻئي سان ڪيو ويو. فيوجي هارا پڇيو: ”توهان وٽ پنيان آمريڪا ۾ ان گهربل مشينريءَ جو اصلي ماڊل آهي؟“ ”آهي،“ سيٽان چيو. ”پر ان ماڊل ۾ هيءَ مشينري ناهي. دراصل پهريون جيڪو ماڊل ٺاهيو ويو هو ان ۾ ڪجهه تبديليون آڻي هيءَ نئين ڊيزائين ڪئي ويئي هئي.“

سهڪيءَ واري جپانيءَ ۾ جهٽ پٽ فيوجي هارا ريڪو کان پڇيو ته ڊرائنگ تي ڏس ته آيا ان تي سيٽان جي صحيح ٿيل آهي يا ڪنهن ٻئي جي. بهرحال جنهن به غلط ڊرائينگ ٺاهي آهي گهٽ ۾ گهٽ اهو سيٽان ناهي. فيوجي هارا جا ان بعد چيل جملا ريڪو ترجمو ڪري چيو: ”مونکي اهو چوندي ڏاڍو افسوس پيو ٿئي، پر آئون مجبور آهيان جو مون کي ڪجهه نه ڪجهه راءِ ڏيڻ کپي ۽ منهنجي راءِ موجب جيڪا ڪجهه غلطي آهي سا بنيادي ڊيزائين ۾ آهي ـ يعني هن ڊرائينگ ۾ آهي.“

سيٽان ڪنڌ ڌوڻيو. ”آئون مڃيان ٿو ڏوهه سڄو اسان جو آهي.“

فيوجي هارا ڊرائنگ بورڊ کي هٿن سان دٻائي اُٿي بيٺو. ”پوءِ اڇو ته پهرين هين ڊرائينگ کي وري نئين سنئين ٺاهيون.“ هن صلاح ڏني، ”مونکي پڪ آهي ته اسان ٻئي ڄڻا گڏجي ڪم ڪنداسين ته ضرور ان ۾ ڪامياب ٿي وينداسين.“

”بلڪل. پاڻ ٻنهي کي گڏ ڪم ڪرڻو پوندو،“ سيٽان ورندي ڏني. ”۽ جڏهن نئين ڊرائينگ ٺاهي بس ڪنداسين ته مون کي پڪ آهي ته اها پهرين کان بهتر ٺاهي وٺنداسين.“

فيوجي هارا خاموشيءَ سان تاڙي ملائي.

”ريڪو سانَ،“ سيٽان چيو ”مهرباني ڪري ياماگچيءَ کي ٻڌاءِ ته آئون سندس ڏنل جپان گهمڻ واري دعوت هن هفتي قبول ڪري نٿو سگهان. ان جا سبب تون پلي پٽ هن کي ٻڌائي

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

سگهين ٿي.“

پوءِ ٻئي انجنيئر ڪم ۾ جنبي ويا. ڳالهه ٻولهه يا صلاح سولي ريڪو جي معرفت ڏيندا وٺندا رهيا. پر انهن ماڻهن وانگر جيڪي هڪ ٻئي کي چاهين ۽ عزت ڪن. ان رات ته هو رات جو اٺين تائين ڪم ڪندا رهيا. اجا به دير تائين ڪم ڪن ها پر سيتان سوچيو ته سندس ساٿي رات کان پيرن پر بيٺو آهي ۽ هن کي آرام جي سخت ضرورت آهي. ريڪو جي گهٽي استعمال ٿيل ۽ اڌ ڳاٻري ڦاٽل ڊڪشنري سندس ئي هٿن ۾ هئي، هوءَ سوچيندي رهي ته اجا خبر ناهي ڪيترن ٽيڪنيڪل لفظن جو ترجمو هن کي ڪرڻو پوندو جيڪو ڪم هونءَ عام طرح جيتوڻيڪ هن جي وس ۾ وت کان ٻاهر پئي لڳو.

” پوءِ جڏهن باقي ڪم ٻئي ڏينهن تي رکي موڪل ڪئي ويئي ته سيتان ريڪو کي ٻاهر وٺي آيو ۽ چيائينس ته هل ته توکي ڊنر ڪارايان. اليڪٽرانڪس جا ڏکيا ڏکيا لفظ ترجمو ڪرڻ کان جان ڇٽڻ تي هن به فرحت محسوس ڪئي. جڏهن هو ڪافي گهڻو ساڪي (جپاني شراب) پي پاڻ کي هلڪو محسوس ڪرڻ لڳا ته سيتان هڪدم هن ڏي جهڪي چيو:

”ريڪو مان توکي هڪ ڳالهه ٻڌائڻ ٿو چاهيان، ته توسان شادي ڪرڻ وارو مڙس ڀاڳ وارو هوندو. تون تمام دلبر ڇوڪري آهين. ذهين ۽ بيحد ناهوڪي.“

جملي جي آخر ۾ جيتوڻيڪ هن ٿورو وڌاءُ کان ڪم ورتو پر ته به هوءَ قبول صورت ته هئي.

ريڪو جواب ۾ چيو: ”آئون هڪ غريب خاندان سان تعلق رکان ٿي، سيتان سائين، ۽ هڪ سٺي ماڻهوءَ جي زال ٿيڻ لاءِ مون وٽ ته ڪجهه به ناهي جو آڇي سگهان.“ هوءَ پنهنجي ڪاڏي پنهنجي ڇاتي تي رکي روئڻ لڳي.

سيتان کيسي مان رومال ڪڍي هن جي منهن کي پنهنجن هٿن ۾ جهلي سندس ڳوڙها اگهيا. ”ٻي ڳالهه، “ هن چيو. ”ته ريڪو مون کي تون رچرڊ سيتان چوڻ بدران فقط 'ڊِڪ' ئي سڏيندي ڪر. جنهن نالي وٺڻ سان مونکي پنهنجائپ جو احساس ٿئي ٿو. هڪ دفعو پنهنجي زبان سان موکي ان نالي سان ته سڏ.“

آلين اکين سان ريڪو هن ڏي نهاريو. ”ڊِڪِ!“ هن چوڻ جي ڪوشش ڪئي.

سيتان سندس گهر ڏسڻ لاءِ زور ڀريو پر ريڪو کيس سمجهايو ته هنن جو غريب پاڙو

سندس ڏسڻ لائق ناهي. بهرحال پوءِ سيتان ريڪو کي سني موڊ ۾ آڻڻ لاءِ ڳالهيون ڪندو رهيو ۽ اُٿڻ مهل هن جهڪي ڪيس چمي ڏني.

ريڪو واٺڙي ٿي ويئي. ”ڏک ساڻِ هي چا! مان ته ان جي لائق ئي نه آهيان.“ هن چيو.

”چو نه آهين.“

”چڱو سايونارا“ ريڪو چيو.

”سايونارا.“

جمع ڏينهن صبح ساڻ مينهن وسڪارو شروع ٿي ويو. مينهوڳي ماتسوموتوءَ جي موڊ ۾ چڱي موج آندي. هن کي اهو سوچي به خوشي ٿي ته مشين جي غلط ڊيزائين ۾ سندس ڪمپنيءَ جو ڪوبه ڏوهه ناهي. پر قدرت طرفان ان ۾ ته خير ٿي ويو پر پٺيان ماڳهين پيون مصيبتون ورائي ويون. جيئن ته هڪ ته ساڪاموتو فلپين کان موٽي آيو هو ۽ کين ڊپ هو ته متان آمريڪن جو کين مليل ٺيڪو هو رد ڪرائي نه ڇڏي ۽ ٻي مصيبت ـ گيشا هائوس جي بلن جو ڍير به پهچي ويو هو جن موجب پئسا يڪدم موڪلڻا هئا جيئن آئيندي لاءِ منهن مٿي ڪري سگهجي ۽ ڪاريٽ به رهجي اچي. آخري مصيبت اها ته اليڪٽرانڪ مشين هاڻ وري نئينءَ سنئين ڊيزائين ڪرڻي پيئي ـ تنهن جي معنيٰ سيتان کي اجا به هتي ترسڻو آهي. هاڻ ان لاءِ به ڳالهيون هيون. يا ته کيس ساڪاموتو جهڙي سياڻي جي حملي لاءِ آزاد ڇڏجي يا ته وري گيشا هائوس جو اجا به وڏيڪ بل ڀرڻ لاءِ تيار ٿي وڃڻ کپي. مٿين مصيبتن کان علاوه ٻي اها بدقسمتي ته سڄي هفتي جي آيل ٽپال ۾ ڪوبه نئون ٺيڪو يا ڪم نه آيو هو. نئون ته ٺهيو پر پهرين ٺهيل شين جو به آرڊر آيل نه هو.

ماتسوموتو جي آفيس جي انٽرڪام جي گهنٽي وڳي. فون کنيائين ته ٻئي پاسي کان ياماگچي هو جيڪو ساڻس اچي ملڻ لاءِ اجازت وٺي رهيو هو. اڌ منٽ کان پوءِ هو پهچي ويو ۽ پنهنجي باس سان ڳالهائڻ لڳو:

”آئون هڪ خوشخبري کڻي آيو آهيان.“ هن چيو ”ڪالهه شام جو سيتان ساڻُ دير تائين ڪم ڪندو رهيو. ان بعد هن ريڪو سان گڏ رات جي ماني وڃي کاڌي. ان ريت هو نارما کان به پري رهيو ته گيشا گهر کان به.“

”ريڪو کي پرڪشش سڏڻ کڻي ممڪن به هجي،“ ماتسوموتو چيو ”پر هن جو گيشا

سان مقابلو ڪرائڻ ائين آهي جيئن ڪنهن هٿيار بنا پوليس واري کي انهن ڏاڙيلن پٺيان ڀڄائجي جن وٽ طاقتور هٿيار هجن.“

ياماگچيءَ هائوڪار ۾ ڪنڌ ڌوڻيو. ”آئون سچ پچ تہ سيٽان سانَ کي عزت جي نگاهہ سان ڏسان ٿو جنهن اسان جي آفيس جي نوجوان عورت کي ان لائق سمجهيو آهي جڏهن تہ ان کان بهتر عورتون هو حاصل ڪري سگهي ٿو. سچ پچ تہ سيٽان جي ان ڳالهہ منهنجي دل ۾ آمريڪن لاءِ وڏيل تاثر کي بهتر بڻائي ڇڏيو آهي.“

”منهنجي تاثر کي پڻ،“ ماتسوموتو مڃيو. ”پر تو ڪجهہ محسوس ڪيو آهي تہ هاڻ مس سدا بهار چنبيليءَ ۾ هن دلچسپي گهٽائي ڇڏي آهي.“

”هن هفتي سيٽان هن سان فقط هڪ دفعو مليو پر ان جو سبب اهو بہ ٿي سگهي ٿو تہ هن کي سڄو هفتو واندڪائي نہ ملي هئي. ٿي سگهي ٿو سياڻ پرهينءَ موڪل هجڻ ڪري هو هن سان وري ملڻ جي ڪري.“

”سياڻ پرهينءَ؟“ ماتسوموتو منهن بڇڙو ڪيو.

ياماگچيءَ ڪجهہ ڳالهائڻ لاءِ هٿ مٿي ڪنيو. ”گذريل هفتي جو بل ڪو ايڏو گهٽو نہ هو. ڇو جو ڪائڻ پيئڻ ۽ گهمڻ ڦرڻ جا سڀ بل هو پاڻ تو ڏئي. هو تہ اهو پيو سمجهي تہ پاڻ مس سدا بهار چنبيليءَ کي پيو وندرائي ۽ مزو وٺرائي. ڪيس اها ڄاڻ ڪنهن پرِ ڪانهي تہ سندس وندر لاءِ اسان کي گيشا ڇري اجوري تي رکڻي ٿي پوي.“

”واقعي،“ ماتسوموتو مڃيو ”مس سدا بهار چنبيليءَ کي فون ڪري اهو سمجهائينس تہ هوءَ سيٽان کي سياڻ پرهينءَ وارا موڪل جا ڏينهن هتي رهي ڪم ڪرڻ کان نٽائڻ تي مجبور ڪري ۽ ڪيس پاڻ سان وٺي ڪيڏانهن پري گهمڻ نڪري وڃي، جيئن هو ساڪاموتو جي چنبي ۾ نہ اچي سگهي.“

”ان لاءِ اُتامي تمام رومانوي جاءِ آهي.“ ياماگچيءَ صلاح ڏني.

ماتسوموتو ڪجهہ دير لاءِ اکيون بند ڪري ڇڏيون. ”ها، اها تہ بلڪل آهي.“ هن هائوڪار ۾ وراڻيو.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

8

چنچر جو ڏينهن سيتان لاءِ خوبصورت ڏينهن هو. ڪاماڪورا جي جابلو شهر مان هڪ ايئرڪنڊيشن ٽوئرسٽ بس مسافرن کي کڻي لنگهي رهي هئي. ويٺل مسافر درين مان شهر جو خوبصورت نظارو ڪري رهيا هئا. بس ڊرائيور هٿ ۾ مائيڪرو فون کڻي، شهر جي خاص خاص جاين وٽان لنگهڻ وقت انهن بابت ٻڌائي رهيو هو.

سيتان سيٽ تي ٽيڪ ڏيئي ٿوري دير لاءِ اکيون پوري وري پٽيون ۽ پڪ ڪئي ته اها هڪ حقيقت آهي يا خواب. جمعي جي ڏينهن تائين جپاني انجنيئر فيوجي هارا سان گڏ سيتان ڪم ۾ سخت رڌل هو. منجهند ڌاري فيوجي هارا ڊيزائين مان مطمئن ٿي سيتان کي چيو هوته ڪيس چڏيو وڃي ته موڪل جا ٻه ڏينهن ان ڊيزائين کي گهر ۾ کڻي وڃي آخري دفعو آرام سان ٽيسٽ ڪري ۽ پاڻ به اهي ٻه ڏينهن فرحت ڪري.

واندڪائيءَ جو سوچي سيتان هڪدم مس سدا بهار چنبيليءَ کي فون ڪيو هو. ايتري ۾ ريڪو به اچي پير ۾ بيٺي ۽ ڪم ڪار جو پڇڻ لڳي هئي. سيتان ريڪو جي مدد سان هن سان ڳالهايو ۽ چنچر آچر موڪل جا ڏينهن ڪٿي گڏ گذارڻ لاءِ چيو هو.

جواب ۾ هن پڇيو ته هن کي ڪٿي ويندي خوشي ٿيندي. ريڪو سامونڊي ڪناري واري هنڌ 'اُتامي' ڏي وڃڻ لاءِ ڪين صلاح ڏني جيڪا هن جهٽ پٽ قبول ڪئي.

پوءِ ريڪو سندن لنچ لاءِ بندوبست خوبصورت هوٽل هاڪونيءَ ۾ ۽ رات جي ماني ۽ ٽڪڻ جو بندوبست اونويا مسافرخاني ۾ ڪرايو.

بس جبلن جي وچ ۾ هلي رهي هئي جتي هوا ايڏي ته صاف ۽ تازي هئي جو چڻ ته هر ڪنهن شيءِ دنيا ۾ هاڻ جنم ورتو هجي. ڪوبه دونهون، ڌوڙ ۽ غلاظت جهڙي شيءِ ته منجهس بلڪل موجود نه هئي. پر ۾ ويٺل گيشا ـ ماسايو جو پاسيرو پوز سيتان غور سان ڏٺو. سندس نڪ نه گهڻو اندر پيٺل هو ۽ نه وري گهڻو اُڀ هو. نرڙ ڪليل ۽ ڪشادو جنهن تي سندس وارن جو نمونو وٽيو پئي. بس اکين ۾ جي ٿورو فرق نه هجي ها ته هوءَ هڪ حسين يورپين عورت سمجهي وڃي ها.

ٽوئر جي انچارج مائڪرو فون تي اعلان ڪيو ته اسين فيوجي ـ هاڪوئي ـ ايزو نالي

هڪ قومي پارڪ ۾ گهڙي رهيا آهيون. گهمندڙن جي هن پارٽيءَ کي ٻيڙي ذريعي هيءَ ڍنڍ پار ڪرائبي. ان بعد ڪيبل ڪار ذريعي ٻرندڙ جبلن جو نظارو ڪرايو ويندو. پر ۾ جيڪا هوٽل آهي اتي لنچ ڪارائي ويندي.

ٻيڙيءَ جو سفر ڏاڍو مزيدار رهيو باقي ڪيبل ڪار جو سفر ـ هڪ جبل جي چوٽيءَ کان ٻي جبل جي چوٽيءَ تائين ـ رت سڪائيندڙ هو. منجهند جي مانيءَ کان پوءِ هڪ ڪار انتظار ۾ بيٺي هئي جيڪا هنن ٻنهي کي اُتامي شهر ۾ وٺي آئي. اڌ رستي تي ڪين فيوجي ياما (جبل) نظر آيو- جنهن کي ڏسي سيتان ٺڏو ساهه کنيو. لازمي طور ڊرائيور ڪار بيهاري جيئن هي چڱيءَ طرح هن پربت کي ڏسي سگهن.

”فيوجي ـ سانُ (فيوجي سائين) جپان لاءِ فخر آهي.“ ماسايو چيو. ”منهنجو گيشا وارو نالو به ان جي پويان رکيل آهي. وَڪارِي ماسڪا (سمجهين ٿو؟)“

سيتان ماسايو جو هٿ جهلي چيو: ”تون واقعي ان جي لائق آهين.“

ڪيترن منٽن تائين هو جبل جي سونهن ۽ سحر جو جائزو وٺندا رهيا. پوءِ ڪار اُتامي ڏي رواني ٿي. سندن رهائش لاءِ اتي سمنڊ جي ڪناري تي اونويا نالي مسافرخانو هو جنهن جي رجسٽر تي هنن پنهنجا نالا اچي لکيا. ڪلارڪ کين ٻڌايو ”توهان جي آرام ڪرڻ ۽ ماني کائڻ لاءِ اسان وڏي ۾ وڏو ڪمرو رکيو آهي جتي ويهي توهان سامهون سمنڊ جو نظارو ڪري سگهو ٿا. پرسان سمهڻ جو ڪمرو آهي جيڪو البت ٿورو ننڍو آهي.“

ڪمرو واقعي واهه جو هو. سامهون حد نگاهه تائين سمنڊ جو نظارو ٿي سگهيو ٿي، پاسي کان سرسبز ٽڪرين ۽ باغيچا هئا. ڪمري جو فرش سنهي پيس جي ٽؤنٽريءَ سان ڍڪيل هو ڪنڊ ۾ رکيل ريفريجريٽر ـ فقط هلڪي پڙ پڙ ڪري رهيو هو. دريءَ اڳيان روايتي ڪرسيون ۽ ٽيبل رکيل هئا. هو اڪيلا ٿيا ته سيتان ماسايو جو جائزو ورتو. هن کيس پيئندو ڏسي سندس سونهن ۽ پنهنجي زندگيءَ تي غور ڪيو- جنهن ۾ عجيب تبديلي اچي چڪي هئي. هن دل ئي دل ۾ ڏٽيءَ جا ٿورا مڃيا.

ماسايو ٽيبل تي رکيل ٻه يوڪاتا ڪٽي هڪ سيتان کي پائڻ لاءِ ڏنو. ”اچي سائين. هي پايو. دوزوا!“ هن چيو ۽ ٻيو کڻي باٿ روم ۾ هلي ويئي. هن کي خوش ڪرڻ لاءِ سيتان يوڪاتا پاتو ۽ ان ۾ لڙڪيل اڳٺ چيلهه جي چوڌاري چڱيءَ طرح ٻڌو. هوءَ پڻ اهو سنهو چوغي جهڙو يوڪاتا پائي ٻاهر نڪتي ۽ پنهنجن وارن کي کولي اچي هن جي پرسان ويٺي ۽ هن اڳٺ کي

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

مختلف نمونے سان ٻڌو. "سائين، ان تي جوراب نہ پاتا آهن." هن چيو ۽ جهڪي سيتان جا جوراب لاهڻ لڳي. سيتان کي ان وقت شديد خواهش ٿي رهي هئي تہ هن کي ڪٽي چمي ڏئي، پر هن ان عمل کي فقط لفظي ويس پهرايو: "تون ايڏي تہ سهڻي آهين جو مون کي تہ يقين ئي نٿو اچي."

"تون منهنجو 'يوئي ـ توموداچي' (تمام سٺو دوست) آهين." هن نرميءَ سان چيو. "هلو تہ ٻاهر چڪر تي هلون."

"هنن ڪپڙن ۾ــ؟" سيتان پڇيو.

جواب ۾ هوءَ کلڻ لڳي: "تون جپان ۾ آهين، ۽ جپان جا اهي ئي ڪپڙا آهن." خوشيءَ وچان هوءَ سيتان جو هٿ جهلي ڪيس در کان ٻاهر ڇڪي آئي.

لابيءَ ۾ وينل ڪنهن بہ ماڻهوءَ سندس يوڪاتا ڏي ڌيان نہ ڏريو. مسافرخاني جي ٻاهرين در وٽ خدمتگار ڇوڪري ڪاٺ جون چاکڙيون (گيتا) سندن پيرن ۾ وڌا. ڪاٺ جون چاکڙيون جن جي ترن ۾ بہ پٽيون لڳل هيون تن سان سيتان کي پهرين تہ هلڻ جو ڍانءُ نہ آيو. هلڻ وقت هر هر اڳيان جهڪي ٿي ويو. پر پوءِ نهي ويو ۽ چاکڙين جو آواز پڻ وڻڻ لڳس. هن کي ائين محسوس ٿيو ڄڻ هو بہ ڪنهن طرح جپاني لڳي رهيو هجي. ۽ ٻي ڳالهہ ۾ ڪٽي نہ پر ڪپڙن ۾ تہ ساڻس گڏ هلندڙ ڇوڪريءَ ـ مس سدا بهار چنبيليءَ ـ سان مئچ ڪري رهيو هو. بهرحال ڪجهہ دير چڪر ڏئي واپس هوٽل ڏي ورڻ لڳا. هو هڪ اهڙو مرد لڳي رهيو هو جنهن جڻ هڪ خوبصورت عورت جو پيار ڪٽي ورتو هجي. ڀلا زندگيءَ ۾ بيو هن کي ڪتو بہ ڇا ٿي.

هوٽل جي لابيءَ ۾ پهچي گيشا ـ ماسايو فرنٽ ڊيسڪ (استقباليہ) جي ڪلارڪ کان ڪجهہ پڇيو جنهن ساڄي پاسي ڏي اشارو ڪيو. هوءَ سيتان کي اوڏانهن وٺي هلڻ لڳي. "ڊِڪِ هن مسافرخاني ۾ وهنجڻ لاءِ زبردست حوض آهي. توکي ضرور پسند ايندو." زمان مستقبل جو جملو ٺاهيندي هوءَ هٻڪڻ لڳي.

ٻئي ڄڻا ڪجهہ وکون اڳيان هلي پوءِ هيٺ لٿا ۽ دروازو کوليو. در جي اندرئين پاسي هڪ پوڙهو انچارج ويٺو هو جنهن کين بہ ٽوال ڏنا ۽ پاسي کان رکيل ٽارن جي ٽوڪرين ڏي اشارو ڪيو. سامهون واري در کان هڪ جپاني بلڪل اُگهاڙو وهنجي سهنجي پئي آيو. گيشا هن ڏي ڪوبہ ڌيان نہ ڏريو ۽ نہ وري هن ئي هن عورت ڏي توجهہ ڏنو. هن ٽارن واري ٽوڪريءَ مان

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

يوڪاتا ڪڍي پاتو. پوءِ سيتان کي ڳالهه سمجهه ۾ آئي.

”ماسايو سانَ هي ڪميونٽي- باٿ (عوامي تالاب) تہ نہ آهي؟“

”ها. ۽ هتي جي سٺن حوضن مان هڪ آهي. هن حوض کان ئي هي مسافرخانو مشهور آهي. اڄ مون سان گڏ اچ.“ هن سيتان کي توڪري ڏني, ”دوزو.“ (اچي وٺ). سيتان چيو ”ماسايو آئون ڪڏهن بہ ائين اُگهاڙو ٿي نہ وهنتو آهيان ۽ نہ ئي ڪنهن ڇوڪريءَ جي اوگهڙ ڏٺي اٿم.“

هن ٿورو مرڪندي ۽ چرچي مان جهڪي چيس:

”تہ پوءِ اها عزت افزائي مون کي ئي نصيب ٿيندي.“

هن بي توڪري پاڻ ڏي ڇڪي ۽ جڏهن هن ڏٺو تہ هوءَ پنهنجي يوڪاتا (چوغي) جو اڳٺ کولي رهي آهي تہ کيس بہ پڪ ٿي ويئي تہ هاڻ بچڻ جي ڪابہ واهہ ناهي. لاچار پنيرو ٿي پهرين جاڪڙيون, پوءِ ڪڇو ۽ پوءِ يوڪاتا لاهي توڪريءَ ۾ وڌائين.

”ٽوال ياد ڪري کڻجان“.“ ماسايو چيس.

ٻلارو ٽوال- جڏهن بدن تي ڪجهہ بہ نہ هجي تہ ٽوال واقعي وڏي ڳالهہ ٿيو پوي جيڪڏهن هو ان کي ٻانهن تي رکي کڻي هلي تہ بہ...

هو ٽوال کڻڻ لاءِ مڙيو تہ سامهون ماسايو نظر آيس, سندس پٺ هن ڏي هئي, ۽ پنهنجن ڪپڙن جي توڪري تختي تي رکي رهي هئي. سيتان ڏٺو تہ هوءَ بلڪل الف اُگهاڙي هئي پر ڏاڍي سڪون سان بيٺي هئي- ڄڻ ڪا ڳالهہ ئي نہ هجي. سيتان پنهنجي توڪري هن جي توڪريءَ جي پر ۾ رکي.

ماسايو ڏاڍي آرام سان پنهنجو ٽوال ڪنيو ۽ اندرين دروازي ڏي هلڻ لڳي. سيتان وڏي دروازو کوليو ۽ پوءِ وڏي خبرداريءَ سان هن جي پٺيان هلڻ لڳو.

اندر هڪ گول وڏو حوض هو جيڪو ڪنهن زماني ۾ اٽليءَ جي شهر روم ۾ هوندو. منجهس پاڻي هڪ پاسي کان ڦوهاري وانگر ٿي هيٺ وچ تي ڪريو. ٻاهر سخت سيءَ هوندي بہ هتي اندر گرمائش هئي. ڪيترائي اُگهاڙا ماڻهو- مرد, عورتون ۽ ٻار حوض ۾ وهنجي رهيا هئا يا حوض جي ٻاهران, ان جي چوڌاري آند تي ليٽي آرام ڪري رهيا هئا. ائين ٿي لڳو ڄڻ پراڻي زماني جي وحشي ماڻهن جي عياشيءَ جي محلات هجي.

گيشا ماسايو هن کي هڪڙي پاسي اچي بيهاريو جتي ڪيترائي گرم ۽ ٿڌي پاڻيءَ جا نل

هئا. انهن جي پرسان صابڻ دانيون، اسٽول ۽ پلاسٽڪ جون بارديون رکيون هيون. مس سدا بهار چنبيليءَ گرم ۽ ٿڌي پاڻيءَ جي نلن کي هڪ جيترو کولي ٻه بارديون ڀريون. پوءِ سيٽان ڏي منهن ڪري بيٺي. سيٽان کي ڀهريون دفعو هن جي سڄي اوگهڙ جو جهٽڪو اکين ذريعي محسوس ٿيو.

”ڀهرين پاڻ کي، هن پاڻيءَ سان صاف ڪرڻو پوندو.“ هن سيٽان کي سمجهايو ۽ پوءِ ائين مرڪڻ لڳي جڻ چئي رهي هجيس ته هي سڀ ڪجهه جيتوڻيڪ تو لاءِ نئين ڳالهه آهي – پر آهستي آهستي سکي ويندين.

هن پاڻيءَ جي هڪ باردي سندس حوالي ڪئي. ”دوزو“ (اچي وٺ) هن چيو. پوءِ هوءَ اسٽول تي ٿي ويٺي. هن پنهنجن وارن جون چڳون جهلي مٿي جي مٿان وچ تي رکيون ۽ ٿورو اڳيان جهڪي. چئيوان ڀار وانگر سيٽان هن جي مٿان پاڻي نائيو. موٽ ۾ هن مرڪي مهرباني چئي، ۽ صابڻ کڻي پاڻ کي هڻڻ لڳي. سيٽان باردين کي پاڻيءَ سان وري ڀري هاڻ پنهنجي مٿان نائڻ لڳو. پوءِ پٺ ڏي منهن ڪري صابڻ هڻڻ لڳو. صابڻ هڻي هن پاڻيءَ لاءِ جهڙو ڀنيان نهاريو ته هوءِ پاڻيءَ جي باردي ڀري بيٺي هئي. سيٽان کي ويهڻ جو اشارو ڪيائين ۽ هو اٿندي اٿندي ويهي رهيو. گوڏا چاتيءَ ۾ ۽ هٿ ٽنگن جي چوڌاري ويڙهي ائين ٿي ويٺو جڻ بند ٿيل جئڪ نائيف (ڪئنچي، ڪٽر، اوپنر ۽ ڇريءَ وارو چاقو) هجي.، هن مٿانس باردي اونڌي ڪئي ۽ گرم پاڻيءَ جي لار پٺيءَ تي لڳل صابڻ کي صاف ڪندي وئي. پوءِ ٻي باردي ڇاتي تي وڌي. جيئن ئي سيٽان اکيون صاف ڪري مٿي نهاريو ته هوءَ خالي باردي ۽ جادوءَ ڀريل نگاهن سان هن ڏي ڏسي مرڪي رهي هئي. سندس جسم جيتوڻيڪ صابڻ جي گجيءَ سان ڍڪيل هو ته به سهڻو لڳي رهيو هو. بدن جا ونگ ۽ ور وڪڙ ليائيندڙ هئس. چيلهه پوري پني ۽ ڇاتيون ڀريل. سيٽان ڏکو ساهه کڻي پنهنجو پاڻ کي هوش ۾ رکيو. پئرس وارن سونهن جي مقابلي ۾ وينس کي سونو صوف انعام ۾ ان ڪري ڏنو جو هيءَ مس سدا بهار چنبيلي نه اتي موجود هئي ۽ نه مقابلي ۾ حصو ورتو هئائين. نه ته صحيح معنيٰ ۾ سونهن جي ديويءَ هيءَ آهي.

هوءَ هيٺ ٿي ويٺي ۽ سيٽان ڏي مٿي نهاريائين. ”پاڻي وجهندئو؟“ هن پڇيو. سيٽان ٽي بارديون هڪ ٻئي پويان ڀري هن مٿان نائيون ۽ صابڻ جي سڄي گجي پاڻيءَ سان گڏ هلي وئي. هاڻ سندس جسم جي لسي ۽ کير جهڙي اڇي چمڙي چمڪڻ لڳي. پوءِ هوءَ اُٿي بيٺي–

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

عاج جي هڪ مڪمل مورتيءَ جيان، سيتان کي هٿ کان جهلي حوض ڏي وڌڻ لڳي، جتي بيا به هئا.

”واٽر وارم“ (پاڻي ڪوسو اٿئي.) هن سيتان کي چتاءُ ڏيندي ٻڌايو. ”پاڻ کي آهستي آهستي تي حوض ۾ گهڙڻ کپي.“

اهو چتاءُ ضروري هو جو حوض جو پاڻي واقعي گرم هو ۽ نه سهڻ کان ٿورو ڪو گهٽ. پاڻ کي جهلڻ لاءِ پسي کان لوهي پائيپ هئا. سيتان جيسين پاڻ کي سنڀالي تيسين انهن کي جهلي بيٺو. حوض جي چوڌاري بين ماڻهن جا متا ۽ ڪلها نظر اچي رهيا هئا. ٿوري دير کان پوءِ سامهون در کليو ته هن پيري هڪ سجو ڪٽنب ـ ماءُ پيءُ ۽ مختلف ڄمارن جا پنج ٻار گهڙيا ـ سيئي الف اُگهاڙا هئا، پر ڪنهن کي به پنهنجي اوگهڙ جو ذرو به احساس نه هو. ٽي ننڍا ٻار ته پاسي کان نهيل هڪ ننڊي حوض ۾ هليا ويا جتي ٻارن جا رانديڪا به پيا هئا. باقي جوان پٽ ۽ ڌيءَ پنهنجي ماءُ پيءُ سان گڏ نل تان وهنجي سهنجي وچ واري وڏي حوض ۾ اچي گهڙيا جتي سيتان وارا به هئا.

”توڪي ڪميونٽي باٿ (عوامي تلاءُ) وٽي ٿو؟“

”تمام گهڻو وٽي ٿو“ سيتان وراڻيو ”پر ايتري گرم پاڻيءَ ۾ ته جڻ بيهوش ٿو ٿجي.“

هن حوض جي ڪپر وٽ وجي ٽوال کنيو ۽ ٿڌي پاڻيءَ مان ٻوڙي سيتان جي منهن کي اگهيو. ان بعد ٻئي ٻاهر نڪري آيا. نلن وٽ وجي ٿڌي پاڻيءَ جون ٻه ٽي بارديون مٿان هاري پنهنجي بدن کي اگهي ٻاهر نڪتا ۽ ٽوڪريءَ مان ڪپڙا ڪڍي پاتا.

”هاڻ گهر هلجي.“ ماسايو صلاح ڏني.

هوءَ واپسيءَ جو رستو وٺي پنهنجي وڏي ڪمري ۾ آيا. ماسايو دريءَ وٽ ويهي پنهنجن وارن کي برش سان لسو ڪيو. سيتان ريفريجريٽر کولي ڏٺو:

”ماسايو هن ۾ ته بيئر، ڪوڪ ۽ بيا شربت به پيا آهن. تون ڇا پيئڻ پسند ڪندينءَ؟“

”ڪوڪا ڪورا“ (ڪوا ڪولا) هن جواب ڏنو.

سيتان ڪوڪا ڪولا کولي هن کي ڏني ۽ بيئر پاڻ لاءِ کولي اچي ويٺو. مس سدا بهار چنبيليءَ وارن کي برش ڏيندي دريءَ مان سامهون ڏٺو: ”بيوٽيفل جپان“ هن چيو.

سيتان پنهنجن هٿن سان هن جو منهن آهستي آهستي مٿي ڪري هن جي اکين ۾ نهاريو: بيوٽيفل جپان“ هن ورجايو.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

هوءَ رڙهي اچا ٻه سندس پير ۾ ٽي وينئي ۽ هن پنهنجا ڪلها هن جي جسم سان گسايا.

سيٽان جي دل ٽڙڻ لڳي پر سڄي زندگي احتياط سان هلڻ واري عادت هن وقت به آڏو اچي ويس ۽ پنهنجو پاڻ کي سنڀالي ورتائين. اچا هن سان واقفيت ٿئي کي ٻه هفتا به مس ٿيا آهن- هن سوچيو ۽ آهستي آهستي ڪري هٿ ڍرا ڪري ڇڏيائين ۽ رڙهي پري ڪرسيءَ تي اڪيلو وڃي ويٺو.

جيئن ئي هن بيئر پيئڻ شروع ڪيو ته در تي ڪنهن آهستي ڪڙڪو ڪيو. ماسايو بنا چرڻ پرڻ جي جپانيءَ ۾ جواب ڏنو ۽ موٽ ۾ ڪمونو ۾ هڪ ڇوڪري اندر گهڙي. جهڪي ۽ مانيءَ جي لاءِ ننڍي ٽيبل ناهڻ لڳي. پوءِ گاديلا ناهي ٻاهر هلي ويئي. ٿوري دير بعد مانيءَ جا ٻه خومچا کڻي آئي ۽ ٽيبل تي سجائي رکيائين ۽ پوءِ ٻاهر هلي ويئي.

ان ۾ ڪو شڪ ناهي ته هن مسافرخاني جي ماني ٻه واهه جي هئي. ماني کائڻ بعد ماسايو ٻاهر نڪري واڪ ڪرڻ جو خيال ڏيکاريو. سمنڊ جي ڪناري تي شام جي لڳندڙ ٿڌي هير ۾ عجيب نشو هو. واپس موٽڻ تي هو ٿوري دير باغ ۾ لڳل پينگهن ۾ اچي ويٺا. سيٽان سڪون محسوس ڪري رهيو هو. سندس آمريڪا جي دنيا کان هيءَ دنيا نرالي هئي. هو ماسايو کي ڏسي هن بابت سوچڻ لڳو- جيڪا ڪيس گيشا گهٽ هڪ عورت وڌيڪ لڳي ٿي- هن ٻه اهوئي ٿي چاهيو.

چوڌاري اوندهه ڇانئجڻ تي باغيچي جون هلڪيون بتيون ٻريون. هاڻ هڪ هڪ منٽ قيمتي هو. ٿورن ئي ڏينهن بعد هي جپان ڇڏي رهيو هو ٿي سگهي ٿو هن کي ماسايو جو وري ديدار نصيب نه ٿئي.

هوءَ پنهنجي پينگهي مان لهي هن وٽ آئي ۽ هٿ کان جهلي پڇڻ لڳي: ”ڪمري تي هلون؟“ هن سيٽان جي نظرن سان نظرون ملائيندي چيو. سندس نظرن ۾ ڪليل پيغام هو.

جڏهن هو ڪمري تي پهتا، ته ان ۾ ڪافي تبديلي اچي چڪي هئي. نوڪرياڻيءَ ماني کائڻ واري ٽيبل ۽ ڪرسيون ڪڍي ڇڏيون هيون. پٽ تي ٽيبل لئمپ ٻري رهيو هو جنهن جي هلڪي روشني ڪمري جي فقط ٿوري حصي ۾ اچي رهي هئي. ٿڌي جي وچ تي ٻه هنڌ هڪ ٻئي جي پرسان وڇايل هئا.

سيٽان اندر گهڙندي ٿورو هٻڪيو ته آيا هن کي رات جي وقت ڪمري ۾ اندر اچڻ گهرجي يا نه. ماسايو ان مسئلي جو حل ڪنڌ جي ڏوڻ ۽ هڪڙو ئي جپاني لفظ 'دوزو' چوڻ

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

سان حل ڪري ڇڏيو. 'دوزو' هڪ اهڙو جپاني لفظ آهي جيڪو توهان کي هر ڳالهه جو لائسنس ڏيو ڇڏي ته جيڪي ڪرڻ چاهيو ٿا پلي ڪريو- اڪين تي، يا جيڪي ڪري رهيا آهيو پلي ڪندا رهو.

جيئن ته اڄا رات جا نو به نه ٿيا هئا ان ڪري سيتان هن جي اجازت قبول ڪئي ۽ اندر آيو. گيشا فرج مان به ٿڌيون بيئر جون بوتلون ڪڍي گلاس ۾ اوتيون. هڪ سيتان جي اڳيان ۽ هڪ پنهنجي اڳيان رکي سامهون شهر جون بتيون، ٽڪريون ۽ مٿي تارا ڏسڻ لڳي، جن لامحدوديت جو احساس ٿي ڏنو. ڳالهائڻ جي ڪا ضرورت نه هئي. سيتان ته گيشا کي فقط ڏسي پئي ٺريو. هوءَ صحيح معنيٰ ۾ سونهن جو مجسمو هئي. سندس صورت ۽ سيرت، ڪردار ۽ بذات خود پاڻ سڀ مڪمل هجڻ جو مثال هئا.

”انگريزي ڳالهائيندي مون کي ڏاڍي ڏکيائي ٿي ٿئي.“ هن ڳالهائڻ شروع ڪيو. ”تون پهريون ڌاريون آهين جنهن سان مون انگريزي ڳالهائي آهي.“

سيتان ڪنڌ ڌوڻي ان ڳالهه جو اظهار ڪيو ته هو اها ڳالهه محسوس ڪري ٿو. ”تون ڪيترين ئي سناين جو مالڪ آهين. تون عظيم انسان آهين، سيتان. ان ڪري مان توکي هڪ ڳالهه ٻڌائڻ ٿي چاهيان ته تون مون کي وساري ڇڏ. آئون ڇوڪري نه آهيان. آئون گيشا آهيان. تولاءِ ڪنهن ڇوڪريءَ جو ساٿ ضروري آهي- مس نارما جهڙيءَ جو.“

انهن جملن هن کي ڏونڌاڙي ڇڏيو. هن ته اهو به ڪونه سوچيو هو ته نارما جي هجڻ جي به ڪا هن کي خبر هوندي. هو نونٽ جي زور تي ٿورو اپو ٿي وينو. ”تون هن کي سومو- مئچ تي وٺي ويو هئين جتي ڪيترين ئي گيشائن توکي ڏٺو هو.“ هن ٻڌايس، ۽ پٽ تي وڇايل ٽونٽريءَ تي پنهنجي چيچ ڦيرڻ لڳي، جڻ ڪا شڪل ناهي رهي هجي. ”تون اتان سوير ئي اُٿي ويو هئين.“ هن وڌيڪ چيو. ”نهنجي خيال ۾ ته شايد پوءِ تون هن جي ڪمري تي به ويو هئين.“

” جي ها. آئون ويو هوس.“

”ڪا فڪر جي ڳالهه ناهي. مرد مختلف زندگي گذارين ٿا، سيتان سائين.“ پوءِ هن ٽونٽريءَ تي آخر ڦيرڻ بند ڪري پنهنجو مٿو مٿي ڪنيو ۽ اڪيون هن ۾ کپايون. ”آئون گيشا آهيان. پر مون اهائي ڪوشش ڪئي آهي ته توسان دوستي نڀايان. ريتون رسمون جيتوڻيڪ اجازت نٿيون ڏين، پر آئون ان هوندي به ڪوشش جاري رکندي اچان. پر هاڻ سوچيان پئي ته اهي ريتون صحيح آهن.“ هوءَ ڪنڌ هيٺ ڪري ماٺ ٿي ويئي.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

سيتان پنهنجي سجي همت گڏ ڪري ڪانئس اها ڳالهه پڇي جنهن جو هن کي سپ ڪان گهڻو ڏپ هو.

”تنهنجي معنيٰ تون هاڻ مون سان نہ ملندينءَ؟“

هن پنهنجو ڪنڌ ساڄي ڪابي ڏوٽي نهڪار ڪئي.

”ڇو ڀلا؟“ سيتان پڇيو.

جواب ۾ مس سدا بهار چنبيليءَ فقط سيتان ڏي نهاريو.

سيتان وري ڪانئس پڇيو: ”ڇو ڀلا؟“

هن منهن ڪٽي ٻئي پاسي ڪيو جيئن ڪيس سيتان ڏي ڏسڻو نہ پوي. ”ڪميونٽي باٿ تي.“ هوءَ چوڻ لڳي، ”تو مون سان سچ نہ ڳالهايو.“ هن اهي لفظ جيڪي ڳالهائڻ نٿي چاهيا سي نيٺ چئي ڏنا ۽ ان سان گڏ سندس اکين مان ڳوڙها ڳڙڻ لڳا.

”تو چيو هو... تہ... تو ڪنهن بہ ڇوڪريءَ کي... مون کان اڳ اُگهاڙو ڏٺو ناهي.“

”اها حقيقت آهي،“ هن اعتماد سان چيو.

پر هوءَ اهڙو ڏيک ڏيڻ لڳي ڄڻ صفا ڪانہ پئي ٻڌي. ”منهنجي خيال ۾ تہ آئون ڪير ٿيندي آهيان پڇڻ واري. پر توهان کي گهٽ ۾ گهٽ مون سان ڪوڙ ڳالهائڻ نہ کپي.“ اهو چئي هن پنهنجو منهن ڪٽي هٿن سان ڍڪيو.

”ماسايو اها حقيقت آهي...“

هن پنهنجا هٿ پري ڪيا ۽ ڌيرج سان چيو: ”تو هينئر مون کي ٻڌايو تہ تون نارما سانِ جي گهر ويو هئين. آئون نارما سانِ کي چڱيءَ طرح سڃاڻان ٿي. هوءَ ساڪاموتو سانِ جي رکيل آهي ۽ تون ان جي گهر وئين.“

”ها، بس رڳو گهر ئي تہ ويو هوس. باقي نارما سَان سان گڏ ستو هرگز نہ هوس.“

”ڇو؟ اهو ڪيئن؟!“ هن جواب جي طلب ڪئي.

”ڇو جو منهنجو پيار توسان آهي.!“

سيتان هاڻ وچي اهي لفظ چيا جيڪي جيتوڻيڪ سچو ڏينهن سندس چپن تي هئا، پر چوندي لڄ ٿي ٿيس.

”ڇا واقعي توکي مون سان پيار آهي.“

”ها. ها. منهنجي جان، مون کي توسان پيار آهي. تون سمجهين ڇو نٿي، تہ مون نارما کي

ٻه ان ڪري ڇڏي ڏنو جو مون کي توسان پيار آهي. مون کي تون تي ڳڻ پڪ ڳهرجين.“

ان ئي مهل سيٽان کي محسوس ٿيو ته هو ڇا جو ڇا چوندو وڃي. مس سدا بهار چنبيليءَ جي حساس طبيعت جو ته ڪيس ان ڏينهن کان احساس هو جڏهن سندس چمي واري ڳالهه تان دل ۾ ڪيو هئائين. ٿي سگهي ٿو هينئر هوءَ وري چڙي پئي هجي. هاڻ هن کي ڇا ڪرڻ گهرجي؟ مانڙي ڪري اُٿي وڃي يا وڃڻ کان اڳ ڪيس ڪجهه چوڻ ٻه ڪپي؟

ايتري ۾ هن کي پنهنجي ڳل تي هن جي نازڪ آڱرين جو ڇهاءُ محسوس ٿيو. هن منهن ڦيرائي ڏٺو هوءَ پرسان بيٺي هئي- ٻئي ٻانهون کولي، ياڪر پائڻ لاءِ آتي. هن ٻه اڳتي وڌي ڪيس ڪٽي پنهنجين ٻانهن ۾ سوگهو ڪيو. هن ڪڙين تي بيهي پنهنجا چپ سيٽان جي چپن تي رکيا. نفساني خواهشون سيٽان کي وڻ ويڙهيءَ وانگر ورائي ويون. هن مس سدا بهار چنبيليءَ کي چرين وانگر ڳڇي، ڳلن ۽ اکين تي چميون ڏيئي ڳوڙها اُگهيا.

” پوءِ هن سڄي همت ۽ بردباريءَ سان پنهنجو پاڻ ضابطي ۾ ڪيو. ٻانهون هڪدم ڍريون ڪري ڇڏيائين جيئن هوءَ ڪائنس پري هلي وڃي. ”ماسايو آئون...“

هوءَ آهستي آهستي ٿي پري وڃي بيٺي. هن سيٽان جو نالو وٺي ڪيس سڏيو پر هن کي ڪجهه ڪندي ڊپ ٿي لڳو. هن هاڻ نهارڻ ٻه نٿي چاهيو ته متان سندس همت جواب ڏئي وڃي ۽ اهو ڪي ڪجهه ڪري وجهي جنهن لاءِ هن کي ننڍپڻ کان سبق مليل آهي ته اهو اخلاقي پاپ آهي. ايتري ۾ هن وري مس سدا بهار چنبيليءَ جي جسم جو هلڪو ڇهاءُ پنهنجين ٻانهن تي محسوس ڪيو جيڪو آهستي آهستي، تمام آهستي آهستي وڌندو ويو ۽ نيٺ هوءَ اچي هن جي ياڪر ۾ پئي.

هن ڪيس پيار ۽ نفاست سان ائين جهليو جهڙي نازڪ ۽ قيمتي شيءِ. هوءَ واقعي هئي ۽ هن هاڻ محسوس ڪيو ته هوءَ پاڻ هن وٽ هلي آئي آهي ۽ هن سمجهيو ٿي ته ان جو مطلب ڇا آهي ۽ هوءَ ڇا ٿي چاهي. ڏسندي ئي ڏسندي سڄي دنيا سسي ڄڻ هنن تائين محدود ٿي وئي ۽ مٿي آسمان تيزيءَ سان ڦرڻ لڳو. سيٽان ڪيس ڪٽي زور سان ياڪر ۾ جهليو.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

9

هفتي جي موڪل جا ٻہ ڏينهن: ڇنڇر آچر گهمي سيتان سومر ڏينهن جڏهن ماتسوموتو ڪمپنيءَ جي آفيس ۾ پهتو تہ هن کي سڀ عجيب نگاهن سان ڏسي رهيا هئا. هو سڌو ريڪو وٽ ترجمي لاءِ آيو جيئن هو ۽ فيوجي هارا هڪ ٻئي سان خيالن جي ڏي وٺ ڪري سگهن. ريڪو هن کي گهوري ڏسڻ بعد اُٿي بيٺي. ”آئون بيحد خوش آهيان. ريڪو چيو. ”ڇا توهان هاڻ اکين جا شيشا اندر تا پايو؟“

”ڪيئن توڪي وڻن تا يا نہ؟ انهن کي ڪانٽئڪٽ لينسز (Contact Lenses) چئبو آهي.

”او ڊڪ“ توهان عينڪ بنا سنا لڳي رهيا آهيو. مون کي پڪ آهي تہ مس سدا بهار چنبيليءَ کي توهان ڏاڍو وڻندئو.“ ريڪو چيو.

”هن ئي مون کي صلاح ڏني تہ عينڪ بدران اهي اکين جي ماڻڪيءَ تي رکڻ وارا شيشا استعمال ڪريان.“

”بهرحال سهڻا پيا لڳو واقعي.“ ريڪو چيو.

هن ريڪو جي ڪلهن تي پيار مان هٿ رکي چيو: ”خير سهڻو تہ ڪونہ پيو لڳان پر بهرحال تنهنجي مهرباني. هاڻ اچ تہ ڏسون تہ ڪم ڪٿي پهتو آهي؟“

ڪم پنهنجي صحيح ۽ سني رفتار سان وڌي رهيو هو. فيوجي هارا ٻہ ڏينهن موڪل وارا ڏينهن رات ڪم ۾ لڳو رهيو ۽ ذري گهٽ سجو مسئلو حل ڪري ڇڏيو هئائين.

پوءِ سيتان بہ هن سان گڏ ڪم ۾ لڳي ويو. وچ وچ ۾ هن ڪانٽئڪٽ لينس لاهي نڪ تي وري پراڻي عينڪ تي چاڙهي جو ڊاڪٽر کيس صلاح ڏني هئي تہ اهي شيشا اجا لڳاتار استعمال نہ ڪري جيسين اکيون انهن تي ٺهن. بهرحال سيتان ان ڏينهن جو انتظار ڪرڻ لڳو جڏهن سندس عينڪ مان هميشہ هميشہ لاءِ جان ڇٽي ويندي.

ڇئين بجي کان ٿورو اڳ کيس ٽيليفون لاءِ سڏ ٿيو. سندس دل خوشيءَ کان ڳائڻ لڳي تہ مس سدا بهار چنبيليءَ جو فون هوندو پر ڳالهائڻ تي خبر پيس تہ مسٽر ساڪاموتو هو. ”ڇا ٻاڻ لاءِ اهو ممڪن ٿي سگهندو تہ اڄ شام جو ڪجهہ گهڙين لاءِ گڏ ويهي ڳالهايون؟ آئون

ڪي ڳالهيون توهان سان ڪرڻ تو چاهيان جيڪي توهان جي لاءِ فائديمند ثابت ٿي سگهن ٿيون.“

سيتان کي ياد آيو ته هن ان مشين جي اڳهه لاءِ ڪانئس پڇرايو هو سو بهرحال هاڻ اخلاقي طور هن سان هڪوار ضرور ملڻو پوندو. ”تون نائين بجي ڊاري ملي سگهندين جو ان کان اڳ آئون ڪنهن جي ماني تي هوندس.“

”نوين جو وقت تمام سٺو وقت آهي. آئون تو لاءِ پنهنجي ڪار موڪليندس.“ ساڪاموتو چيو.

سيتان واپس پنهنجي آفيس ڏي ويو. رات جي مانيءَ لاءِ هن مس سدا بهار چنبيليءَ کي چيو هو پر هن سيتان کي پڪ نه ڏني هئي ۽ چيو هو ته هوءَ شايد ڪم تي وڃي. بهرحال جي واندي ٿي سگهي ته فون ڪندي.

سادي ڇهين وڳي تائين سيتان کي ٻن ڳالهين جي پڪ ٿي ويئي. هڪ ته ماسايو- مس سدا بهار چنبيليءَ کي پڪ اچ رات لاءِ ڪٿي ڊيوٽي ڪرڻي پئجي ويئي آهي جو اڃا فون نه ڪيو اٿس. ۽ ٻي ڳالهه ته فيوجي هارا مشين جي ڊيزائين جو مسئلو بلڪل حل ڪري ورتو آهي. هاڻ وري نئين سنئينءَ ماتسوموتو ڪمپنيءَ کي مشين ناهڻي پوندي, ان ڪري هن کي جپان ۾ رهڻ لاءِ ٻه چار ڏينهن به ملي ويندا. هن کي ان ڳالهه تي فخر هو ته هن جو ماسايو جهڙي سهڻي ڇوڪريءَ سان عشق ٿي ويو هو. ريڪو کي به ان جي ٿوري ٿوري خوشبو آئي پئي. هوءَ سيتان جو سوچي خوشي محسوس ڪري رهي هئي, پر هن کي دل ۾ هڪ تمام وڏو خوف پڻ هو.

سيتان ستين بجي آفيس مان واندو ٿي اچي ٽئڪسيءَ ۾ ويٺو. رستي تي هن ماسايو جي ڊيوٽيءَ بابت اهو هرگز سوچڻ نٿي چاهيو ته هوءَ ڪنهن جپاني سيٺن جي دعوت ۾ هن جي مهمانن سان ڪلي ڳالهائي رهي هوندي, يا انهن کي راڳ ڳائي وندرائي رهي هوندي.

هوٽل تي پهچڻ سان ڪيس پنهنجي ملڪ جي آفيس کان آيل خط مليو جنهن ۾ لکيل هو ته سندس جپان ۾ رهائش ڪمپنيءَ کي چڱي وڏي خرچ ۾ وجهي رهي آهي. بهرحال اُميد آهي ته سندس رهائش ڪمپنيءَ لاءِ ڪارگر ۽ فائديمند ثابت ٿيندي. ان کان علاوه لکيل هو ته نڪتل نتيجن کان ڪين جلد آگاهه ڪيو وڃي جو تمام گهڻا ڏينهن ٿي ويا آهن.

اهو پڙهي سيتان کي پهرين دل ۾ آيو ته جيڪر آمريڪا پنهنجي آفيس وارن کي صاف

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

صاف جواب لکي موڪلي تہ پنھنجو ٿھيل مشينريءَ جو نقشو غلط ھو جيڪو ھتي فيوجي ھارا وڏي محنت ۽ ھوشياريءَ سان چڪون ڪڍي درست ڪيو آھي. پر پوءِ خيال آيس تہ ائين لکڻ سان سندس آمريڪي دوست جيڪو اتي ڊيزائينر آھي ۽ جنھن اھو نقشو ٺاھيو آھي، ان تي مصيبت اچي ويندي.

رات جي ماني پنھنجي ھوٽل ۾ ئي ڪاڌائين. ٻي ڪابہ خاص پھر اوسي پاسي ۾ ويٺل نہ ھئي. نائين ڪان ٿورو اڳ ۾ ھو پنھنجي ڪمري تي آيو ۽ ھڪ دفعو وري ڪانٽئيڪٽ لينس پاتائين. ايتري ۾ ساڪاموتو جو ڊرائيور ڪيس وٺڻ لاءِ اچي نڪتو.

شھر جي وڏن رستن تان ھلندا پوءِ سوڙھين گھٽين ۾ آيا ۽ آخرڪار ھڪ ڪاٺ جي عمارت وٽ ڊرائيور ڪار اچي جھلي. عمارت جي ٻاھران لالٽين ٻري رھيو ھو. سيٽان پنھنجا بوٽ لاٿا. ماماسان کي جھڪي ڪيڪاريو جيڪا ڪيس وراندي مان وٺي ھلڻ لڳي. اڳتي ھلي ھن ھڪ ڪمري جو دروازو گھرڪائي کوليو. سامھون ويٺل جارج ساڪاموتو اُٿي بيٺو ۽ سيٽان کي ڪيڪاري گرمجوشيءَ سان ھٿ ملايو:

”مسٽر سيٽان توسان وري ملي مون کي خوشي ٿي آھي.“ پوءِ ھڪ دفعو وري ڪيس غور سان ڏسي چيو:

”منھنجي خيال ۾ توھان اکين تي ڪانٽئيڪٽ لينس پاتا آھن. ان ڪامياب تبديليءَ تي مون طرفان مبارڪباد قبول ڪندا. اھا تعريف ناھي پر حقيقت آھي تہ بنا عينڪ جي توھان جي منھن جي بيھڪ بھتر لڳي رھي آھي. پلا مون طرفان سنتوري۔ جپاني وسڪي پيئڻ قبول ڪندا؟“

سيٽان ھائوڪار ڪئي. ٻئي جھڪي شراب پيش ڪيو. پوءِ ساڪاموتو ڳالھ شروع ڪئي: ”نارما توھان جا ڏنل نقشا مون تائين پھچايا.“ ايترو چئي ھن شراب جو ڍڪ ڀريو ۽ پنھنجا چپ اُگھيا. ”منھنجي انجنيئري ڪاتي جي ماڻھن انھن کي غور سان جانچيو.“ پر ۾ رکيل ھڪ پيتيءَ مان ھن ھڪ مشينري ڪڍي ميز تي رکي. ”ڪم جو جھٽ پٽ اڪلاءُ اسان جي ڪمپنيءَ جي اھم خصوصيت آھي. اسان توھان جي نقشي مطابق مشين جو نمونو ٺاھيو آھي، جنھن کي توھان جانچي ۽ چڪاسي سگھو ٿا.“

سيٽان مشين کي ڀيرين نظر ۾ ئي ڏسڻ سان ساڪاموتو جي ماڻھن جي بھتر ھنرمندي ۽ ھٿ جي صفائيءَ ۽ سليقي جو اندازو لڳائي ورتو: ”مون اھو نٿي چاھيو تہ توھان ڪا ايتري

ھن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

تڪليف ونو.“ سيٽان چيو. ”مون فقط توهان کان ان جو اگهه پڇڻ چاهيو ٿي.“

ساڪاموتو هٿ لوڏي چيو: ”اگهه سان گڏ نمونو به پيش ڪرڻ اسان جي اصولن مان هڪ آهي ۽ هي توهان لاءِ ئي آهي. ان جي ڪا قيمت ناهي ۽ نه وري توهان تي ان جو ڪو ٽورو ٽا ڪريون.“

”آئون پنهنجي ملڪ آمريڪا ۾ پنهنجي آفيس وارن کي توهان جو هي نمونو ضرور ڏيکاريندس. توهان جي ماڻهن کي خبر ناهي هن مشين کي ٺاهڻ بعد چڪاس ڪرڻ جو موقعو مليو يا نه؟“

”نه. باقي هنن کي اها پڪ آهي ته هنن اها مشينري توهان جي نقشي ۽ ڊيزائين مطابق بلڪل صحيح ٺاهي آهي. پلا توهان کي خراب ته نه لڳندو. جي آئون توهان کان پڇان ته توهان کي ماتسوموتو ڪمپنيءَ وارا ڪهڙي اگهه ۾ مشين ٺاهي ڏين پيا؟“

سيٽان ڪجهه گهڙين لاءِ سوچيو. هن ماتسوموتو ڪمپنيءَ وارن جا مسئلا ٻڌائڻ نٿي چاهيا. ساڳي وقت پنهنجي آمريڪن ڪمپنيءَ جي غلطي به ٻڌائڻ نٿي چاهي. ”هول سيل جي حساب اسان اٽڪل پنجونجاهه ڊالر ڪن في نگ.“

ساڪاموتو پنهنجي خرچ جي تخميني جو چٺو سيٽان جي حوالي ڪيو. ”اٺيتاليهه ڊالرن ۾ في پيس!“

سيٽان پڙهي عجب کاڌو. ”پر مسٽر ساڪاموتو ڳالهه اها آهي جو اسان تي ماتسوموتو ڪمپنيءَ جا ٿورا آهن ۽ هنن سان زبان ڪري چڪا آهيون.“

”اها ڳالهه توهان جي بلڪل صحيح آهي. پلا هي توهان وارا نقشا آئون پاڻ وٽ رکي ڇڏيان جيئن متان توهان کي ٻي ڪنهن ڪمپنيءَ کان به ٺهرائڻ جي ضرورت پئجي وڃي يا چئو ته توهان جي هوٽل تي پهچايان.“

سيٽان صاف جي ڳالهه ڪرڻ ٿي چاهي: ”منهنجي خيال ۾ ته توهان نقشا پلي اسان کي ڏئي ڇڏيو. ان ڪري نه ته ڪو توهان ۾ اسان جو اعتماد ناهي پر ان ڪري جو اسان ان مشين ۾ ڪجهه تبديلي آڻڻ بابت سوچي رهيا آهيون.“

”بهتر. ايترو ضرور چوندس ته توهان ماتسوموتو ڪمپنيءَ وارن جي مدد جيتري ڪريو پيا ان لاءِ جس هجناوَ. اهي واقعي اها لهڻن. ۽ مون کي خبر آهي ته هو توهان جي تمام گهڻي خدمت ڪري رهيا آهن.“

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

سيتان شراب جو ڍڪ پيري دل ئي دل ۾ مس سدا بهار چنبيليءَ جي صحت ۽ دوستيءَ لاءِ دعا گهري: ”آئون ماتسوموتو وارن جو ٿورائتو آهيان جن منهنجو هڪ تمام سٺي ڇوڪريءَ سان تعارف ڪرايو آهي.“

”منهنجي خيال ۾ ته آئون هن ڪي سچاٽان ٿو“ جارج چيو ”گيشا ڪانوماسايو- جيڪا مس سدا بهار چنبيليءَ جي نالي سان سڏجي ٿي.“

”توهان ته هر ڳالهه جي جانچ رکو ٿا. شابس هجناوَ.“

ساڪاموتو ڪليو. ”خير جاسوسي خاطر هرگز نه. هڪ ڏينهن مون ڪي مس سدا بهار چنبيليءَ جي ضرورت هئي جيئن منهنجن مهمانن ڪي مانيءَ تي وندرائي سگهي، پر گيشا گهر وارن ٻڌايو ته هن ڪي ماتسوموتوءَ توهان جي وندر لاءِ هفتي ڪن لاءِ مسواڙ تي رکي ڇڏيو آهي.“

سيتان ٿورو جهڪي چيو ”ڇا چيو توهان؟! توهان جو مطلب آهي ته مس ماسايو ڪانوءَ ڪي مون سان ملڻ لاءِ ماتسوموتو پئسا ڏيئي مسواڙ تي رکيو آهي؟ مون ڪي ته اها ڳالهه سمجهه ۾ ئي نٿي اچي.“

ساڪاموتو هن ڏي گهوري ڏٺو: ”مسٽر سيتان، جپان کان ٻاهر گيشائن ڪي اڪثر غلط سمجهيو وڃي ٿو. سو توهان ڪي ٻه ڪٿي ڪيترو ٻه تفصيل سان سمجهائجي پر ڪو فائدو نه ٿيندو. ان هوندي ٻه ايترو توهان ڪي يقين ڏياريان ٿو ته مس سدا بهار چنبيليءَ ڪي توهان لاءِ هر وقت حاضر رکڻ لاءِ جيڪو خرچ پکو ماتسوموروءَ ڪيو آهي ان لاءِ شابس هجيس.“

سيتان پنهنجي جذبات تي ضابطو رکندي چيو: ”مسٽر ساڪاموتو. توڪيو ۾ اچڻ وقت مون ڪي ڊنر ڪارائي ويئي هئي. مس ڪانو پڻ اتي هئي ۽ اها خبر اٿم ته هوءَ پئسن تي گيشا طور گهرائي ويئي هئي جيئن مهمانن ڪي پنهنجي فن، ڳالهين ۽ راڳ جهڙين شين سان وندرائي سگهي. ان کان پوءِ آئون هن سان ڪيترائي دفعا ائين دوستي ياريءَ ۾ سندس واندڪائيءَ جي گهڙين ۾ سندس مرضيءَ تي مليو آهيان. ڇا توهان جو خيال آهي ته سندس اهو ملڻ دوستيءَ ۾ نه پر ڪاروباري نموني جو هو. جنهن لاءِ هوءَ پئسا وصول ڪندي رهي؟!“

مسٽر ساڪاموتو منجهي پيو ۽ اها مونجهه سندس چهري مان ٻه بکي رهي هئي. ”مسٽر سيتان! مون ڪي افسوس آهي جو آئون اجائي اها ڳالهه ڪڍي ويٺس. مونکي اها خبر نه هئي ته توهان ان بابت اڻ ڄاڻ آهيو. آئون دلي طرح توهان کان معافي گهران ٿو. مس سدا بهار

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

چنبيليءَ جي ڪردار تي ڪنهن به قسم جو شڪ نٿو ڪري سگهجي. رڳو پئسي ڏوڪڙ جي ڳالهه ناهي. اها توهان جي خوش اخلاقي به ڇئبي جو هوءَ هميشه توهان سان ملندي رهي ٿي.“

”پر هن کي ان لاءِ مسلسل پئسا ملندا رهيا؟“ سيتان معلوم ڪرڻ لاءِ ضد ڪيو.

”جي هروڀرو معلوم ڪرڻ چاهيو ٿا ته، هائو. پر اها ڳالهه آهي ته هوءَ ايري غيري نٿو خيري سان به نٿي ملڻ چاهي، ڪو ڪيترا به پئسا ڏوڪڙ ڏئي. هوءَ گراهڪن مان پنهنجي پسند موجب چونڊي ڪري ٿي. ۽ اها هڪ وڏي ڳالهه آهي ته هوءَ هر وقت توهان کي ئي چونڊيندي رهي آهي.“

سيتان پنهنجي ميزبان کي شرمندگيءَ جي احساس کان بچائڻ ۽ ڳالهه ڦيرائڻ لاءِ شراب جو گلاس کڻي پيتو ۽ پوءِ مشينريءَ جو نمونو ۽ سندس اگهه جو چٺو کنيو ۽ اُٿي بيٺو. ”چڱو مسٽر ساڪاموتو. توهان جي ميزبانيءَ جي وڏي مهرباني. اُميد ته توهان جي ملاقات جو مون کي وري جلد شرف حاصل ٿيندو.“ جيئن ئي ساڪاموتو اُٿي بيٺو ته سيتان جلدي هٿ ملائي اُٿي هليو. ننڍڙو ورانڊو اُڪري در وٽان بوٽ پاتو ۽ بنا ڪهيون بڌڻ جي اچي ٽئڪسيءَ ۾ ويٺو. هي ان ڪري به جلدي اُٿي پيو جيئن سندس منهن جو لٿل پنو ڪو بيو نه ڏسي وٺي.

پنهنجي هوٽل ۾ پهچي سڌو ڪمري ۾ آيو. لابيءَ ۾ به ساهه نه پٽيائين. ڪمري ۾ گهڙي بوٽن کي اڇل سان لاهي پنهنجو منهن هٿن ۾ لڪائي ڏکوٽي سمهي رهيو. جيئن سندس چهرو پٽيون به ڏسي نه سگهن.

سڄي رات هنڌ تي جاڳندي پاسا ورايائين. دنيا سندس اڳيان ٽڪرن ٽڪرن ۾ ٽٽندي ۽ جڙندي رهي. صبح ٿيڻ تي هن رات وارا اجا تائين پاتل ڪپڙا لاٿا، شيو ڪري، وهنتو ۽ بيا ڪپڙا پاتائين.

ڪانٽئڪٽ لينس پائڻ بدران پراڻي عينڪ نڪ تي رکيائين ۽ ٽيڪسي ڪري آفيس پهتو. آفيس ۾ پهچي سڌو ريڪو جي ٽيبل وٽ آيو. ”تو سان آئون ڪجهه ڳالهائڻ ٿو چاهيان.“ هن چيو.

ڪانفرنس روم ۾ پهچي سيتان چيو. ”ريڪو سانِ آئون توتي پروسو ٿو ڪريان ۽ مونکي اُميد آهي ته تون منهنجن سوالن جا صحيح صحيح جواب ڏينديءَ. منهنجي ڳالهه تو سمجهي؟“ ريڪو ڳالهه ته سمجهي پر ڊڄي ويئي ته الا ڇا آهي. ”هر دفعي جڏهن به آئون مس سدا بهار چنبيليءَ سان مليو آهيان يا گهمڻ ويو آهيان ته ماتسوموتو ڪمپنيءَ ان لاءِ گيشا

گھر کي پئسا دا ڪيا آھن. اھا ڳالھ چا صحيح آھي؟“
ڪوڙ ڳالھائڻ اجايو ھو. ”ھا.“ ريڪو چيو.
”ڏس ڪمپنيءَ جي اڪائونٽنٽ ڇوڪري تنھنجي ساھيڙي آھي. تون ھڪ ڪم ڪر ھن کي گيشا گھر جا اھي سمورا بل ونني اچ جن جي ادائيگي ڪمپنيءَ مون خاطر ڪئي آھي، پر ڏس ڪنھن بہ ٻئي کي خبر نہ پوي.“
”ڇا واقعي؟“ ريڪو چيو.
”ھا بلڪل.“ سيتان چيو. ھن جي لفظن ۾ رُڪ جھڙي سختي ھئي. ھوءَ ڇا ٿي ڪري سگھي. ڇپڙي ڪري ڪمري مان نڪتي ۽ واپس آئي تہ سندس ھٿن ۾ ڪجھ پنا ھئا.
سيتان ڪيسي مان پين ڪڍي ۽ اچن پنن جي بندي ڪٽي حساب جوڙڻ لڳو.
”نيو اوتاني ھوٽل ۾ رات جي ماني؟“ سيتان پڇيو.
ريڪو جي اکين ۾ ڳوڙھا تري آيا ۽ پني تي لکيل انگ آڏا ڦڏا نظر اچڻ لڳس. ”جپاني سڪي ۾ ھڪ لک پنجونجاھ ھزار ين.“ (اٺ ھزار ڪن روپيہ) ريڪو عام طرح ڳالھائڻ جي ڪوشش ڪئي.
سيتان سلائيڊ رول ذريعي جپاني سڪي ين کي بدلي آمريڪن ڊالرن ۾ آندو. ”اٺڪل ڇھ سؤ ٽيھ ڪن ڊالر.“ سيتان چيو ”“ پارڪ ۾ گڏ واڪ ڪئيسين، ان جا ڪيترا پئسا؟“
”ريڪو بل کي اٿلائي پٿلائي ڏٺو. ٽيھ ھزار ين.“ ريڪو ڏک مان چيو.
”سي ٽي چوراسي ڪن ڊالر. مھرباني ۽ ڪيوتو ۾ گذاريل رات جا ڪيترا پئسا؟“
ريڪو ھن کي ٻڌائڻ نٿي چاھيو. سيتان ھن کان ڪاڳر ڦري ان تي لکيل انگ پاڻ پڙھڻ لڳو: ”پنج لک ين.“ (پنجويھ ھزار روپيہ ڪن) ”گذريل اربع ڏينھن آئون ڪيس فلم تي ونئي ويو ھوس.“
ريڪو ڪنڌ جھڪائي ٻڌايو: ”چاليھ ھزار ين.“ ”يعني سي ٽيا ڏيڍ سؤ ڪن ڊالر.“
سيتان آھستي آھستي ھٿن مان نڪري رھيو ھو ۽ سندس چڙ جو پارو پڻ وڌي رھيو ھو.
”يلا اُتامي ۾ گذاريل بہ ڏينھن؟“ سيتان رڙ ڪري چيو.
”سائين ان جو بل گيشا گھر کان اجا پھتو ناھي.“ ڊڪ سانَ آئون توکي سچ پيئي ٻڌايان.“
سيتان ھاڻ سمورن پئسن جو جوڙ ڪيو ۽ پوءِ چيڪ بڪ ڪڍي ان مان ھڪ چيڪ

ھن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

ڦاڙي پئسن جو انگ ان تي لکيو ۽ ان سان گڏ صحيح پڻ ڪئي.

”ريڪو سان! مسٽر ماتسوموتو کي اطلاع ڪندا تہ آئون هن سان هينئر جو هينئر ملڻ ٿو چاهيان.“

”چڱو آئون ڏسان ٿي.“ هن خبرداريءَ سان چيو ۽ وٺي ڀڳي. هوءَ پهرين ياماگچيءَ وٽ آئي ۽ اچي سربستو احوال ڪيائينس تہ هيءَ هيءَ ڳالهہ ٿي آهي. پوءِ هوءَ ماتسوموتوءَ جي آفيس ۾ حاضر ٿي. اها خطرناڪ خبر اڳهين ڪارخاني ۽ آفيس جي ورانڊن ۾ گشت ڪري رهي هئي. ڪمپنيءَ جي جپاني انجنيئر فيوجي هارا جنهن جو سيٽان سان گهٽو ساٿ رهيو هو اهو سمجهي سگهيو ٿي تہ سندس ساٿي ڪهڙي عذاب ۾ آهي. هن جي دل گهٽوئي چاهيو تہ سيٽان سان ڳالهائي ساڻس همدردي ڪري پر انگريزي نہ اچڻ ڪري مجبور هو.

جنهن وقت ريڪو سيٽان کي ماتسوموتو جي آفيس ۾ وٺي آئي تہ ياماگچي بہ اتي ويٺو هو. هو هڪ ڪاغذ هٿ ۾ جهلي ائين ويٺو هو ڄڻ ميٽنگ هلائي رهيو هجي. هن اُٿڻ ٿي چاهيو پر سيٽان کيس هٿ سان اشارو ڪري ويهڻ لاءِ چيو. ماحول ۾ ٿوري گهٽ هئي. ”مسٽر ماتسوموتو.“ سيٽان ڪڇيو. ”گذريل رات مون کي پهريون دفعو خبر پيئي تہ مس سدا بهار چنبيلي جنهن سان ملڻ وقت مون اهو پئي سمجهيو تہ هوءَ دوستي ياريءَ ۾ مون سان پئي ملي، پر اصل ۾ هن جون اهي ملاقاتون ڪاروباري هيون. بهرحال سڀ کان اڳ تہ آئون معذرت ٿو گهران جو مان توهان جي مهمان نوازي ۽ خلوص جو ناجائز فائدو وٺندو رهيس.“

ريڪو بہ دفعا ڊڪشنري کولي لفظن جي معنيٰ ڏٺي ۽ پوءِ سيٽان جي چيل انگريزي جملن جو جپانيءَ ۾ ترجمو ڪيو ۽ پوءِ ماتسوموتو جو جپاني جواب ترجمو ڪري سيٽان کي ٻڌايو: ”ائين ڪرڻ سان اسان کي خوشي ٿي آهي.“

”مون کي خبر آهي تہ توهان وٽ جپان ۾ منهن مٿي ڪرڻ وڏي ڳالهہ سمجهيو وڃي ٿو“ سيٽان چيو ”اسان جي ملڪ ۾ عزت قائم رکڻ بہ اوتري ئي اهم ڳالهہ آهي.“

”ساڳي ڳالهہ ٿي،“ ماتسوموتو چيو ”فقط نالا جدا جدا آهن.“

سيٽان کيسي مان چيڪ ڪڍي ٽيبل تي رکيو. ”هي چيڪ ذري گهٽ ان سڄي خرچ جو آهي، جيڪو توهان پهرين ڏينهن جي مانيءَ کان پوءِ اڄ تائين مون ڪارڻ گيشا تي ڪيو آهي. اُتاميءَ ۾ بہ راتيون گذارڻ وارو بل اڃا توهان تائين نہ پهتو آهي. جيئن ئي ايندو تہ اهو پڻ آئون ادا ڪندس. آئون سمجهان ٿو تہ اهو تمام ڳرو هوندو.“ ريڪو ترجمو ڪيو ۽

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

ڪمري ۾ ويٺل ٽنهي جپانين اها ڳالهه سمجهي. ”هي هتي جي جپاني بئنڪ جو چيڪ هن وقت جيتوڻيڪ بيڪار آهي.“ سيتان چيو ”پر آئون آمريڪا پهچڻ شرط پنهنجي بچت جا پئسا هيڏانهن جپان واري بئنڪ ڏي وجي موڪليندس، جيئن هي چيڪ ڪئش ٿي سگهي.“

”سيتان سانَ،“ ماتسوموتو ڪجهه ڏک مان چيو ”توهان وڏي عزت وارو انسان آهين. آئون توهان جو ڏنل چيڪ وٺڻ کان جيتوڻيڪ انڪار ٿو ڪريان، پر جنهن جذبي هيٺ توهان اهو پيش ڪيو آهي، ان جا گڻ هميشه ڳائيندو رهندس.“

”جيڪڏهن توهان منهنجي عزت رکڻ چاهيو“ سيتان چيو ”ته پوءِ هي چيڪ توهان کي ضرور قبول ڪرڻو پوندو.“

وڏي ٽيبل پٺيان ويٺل هن گمنام شاعر، سيتان کان چيڪ وٺي مٿئين وچ واري خاني ۾ رکيو. پوءِ هو ٽيبل وٽان ڦري اڳيان اچي بيٺو ۽ جهڪي موڪلائڻ بدران هن سان هٿ ملايو. اها هڪ وڏي عزت هئي جيڪا هن سيتان کي ڏيڻ چاهي، پر سيتان اڳهين پنهنجو مان مٽيرو مڃائي چڪو هو.

جنهن وقت فون جي گهنٽي وڳي ان وقت سيتان پنهنجي ٽيبل تي نه هو. ريڪو فون کڻ تي رکي جواب ڏنو. پوءِ هن چوڌاري ويٺلن تي تڪڙي نظر وڌي. ڪنهن جو به ڌيان هن ڏي نه هو پوءِ پنهنجي منهن تي بنا ڪنهن تاثر آڻڻ جي هن مختصر جپانيءَ ۾ ڪانوماسايو کي سڄو احوال ٻڌائي ورتو ته ڪجهه دير اڳ ڇا وهيو واپرايو آهي.

سيتان ماتسموتو جي آفيس مان نڪري انجنيئرنگ ڊپارٽمينٽ ۾ آيو. ريڪو اتي ئي ترسڻ مناسب سمجهيو جيئن ڪجهه پڇڻ يا ٻڌائڻ لاءِ هن جي ترجمي جي ضرورت پئجي وڃي. سيتان مشين وانگر هيڏانهن هوڏانهن ڪم ڪندو رهيو جيتوڻيڪ سندس چهري تي اُداسي ڇانيل هئي. جپاني انجنيئر فيوجي هارا هن جو هي حال ڏسي ڏک محسوس ڪيو پر ڇا ٿي ڪري سگهيو.

ڇهين وڳي ڌاري سيتان اُٿيو ۽ هن چيو: ”آئون ٿوري دير ۾ ٻاهران رات جي ماني کايو ٿو اچان. اڄ منجهند جي ماني به نه کاڌي اٿم. بهرحال اجهو ٿو اچان.“

”ڀلي سائين،“ فيوجي هارا چيو ”اسين ويٺا هونداسين.“ سنگت خاطر هن سان گڏ وڃڻ جو هن گهڻو ئي چاهيو پر پوءِ ماٺ ٿي ويو ۽ سيتان اڪيلو پيرين پيادو ٻاهر هليو ويو. سندس

جسم سور ڪان جهڙ پچي پور ٿي رهيو هو. گذريل چوويهن ڪلاڪن ۾ جيتوڻيڪ هن ڪجهه به نه کاڌو هو پر ان هوندي به هن کي اڃا تائين بک بلڪل محسوس نه پئي ٿي.

جڏهن هو ساڍي ستين تائين واپس نه وريو ته ريڪو ۽ فيوجي هارا فڪرمند ٿيڻ لڳا. پنهي ڄڻن گهر به وڃڻ نٿي چاهيو جو سيتان وڃڻ وقت چيو هو ته آئون موٽي ٿو اچان. ساڍي اٺين بجي ڌاري فيوجي هارا ريڪو کي چيو ته "هينئن ٿا ڪريون جو تون اتي ترس ته آئون ڪيس ڳولي ٿو اچان ۽ جيڪڏهن ان وچ ۾ پاڻ اچي وڃي ته ڪيس هوٽل تائين ڇڏي اچجانءِ".

"اها سٺي صلاح آهي." ريڪو به مڃيو.

ٻاهر نڪري فيوجي هارا سوچيو ته هو ڪيڏانهن وڃي سگهي ٿو. هڪ هنڌ ڪيتريون ئي ننڍيون هوٽلون ۽ شراب خانا هئا. فيوجي هارا ڪيس ڳولڻ لاءِ اوڏانهن روانو ٿيو. اتي پهچي هڪ هڪ هنڌ پڇڻ لڳو ته هتي هڪ ڌڳهي قد جو فارينر ته نه آيو؟ ڪلاڪ کن هو ڳوليندو رهيو. آخر هڪ شراب خاني ۾ پهچڻ سان ان مالڪ چيو: "دوزو" ۽ ڪنڌ جي ڌوڻ سان سيتان ڏي اشارو ڪيو جيڪو بني هوشيءَ جي عالم ۾ ٽيبل تي ڪنڌ رکي ستو پيو هو.

"آئون هاڻ پوليس کي اطلاع ڪرڻ وارو هوس." شراب خاني جي مالڪ چيو.

"ان جي ڪا ضرورت ناهي." فيوجي هارا وراڻيو. "گهڻي ڪم ۽ ٿڪ ڪري هي بيحال ٿي ويو آهي. ڀلا هن جي بل جو حساب ته چڪتو آهي يا نه؟"

مالڪ ڪنڌ ڌوڻيو ۽ سندس مدد سان فيوجي هارا سيتان کي ٽئڪسيءَ ۾ وڌو. فئڪٽريءَ وٽ پهچي فيوجي هارا ريڪو کي به سڏي آيو.

"منهنجي خيال ۾ ته هن کي سندس هوٽل تي وٺي هلون." فيوجي هارا چيو. "پر هوٽل جي لابيءَ ۾ سيني اڳيان هن حال ۾ وٺي هلڻ سان هي ڏتو ٿي پوندو."

"واقعي." ريڪو چيو "ائين هو ڪنهن جي اڳيان منهن ڪڍڻ جهڙو نه ٿيندو."

"آئون هن کي ڪٽي پنهنجي گهر وٺي هلان." فيوجي هارا چيو "پر منهنجا ماءُ پيءُ به اسان وٽ ٽڪيل آهن ۽ ڇتيءَ جيتري جاءِ به ناهي جو سيتان لاءِ ڪٽي هڪ وڌيڪ فوتان (هنڌ) وڇائجي. هل ته ڀلا ڪنهن ٻيءَ هوٽل ۾ وٺي هلونس."

"ڪنهن به هوٽل ۾ وٺي هلڻ صحيح نه ٿيندو ۽ ڏسڻ وارن جي نظر ۾ ڪري پوندو. هن کي يا ته آئون پنهنجي گهر تي وٺي وڃان. مون سان فقط منهنجي ماءُ ٿي رهي سا ڪنهن پاڙي واي گهر ۾ سمهي سگهي ٿي. پر آئون اڪيلي سر هن کي ڪٽي نه سگهنديس." ريڪو چيو.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

”آئون چڱيءَ طاقت وارو آهيان.“ ڊرائيور جيڪو هنن جون ڳالهيون ٻڌي رهيو هو تنهن چيو. ”مون کي توهان جي مدد ڪندي خوشي ٿيندي.“

”ته پوءِ آئون سيٽان جي هوٽل تي فون ڪري.“ فيوجي هارا چيو. ”کين ٻڌائيندس ته سيٽان سانَ کي ڪنهن دعوت ۾ رات گذارڻي پئجي ويئي آهي. ان ڪري هو اڄ رات هوٽل تي نه ايندو ۽ رات جي پائڻ جو سامان ڪو ماڻهو اچي کڻي ويندو. پوءِ آئون ئي هن جي ضرورت جو سامان هوٽل تان کڻائي سڌو تنهنجي گهر ايندس.“

ٽئڪسي ڊرائيور فيوجي هارا کي ڪنهن ويجهي ريلوي اسٽيشن تي لاهي پوءِ ريڪو جي ڏس موجب سندس گهر اچي پهتو جيڪو ڪاناٽي گهرن جي علائقي ۾ تختن جو ننڍڙو گهر هو. هو ٿوري دير ترسيو تيسين ريڪو اندر وڃي پنهنجي ماءُ سان حال ڪيو.

سيٽان کي هيڏي ننڍڙي گهر ۾ اندر وٺي هلڻ ڪو آسان ڪم نه هو. هڪ ته بيهوشيءَ جي ڪري هو چپ وانگر ويتر ڳرو ٿي لڳو ٿي ۽ ويندي همت واري ڊرائيور کي به ڪافي تڪليف پئي ٿي. آخرڪار هن کي گهر جي وڏي ڪمري ۾ پٽ تي ليٽايو ويو.

ريڪو جلدي جلدي ڪري سندس بوٽ لاٿا ۽ مٿي هينان وهاڻو رکيو. پوءِ پاڻيءَ جو پيالو ڀري اچي سندس منهن ڌوتو.

جنهن وقت فيوجي هارا اُتي پهتو ته هوءَ اڃا تائين هن جي پير ۾ ويٺي هئي. فيوجي هارا سيٽان جي رات جي ڪپڙن جي هڙ اچي پٽ پرسان رکي ۽ ريڪو هنڌ تاهي سيٽان جو ڪوٽ، قميص ۽ پتلون لاهي کيس هنڌ ۾ سمهاريو. فيوجي هارا ريڪو کي چيو ته سياڻي آفيس ۾ اچڻ جي ڪا جلدي ڪانهي پلي آرام سان اچجانءِ. سيٺ ماتسوموتو کي آئون حالتن کان آگاهه ڪري ڇڏيندس. پوءِ هو آهستي ڪري ٻاهر نڪتو ۽ ريلوي اسٽيشن ڏي روانو ٿي ويو.

ٿوري دير بعد ريڪو جي پوڙهي ماءُ چانهه لاءِ اچي پڇيو. سندس سڄو چهرو گهنجن سان ڀريل هو ۽ ڪاري رنگ جو ڪمونو پهريل هوس. ريڪو آهستي ڪري چيس ته هوءَ ڪا به تڪليف نه وٺي. پوءِ هوءَ پنهنجو هنڌ کڻي پاڙي واري گهر ۾ هلي ويئي. ريڪو پاڻ يوڪاتا پائي سيٽان جي پير ۾ ٿي ويٺي، جيئن متان سيٽان اُٿي سوچي ته هو ڪٿي آهي ته کيس ٻڌائي سگهي.

ٻن ڪلاڪن بعد سيٽان کي سجاڳي ٿي ۽ نوڻ تي اُٿي ويٺو ۽ هن ڏي نهاري پڇيو:

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

”آئون ڪٿي گم ٿي ويو آهيان؟“

”تون ڪٿي بہ گم نہ ٿيو آهين سيتان سانَ. پر گهٽي ڪم ۾ ٽڪ ڪري تون ساڻو ٿي ڪري پئين ۽ فيوجي هارا ۽ آئون توکي پنهنجي گهر وٺي آيا آهيون.“

”گهٽي پيئڻ ڪري مون هوش وڃايا آهن،“ هن چيو ”هن کان اڳ ڪڏهن بہ مون ائين نہ ڪيو هو.“

”نہ نہ. اهڙي ڳالهہ ناهي. تون آرام ڪر.“ اهو چئي ريڪو پنهنجو هٿ سندس نرڙ تي گهمائڻ لڳي.

”ريڪو مون پنهنجو پاڻ پاڻ ئي ڪلايو آهي.“ سيتان چيو ”دراصل مون چاهيو ٿي تہ مون سان ڪو محبت ڪري.“

“اهڙي ڳالهہ ناهي. آئون بہ تہ توسان محبت ڪريان ٿي.“

”ريڪو جنهن کي گهڻو پيانئبو آهي ان کي ڇا چئبو آهي. منهنجو مطلب آهي جپانيءَ ۾ ڊيئر (پياري) کي ڇا چئجي؟“

”جپانيءَ ۾ بلڪل ان جهڙو تہ لفظ ناهي، ڊِڪ. پر جنهن کي گهڻو چاهبو آهي تہ پوءِ ان جي نالي پنيان 'چان' وجهبو آهي- جيئن 'سيتان سانَ' بدران 'سيتان چان'- اهوئي فرق آهي.“

”ريڪو چان، جپان ۾ آئون ٽن چوڪرين سان مليو آهيان. انهن مان تون هڪ اهڙي آهين جيڪا منهنجو گهڻو خيال ٿي رکين. ڇا تون مون سان شادي ڪندينءَ؟“

هن پنهنجو ڪنڌ هيٺ جهڪايو: ”توهان مون کي اها عزت پيا ڏيو جنهن جو آئون سوچي بہ نٿي سگهان. پر آئون پنهنجو پاڻ کي توهان جي قابل نٿي سمجهان. دل جي گهراين سان آئون توهان جي شڪرگذار آهيان.“ هن جهڪي پنهنجا چپ هن جي چپن تي زور سان کپايا. پوءِ هوءَ اُٿي وڃي ۽ چيو: ”هينئر توهان سمهي آرام ڪريو. سڀاڻي پاڻ ڳالهائينداسين.“

“گڊ نائيٽ، ريڪو چان” (شب خير پياري ريڪو.)

”ڪامبان ـ وا، ڊِڪ چان“ (شب خير پيارا ڊِڪ).

پوءِ بہ هوءَ تيستائين اُٿي ئي وڃي رهي جيسين سيتان کي گهاٽي ننڊ آئي ۽ کونگهرا هڻڻ لڳو. پوءِ هن جهڪي تڏي کي ڇهيو جنهن تي سيتان سُتل هو ۽ آهستي چپن ۾ پڙڪيو:

”ڊڪ چان! اها مون لاءِ عزت ۽ خوشيءَ جي ڳالهه آهي جي تون مون سان شادي ڪرين. آئون تنهنجي زال ٿي گولين وانگر گذاريندس ۽ تنهنجي خدمت ڪندي رهنديس.“ پوءِ هوءَ اُٿي ۽ بنا هنڌ ۽ وهاڻي جي پير واري ڪنڊ ۾ گڪي ٿي سمهي رهي، جيئن متان ڪنهن وقت به سيٽان کي ڪنهن شيءِ جي ضرورت پوي ته هوءَ ويجهي هجڻ جي صورت ۾ سڏ جو جواب ڏئي سگهي.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

10

لنچ بعد سيٺان ماتسوموتو ڪمپنيءَ جي ڪارخاني تي پهتو. سيٺان هاڻ تازو توانو لڳي رهيو هو پر سندس منهن تي اها رونق نظر نه پئي آئي جنهن کان هرڪو واقف هو. فيوجي هارا انجنيئر جي سامهون ٽيبل تي ويهي هن چيو: ”يار ڪو ڪم هجنئي ته مون کي به ڏي ته آئون به ويهي ڪريان.“

”مشينريءَ جو نقشو (ڊيزائين) ته مڪمل ٿي ويو“ فيوجي هارا چيس. ”هاڻ ان نقشي موجب ان جا اوزار پيا ٺهن ۽ پيو ته ڪو ڪم مون کي نٿو سجهي.“

”ڪجهه نه ڪجهه مون کي ڪرڻ کپي. تو منهنجو ڪم ويهي ڪيو آهي، مون کي به تو لاءِ ڪجهه ڪرڻ کپي.“ سيٺان چيو.

فيوجي هارا کي سمجهه ۾ نه پئي آيو ته ڪهڙو ڪم کيس ڏئي. ”في الحال ته ڪوبه ڪم ناهي جو توهان کي ڏيان. ڪيترن هفتن کان اسان کي ڪوبه نئون ڏنڊو نه مليو آهي، سواءِ ان توهان واري ڪم جي.“ هن پنهنجي دوست ڏي نهاريو جيئن ئي ريڪو ترجمو ڪري ٻڌايو. ”جيئن ته توهان کي اسان جي ڪمپنيءَ جون ڏکدائڪ حقيقتون معلوم ٿي چڪيون آهن ان ڪري مون کي پنهنجي ڪمپنيءَ بابت توهان کي سڀ ڪجهه ٻڌائڻ کپي. جپاني ماڻهو هر ڳالهه ۾ عزت جو سوال آڻيندا آهن جيئن انڊو پاڪ ۾ مهمان اچي ويو ته غريب گهر وارو قرض کڻي به هن جي خدمت چڱيءَ طرح ڪندو توڙي کڻي سندس ٻار پلي ۾ ڏينهن کان بک تي هجن. ٻار جو ٺهر يا شادي ڏام ڌوم سان ڪئي ويندي جو ان ۾ عزت جو سوال آهي پوءِ چاهي سڄي عمر پيو ان جو قرض لاهجي. تهڙيءَ طرح اسان وٽ جپان ۾ ڪا شيءِ ناهڻ نه ايندي ته به ڪمپني انڪار نه ڪندي ته هن کي اها شيءِ ناهڻ نٿي اچي جو ائين ڪرڻ وڏي بي عزتي سمجهي وڃي ٿي. ميوي جي واپاريءَ کان صوف گهرائبا ته هو انڪار هرگز نه ڪندو ته نٿو موڪلي سگهان جو انهن جي موسم ئي ڪانهي. پر چوندو ته بس سائين هلو ته پٽيان موڪليان ٿو چاڻ ته آيا. ٽن مهينن کان پوءِ جڏهن انهن جي موسم ايندي ته پوءِ توهان کي اطلاع ڪندو ته هاڻ اهي دڪان تي پهچي ويا آهن.“

”پلا ان ڳالهه جو سيٺ ماتسوموتوءَ جي ڪمپنيءَ سان ڪهڙو تعلق؟“ سيٺان پڇيو.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

”فقط ايترو سيتان سائين، ڪجهه مهينا اڳ اسان کي آمريڪا جي هوائي فوج طرفان ڪنهن اوزار ٺاهڻ جو آرڊر مليو هو جيڪو رڊار ۾ لڳائڻ لاءِ هو. ڪيترين آمريڪن ڪمپنين به ان لاءِ انڪار ڪري ڇڏيو هو ته ان کي ٺاهڻ هنن جي وس جي ڳالهه ناهي. پر اسان لاءِ ڪليو ڪلايو انڪار ڪرڻ بي عزتيءَ جي ڳالهه هئي ته هڪ اليڪٽرانڪس جي شيءِ اسان نه ٺاهي سگهنداسين! اسان ڪوشش ۾ لڳا رهياسين ته من ڪنهن طرح به ڪامياب ٿي وڃون.

”ان جي تياريءَ لاءِ جيڪا اسان وٽ بجيٽ هئي اها سموري ختم ٿي ويئي. ان بعد جيڪا موڙي ٻئي پروجيڪٽ لاءِ رکيل رقم هئي اها به سڄي لڳائي ڇڏيسين پر ڪجهه به هڙ حاصل نه ٿيو. آخر ۾ هرهڪ فنڊ ۾ بچيل رقم جو آخري پئسو به لڳائي ڇڏيوسين. پر اها شيءِ هنن جي گهرج مطابق ٺهي نه سگهي ۽ ساڳي وقت اسان ان کي به بي عزتي ٿي سمجهيو ته حقيقت کان ڪم وٺي آمريڪا جي فوج کي اطلاع ڪريون ته اها شيءِ ٺاهڻ اسان جي وس کان ٻاهر آهي. هنن کي اهوئي لکندا آياسين ته سندن آرڊر ڏنل شيءِ تي ڪم جاري آهي، پر ٻين ڪمپنين کي خبر هئي ته اسان ناڪامياب ويا آهيون ۽ نقصان ۾ اچي ويا آهيون. فلپين ۾ اسان پنهنجو وڏو گراهڪ وڃائي ڇڏيوسين جو اتي جي مئنيجر کي اسان ۾ اعتماد نه رهيو ۽ ڏنل آرڊر ڪئنسل ڪرائي ڇڏيائين.“

”تنهنجي معنيٰ ته سيٺ ماتسوموتو ۽ سندس فئڪٽري (ڪارخانو) خطري ۾ آهي؟“

فيوجي هارا ڪنڌ ڌوڻيو: ”صحيح طرح آئون نٿو چئي سگهان، پر ايترو ضرور آهي ته اسان جي ڪمپنيءَ کي ڪيتري عرصي کان ڪوبه آرڊر/ ڏنڊو نه پيو ملي.“

سيتان ڪجهه دير خاموش وينو رهيو ۽ پوءِ چيائين: ”آئون پنهنجي ملڪ موٽڻ چاهيان ٿو“ پوءِ ٿوري دير لاءِ سوچي چوڻ لڳو: ”پر هيئن به آهي ته منهنجي ڪمپنيءَ جي هدايت آهي ته اڳو پوءِ مشينريءَ جو نمونو پاڻ ساڻ کڻيو اچجان“. سو لڳي ٿو ته اجا ڪجهه ڏينهن ٻيا به هتي رهڻو پوندو.“

”ڪجهه ڏينهن لاءِ توهان گهمڻ ڦرڻ لاءِ نڪري دل چونتا وندرايو؟“

”دل ته مون گهڻي ئي وندرائي آهي. مهرباني.“ سيتان رکائيءَ سان جواب ڏنو. ”۽ پوءِ پاڻ ئي ندامت محسوس ڪندي چيائين، ”سائين معاف ڪجو منهنجي ڳالهه دل ۾ نه ڪجو.“

فيوجي هارا سندس ڏک محسوس ڪندي ڪنهن طرح هن کي مشغول رکڻ چاهيو. هن

آفيس جي هڪ ماڻهوءَ کي موڪليو جيڪو نقشن وارا پنا کڻي آيو. انهن مان هڪ نقشو فيوجي هارا چونڊي ٽيبل تي وڇايو: ”هونءَ جاسوسيءَ جي خيال کان هوائي فوج طرفان اسان کي اها تاڪيد ڪئي ويئي آهي ته هي ڪنهن به غير ضروري ماڻهوءَ کي نه ڏيکاريو وڃي، پر توهان غير ضروري نه پر بيحد ضروري ۽ اهم ماڻهو آهيو.“

سيتان نقشي تي جهڪيو ۽ ان کي چڱيءَ طرح غور سان جانچڻ لڳو. ”توهان هيڙو ڏکيو ڪم هٿن ۾ کڻي چريائي ڪئي،“ سيتان نيٺ ڳالهايو. ”پلا ان کي ناهڻ لاءِ ڪهڙا طريقا اختيار ڪيا اٿانوَ؟“

فيوجي هارا ڪنڌ ڌوڻيو ۽ نقشن جا ٻيا ڍير ڪيس وڌائي ڏنا. سيتان هڪ ڪري انهن کي جانچڻ شروع ڪيو.

ڇهين بجي شام جو ريڪو سيتان جي پرسان اچي سندس ڪلهي تي هٿ رکيو پر سيتان سندس هٿ پري ڪري ڇڏيو ۽ پنهنجو مٿو هٿن ۾ جهلي نقشن (بلو پرنٽ) کي ئي غور سان ڏسندو رهيو. ريڪو چيڙي ڪري هلي ويئي ۽ ٿوري دير کان پوءِ سوشيءَ مچي ۽ چانورن جو ٿانو سيتان کجي کائڻ لاءِ کڻي آئي. سيتان فقط ايترو وراڻيو: ”ريڪو چان (پياري ريڪو) تون پلي گهر هلي وڃ.“ هن چئيوان نوڪر وانگر ڪنڌ ڌوڻي هائوڪار ڪئي. سيتان کي بروقت احساس ٿيو ته هن کي ايترو کهرو نه ٿيڻ کپي. ”اورتي اچ ريڪو.“ سيتان جهڪي ڪيس چمي ڏني ۽ چيو: ”منهنجو فڪر نه ڪر. مون کي اڄ رات دير تائين هتي ڪم ڪرڻو آهي. تون پلي موڪل ڪر. گهر پهچي پنهنجي ماءُ کي به منهنجا سلام ڏجان“. هن وري جهڪي هائوڪار ڪئي ۽ ٻاهر نڪري آئي.

سيتان سڄي رات نقشن کي اٿلائيندو پٿلائيندو رهيو ۽ ممڪن صورت ۾ آٽڻ لاءِ ڊرائينگن ۾ تبديلي ڪندو رهيو. صبح جو فيوجي هارا ۽ ٻيا آيا ته هن کي ان ئي حالت ۾ ڏٺائون. فيوجي هارا ڪيس ماني گهرائي ڏني ۽ اسٽاف جي ماڻهن کي ٻڌائي ڇڏيو ته سيتان کي ڪوبه منجهائي نه جيئن هو هڪ منو تي ڪم ڪندو رهي. سيتان ڊرائنگ پيپر ٽيبل تي وڇائي ان تي مختلف نموني جي 'مشين ڊرائنگ' ناهيندو ويو. مٿان اچي شام به ٿي. سڀ هليا ويا. پر ياماگچي ۽ ماتسوموتو سيٺ اڃا موجود هئا. هنن سيتان کي ڪنهن به طرح ٻي رات ٽڪڻ لاءِ نٿي ڇڏڻ چاهيو.

اتي فيوجي هارا ـ جپاني انجنيئر به ماتسوموتو جي آفيس ۾ اچي نڪتو. ”سيتان سانَ

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليڪ وٽ محفوظ

ڪي گيشا واري ڳالهه تان گهرو صدمو رسيو آهي.“ هن سمجهايو ”۽ هن جو ڌيان ان ڳالهه تان هٽائڻ لاءِ مون ڪيس ايئر فورس واري نقشي جو ڪم ڏئي ڇڏيو آهي جيڪو پاڻ کان حل نه ٿيو آهي. هينئر آئون هن کي ڏسيو پيو اچان. هن ان مشڪل کي ايترو ته حل ڪري نقشي کي مڪمل ڪري ورتو آهي جو مون کي لڳي ٿو ته هرڪو ڏسي تعجب ڪائيندو.“

”آئون هڪ شرنائيءَ واري کي سڃاڻان.“ سيٺ ماتسوموتو چيو ”هن کي هڪ دلي صدمو رسيو جنهن ڪري ڏاڍو ڏک ٿي پيس. پوءِ جڏهن هن ڏک جي حالت ۾ شرنائيءَ ڪٽي وڄائي ته ان مان اهڙا ته عمدا عمدا سر نڪتا جو ٻڌڻ وارا دنگ رهجي ويا. ڪاش ان وقت ڪو اهي سر محفوظ ڪري سگهي ها. عشق جي چوٽ انسان جي دل ۾ جيڪو درد پيدا ڪري ٿي ان پيڙا ۾ هو ڪڏهن ڪڏهن وڏا وڏا ڪم ڪريو وڃي.“

”منهنجي خيال ۾ ته سيتان جي به ساڳي حالت آهي.“ فيوجي هارا چيو ”انجنيئري ۾ ڪڏهن ڪڏهن دماغ ڪاميابين جون اتاهيون چوٽيون ڇهي وٺندو آهي ۽ هر مشڪل ڪم آسان پيو لڳندو آهي.“

”پوءِ اسان کي هن وقت ڇا ڪرڻ کپي؟“ ياماگچيءَ پڇيو.

”سيتان کي اڪيلو ڇڏي ڏيڻ کپي.“

ٻئي ڏينهن فيوجي هارا پهريون ماڻهو هو جيڪو صبح ساڻ آفيس پهتو. هن ڏٺو ته سيتان ٻانهن تي ڪنڌ رکي ڪوچ تي گهاٽي ننڊ ۾ ستل هو. ٽيبل تي هڪ تمام پيچيده ۽ منجهيل ڊرائنگ تهي تيار ٿي رکي هئي. ڊرائنگ مٿان پني تي ڪجهه انگريزيءَ ۾ لکيل هو: ”پيارا فيوجي هارا! مون توهان جي ڊرائنگ مڪمل ڪري ورتي اهي. مبارڪ هجناوَ! ـ ڊڪ سيتان.“

فيوجي هارا ان تيار ڪيل نقشي کي ڪلاڪ ڪن لاءِ غور سان جانچيندو رهيو. هڪ هڪ ذرو چڱيءَ طرح سمجهڻ لڳو جيڪو هر لحاظ کان صحيح هو ۽ گهربل پرزي مطابق هو. هن پوءِ اهو نقشو ڪٽي، پنهنجي اسسٽنٽ کي ڏنو ته ان مطابق آمريڪن ايئر فورس وارن لاءِ اهو مشين جو پرزو هڪدم ناهڻ شروع ڪري ڏئي. پر ۾ بيٺل سيٺ ماتسوموتو واڻڙو ٿي سيتان جو پڇيو ته اهو ته خيريت سان آهي.

فيوجي هارا ان جو جواب ڏيڻ بدران چيس:

”مون کي لڳي ٿو سيتان بلڪل صحيح نقشو ناهي اها ڪاميابي اسان کي ڏياري آهي جيڪا اسان حاصل نه پئي ڪري سگهياسين.“

يارهين بجي ڌاري سيتان پاسا ورائي اُٿيو. سندس سڄو جسم سور کان ڏکي رهيو هو. هٿ منهن ڌوئي شيو ڪيائين. تيسين ريڪو چانهه ڪٽي آئي. هو فيوجي هارا جي سامهون ويهي چانهه ڍڪ ڍڪ ڪري پيئڻ لڳو.

”توهان جي ٺهيل ڊيزائين مون ڪنئي آهي.“ فيوجي هارا چيو ”۽ مون کي پڪ آهي ته هر لحاظ کان صحيح آهي. توهان جي سچ پچ ته وڏي مهرباني.“

”نه. اهڙي ڳالهه ناهي. آئون ڪجهه نه ڪجهه ڪرڻ جي موڊ ۾ هوس جيئن پاڻ کي مشغول رکي سگهان.“ سيتان چيو.

”سيتان سائين،“ ريڪو چيو ”منهنجي خيال ۾ توهان کي سڌو هوتيرو (هوٽل) تي وڃي آرام ڪرڻ کپي. توهان کي بستري تي ليٽي ننڊ ڪرڻ کپي.“

”پوءِ پلاڃ باقي ڪم في الحال توهان هلائي سگهو ٿا؟“

“فيوجي هارا مرڪيو. ”بس سپاٽي صبح جو هليا اچجو. پر گهٽ جلدي به نه.“

انهن ٻن ڏينهن دوران هوٽل تي هن لاءِ 126 ڀيرا فون آيا جن ۾ ڪنهن جپانيءَ جو هو جنهن جي نالي کان هي واقف نه هو. ڪمري ۾ پهچي ساڻس ڳالهائڻ لاءِ هن فون آپريٽر کي چيو. فون تي ڳالهائيندڙ همراهه ٻڌايو ته هو ڪنهن اخبار جي تجارتي صفحي جو انچارج آهي ۽ ڪائنس ماتسوموتو ڪمپنيءَ جي ڪارڪردگيءَ بابت تاثرات معلوم ڪرڻ چاهي ٿو.

”واهه واهه، اهي تمام سٺو ڪم پيا ڪن،“ سيتان ٻڌاين، ”تازو هنن آمريڪن ايئر فورس وارن لاءِ رڊار جو هڪ گهربل پرزو پڻ ڊيزائين ڪيو آهي. جيڪو بيحد پيچيدو آهي.“

”ڇا واقعي اها حقيقت پيا ٻڌايو.“

”بلڪل سچ. بلڪ هو ته اهو پرزو ناهي به رهيا آهن.“

اخباري نمائندي لاءِ اها هڪ گرما گرم خبر هئي جيڪا هو اخبار ۾ ڏئي سگهيو ٿي.

”سائين توهان جي مهرباني.“ اخباري نمائندي موڪلايو.

”مڙيئي خير آهي.“ سيتان وراڻيو ۽ سوچڻ لڳو ته ماتسوموتو وارن جي ڪجهه ته لئي ويندي.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

ٻيو فون ساڪاموتو جو آيل هو جنهن سان پوءِ ڳالهائي سگهيو ٿي. مس نارما نياپو ڇڏيو هو ته هن گهربل شيءِ پهچائي ڇڏي آهي. جپان ٽريول سروس طرفان خط ڇڏيل هو جنهن ۾ هنن پڇيو هو ته جيڪڏهن ڪيس هن هفتي ڪيڏانهن گهمڻ لاءِ هلڻو هجي ته هو ان جو جوڳو بندوبست ڪن. سيتان ڪاوڙ ۾ اچي اهو خط ته ڦاڙي ڇڏيو. هاڻ گهمڻ وري ڪهڙا. هن سوچيو.

مس ڪانوماسايو ـ مس سدا بهار چنبيليءَ جو فون آيو هو. جنهن جو نالو پڙهي هن جي وري طبيعت خراب ٿي ويئي. جڻ ڪنهن پنيءَ ۾ خنجر هٽي ڪڍيو هجيس. هن ان نياپي واري چٺي به پنهنجن هٿن ۾ جهلڻ نٿي چاهي.

آخري نياپو ڪنهن محترمه ـ مس هازاما نالي جو هو اهو نياپو فون ذريعي ڏنو ويو هو ته جيئن ئي سيتان ڪي واندڪائي ٿئي ته هن سان ڳالهائي. سيتان اهو نالو ان کان اڳ نه ٻڌو هو. بهرحال اها به ترسي سگهي ٿي. هن آپريٽر کي فون ڪري چيو ته في الحال هن ڪي ڪنهن سان به فون تي ڳالهائڻو ناهي. هو ڪپڙا بدلائي بستري ۾ گهڙي ويو ۽ ليٽڻ سان ئي ننڊ وٺي ويس.

ٽئين ڪلاڪن بعد جڏهن سندس اک کلي ته بک جو احساس ٿيس. ڪپڙا پائي هاڻ ٿائي ٻڌي رهيو هو ته اوچتو کيس ياد آيو ته مس هازاما نالي هڪ ڇوڪريءَ جو به فون آيو هو. هن ٽيليفون آپريٽر کي هن نمبر ملائڻ لاءِ چيو. ٿوري دير بعد هازاما ڇوڪريءَ جو آواز فون مان ٻرڻ لڳو– ”مسٽر سيتان؟ مون کي سڃاڻو ٿا؟ آئون پيگي آهيان.“

”ها سڃاتم،“ سيتان وراڻيو. پر سندس آواز ۾ اها گرمي نه هئي.

”منهنجي ٻواءِ فرينڊ ـ ايئرمئن ملسپ کان سواءِ ٻي ڪنهن کي به خبر ناهي ته ڪو مون توکي فون ڪيو آهي. توسان ڪنهن ضروري ڪم جي سلسلي ۾ ملڻ چاهيان ٿي.“

”ملو ته پلي پر اهو ته ٻڌايو ته مائيڪو (سيڪڙات گيشا) ڪلاڪ جي ملاقات جو گهڻو ٿي وٺي؟“ هن پڇيو.

ڇوڪريءَ کي سيتان جي اها ٽوڪ سمجهه ۾ نه آئي.

”مائيڪو جو اڳهه ڪو گهڻو ناهي. آئون خوش نصيب آهيان جو مون کي ڪلاڪ جا پنڌرهن ڊالر ڪن مليو وڃن.“

”بهتر. ته پوءِ آئون توکي ڪلاڪ لاءِ معاوضي تي گهرائڻ چاهيان ٿو.“

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

”تون مون کي، معاوضي تي گهرائڻ چاهين ٿو؟“ چڱو ڀلا تون جي ان ۾ خوش آهين ته ائين ئي سهي. پاڻ نائين وڳي ملنداسين. ملڻ جي جاءِ بابت استقباليه تي ٻڌائي ٿي ڇڏيان ته هو تنهنجي ٽئڪسي ڊرائيور کي ٻڌائي ڇڏيندا.“

سيٽان تيسين ماني گهرائي کاڌي. پوڻي نائين بجي هيٺ ٽئڪسيءَ لاءِ آيو جنهن جي ڊرائيور کي استقباليه ۾ وينل ڪلارڪ سمجهائي ڇڏيو ته ڪٿي وڃي هلڻو آهي. ڊرائيور هن کي ڪيڏانهن ڪيڏانهن ۾ ڪٿان ڦيرائي وڃي پئي ويو هن نه ڌيان ڏنو ۽ نه ان جي پرواهه هيس. هن هڪ دفعو فيصلو ڪيو هو ته ٽوڪيو جا هو سڀ رستا ياد ڪري ڇڏيندو جيئن اچڻ وڃڻ ۾ سولائي ٿئيس. پر هاڻ اهي سڀ سهڻا خيال موڪلائي ويا هئس. نيٺ ٽئڪسي هڪ گهٽيءَ ۾ هڪ عمارت اڳيان اچي بيٺي. سيٽان ڊرائيور کي پئسا ڏئي ان عمارت جي در وٽ آيو ۽ هن بوٽ لاٿو. خدمتگار ڇوڪريءَ جهڪي در جو طاق کوليو ۽ هي اندر گهڙيو. سامهون ڪارن گلن واري ڪموني ۾ ملبوس اڇي رنگ جي ڇهري واري مائيڪو بيٺي هئي: ”مون کي مس هازاما ملڻ لاءِ هتي گهرايو آهي.“ سيٽان چيس.

مائيڪو وراڻيو: ”ڇا توهان مون کي نه سڃاڻو ٿا؟“

سيٽان وائڙو ٿي ويو. ”او معاف ڪجو! مون ته توهان کي سڃاتو ئي ڪونه.“ هن چيو. پر جيسين هوءَ ڪو جواب ڏئي، خدمتگار ڇوڪري کين هڪ پرائيويٽ ڪمري ڏي وٺي هلي. ويهڻ کان اڳ پيگي سيٽان اڳيان جهڪي ”مون کي معاوضي تي گهرائڻ لاءِ وڏي مهرباني. سڄي گيشا گهر ۾ توهان جي ڳالهه پئي هلي ته توهان پهريا آهيو جنهن مائيڪو کي نالي سان گهرايو آهي.“

”پاڻ سنو ٿيو. تنهنجي لئه ويني.“

”واقعي. مون تولاءِ ڪجهه ڪاڏو گهرايو آهي. پر جيئن ته تو مون کي پاڙي تي رکيو آهي سو توکي وندرائڻ لاءِ جيڪي چوين ائين ڪريان. چئين ته راڳ ٻڌايان“، ڪو ساز وڄايان يا ڊانس ڪريان. ۽ پوءِ خبرون چارون ڪريون.“

”جيڪي توکي وڻي.“

هن ساميسين (واڄو) کڻي راڳ ڳائڻ شروع ڪيو. جنهن جو ٿلهه هو: ”ڊنل قلعي مٿان چنڊ چمڪي رهيو آهي.“

ٿوري دير بعد در جو طاق گهرڪيو ۽ خدمتگار ڇوڪري ننڍڙن پيالن ۾ ڪاڏو ڇڏي موٽي

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

ويٺي. ”قاعدي مطابق ڪم جي وقت مون کي ڪاٺڻ نه کپي،“ پيگيءَ چيو ”پر آئون توسان ڳالهيون ضرور ڪنديس.“

سيٽان کي هن ڇوڪريءَ لاءِ دل ۾ رحم جو جذبو پيدا ٿيو. ”جيڪڏهن تون نه ڪائينديندينءَ ته مون کي شرمساري ٿيندي.“

”هاڻ پاڻ کي جيڪي ڳالهيون ڪرڻيون آهن سي تمام اهم آهن. پهرين تون مانڙي ڪري پڌ ته آئون چا ٿي چوان. توکي ياد آهي پهرين رات جڏهن تون مس ڪانوماسايو- مس سدا بهار چنبيليءَ سان مليو هئين؟ تو هڪ اهڙي ڳالهه ڪئي هئي جنهن پهرين رات ئي ماسايو جي دل جيتي ورتي هئي. اسان وٽ جپاني مرد عورتن سان ائين ورتاءُ نٿا رکن جيئن آمريڪن 'فرسٽ ليڊيز' جي اصول تي هلي عورت کي عزت بخشين ٿا. تو پاڻ پيئڻ کان اڳ مس سدا بهار چنبيليءَ کي پنهنجو سوپ پيئڻ لاءِ آڇيو هو - ياد اٿئي نه؟ اهڙي سٺي برتاءَ جو ته هن ڪڏهن سوچيو به نه هو. سو ظاهر آهي پهرين ئي مئچ ۾ تنهنجو گهڻو اسڪور ٿي ويو هو. هن توکي پنهنجي گهر جو فون نمبر ڏنو. جيتوڻيڪ ڪابه گيشا پنهنجو ذاتي نمبر نه ڏيندي آهي، پر گيشا سان ڳالهائڻ لاءِ گيشا گهر سندس انچارج 'ماما سانِ' کي فون ڪرڻو پوندو آهي. گيشا گهر جي مالڪ 'ماما سانِ' وٽ گيشائون ائين آهن جيئن ڪنهن دڪاندار وٽ مسواڙ تي رکيل سائيڪلون. مالڪ کي ڪلاڪ جي حساب سان پئسا ڏيئي سائيڪل ڪڍو. پئسا مالڪ جا ٿي ٿيا. سائيڪل جي حوالي فقط اها رقم ٿيندي جيڪا سندس مرمت لاءِ ڪم اچي.“

”بهرحال هوءَ تمام سٺي هئي. مون کي چڱو بيوقوف بڻايائين.“

”نه“ پيگيءَ چيو. ”اها ڳالهه ناهي، توئي هن کي بيوقوف بڻايو. تون شاديءَ لاءِ هڪدم سنجيدو ٿي وئين جنهن بابت گيشا ٿي ڪري هوءَ سوچي به نٿي سگهي. پر پوءِ هن جو به توسان عشق ٿي ويو ۽ توکي پسند ڪرڻ لڳي. تون چا ٿو سمجهين ته هوءَ ڪيوٽو گهمڻ لاءِ هر ايري غيري سان پڳي بيٺي آهي؟ هن توکي پسند ٿي ڪيو تڏهن توسان هلي، تنهنجيون تصويرون ڪڍيائين جيڪي اڄ به هن جي ڪمري ۾ سامهون لڳل آهن. تو هڪَ، فقط تو هڪَ کي هن چاهيو آهي ۽ چاهي ٿي.“

اها سيٽان لاءِ نه فقط خبر هئي، پر خوشخبري هئي. ”جيڪڏهن مون هن کي غلط سمجهيو آهي ته آئون معافي ٿو گهران.“

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

منهن تي پالش جو گهاتو تهه هجڻ جي باوجود پيگي اڪين رستي ڪجهه چوڻ لڳي. ”مس سدا بهار چنبيلي ڪنهن زماني ۾ مائيڪو هئي. هوءَ هڪ تمام غريب خاندان جي ڇوڪري هئي. سندس ماءُ پيءُ اتراهين ڏيهه ۾ رهندا هئا. غربت ۽ ڏڪار ڪري هن پنهنجي ڌيءَ کي توڪيو ۾ اچي پئسن تي وڪيو.“

”وڪيو؟ پئسن تي!“

”جي ها. گيشا گهر جي مالڪڻ ماما سان سندس مائٽن کي روڪ ڏيئي سندس ڌيءَ هميشه لاءِ خريد ڪئي. هوءَ مون وانگر ناهي. آئون ڪنهن وقت به گيشا گهر ڇڏي سگهان ٿي جو آئون پنهنجن مائٽن جو ڪاوان پيئان ٿي، پر هوءَ جڏهن زرخريد ٻانهي ٿي جنهن کي ماما سان ڪارائي پياري ۽ پهرائي وڏو ڪيو ۽ پوءِ هوءَ جڏهن سورهن سالن جي ٿي ته سندس مالڪڻ ـ ماما سان هن کي ڪنهن سيٺ وٽ پهرين رات لاءِ وڏي رقم تي وڪيو. هوءَ ويچاري ڇا ٿي ڪري سگهي.“ سيتان کي جڏهن نڙيءَ ۾ ڳوڙهو ڦاسي پيو ۽ هن وڏي زور سان ڳٽ ڏني.

”پر پوءِ ان بعد هن کي مردن سان نفرت ٿي پيئي. اڳتي هلي هوءَ اعليٰ درجي جي گيشا بڻي. پوءِ توهان آيائو. توهان کي جيڪڏهن مون ۾ يقين هجي ته توهان کي هڪ ڳالهه ٻڌايان؟“

سيتان معاملي تي ڪجهه سوچيندي چيو: ”جيڪڏهن تون چئين ٿي ته مون کي اعتبار آهي.“

”ته ٻڌ! توسان گڏ هوءَ اُتامي هلي هئي ۽ ويندي هوءَ توسان گڏ ستي به هئي، پر ان جو بل سيٺ ماتسوموتوءَ کي نه موڪليو ويو. پر گيشا گهر کي ان جا پئسا ملي ويا. گيشا گهر ان جا ٻه هزار ڊالر وصول ڪيا هئا. توکي خبر آهي ته اها رقم گيشا گهر جي مالڪڻ ـ ماماسان کي ڪنهن ادا ڪئي؟ ماسايو پاڻ. هن پنهنجي ڪيسي مان پنهنجي بچايل پونجيءَ مان ڪيدي ڏنا. ڇاڪاڻ جو هن پنهنجي پيار جا پئسا ٻئي کان وصول نٿي ڪرڻ چاهيا.“

سيتان اهو ٻڌي وائڙو ٿي ويو.

”سيتان! ائين سمجهه ته هن پنهنجو پاڻ توکي ارپي ڇڏيو ۽ هن ان جا پئسا تنهنجي ميزبان سيٺ کان به وٺڻ نٿي چاهيا. تون پهريون ماڻهو آهين جنهن سان هن رهڻ ۽ سمهڻ پسند ڪيو.“

”پيگي تون به اعتبار ڪرين يا نه، ته منهنجي لاءِ به اهو اُتاميءَ ۾ رهائش وارو پهريون ئي

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

دفعو هو جو ڪنهن عورت سان مون پيار ڪيو.“

”سيتان، هن کي اها خبر آهي. هڪ تنهنجي اها معصوميت به هئي جنهن تي هوءَ عاشق آهي. ڪابه گيشا ڪنهن سان سچو پيار يا عشق نه ڪندي آهي پر تو اهڙيون حالتون پيدا ڪيون جو هن جو توسان سچو عشق ٿي ويو. جيڪڏهن تون چاهين ته هوءَ تنهنجي زال به ٿي رهندي.“

سيتان عينڪ لاهي پنهنجون آليون اکيون اگهيون.

”تون ڪيئن ٿي اهو چئين،“ هن پڇيو ”چا هرهڪ کي اها خبر آهي.“

”نه هرهڪ کي نه. فقط مون کي. هن مون کي پيٽ ڏاهيو آهي.“

ان رات سيتان کي تمام ٿوري دير لاءِ ننڊ آئي. هن جو ذهن عجيب جذبن هيٺ پيڙجي رهيو هو. ٻئي ڏينهن تيار ٿي آفيس آيو. فيوجي هارا انجنيئر، ياماگچي، فوتابا، ريڪوءِ سيٺ ماتسوموتو هڪ ٻئي هنڌ موجود هئا. ماتسوموتو تمام سٺي موڊ ۾ هو. بلڪ هو شعر ڏاهي رهيو هو.

جپان ۾ خبرون تمام تکيون ٿيون ڊوڙن. تجارتي اخبار جي نمائندي واري خبر ماتسوموتو تائين پهچي ويئي هئي ته سومر واري اخبار ۾ اها خوشخبري اچي رهي آهي ته ماتسوموتو ڪمپني آمريڪن ايئرفورس وارن لاءِ اهو پرزو ٺاهي ڏيکاريو آهي جيڪو ناممڪن سمجهيو ويو ٿي. ظاهر آهي اها خبر اچڻ سان وڏيڪ ڪاروبار ملڻ لاءِ فون اچڻ شروع ٿي ويندا.

ماتسوموتو پنهنجي آفيس جي ڀت تي سيتان جي اها ڊرائنگ هٽي چڙهي جيڪا آمريڪن ايئر فورس وارن جي پرزي لاءِ ٺاهي وئي هئي. پاڻ ان خوشيءَ ۾ زبردست شعر لکيو هئائين. ماتسوموتو شاعريءَ ۾ هائيڪو پسند ڪيو ٿي. هائيڪو ٽي سٽو ٽُڪي جنهن ۾ ڪل سترهن پدَ/ ماترائون ٿين. هن برش سان اهو شعر بصر جي کلن جهڙي پني تي لکڻ شروع ڪيو. ان جپاني هائيڪو جو مطلب هو:

وڏو طوفان بپا ٿيو

طاقتور پکي ان اندر اُڏاڻو

سچ ان مان نڪري پيو.

ريڪو مرڪ سان سيتان کي جهڪي ڪيڪاريو. سيتان پيار مان هن جي ڪنڌ تي

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

ٻانهن رکندي چيو. ”ريڪو منهنجو خيال رکڻ لاءِ تنهنجي سچ ته وڏي مهرباني. تون ڪيڏي نه سٺي ڇوڪري آهين.“

هن سيٽان جي هٿ جون آڱريون دٻائي چيو: ”نه پيارا سيٽان، ايتري سٺي ڪٿي آهيان.“

”نه تون آهين.“ ايترو چئي هو ماٺ ٿي ويو جو ان ڪان وڌيڪ هن ڇوڙڻ نٿي چاهيو. هن کي ياد اچي ويو ته ريڪو هن لاءِ ڇا ڇا ٿيڻ لاءِ تيار آهي.

سيٽان ريڪو سان گڏ انجنيئرنگ ڊپارٽمينٽ ۾ ويو جتي ڪيڪار ڪڙي ۽ چانهه بعد، هن کي تيار ٿيل اليڪٽرانڪ مشين جو اهو نمونو ڏنو ويو جنهن جو آرڊر سيٽان جي آمريڪن ڪمپنيءَ ڏنو هو. اهو تمام بهترين نموني جو ٺهيل نظر اچي رهيو هو. فيوجي هارا چيو: ”مون هن کي رات ڇڪاسي ڏٺو ۽ هن مشين ائين لس ئي لس ڪم ٿي ڪيو ڄڻ ڪنهن شاعر جو غزل هجي. آئون ان جي تعريف ان ڪري نٿو ڪريان جو اسان ٺاهيو آهي.“

”ڇئبو ته توهان منهنجو ڪم ڪري ورتو.“

”جيستائين ڪم جي ڳالهه آهي ته توهان پڻ اسان جي وڏي مدد ڪئي آهي جو آمريڪن ايئر فورس لاءِ ان مشينري پرزي جو نقشو ناهي ڏنو اٿوَ جيڪو اسان لاءِ ناممڪن هو ۽ مون کي يقين آهي ته هاڻ ڊرائنگ موجب ٺهيل اهو پرزو بلڪل صحيح طرح ڪم ڪندو.“

”بهرحال اُميد ته اهائي آهي. ٻي ڳالهه ته فيوجي هارا آئون ريڪو جا ٻه ٽورا مڃي چڪو آهيان ۽ توهان کي پڻ مهرباني چوڻ آيو آهيان جو توهان منهنجو هيڏو خيال رکيو.“

فيوجي هارا مرڪيو. ”ان ۾ ڪهڙي ڳالهه آهي. دوستن سان ڪو ليکو آهي ڇا. هونءَ توهان سان سيٺ ماتسوموتو ملڻ لاءِ پئي چيو.“

ڪجهه منٽن بعد هو ماتسوموتو جي ڪمري ۾ آيو جتي ترجمي لاءِ ريڪو به اچي نڪتي هئي. ماتسوموتو وڏي شان سان چيو: ”آمريڪا جي ڪمپنيءَ جيڪو اسان کي ڪم سونپيو هو سو هاڻ مڪمل ٿي ويو آهي. اسان کي افسوس آهي ته ان جي پوري ٿيڻ ڪري اسان جو بهترين دوست سيٽان اسان کان جدا ٿي ويندو جنهن لاءِ ڪير به نٿو چاهي ته هو هليو وڃي.“

”دومو اري گاتو ـ (وڏي مهرباني) ـ مئني ٿئنڪس (لک لائق).“ سيٽان چيو. هن پاڻ به آمريڪا وڃڻ نٿي چاهيو. پوءِ هن کي مس ماسايو جا لفظ ياد اچي ويا ”يوئي تومو داچي“ ـ (تون منهنجو سٺو دوست آهين.)

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

ماتسوموتو وري چوڻ لڳو: ”تمام وڏي جاکوڙ ۽ وڏي هوشياريءَ سان سيتان سان آمريڪن ايئر فورس جي پرزي جو نقشو ناهي اسان جي ڪمپنيءَ کي ٻڏڻ کان بچائي ورتو آهي.“

هن هڪ لفافو سيتان کي ڏيندي چيو: ”هڪ تمام معمولي خرچي اسان طرفان.“

لفافي منجهه اهو چيڪ پيل هو جيڪو سيتان گيشا جي خرچ جي سلسلي ۾ ڏنو هو. اها جيتوڻيڪ وڏي رقم هئي پر سيتان ان کي هاڻ پاڻ وٽ رکڻ بهتر سمجهيو.

”ٿوري ئي عرصي ۾،“ سيٺ ماتسوموتو چيو ”سيتان ايترو ته اسان سان رلي ملي ويو آهي جو هو اسان مان ئي هڪ ٿو لڳي. آئون سمجهان ٿو ته سندس آمريڪن ڪمپنيءَ ۾ هو وڏي عهدي جو مالڪ آهي، پر ان هوندي به آئون ڪيس پنهنجي ڪمپنيءَ ۾ پاڻ وٽ رکڻ جي آڇ ڪندس. اسان لاءِ عزت افزائي ٿيندي جيڪڏهن هو اسان جي ڪمپني - ماتسوموتو ڪمپنيءَ ۾ وائيس پريزيڊنٽ جي عهدي تي رهي ”وڪري ۽ انجنيئرنگ کاتي“ ۾ ڪم ڪري. تي سگهي ٿو اڳتي هلي اسان جو ڪارخانو بين الاقوامي شهرت وارو ثابت ٿئي ۽ فقط ماتسوموتو ڪمپنيءَ بدران ”ماتسوموتو ائنڊ سيتان ڪمپني“ جي نالي سان سڏجي – اجا به ”سيتان ائنڊ ماتسوموتو ڪمپني.“

ماتسوموتو وڏيڪ ڳالهائڻ ڇڏي ماٺ اختيار ڪئي ۽ ان اوچتي ماٺ ۾ ياماگچي، فوتابا ۽ فيوجي هار اجن جهڪي پاهر نڪتا جيئن ماتسوموتو ۽ سيتان اڪيلائيءَ ۾ ڳالهائي سگهن. فقط ريڪو ترجمي خاطر ترسي پيئي. ماتسسوموتو ڳالهايو: ”اسان جي ڪمپني آمريڪن وانگر ڪا امير ڪمپني ناهي، پر اسان تي شيون ڏيون ٿا. هڪ مهيني سر پگهار.“ هن سيتان ڏي هڪ موڙيل پني جو ٽڪر وڌايو. سيتان ان کي کولي پڙهيو ته تي چار لک يين جو انگ لکيل هو- يعني به هزار ڪن ڊالر. ”ٻي شيءِ جيڪا جپان ۾ تمام اهم آهي: خرچ پکي لاءِ پئسو - توهان آمريڪن گراهڪن کي ڪارائي پياري سگهو ٿا. فرسٽ ڪلاس ۾ سفر ڪري سگهو ٿا وغيره وغيره. اهو سمورو خرچ ڪمپنيءَ تي ۽ ٽين شي“: هر سال فائدي موجب ان جو حصو- بونس توهان کي به ملندو ۽ جي ڪمپنيءَ جو اوڄ اچي ويو ته توهان کي پڻ پائيواريءَ ۾ شامل ڪيو ويندو.“

”مون کي هن وقت سمجهه ۾ نٿو اچي ته ڇا جواب ڏجي.“ سيتان چيو.

ريڪو سيتان جو اهو جملو ترجمو نه ڪيو. ان جي بدران هن سيتان کي چيو: ”آئون ٿي تو پاران جواب ڏيان.“ پوءِ هن جپانيءَ ۾ هڪ چڱي خاصي جڻ تقرير ڪري وڌي. جيڪا

ٻڌي ماتسوموتو ڏاڍو خوش ٿيو ۽ وينتي وينتي ڪنڌ جهڪايو ۽ پوءِ مرڪي سيٽان سان هٿ ملائي موڪلايو.

سيٽنا ان بعد ريڪو کي ڪانفرنس روم ۾ وٺي آيو ۽ دروازو بند ڪري پڇيو:

”خدا جي واسطي اهو ته ٻڌاءِ ته موتسوموتوءَ کي مون پاران ڇا چيو؟“

ريڪو مرڪي ٻڌايو: ”مون هن کي تو پاران چيو ته اها تولاءِ خوشيءَ جي ڳالهه آهي جو هو توکي هڪڙي بزردستي ڪمپنيءَ ۾ حصيدار ڪري رهيو آهي.“ سيٽان ڪنڌ ڌوڻيو ”پوءِ چيومانس ته تون هينئر هڪدم پنهنجي ملڪ وڃڻ تو چاهين جيئن اسان جو نهيل مشينري جو نمونو اتي ڏيکاري سگهين. ان ڪم ۾ دير نٿو ڪرڻ چاهين جو توکي اهو انديشو آهي ته متان وچائين ڪو ٻيو رقيب اهڙي شيءِ ناهي وچ ۾ ڦيتارو نه پيدا ڪري.“

”اڙي نه نه!“

”ٺيڪ آهي سيٽان، سڀ ڪجهه هلي ٿو ۽ پوءِ مون چيو ته تون ڪنهن فال واري کي ڏارو هٽائي صلاح مشورو ڪرڻ چاهين ٿو ته آيا جپان ۾ نوڪري ڪجي يا نه. جپان ۾ جوتشين، ڏارو هٽڻ ۽ پاڳ ٻڌائڻ وارن جو ڏاڍو مانُ ۽ اهميت آهي ۽ انهن سان صلاح مشورو ڪرڻ تمام ضروري سمجهيو وڃي ٿو جيئن توهان وٽ وڪيل سان صلاح مشورو ڪرڻ تمام ضروري آهي- ٻنهي ۾ ڪو گهڻو فرق نه آهي. ٻئي ڌڪا هڻن ٿا.“

”ريڪو جيئن ته منهنجو هتي جو ڪم پورو ٿي ويو آهي ان ڪري مون کي هاڻ آمريڪا واپس وڃڻ کپي، پر هڪڙي دل جپان ڇڏڻ تي به نٿي چاهي.“

هوءَ خوشيءَ ۾ ٽهڪڻ لڳي: ”اهو ته پاڻ سنو. پوءِ هتي ئي رهي پئه؟ منهنجو باس ٿي اسان جي ئي آفيس ۾ ڪم ڪر؟“

”آئون ان بابت سوچيندس.“ هن وعدو ڪيو.

پوءِ سيني کان موڪلايائين، فوجي هارا سان گرم جوشيءَ سان هٿ ملايائين ۽ ريڪو کي ورانڊي ۾ اڪيلو ڏسي چمي ڏنائين ان بعد پنهنجي هوٽل ۾ پهتو. هوٽل ۾ پهچڻ سان ٻه فون ڪيائين. هڪ جي جواب ۾ خبر پيس ته مس ماسايو- مس سدا بهار چنبيلي- ڏينهن ٻن لاءِ ٻهراڙيءَ جي ڪنهن ڳوٺ ۾ ويئي آهي ۽ اڱاري ڏينهن ايندي. مايوسيءَ جي عالم ۾ هن اهوئي حساب لڳايو ته هو ايستائين ترسي نه سگهندو ۽ ٻيو فون ٽڪيٽ لاءِ جپان ايئر لائين جي آفيس کي ڪيائين.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

11

سيتان آمريڪا پهچي ٻئي ڏينهن پنهنجي آمريڪن ڪمپنيءَ جي چاتل سجاتل آفيس ۾ آيو جتي هن پنهنجي زندگيءَ جو بي رونق وقت گذاريو هو. ڪمپنيءَ جي ڊزائين انجنيئر مسٽر هرب پنهنجو ڪنڊ ڊرائنگ بورڊ جي مٿان ڪٽي هن ڏي نهاريو. ”هيلو ڊڪ سيتان!“ هن ڪيڪاريس، ”تنهنجي عينڪ ڪي ڇا ٿيو؟“

”بس يار جپان پهچي ڪانٽئڪٽ لينس لڳائڻ شروع ڪري ڏنم.“ سيتان پنهنجي آفيس جي هن نقشا ناهيندڙ دوست جي پر ۾ ٿي وينو. ”هرب، توسان هڪ ڳالهه ڪرڻي اٿم جنهن جي توکي جاڻ نہ هوندي. تو جيڪا ماتسوموتو ڪمپنيءَ لاءِ ڊيزائين ٺاهي هئي ان نقشي ۾ تمام وڏي غلطي هئي. بهرحال تنهنجي نقشي مطابق هنن جپانين اليڪٽرونڪ مشين تہ ٺاهي ورتي، پر پوءِ ڪٽي جو چڪاس ڪريون تہ ڪم صفا نہ ڪري.“

”نہ يار. ائين وري ڪيئن؟“ هرب چيو.

”سچي، يقين ڪر. اهو تہ شڪر ڪر جو ماتسوموتو وٽ هڪ تمام ذهين انجنيئر فيوجي هارا نالي هو جنهن ان مان چڪون ڪڍي نين سر نقشو ٺاهيو پوءِ ان مطابق جڏهن مشين ٺاهي ويئي تہ سمورا گهربل ڪم صحيح طرح ڪرڻ لڳي، بلڪ هڪ اڌ وڌيڪ پڻ. بهرحال تون فڪر نہ ڪر، آئون تنهنجو اهو ڏيک ڏيکي ڇڏيندس. پنهنجي ڪمپنيءَ جي مالڪ کي اهو ٻڌائيندس تہ جپاني ڪمپنيءَ وارن ان کي وڌيڪ بهتر بنائڻ لاءِ ٿوري تبديلي آندي آهي.“

”ڊڪ! تنهنجي مهرباني جو منهنجي ڪل بچائي ورتي اٿئي.“

”مڙيئي خير آهي. ڪڏهن تنهنجو بہ جپان وڃڻ ٿئي تہ ان انجنيئر فيوجي هارا جا ٿورا مڃي ڇڏجان“. في الحال ان نقشي جا هتي پيپل نقل ڪڍي گم ڪري ڇڏ.“

”ان جو فڪر نہ ڪر. هاڻ تون اهو ٻڌاءِ تہ جپان جي گيشائن سان ڪا دل پشوري ڪئي يا نہ؟“ هن سيتان جي پاسراٽين ۾ ٺونٺ هٽندي پڇيو.

”هائو بلڪل.“ سيتان وراڻيو ۽ ان ئي وقت فون جي گهنٽي وڳي. هرب فون کڻيو ۽ سيتان وڌيڪ قصو ٻڌائڻ کان بچي ويو. صاحب توهان سان ملڻ ٿو چاهي. مشينريءَ جو آندل

پرزو پاڻ سان کڻي وڃو.“
”چڱو.“ سيٽان پنهنجي بريف ڪيس کڻي روانو ٿيو. آمريڪن ڪمپنيءَ جو مالڪ ـ جناب مرسر آفيس ۾ اندر پنهنجي گول ڦرندڙ ڪرسيءَ تي ٽيڪ ڏيو ويٺو هو. ان حال ۾ هو نوي سيڪڙو انسان لڳو ٿي ۽ ڏهه سيڪڙو ڏنبرو مڇي. ڪمپنيءَ جو وائيس پريزيڊنٽ وليم سن ـ قد ۾ ڊينڊو شيطان ته ڳالهائڻ ۾ ان کان به وڌيڪ. هن جي پير ۾ ويٺو هو.
”توڪي چاق چڱو ڀلو موٽندو ڏسي خوشي ٿي اٿم.“ مرسر چيو ”پڪ اٿم ته ڏکو ڪائي پنهنجي عينڪ نه ڀڳي هوندءِ.“
”نه سائين. جپان پهچڻ سان ڪانٽئڪٽ لينس وجي لڳرايم.“
”واهه! مون نٿي سمجهيو ته جپاني ڪو ان حد تائين ترقي يافته ٿي ويا آهن جو ڪانٽئيڪٽ لينس به ٺاهڻ لڳا آهن.“
”منهنجي خيال ۾ ته جپاني پهريان ماڻهو آهن جن اهي ايجاد ڪيا.“ مرسر جي ڳالهه کي رد ڪد ڏيڻ خطرناڪ غلطي هئي، پر سيٽان کي اها سمجهه ان وقت آئي جڏهن ڳالهه ڪري ويٺو. بچاءَ لاءِ هن کي هلڪي وات نظر آئي: ”سائين منهنجي خيال ۾ توهان ئي مون کي اها ڳالهه ٻڌائي هئي.“
خطرناڪ جوس جيڪو مرسر جي طبيعت ۾ پيدا ٿيڻ لڳو اهو گهٽجي ويو.
”يلا ماتسوموتو وارن کي ڳولڻ ۾ توکي ڪا تڪليف ته درپيش نه آئي؟“
”نه سائين هن جي ڪمپنيءَ جو وائيس پريزيڊنٽ مون کي وٺڻ لاءِ ايئرپورٽ کي آيو هو.“
مرسر عينڪ کي هيٺ مٿي ڪندي چيو: ”مون کي سمجهه ۾ نٿو اچي ماتسوموتو پاڻ کي الائي ڇا ٿو سمجهي جو توکي وٺڻ لاءِ نه آيو؟“
زندگيءَ ۾ پهريون دفعو سيٽان مزي سان ڪوڙ ڳالهايو: ”سائين هو ان وقت آمريڪن ايئر فورس کان آيل وڏن عهدن وارن عملدارن سان ڪانفرنس ۾ مشغول هو.“
”چڱو. اچو ته مشينريءَ جو نمونو ڏسون جيڪو ماتسوموتو وارن ناهي موڪليو آهي.“ وليم سن چيو.
سيٽان بريف ڪيس کولي ان مان ماتسوموتو وارن جو نمونو ڪڍي ٽيبل تي سهڻي نموني سان سينگاري رکيو. ٻئي ڄڻا جهڪي ان کي غور سان ڏسڻ لڳا. ” هن ۾ هڪ دلچسپ ڳالهه توهان کي ٻڌائڻ جي آهي.“ سيٽان چيو. ”ماتسوموتو ڪمپنيءَ جو انجنيئر مسٽر

فيوجي هارا وڏي قابليت ۽ ذهانت جو مالڪ آهي. جڏهن اسان جي نقشي مطابق مشينريءَ جو نمونو نهي رهيو هو ته هن ان ۾ ٿوري ڦيرڦار آڻڻ جي رٿ ڏني. مون ان کي غور سان جانچڻ بعد ان جي موڪل ڏئي ڇڏي.“

سيٽان جي ان ڳالهه جو اثر ڪنوڻ وانگر ترت نڪتو. ”ان جي موڪل 'تو' ڏيئي ڇڏي“ وليم سن چڙ مان جواب طلب ڪيو.

”جي هائو سائين! مسٽر فيوجي هارا جي ان رٿ ڪري هاڻ اها ساڳي مشينري هڪ ٻيا ڪم به وڌيڪ ڪري سگهندي ۽ ساڳي وقت هرهڪ نگ تي اسان کي ٻه ڊالر يارهن سينٽ گهٽ پرتا پوندا.“

وليم سن جي منهن ۾ هڪدم تبديلي اچي وئي ۽ هو پنهنجي وڏي اختياري واري صاحب ڏي ڏسڻ لڳو. ”انهن حالتن ۾ منهنجي خيال ۾ تنهنجو اهو قدم ٺورو گهڻو صحيح هو.“

”مهرباني سائين. آئون هڪ ٻي ڳالهه ٻڌائڻ چاهيان ٿو: توهان جي ماتسوموتو ڪمپنيءَ جي چونڊ واقعي لاجواب آهي. هو اليڪٽرانڪ جي سامان جا بهترين ڪاريگر آهن ۽ ان سان گڏ بااخلاق پڻ. ان ۾ ڪو شڪ ناهي پر سائين جپان ڌرتيءَ جو اهو حصو آهي جتي هر وقت زلزلا ايندا رهن ٿا. وڏيون وڏيون عمارتون، ڪارخانا، جايون ڏسندي ئي ڏسندي تباهه ٿيو وڃن ۽ خدا نه ڪري جو ماتسوموتو سيٺ جي ڪمپني اچي ٽي پٽ پوي ته پاڻ ڪيڏانهن ويندا سين. ان ڪري آئون هڪ ٻي ڪمپني به جانچي آيو آهيان جيئن پاڻ کي مال جي سپلاءِ لڳاتار پهچندي رهي ۽ هي انهن طرفان ٺاهي ڏنل مشين جو نمونو آهي.“ سيٽان بريف ڪيس مان هڪ ٻي اليڪٽرانڪ مشين جو نمونو ڪڍي ٽيبل تي رکيو. جيڪو ساڪاموتو وارن ٺاهي ڏنو هوس.

”ان نموني لاءِ تو ڪيتري رقم خرچ ڪئي؟“ وليم سن هڪدم پڇيو.

”ڪجهه به نه. ان ڪمپنيءَ پنهنجي مرضيءَ ۽ مشهوريءَ ڪارڻ اهو مفت ٺاهي ڏنو. باقي اڳهه جي لهه وچڙ لاءِ وڌيڪ تي ڏينهن لڳي وڃن ها جيڪي مون في الحال وڃائڻ نٿي چاهيا. پر ايترو آهي ته قيمت جي لحاظ سان هو ماتسوموتو وارن جو سخت مقابلو ڪن ٿا.“

”تي سگهي ٿو۔ بلڪ ممڪن هجي ته هنن جون قيمتون گهٽ هجن؟“ وليم سن چيو.

سيٽان چئلينج قبول ڪيو. ”بلڪل ممڪن آهي. پر مون کي في الحال رڳو اهو فڪر هو ته ڪنهن ٻئي ذريعي جو به بندوبست ڪجي جو ڪاروبار جي نقطي نظر کان اها ڳالهه

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

سمجهيم.“

”تو بلڪل عقل کان صحيح ڪم ورتو.“ مرسر چيو ”هاڻ وليم سن منهنجي خيال ۾ ته سيٽان سان ڪالاهان واري ڳالهه چوري وڃي.“

”هتي هڪ آمريڪن ڪمپني ـ ڪالاهان نالي آهي“ وليم سن ڳالهه شروع ڪئي، “اهي ڪنهن جپاني ڪمپنيءَ سان رابطو رکڻ چاهين ٿا جيئن هن کان هو پنهنجي ضرورت جو سامان ٺهرائي سگهن. جيئن ته هو اسان جا سڄڻ آهن ۽ اسان جي واپار سان ڪو مقابلو نه اٿن ان ڪري اسان هنن جي مدد ڪرڻ چاهيون ٿا. هنن اسان کان پڇيو پئي ته جپان ۾ اسان جي ڪمپنيءَ جو ڪم ڪار ڪهڙو ماڻهو پيو ڪري جيئن ساڳي ماڻهوءَ کي هو به جپان موڪلي سگهن.“

”ڪالاهان ڪمپنيءَ جي ماڻهن سان آئون مختلف ميٽنگ ۾ ملي چڪو آهيان ۽ هنن کي سڃاڻان ٿو“ سيٽان چيو ”مون کي سندن مدد ڪندي خوشي ٿيندي.“

وليم سن هڪ نظر مرسر ڏي وجهي بعد ۾ سيٽان کي چيو ”توکي اسان هڪ دفعو جپان موڪليو ته ان جو مطلب اهو ناهي ته ڪو تون پاڻ کي وڏو هوشيار سمجهڻ لڳين. ڪالاهان ڪمپنيءَ طرفان جيڪڏهن ڪو ماڻهو جپان جي سلسلي ۾ لهه وچڙ ۾ ايندو ته اهو آئون هوندس. منهنجي ڳالهه توکي سمجهه ۾ آئي.“

”بلڪل سمجهه ۾ آئي“ سيٽان چيو ”آئون مڃيان ٿو ته منهنجي هن ڪمپنيءَ ۾ ڪا حيثيت ناهي.“ اهو چئي هو اٿي بيٺو. ”هاڻ جيئن ته جنهن ڪم لاءِ آئون جپان ويو هوس، سو مڪمل ٿي چڪو آهي، سو آئون توهان جو ٿورو ٿو مڃيان، جو توهان مونکي جپان موڪليو ۽ ان سان گڏ مان توهان جي ڪمپنيءَ مان نوڪري ڇڏڻ جي استعيفيٰ پيش ٿو ڪريان. ڪمپنيءَ جي قانون موجب بنا اطلاع نوڪري ڇڏڻ ۾ ٻن هفتن جي پگهار جو چيڪ مون پاران ٻاهران اچي پيو. مون کي جپان ۾ هڪ نوڪري ملي هئي جا مون في الحال قبول نه پئي ڪئي. پر هاڻ سمجهان ٿو ائين نه ڪيم ته اها وڏي بيوقوفي ٿيندي.“

مرسر هن ڏي ڪي گهڙيون نهاريندي پڇيو: ”ڇا تون اهو ٻڌائڻ پسند ڪندين ته توکي هو ڪهڙي پوسٽ ڏئي رهيا آهن؟“ هن ٽوڪ جي نموني ۾ پڇيو.

”جي هائو سائين. مون کي ماتسو ڪمپنيءَ ۾ وائيس پريزيڊنٽ بنائي رهيا آهن.“

وليم سن کان ڇرڪ نڪري ويو ۽ ڪي گهڙيون دريءَ مان ٻاهر هڪ هنڌ بيٺل

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

ٽڪريون ۽ وڻ ڍڳا ڍسندو رهيو ۽ پوءِ وري سيتان ڏي نهاري پڇڻ لڳو: ”پگهار ڇا ڏيندؤ؟“
”اٽڪل بيٽو.“

جيئن ته سيتان دل ۾ فيصلو ڪري ڇڏيو هو ته هن ڪي هيءَ ڪمپني ڇڏڻي آهي، ته هن هاڻ ان تي عمل ڪرڻ ئي بهتر سمجهيو. جيتوڻيڪ عادت موجب رڪي رڪي سندس اندر جو آواز اهوئي چئي رهيو هو ته چريائي ته نه پيو ڪرين. هن پنهنجي ٽيبل جا سڀ ڪاغذ پٽ پنهنجي انچارج حوالي ڪيا ۽ آفيس جي دوستن کي الوداع چئي گهر ڏي روانو ٿيو. گهر پهچي هن فون ڪنيو ۽ جپان ۾ ماتسوموتو ڪمپنيءَ جي نمبر تي ڪال بڪ ڪرايو ۽ آپريٽر کي پي پي ۾ ريڪو جو نالو ڏنو. ڏهن منٽن اندر فون ملي ويو ۽ ٻئي پاسي ريڪو منتظر هئي.
”اوهيو گو ڏائي ماس (صبح جو سلام) ريڪو چان (ريڪو جان)“. سيتان چيو.
جواب ۾ جاتل سڃاتل آواز ٻڌي هن جي دل خوش ٿيڻ لڳي. ”ٻڪ چان (پيارا ٻڪ) تون ڪٿان پيو ڳالهائين؟“
”يونائيٽيڊ اسٽيٽس آف آمريڪا مان،“ سيتان وراڻيس.
”ريڪو مهرباني ڪري سيٺ ماتسوموتو کي ٻڌاءِ ته مون کي هن جي نوڪريءَ واري آڇ قبول آهي.“
”واهه واهه! ٻڪ جان. دوزو (ڏاڍو سٺو). ماتسوموتو ٻڌي ڏاڍو خوش ٿيندو. هڪ لمحي لاءِ ترس ته آئون ڪيس اندر ڪمري ۾ ٻڌائي ونان.“ ذري گهٽ هڪ سجو منٽ آمريڪا کان جپان تائين پئسفڪ سمنڊ ۾ وڇايل فون جي تار تي ماٺ ڇانيل رهي، ان بعد ريڪو جو آواز آيو. ٻوڙڻ ڪري سهڪي رهي هئي. ”ٻڪ چان، هن وقت مان سيٺ ماتسوموتوءَ جي ئي آفيس مان پئي ڳالهايان. هو توهان جي اچڻ جو ٻڌي ڏاڍو خوش ٿيو آهي. تون بس هليو اچ. اهو ٻڌاءِ ته ڪيترن ڏينهن اندر پهچي ويندين؟“
”مون کي تياريءَ ۾ ڪجهه وقت لڳندو. مڙيئي ٽي هفتا ڪن.“
ٿوري ماٺ ٿي ويئي. پوءِ ريڪو چيو: ”سيٺ چئي پيو ته تنهنجي مدد ڪان پوءِ ڪافي نئون ڏنڌو ملڻ شروع ٿي ويو آهي. جيترو ٿي سگهي سگهوئي اچ. هو چئي پيو توکي اچڻ جي ٽڪيٽ به ڪمپني ئي ڏيندي.“
سيتان وراڻيو ”توهان جي سخاوت لاءِ ٿورائتو آهيان.“ ۽ پوءِ ڏکو ساهه ڪڍي هن هڪ

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

ذاتي سوال پڇيو: ”پلا ريڪو مون لاءِ ڪو فون ته نه آيو؟“

”شي نو ڪال. آءِ ساري (افسوس جو تنهنجي ساهيڙي گيشا جو فون نه آيو) ڊڪ تون چئين ته آئون تو پاران ڪجهه ڪريان؟“

”منهنجي خيال ۾ ته في الحال ڪجهه نه ڪر. بس جي هن جو فون اچي وڃي ته چئو چئجانس ته آئون جپان اچي رهيو آهيان.“

”پيارا ڊڪ دلجاءِ ڪر. ايترو ته آئون به سمجهان ٿي.“

ان بعد سيتان 'سايونارا' (الوداع) چئي موڪلايو ۽ فون رکيو.

هن جلدي جلدي ڪم ڪاريون لاٿيون ۽ جپان رواني ٿيڻ لاءِ ضروري سامان پئڪ ڪيو. جهاز ۾ چڙهڻ وقت هن کي ائين لڳو جڻ ڪا طاقت هن کي وڃڻ کان جهلي رهي هجي ۽ چئي رهي هجي ته چو پيو وڃين. اتي ئي پنهنجن ۾ ئي ترسي پئه جتي جو تون رهواسي آهين ۽ شاديءَ لاءِ به پنهنجن مان ئي ڪا ڇوڪري ڳولي وٺ. پر هن انهن مڙني خيالن کي پنتي ڌڪي ڇڏيو. آمريڪا ۾ رهي سڄي عمر ان ئي ڪمري ۾ نوڪريءَ بعد ڇا هٿ حاصل ٿي سگهي ٿو؟ ڪي چند هزار ڊالرن جي بچت ۽ پنجويهه سال نوڪري ڪرڻ تي ڪمپنيءَ طرفان هڪ تمغو- سو ڪهڙو پيٽ ڀري سگهي ٿو. اڃا هو پنجتيهن سالن جو به نه ٿيو آهي ته اهڙي ڪمپنيءَ جو وائيس پريزيڊنٽ ٿي رهيو آهي جنهن جي وڌڻ ويجهڻ ۾ بين الاقوامي ٿيڻ جون ڪيئي اُميدون آهن.

سئن فرانسسڪو ڇڏڻ وقت هن کي جيتوڻيڪ ڏک ٿيو پر اهوئي سوچيائين ته واپار جي سلسلي ۾ هن جو وري وري پنهنجي ملڪ ۾ اچڻ ٿيندو رهندو ۽ پنهنجن سان پيون روبرو ۽ فون تي ملاقاتون ٿينديون. ان ۾ ڪو شڪ ناهي ته هن کي پنهنجي ملڪ سان به پيار آهي.

توڪيو جي هوائي اڏي تي پهچڻ تي فيوجي هارا ۽ ريڪو سندس آڌر ڀاءُ ڪيو ۽ ڪيس ڪلي ڪيڪاريو. ڪسٽم مان آجو ٿيڻ بعد هنن ڪيس سيٺ ماتسوموتو جي ڪار ۾ اچي ويهاريو. ريڪو ڪيس ٻڌايو: ”فيوجي هارا توهان جي رهائش لاءِ جاءِ به هٿ ڪري ورتي آهي ۽ مهيني کن جي مسواڙ به ڏئي ڇڏي آهي. ان جاءِ ۾ پهرين آمريڪن ايئر فورس جو ڪمانڊر رهيو ٿي جيڪو هاڻ الاسڪا بدلي ٿي ويو آهي. جيڪڏهن توکي اها جاءِ پسند آئي ته ان ۾ ئي رهجانءِ نه ته مهيني بعد ٻي جاءِ ڳولي وٺنداسين. اها جاءِ ايڏي ڪا وڏي ناهي پر آفيس کي

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

ايترو ويجهي آهي جو فقط هڪ سؤ يين ٽئڪسيءَ جو ڀاڙو لڳي ٿو. ڪم ڪار لاءِ جيڪا نوڪرياڻي رکي اٿئون اها تنهنجي پسند جو رڌ پچاءُ به ڪندي.“

اها جاءِ ڪاٺ جي هڪ ٻماڙ عمارت جي پهرين منزل تي هئي، جنهن کي ٿورو گهڻو مغربي طرز جو بڻايو ويو هو. گهر ۾ گهڙڻ سان ڪم واري مائي، جنهن کي غور سان ڏسڻ سان به سندس عمر جي ڪا صحيح پروڙ نٿي پيئي، ذري ذري جهڪي، گهٽ ۾ گهٽ اڌ ڊزن دفعا ماناٽتي انگريزيءَ ۾ چيو: ”ويلڪم، نيو ماسٽر“ (ڀلي ڪري آيئو نوان مالڪ.)

”هيءَ جاءِ بلڪل صحيح آهي.“ سيٽان پنهنجن دوستن کي دلداري ڏني.

”تون هينئر ٿڪل هوندي. ڪجهه دير ننڊ ڪري وٺ ۽ وهنجي سهنجي تازو ٿيءُ.“ ريڪو صلاح ڏنيس ۽ پوءِ آهستي چيس: ”هن جو ٽيليفون اڃا نه آيو آهي، پر پڪ ڪنهن نه ڪنهن وقت اچي ويندو.“

نرم بستري کي ڏسي سيٽان جي سمهڻ تي هيڪاندي دل ٿي. هن فيوجي هارا سان هٿ ملائي موڪلايو ۽ بنا ڪنهن هٻڪ جي ريڪو کي چمي ڏئي روانو ڪيو. پوءِ ڪم واريءَ مائيءَ کي ٻڌائي ڇڏيو ته هو ٻن ٽن ڪلاڪن لاءِ سمهڻ ٿو چاهي سو کيس اُٿاريو نه وڃي. قدرت خدا جي هوءَ اها ڳالهه بلڪل سمجهي ويئي ۽ پوءِ جڏهن ننڊ ڪري اُٿيو ته نوڪرياڻيءَ رات جي ماني آڻي ڏنس. هن کي ائين محسوس ٿيو ڄڻ صحيح معنيٰ ۾ سندس زندگي ئي هاڻ شروع ٿي آهي.

صبح جو هو فئڪٽريءَ روانو ٿيو. ماتسوموتو پاڻ هلي اچي هن سان لابيءَ ۾ مليو ۽ جوش خروش سان کيڪاري کيس آفيس تائين وٺي آيو جيڪا ڪا گهٽي وڏي ته نه هئي، پر جپاني معيار کان تمام گهٽي وڏي هئي. پوءِ ياماگچيءَ اچي هٿ ملايس. هو پاڻ سان گڏ هڪ نوجوان عورت به وٺي آيو هو. ”مهرباني ڪري هن سان ملو. هيءَ آهي مسز ايلن يامادا.“

”گڊ مارننگ، مسٽر سيٽان،“ مسز ايلن صاف انگريزي لهجي ۾ ڳالهايو ”آئون توهان جي سيڪريٽري ٿيڻ واري آهيان ـ منهنجو مطلب آهي جيڪڏهن توهان قبول ڪيو ته.“

سيٽان پنهنجا هوش جاءِ ڪندي چيو: ”مون کي توهان سان ملي خوشي ٿي، مسز يامادا. توهان جي انگريزي ته واهه جي آهي.“

هن وٽندڙ نموني سان کلندي چيو ”آئون دراصل آمريڪن ئي آهيان. منهنجا ماءُ پيءُ

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

هتي جپان ۾ ئي چاوا. منهنجو مڙس جپاني آهي ۽ آرميءَ ۾ ڪم ٿو ڪري، ان ڪري آئون انگريزي بہ ڳالهائي سگهان ٿي تہ جپاني پڻ.“

”آهي نہ واقعي ڪمال؟“ ياماگچيءَ لفظن جو انسرشن ڪيو.

”هئہ“ سيٽان جپانيءَ ۾ هائوڪار ڪئي.

مسز ياما دادا پيشيورانہ انداز ۾ ڪم جي ڳالهہ شروع ڪئي.

”سر- جپان ۾ آمريڪن هوائي بيس جو ڪرنل هاورڊ توهان سان ملي نئين راڊار جي سلسلي ۾ ڳالهائڻ چاهي ٿو. هڪ ٻي ڳالهہ، سيٺ ماتسوموتوءَ پنهنجي آفيس جي ڪارخاني ۾ هڪ نئون ڪاتو ڪوليو آهي جنهن کي توهان ”انگلش اسپيڪنگ ڊپارٽمينٽ“ چئي سگهو ٿا جيڪو توهان جي صلاح مشوري سان مس ريڪو هلائيندي. في الحال جيڪا شي”/ آرڊر انگريزيءَ ۾ ايندو اهو اسان وٽان ٿيندو ويندو.“

سيٽان پنهنجي مضبوط ڪرسيءَ تي ويهي اڳيان رکيل نئين ٽيبل کي ڏٺو ۽ دل ئي دل ۾ سوچيو: ڪاش وليم سن هن وقت ڪيس ڏسي سگهي. پوءِ هن کي دل ئي دل ۾ آيو تہ هاڻ هن کي هڪ منو تي ڪم ۾ جنبي وڃڻ کپي ۽ اهو ثابت ڪري ڏيکارڻ کپي تہ هو واقعي ان نوڪريءَ جي لائق آهي. جيڪا کيس جپانين ڏني آهي. پوءِ هن ٽيبل تي رکيل فون ڏي نهاريو ۽ ان نمبر جو سوچيو جيڪو هن لڳائڻ ٿي چاهيو. پر ٻي گهڙيءَ پاڻ کي اهو سمجهائي ڏٺاري ڇڏيو تہ مس سدا بهار چنبيليءَ رات جو دير تائين ڪم تي ڪري ۽ هينئر صبح ساڻ ڪيس فون ڪري ننڊ مان اُٿارڻ سنو نہ ٿيندو. پوءِ هن جي نظر ٽيڪ جي ٽهيل تري ۾ رکيل ٽپال ڏي ويئي. هو ڪم ڪار جا آيل خط ۽ تارون ڪڍي پڙهڻ ۾ لڳي ويو.

آخرڪار ساڍي ٽي وڳي ڏاري جيئن ئي ايلن هيڏانهن هوڏانهن پاسيري ٿي تہ هن ڏڪندڙ آڱرين سان ماسايو جو نمبر گهمايو. پهرين ئي گهنٽيءَ بعد ڪنهن ڳري آواز واري ماڻهوءَ کيس جپانيءَ ۾ ڪجهہ چيو. هن يڪدم فون بند ڪري وري ٻيهر نمبر گهمايو. پر نتيجو ساڳيو نڪتو. هن مٿي نهاريو تہ آفيس جي در وٽ ريڪو باادب بيٺي هئي. هن کيس اندر سڏيو. ”مون کان نمبر لڳي نٿو ريڪو.“

ريڪو سمجهي ويئي. هن ڪنڌ جهڪائي چيو: ”ڊڪ چان ماسايو سان جو فون ڪٿجي ويو آهي ۽ هوءَ اجڪلهہ گيشا گهر ۾ ڪانهي. مون پاڻ بہ ڪالهہ هن کي توهان خاطر فون ڪرڻ چاهيو ٿي، پر خبر پيئي تہ هوءَ اتي ڪانهي. مون پڇا ڪئي تہ هوءَ اجڪلهہ ڪٿي

آهي ته هنن اهو به نه ٻڌايو. منهنجي معلوم ڪرڻ تي جڏهن خبر نه پيئي ته پوءِ ماتسوموتوءَ به ڪوشش ڪئي، پر گيشا گهر وارا بهانا ڪندا رهيا. جڏهن هو ماتسوموتوءَ کي به نٽا ٻڌائين ته پوءِ ڪنهن ٻئي کي به نه ٻڌائيندا. هونءَ اهو واقعي سنو نه ٿيو ڏک ـ چان.

هن کي اهو ٻڌي ٿورو صدمو ضرور پهتو. في الحال هن اهوئي سوچيو ته ڪجهه وقت لاءِ ڪيس فون نه ڪندو.

ان ڏينهن شام جو هن ريڪوءِ فيوجي هارا سان گڏ ماني کاڌي جنهن ۾ هو ڪيترين ئي ڳالهيون ڪندا رهيا. ويندي اهو به تو هو هڪ ٻئي جون زبانون سکڻ جي ڪوشش ڪندا.ان بعد سيٽان سڪون سان اچي ستو.

ٻئي ڏينهن منجهند جو نقشا جاچيندي هن مسز ايلن کي مسٽر ساڪاموٽو جو فون ملائڻ لاءِ چيو.

”گڊ آفٽر نون.“ سيٽان فون تي ساڪاموٽو کي ڪيڪاريو. ”مون توهان کي فون ڪري اهوئي معلوم ڪرڻ ٿي چاهيو ته توهان جي صحبت آئون ڪيترو جلد ماڻي سگهان ٿو؟“

”مون کي پڻ توسان ملي خوشي ٿيندي. نئين نوڪريءَ لاءِ مون طرفان دلي مبارڪون قبول ڪريو. مون کي پڪ آهي ته توکي ان نئين قدم کڻڻ جو افسوس نه ٿيندو. ترس ته ڏسان ته مون کي ڪڏهن واندڪائي ٿي سگهي ٿي ـ هي هفتو ته سڄو مشغول آهيان بلڪ ٻئي هفتي ۾ به ڪا شايد ئي واندڪائي نڪري سگهي. ان کان پوءِ آئون مهيني لاءِ آمريڪا وڃي رهيو آهيان. بس جيڪا ڪا فرصت اٿم ـ سا به ٿوري دير لاءِ اڄ شام جو ئي آهي. ايترو جلد خبر ناهي توهان واندڪائي ڪيئن سگهندئو يا نه.“

”بلڪل واندڪائي آهي.“ سيٽان کيس خاطري ڏني، ”مهرباني ڪري توهان ڪا ملڻ لاءِ جاءِ سوچي منهنجي سيڪريٽريءَ کي ٻڌائيندا ته آئون اتي پهچي ويندس.“

”ها بلڪل. هن کي فون ڏيو ته سمجهايانس.“

باقي وقت هو آفيس ۾ مختلف نقشن تي ڪم ڪندو رهيو ۽ جتي جتي ضرورت هئي اتي هو تبديلي ۽ درستي ڪندو رهيو. ان بعد مطمئن ٿي گهر پهتو. وهنجي سهنجي، ڪپڙا مٽائي ۽ پوءِ ريل رستي شهر پهتو.

دستور موجب ساڪاموٽو پوري وقت تي پهچي چڪو هو جنهن جهڙي پابندي جپان ۾ ايترو عام ناهي ـ سواءِ ريل گاڏين جي. رسمي ڪيڪار ڪرڻ کان پوءِ هو مانيءَ لاءِ ويٺا.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

”مون تنهنجو ڏنل مشينريءَ وارو نمونو پنهنجي آمريڪن ڪمپنيءَ کي ڏنو،“ سيٽان ٻڌايس. ”هو تنهنجي قابليت مان تمام گهڻو متاثر آهن ۽ جي ڪين ضرورت پيئي ته ٻي نمبر تي توهان کي ئي آرڊر ڏيندا.“

”تنهنجي وڏي مهرباني جو اسان جو خيال ڪرين ٿو.“ جارج ساڪاموتو چيو.

”ٻي ڳالهه: آمريڪا جي هڪ ٻي ڪمپني 'ڪالاهان ڪمپني' اليڪٽرانڪ وغيره جو ڪجهه سامان جپان مان ٺهرائڻ چاهي ٿي ۽ ڪين ڪنهن جپاني ڪمپنيءَ جي ان ڪم لاءِ ڳولا آهي. مون وٽ سندس هن وقت ائڊريس ناهي. پر اها آمريڪا جي شهر بوسٽن ۾ آهي. آئون هنن کان توهان لاءِ آرڊر وٺڻ چاهيان ٿو پر ڪن مجبورين ڪري آئون ساڻن سڌي طرح نه ڳالهائيندس. توهان پاڻ هنن سان لهه وچڙ ۾ اچو.“

ساڪاموتو کيسي مان هڪ ننڍڙي چوپڙي ڪڍي ان تي ڪمپنيءَ جو نالو درج ڪيو. ”آئون ساڻن سڀاڻي ئي فون تي ڳالهائيندس. هونءَ اسان کي اها ڄاڻ ڏيڻ لاءِ وڏي مهرباني.“

”“ هاڻ هڪ بلڪل الڳ ذاتي ڳالهه.“ سيٽان شروع ٿيو ”پاڻ پهرين به مس سدا بهار چنبيليءَ بابت ڳالهائي چڪا آهيون. هن کي آئون اجا به دوست سمجهان ٿو جيتوڻيڪ وچ ۾ اسان جي ڪافي عرصو جدائي ٿي ويئي ان ڪري هاڻ سندس پتو ٺڪاڻو پوي ته هوءَ ڪٿي آهي. ٿي سگهي ٿو توکي ڪا ان بابت معلومات هجي؟“

ڪجهه دير ماٺ اختيار ڪرڻ بعد ساڪاموتو چيو:

”مسٽر سيٽان، آئون توکي ڪجهه گيشا جي طور طريقن بابت ٻڌائڻ ضروري سمجهان ٿو. جپان جو اهو هڪ تمام پراڻو پيشو رسم، ادارو ۽ وهنوار هلندو اچي. جڏهن ڪا ڇوڪري ڪنهن گيشا گهر ۾ داخل ٿئي ٿي ته هن کي اتي ڪيترين ئي شين سيکارين وڃن ٿيون. جيئن ته ڳائڻ وڄائڻ، هار سينگار، چرچو ڀوڳ، مختلف قسم جي ماڻهن سان ڳالهائڻ جا طريقا، اُٿڻ ويهڻ، لکڻ پڙهڻ، مختلف رانديون، ادب، شعر و شاعري وغيره وغيره. پوءِ ڪافي سالن بعد هوءَ مڙني ۾ جڏهن پڪ ٿيو وڃي ته پوءِ هوءَ مائيڪو ليکي وڃي ٿي ۽ پوءِ اجا به ڪجهه سال رکي هن تي گيشائڪو نالو رکيو وڃي ٿو ۽ اڪيلي سر ڪم تي- ماڻهن جي دل وندرائڻ، دعوتن ۾ شرڪت ڪرڻ وغيره وغيره لاءِ موڪليو وڃي ٿو. اهو سمورو عرصو گيشا گهر وارا مٿس خرچ پکو ڪن ٿا. يعني جڏهن هوءِ گيشا ٿي ڪمائڻ لائق ٿيندي آهي ته ان درجي تي پهچندي پهچندي هوءَ گيشا گهر جي تمام گهڻي مقروض ٿي چڪي هوندي آهي-

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

جو ظاهر آهي ننڍي هوندي کان سندس ڪائڻ پيئڻ، رهڻ ڪهڻ ۽ ڪپڙي گنديءَ جو خرچ گيشا گهر جي مالڪڻ پئي ڏنو. ايترو ڪافي آهي يا اجا ٻڌايان. تڪجي تہ نہ پيا آهيو نہ؟“

”نہ نہ.“ سيتان چيو. ”آئون تمام گهڻي چاهہ سان ٻڌي رهيو آهيان. مهرباني ڪري ٻڌايو.“

”ڪڏهن ڪڏهن ڪي غريب گهراڻا پنهنجيون ڌيئر گيشا گهر ۾ اچي وڪڻي ويندا آهن. ڪڏهن تہ وري سڪئي ستابي گهر جون ڇوڪريون پنهنجي شوق سان اچي گيشا گهر ۾ رهنديون آهن. ان ڪري جو هوان گليمر، رنگيني ۽ رونق واري جيون کي پسند ڪن ٿيون يا وري پنهنجي ڪنهن مائتياڻي گيشا کي ڪامياب ۽ خوشيءَ جي زندگي گهاريندو ڏسي، هر ڪجي اچن ٿيون. هاڻ، منهنجي خيال ۾ تہ تون اهو معلوم ڪرڻ چاهين ٿو تہ آيا گيشا شادي ڪري سگهي ٿي يا نہ. اهو ڪم ايترو عام ناهي، يا ان صورت ۾ ٿي سگهي ٿو جو سندس مڙس ان گيشا جو سمورو قرض گيشا گهر کي ادا ڪري واڌو ڪجهہ مٿان بي بہ رقم. ۽ پوءِ ڇوڪريءَ کي اهڙي نموني سان رکي سگهي جنهن جي هوءَ عادي ٿي چڪي آهي. عام طرح گهڻو تڻو ائين ٿيندو آهي جو گيشا پنهنجو ڪو سرپرست ڳولي/ چونڊي وٺندي آهي ـ جو اهو سمورو خرچ ادا ڪرڻ لاءِ تيار هوندو آهي جيڪو هن تي گيشا ٿيڻ تائين آيو ۽ پوءِ هو هن کي ٻي زال ڪري رکندو آهي.“

”منهنجي خيال ۾ تہ اها سريت ئي ٿي.“ سيتان چيو.

”ذري گهٽ، ها. ائين ئي چئي سگهين ٿو. ڪڏهن ڪڏهن تہ اهي نوجوان گيشا عورتون گيشائون ٿي ڪم جاري رکنديون آهن، پر پنهنجي سرپرست جي سڏ تي ٻين گراهڪن کي ڇڏي پهرين هن وٽ وينديون آهن. گيشائن جو وڏو تعداد اهو طريقو اختيار ڪري ٿو. گيشا گهر تہ بلڪل هر صورت ۾ اها ڪوشش ڪندو تہ مس سدا بهار چنبيلي گيشا واري ڌنڌي سان ئي لڳي رهي جو هوءَ هنن لاءِ چڱ ٻئنڪ ۾ رکيل دولت ٿي.“

”بهرحال في الحال تہ هوءَ هتان ڪنهن ٻي طرف هلي ويئي آهي ۽ گيشا گهر سندس پار پتا ڏيڻ کان انڪار ڪري ٿو. چا تون، پنهنجي هيتري اثر رسوخ هوندي ايترو ڪجهہ ڪري سگهين ٿو جو هن کي ڳولڻ ۾ منهنجي مدد ڪري سگهين؟“

ساڪاموتو ڪافيءَ جو خالي ٿيل ڪوپ پاسي تي رکي ڊگهو ساهہ کنيو. ”مسٽر سيتان، ڪيڏو نہ اياڳ آهي جو تو گيشا کي ئي پنهنجي پسند جي ڇوڪري چونڊيو. هوءَ

جيڪڏهن دل ۾ نه ڪريو ته آئون توهان کان اهو پڇي سگهان ٿو ته ڇا توهان مس سدا بهار چنبيليءَ کي ان ڪري چونڊيو آهي جو توهان جي نظرن ۾ هوءَ جپان جي هڪ بافضيلت ڏيءَ آهي؟ جپاني سڀ ڇوڪريون هونءَ به دنيا ۾ اُتم سمجهيون وڃن ٿيون. ٿوري ئي ڄاڻ سڃاڻ پيدا ڪرڻ سان توهان کي ان کان به وڌيڪ فضيلت واريون ڇوڪريون ڪيترن ئي جپاني گهرن ۾ ملي سگهن ٿيون.“

”منهنجي دلچسپي هڪ ـ ۽ فقط هڪ ماسايوڪانو ۾ آهي. جيڪڏهن هوءَ پل تان ڪري پوي ۽ ڪيس سڄي عمر ڦيٿن واري ڪرسيءَ تي رهڻو پوي ته به هوءَ مون لاءِ ساڳي ماسايوڪانو آهي.“

”ڇا ان حد تائين تون هن کي چاهين ٿو مسٽر سيٽان؟“

”جي ها. بلڪل. ۽ توهان مون کي پنهنجو سمجهي 'سيٽان' بدران فقط 'ڊِڪ' چئي سگهو ٿا.“

”چڱو ڊِڪ. جيتري ٿي سگهندي آئون ڪوشش ڪندس.“

ساڪاموٽو سيٽان کي ريلوي اسٽيشن تي ڇڏي پوءِ گهر تائين ايندي وقت هو ان منجهيل مسئلي کي سلجهائڻ بابت سوچيندو رهيو. ڇوڪريءَ کي ڳولڻ ڪو ڏکيو ڪم ناهي. پر هي اخلاقي پهلوءَ کان سوچي رهيو هو ته آيا هي ان ڪم ۾ هٿ وجهي يا نه. سيٽان لاءِ ڪانوماسايو جي ڳولا ڪري يا نه. هن کي هڪ پراڻي جپاني چوڻي ياد اچي ويئي: ”ماڻهوءَ کي پنهنجي زال ڳولڻ لاءِ پنهنجو گهر ئي جانچڻ کپي.“

جيڪڏهن هو شادي ٿا ڪن ته هنن کي انگريزي يا جپانيءَ ۾ چڱيءَ طرح هڪ ٻئي سان ڳالهائڻ ۾ سالن جا سال لڳندا. هن جي ڏيان ۾ ٻيون به ڪيتريون ئي مکيه ڳالهيون هيون جن آمريڪا ۽ جپاني تهذيبن کي ڌار ڌار ڪيو ٿي. ان کان علاوه ذات پات جو به سوال هو. بهرحال انهن کي ته هن ڪا به اهميت نٿي ڏني. ماڻهن جا فقط ٻه قسم آهن ـ هن دل ئي دل ۾ سوچيو ـ سڌريل ۽ اڻ سڌريل.

هاڻ سيٽان جيئن ته جپان جو ذري گهٽ مستقل شهري ٿي رهڻ لڳو هو ان ڪري گيشا گهر هن کان سنئون سڌو احتياط ڪيو ٿي. ساڪاموٽو کي مليل اطلاع مطابق مس سدا بهار چنبيليءَ وارو گيشا گهر ان بندوبست ۾ لڳو پيو هو ته بنا ڪنهن دير جي ڪو سرپرست ڳولي ڪيس ان جو پابند بنايو وڃي.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

هوڏانهن سيٽان ماتسوموتو ڪمپنيءَ جي پراڻي گراهڪ سان ملڻ لاءِ ٻئي هفتي جي شروع وارن ڏينهن ۾ فلپائين روانو ٿي ويو. اتي پهچڻ سان جڏهن هن واپار ٺٽڻ جو جائزو ورتو ته خبر پيس ته اهو سڀ ڪجهه ان ڪري ٿيو جو هڪ ته ٻئي جي زبان سمجهڻ لاءِ ڪو رابطو نه هوءِ ٻيو ته فلپائين وارن تي اهو غلط اثر ويهي ويو هو ته ماتسوموتو ڪمپني ڏيوالي ۾ هلي ويئي آهي. اهي سڀ ڳالهيون دور ڪرڻ لاءِ سيٽان سٺو پارٽ ادا ڪيو.

ماتسوموتو وڏي پگهار تي پارٽ وٽ جو هي آمريڪن وائيس پريزيڊنٽ رکيو هو ان جو هڪ سبب اهو به هو ته جيئن هو نه فقط انجنيئرنگ جا مسئلا حل ڪري پر ماڻهن سان لهه وچڙ ۾ اچي پراڻا وڃايل گراهڪ پڻ هٿ ڪري. ٽي ڏينهن فلپائين ۾ رهي سيٽان توڪيو واپس وريو.

واپسيءَ تي هوائي جهاز ۾ ويني هن جي دماغ ۾ هڪ رٿ آئي. هن ڪيسي مان ننيڙڻي چوپڙي ڪڍي ان تي ڪو نالو لکيو. بس پاڳ خراب نه نڪري باقي هن کي يقين هو ته هو هاڻ مس ڪانوماسايو جو پتو لهي وٺندو.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

12

ٻئي ڏينهن صبح جو سيٽان پنهنجي مسافريءَ جو سربستو احوال سيٺ ماتسوموتوءَ کي ڏنو. ان بعد پنهنجي سيڪريٽري ايلن ياماڊا کي ٻڌايو ته هوءَ سندس فون، آمريڪن ايئرفورس بيس تي رهندڙ ڪرنل هاورڊ سان ملائي، جنهن سان هو ڀيرين ڀيرين ٻه ڀيرا ڳالهائي چڪو هو.

پوري ڏهين بجي سرڪاري گاڏي پيگيءَ جي ٻوائِ فرينڊ ايئرمئن ملسپ کي فئڪٽريءَ تي اچي لاٿو (جنهن لاءِ سيٽان صبح جو سندس ڪرنل کي فون ڪيو هو.) قدبت جو سنهو مٿي تي ڳاڙها وار ۽ ٽوپلو هٿن ۾ هوس. سندس وردي چڱيءَ طرح استري ٿيل ۽ ڪلف ڏنل هئي ۽ ڪارا بوٽ پالش ڪان ايترو ته چمڪي رهيا هئا جو اشتهار جو نمونو ٿي لڳا.

"ايئرمئن ملسپ، ويهو." سيٽان هن کي ڪرسي آڇيندي چيو. سيڪريٽري ايلن هنن لاءِ ڪوڪا ڪولا کڻڻ لاءِ ٻاهر ويئي ۽ آيل مهمان اسپرنگ وانگر هيڏانهن هوڏانهن لڏي جڏهن آرام سان ويٺو ته سيٽان فرحتي ٿي پڇيس، "ڪريو خبر پيگي ڪيئن آهي؟"

ملسپ اهو ٻڌي چرڪ پري چيو: "جا سائين توهان مون سان هن بابت ڳالهائي مون کي اها نصيحت ڪرڻ ٿا چاهيو ته آئون هن کان پري رهان."

"نه، هرگز نه. آئون هن سان ملي چڪو آهيان ۽ آئون ڪانئس بيحد متاثر آهيان."

ملسپ هٿ سان نرڙ تان پگهر اُگهيو. "شڪر آهي."

پوءِ يڪدم هن کي ڏيان ۾ آيو. "سائين منهنجي خيال ۾ ته آئون ٻه توهان کي سڃاڻان ٿو. توهان ئي ته نه آهيو جيڪي هن جي پيءُ سان ملندا رهيا آهيو؟"

"بلڪل صحيح آهي،" سيٽان چيو. اتي ايلن هنن لاءِ ڪوڪ کڻي آئي. پوءِ هنن کان اجازت وٺي ڪمري جا در بند ڪري ٻاهر هلي ويئي.

"آئون ذاتي ڳالهيون پڇڻ نٿو چاهيان، بس ايترو ضرور معلوم ڪرڻ چاهيان ٿو ته ويجهڙائيءَ ۾ تنهنجي ڪا هن سان ملاقات ٿي آهي؟"

ملسپ ڀرين هيڏانهن هوڏانهن نهاريو ته آيا ڪو ٻيو ٻڌي ته نه رهيو آهي. "گذريل رات ئي آئون هن سان مليو آهيان، پر اها ڳالهه سائين پاڻ تائين محدود رکجو. گيشا گهر وارا خبر

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

ناهي چوا اڄڪلھ ٽٽان پٽان ۾ آهن. توهان کي تہ خبر آهي تہ آئون ڪو ڪميشنڊ آفيسر تہ آهيان ڪونہ. آئون تہ هڪ سپاهي ئي ٺيس...“

سيٽان هٿ جي اشاري سان اهو چوڻ کان ڪيس جهليو. ”پاڻ ٻنهي جو ساڳيو مسئلو آهي. اڃا بہ ڏٺو وڃي تہ منهنجو مسئلو توکان گنڀير آهي. مون کي اها خبر ناهي تہ مس ڪانوماسايو اڄڪلھ ڪٿي آهي. گيشا گهران بابت ڪنهن کي بہ نٿو ٻڌائي.“

”پيگيءَ کي خبر ضرور هوندي،“ ملسپ چيو. ”توهان ائڊريس ۽ فون نمبر ٻڌايو. آئون اڄ ئي هن کان معلوم ڪري توهان کي اطلاع ڪندس.“

سيٽان پنهنجي گهر جو پتو پنهنجي نالي واري ڪارڊ تي لکي هن کي ڏنو. ”مون وٽ اڃا فون ناهي.“ هن چيو. ”چڱو مهرباني ملسپ. پيگيءَ کي بہ منهنجا سلام چئجان.“

پنجين وڳي آفيس ۾ سيٽان جو فون آيو. ”ڊڪ سيٽان، آئون ساڪاموتو پيو ڳالهايان تنهنجي ڪم جي خبرچار پئي لڌم ۽ مون کي اها ڄاڻ پيئي تہ مس سدا بهار چنبيلي اڄڪلھ ٽوڪيو کان ٻاهر رهي ٿي. هن جو ڪنهن گراهڪ سان معاشقو ٿي پيو هو ۽ جذباتي طرح ايترو تہ پريشان رهڻ لڳي آهي جو گيشا گهر وارن هن کي ان گراهڪ کان پري رکڻ ڪارڻ ٻئي شهر ۾ موڪلي ڇڏيو آهي جيسين هوءَ هن کي وساري يا نارمل حالت ۾ اچي. سو هاڻ منهنجيون دعائون توهان سان آهن. اُميد تہ هڪ نہ هڪ ڏينهن هن کي حاصل ڪري اسان کان بہ مبارڪون ماٽيندين.

”ٻي ڳالھ تہ جنهن گيشا گهر سان مس سدا بهار چنبيليءَ جو واسطو آهي، ان تي منهنجي ڪافي اثر آهي جو آئون سندن وڏي ۾ وڏو گراهڪ آهيان ۽ هنن جي ڪمائيءَ جو وڏو حصو منهنجي ڪمپنيءَ مان آهي. مون هنن کي صاف صاف چئي ڇڏيو آهي تہ جيڪڏهن هو تنهنجي ۽ مس سدا بهار چنبيليءَ جي وچ ۾ رنڊڪ پيدا ڪندا تہ سٺي ڳالھ نہ ٿيندي.“

”توهان جي وڏي مهرباني.“ سيٽان چيو.

”نہ. اهو مون تي فرض آهي تہ تولاءِ جيڪي ڪجھ پڄي سگهي اهو ڪريان. آئون آمريڪا ڪالاهان ڪمپنيءَ سان بہ دفعا ڳالهائي چڪو آهيان ۽ هو مون کي مشينريءَ جو نمونو ناهڻ ۽ ان جو اگھ معلوم ڪرڻ لاءِ بلو پرنٽون (نقشا) موڪلي رهيا آهن.“ ساڪاموتو چيو.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

”ڏاڍو سٺو. چگهو وڏيڪ پوءِ ملاقات تي روبرو خبرون ڪنداسين.“ سيٺان چيو.

”بلڪل صحيح. منهنجي آمريڪا کان موٽڻ تائين انتظار ڪجان“. تيسين مون طرفان تو لاءِ دعائون آهن. ها اهو ٻڌائڻ وسري ويم تہ مس نارما شاديءَ جون تياري ڪري رهي آهي. ويجهڙائيءَ ۾ سندس ملاقات ڪنهن همراهہ سان ٿي هئي. هو عمر ۾ مڙيئي هن کان ڪجهہ وڏو آهي. ٽيڪساز جو ڪو امير آمريڪن آهي.“

انگريزيءَ بدران سيٺان جپانيءَ ۾ پڇيو: ”سو ديسڪا“ (ڇا واقعي؟)

ساڪاموتو کلي چيو. ”بلڪل. مون نوڪري ڊپارٽ واري ڪاتي کي ٻي انگريزي ڳالهائيندڙ سيڪريٽري موڪلڻ لاءِ فون ڪيو. خبر پيئي تہ هنن جي هڪ بهتر انگريزي ڳالهائيندڙ ڇوڪري تو وٽ پهچي ويئي آهي. بهرحال ان تي تنهنجو ئي حق هو.“

جڏهن ڳالهہ ٻولهہ ختم ٿي تہ سيٺان ڏٺو تہ ريڪو سامهون در وٽ بيٺي آهي. ”هلي آ اندر اچ.“ سيٺان کيس سڏ ڪيو.

”ڊڪ چان. منهنجي هڪ ساهيڙي آهي جنهن جي چاچي هڪ گيشا ريسٽورنٽ هلائيندي آهي. هن وعدو ڪيو آهي تہ هوءَ تو لاءِ ماسايو جو اتو پتو لهڻ جي ضرور ڪوشش ڪندي.“

سيٺان ريڪو کي پاڻ ڏي ويجهو ڇڪي چيو: ”ريڪو مان توکي اهو ٻڌايان تہ مون کي خود خبر ناهي تہ آئون ڇو اچي ماسايو پٺيان پيو آهيان. بس مون کي ڇڙي اها ڄاڻ آهي تہ آئون هن بنا هڪ پل بہ رهي نٿو سگهان.“

”پيارا ڊڪ, آئون سمجهان ٿي.“

”پر هڪ ڳالهہ آئون چٽيءَ طرح محسوس ڪريان ٿو.“ سيٺان وڌيڪ چيو ”تہ هر حال ۾ مون کي تنهنجي دوستيءَ جي ضرورت آهي. جيسين منهنجي سرير ۾ ساهہ آهي تيسين تون منهنجن بلڪل ويجهن دوستن مان آهين.“

”اها مون لاءِ خوشيءَ جي ڳالهہ آهي جو تون مون کي ايڏي عزت ڏين ٿو ۽ پنهنجو سمجهين ٿو ڊڪ. آئون نٿي سمجهان تہ ڪو ٻيو مون کي ايترو پنهنجو سمجهي ٿو.“ هوءَ پنهنجي منهن کي هٿن سان ڍڪي روئڻ لڳي. پوءِ پنهنجيون اکيون اگهي مرڪڻ لڳي. ”ڊڪ چان, تو مون کي هڪ نئون ماٺهو ٻڌائي ڇڏيو آهي.“ هوءَ اهو چئي ٻاهر هلي ويئي.

”ڏوڙ آهي پيئي.“ سيٺان پنهنجي منهن دل ۾ چيو.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

پوءِ ڪاغذ پت ٺاهي گهر ڏي روانو ٿيو. نوڪرياڻيءَ جيڪا ماني ٺاهي هئي سا کاڌائين. ستين بجي ڪي مهمان آيا جيڪي هن گهر ۾ نوان هئا. نوڪرياڻيءَ ٻنهي کي جهڪي ڪيڪاريو ۽ سيٽان کي سڏي آئي. سيٽان ايئرمئن ملسپ ۽ پيگيءَ کي ڏسي خوشيءَ سان سندن آڏرڀاءُ ڪيو.

”اوهه! هيءَ ته واهه جي جاءِ آهي.“ پيگيءَ چيو ”ماسايو کي ته واهه جي وڻندي“ اهو چئي هن دريءَ کان ٻاهر ڏٺو. ”واهه واهه. هتي ته ويندي ٻارن جي کيڏڻ لاءِ به چڱو پٽ آهي.“

”ڪهڙن ٻارن لاءِ؟“ سيٽان پڇيو.

پيگي سيٽان کي گهورڻ لڳي. ”تنهنجي ٻارن لاءِ. ظاهر آهي تون اهو ئي چاهيندين ته ماسايو مان توکي ٻار ٿين. يا نه؟“

سيٽان اها ڳالهه لنوائي چيو ”في الحال ته آئون چاهيندس ته ماسايو کي ڳولي لهان.“

”اها ته سمجهه ته توکي ملي ويئي.“ پيگيءَ ڪيس خاطري ڏني. ”ماماسان مون کي چتاءُ ڏيئي ڇڏيو آهي ته جي ماسايو بابت ڪنهن کي به ٻڌايئي ته ڌنڌي مان ڪڍي ڇڏينديسانءِ. سو مون هن سان وعدو ڪيو ته ڪنهن کي به نه ٻڌائينديس.“ اهو چئي پيگي سيٽان جي منهن جو پنو پڙهڻ لڳي. ”عينڪ بنا لڳين ته ٺاهوڪو ٿو. تنهنجا ٻار به توجيان ڏِگها ۽ سهڻا ٿيندا. منهنجو الائي ڇا حشر ٿيندو. پڪ هن جهڙا ڳاڙهي مٿي وارا ڄمندا.“ هن وري سيٽان جي منهن جو غور سان جائزو ورتو. ”تون ڏاڍو ٿڪل ٿو لڳين. ڇا نئين نوڪريءَ ٿڪائي رکيو اٿئي؟ توکي کپي ته موڪل ڪري ڪجهه ڏينهن لاءِ شمودا شهر ۾ وڃي آرام ڪر.“

”نه، اڄا ته ضرورت نه اٿم.“ سيٽان وراڻيو.

پيگي هاڻ وڌيڪ صبر کان ڪم نه وٺي سگهي. ”تون شمودا ضرور وڃ. هر سال وانگر هن سال به اتي جمعي ڏينهن جشن ٿيڻو آهي جنهن ۾ هر عمر جا ماڻهو ناچ ڳانا ڪندا آهن. هن سال گيشائن جي پريڊ/ فلوٽ ۾ ماسايو به ڀهرو وٺندي“

سيٽان ٻئي ڏينهن پنهنجي سيڪريٽري ايلن ذريعي شمودا وڃڻ لاءِ ٽڪيٽ بڪ ڪرائي. مسز ايلن فلپائين کان آيل تار ماتسوموتوءَ کي پڙهي ٻڌائي ته هو سيٽان جي قيمتي صلاحن کان متاثر آهن ۽ واپار جو وڌيڪ آرڊر ڏنو اٿن. سيٺ ماتسوموتو پنهنجي ٺاهيل هائڪو (شعر) واري پڪيءَ بابت وري غور سان سوچيو جيڪو سندس نئين آمريڪن وائيس پريزيڊنٽ جي ذهانت جي علامت هو جنهن ڪري ڪمپنيءَ تان مشڪل ڏينهن ترڻ لڳا

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

هئا. بهتر ڪاروبار وري شروع ٿيڻ لڳو هو. سيٺ کي خوش ٿيندو ڏسي مسز ايلن بنا دير جي ڪيس ٻڌايو ته مسٽر سيٽان سياڻ ڪان ڏينهن ٻن لاءِ شمودا جشن ڏسڻ لاءِ وڃڻ چاهي ٿو. سيٺ خوشيءَ مان هڪدم اجازت ڏني ته سياڻ ڇو هو چاهي ته اڄ ئي وڃي سگهي ٿو.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

سيتان ٽيلهي ۾ ڏينهن ٻن جا ڪپڙا وجهي ريل ۾ اچي چڙهيو. شمودا شهر ۾ هڪ جشن وارو ماحول برپا ٿيل هو. ماڻهو پنهنجن ٻارن سميت رنگين ڪپڙن ۾ هيڏانهن هوڏانهن ڦري رهيا هئا. گهوريئڙا مختلف شين وڪڻڻ جا هوڪا ڏئي رهيا هئا. هن شهر جي ڪنهن گهٽيءَ جي ڪنهن گهر ۾ پڪ ماسايو به هوندي. هو هڪ مسافرخاني ۾ اچي ٽڪيو جنهن قسم جي رهائشگاهن ۾ هو پهرين به رهي چڪو هو.

ٻئي ڏينهن هو ڪاٺ جون چاڪڙيون ۽ يوڪاتا پائي ميلي ۾ گهمڻ لاءِ نڪتو. ٿوري دير بعد رستن تان جلوس لنگهڻ وارا هئا. ماڻهو رستن جي پاسن تي قطارون ناهي انهن کي ڏسڻ لاءِ آتا هئا. سيتان به ڪلها پاسا هٽي پنهنجي ويهڻ لاءِ جاءِ ناهي.

ٿوري دير بعد جپاني نقارن ۽ دهلن جي سٽ سٽ سان پريڊ جو هڪ جٿو اچي لنگهيو. ساڻن گڏ وڏا جهنڊا ۽ بيرقون هيون جن تي مختلف جپاني لفظن جون شڪليون ٺهيل هيون.

ان بعد هڪ ٻيو جٿو ساز سرودن تي نچندو اچي لنگهيو. انهن جي هٿن ۾ بانسن جا لڙها هئا جن جي مٿان پني جا تابوت ۽ مندر ٺهيل هئا.

ان کان پوءِ ڪجهه دير بعد هڪ ٻيو جٿو آيو جنهن ۾ سيني ماڻهن شوگن واريون پراڻي زماني جون پوشاڪون پهريون هيون. ڪجهه نوجوان پنهنجن مٿن تي گڏين جي گهر جهڙيون ٺهيل عمارتون کڻي لنگهي رهيا هئا.

اهڙيءَ طرح هڪ ٻيو جلوس نڪتو جنهن ۾ سڀ ڪمونو پهريل ڇوڪريون هيون. هو گلن سان جهنجهيل فلوٽ کڻي لنگهي رهيون هيون. پاسن کان هنن سان گڏ سازندا ساز وڄائي هلي رهيا هئا. رستي جي ڪپرن تي بيٺل ماڻهو جلوس ۾ لنگهندڙ مردن توڙي عورتن ۽ ڇوڪرين سان چرچا ڪندا رهيا. هو به کين گل يا پنين جي ڪاتر اڇلي هٽي رهيون هيون.

اهڙيءَ طرح ڪيترا جلوس لنگهڻ بعد هڪ جلوس خوبصورت عورتن جو خوبصورت پوشاڪ ۾ پري کان ايندو نظر آيو. ويجهو اچڻ تي خبر پيئي ته اهي ڇهن قطارن ۾ هڪ ئي جهڙا ڪمونا پائي نچي رهيون هيون. اهي ڪمونا اهڙي ڊيزائين جا ٺهيل هئا جو هنن نچندي

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

جڏهن سامهون ٿي نهاريو ته ڳاڙهاڻ ئي ڳاڙهاڻ ٿي ٿي ويئي ۽ جڏهن هنن پٺ ٿي ڏني ته ڪاري ۽ اڇي رنگ جا پٽا نهي ٿي ويا ۽ نچڻ وقت سندن قدم قدم سان ائين ته ملي ٿي آيو جو ڏسڻ وارن کي تعجب ٿي لڳو.

“ پوءِ سيتان جي نظر هن تي وڃي پيئي.

هوءَ ٻي قطار ۾ هئي، ۽ وڏي مانُ ۽ شانُ سان نچي رهي هئي. مڙڻ وقت هن به ٻين وانگر گوڏا ٿي موڙيا.

جيتوڻيڪ چرڻ جي جاءِ مور نه هئي، پر سيتان جيئن تيئن ڪري جاءِ ٺاهيندو جلوس جي سامهون گڏوگڏ هلڻ لڳو. نظر سندس مس ڪانوماسايو ۾ ئي هئي. جلوس اڳيان هلندو ويو ۽ ماڻهن جو سمنڊ پٺيان ٿيندو ويو. اڳيان موڙ اچڻ تي سڀ ڇوڪريون مڙيون. جيڪي ڇوڪريون مٿي تي ڪاٺ ۽ پني جو ٺهيل مندر رکي هلي رهيون هيون تن ان کي هيٺ لاٿو ۽ ساهه پٽڻ لڳيون. سيتان ڳاڙهي ڪاري رنگ جي ڪمونن اندر گهڙي ويو ۽ ڪيس ٻانهن کان جهلي ٻاهر وٺي آيو.

گوڙ گهمسان کان ٿورو پاسيرو پهچي سيتان ڏانهنس نهاريو ”ڪان بان وا“ (سلامي خير).

هوءَ هن کي ٽڪ ٻڌي ڏسندي رهي. آخر وڏي مشڪل سان هن انگريزيءَ جا ٻه چار لفظ ڳالهايا: ”هائو يو فائينڊ؟“ (تو مون کي ڪيئن ڳولي لڌو.)

”تمام سولائيءَ سان.“ سيتان وراڻيو ”مون جپان اچي توکي ڳولڻ شروع ڪيو.“

ڪجھ ڳالهائڻ کان اڳ سندس چپ ٿوري دير لاءِ ٿڙڪڻ لڳا: ”ڇو؟“

”توکي ان جي خبر آهي، مون توکي ٻڌايو هو- ياد اٿئي نه؟“

هن ٻانهن مٿي ڪٽي سيتان جي چيلهه جي چوڌاري وراين. ڪجھ دير لاءِ ٻئي ٻئي پهڻ ٿي بيٺي رهي. پوءِ ٻانهون هيٺ ڪيرائي هڪ قدم پٺتي هٽي. ”مون کي وڃڻ کپي.“ هن چيو ”هي ڪمونو منهنجو ناهي.“

سيتان سندس هٿ اجا تائين نه ڇڏيو. ”ڪيتري دير لاءِ وڃڻ ٿي چاهين. پهرين اهو ٻڌاءِ؟“

هن ڪنڌ ڌوڻي اهو اشارو ڪيو ته هن سندس ڳالهه نه سمجهي.

”آئون چوان ٿو“ سيتان ڌيرج سان انگريزيءَ جو لفظ لفظ ڌار ڌار ڪري ڳالهايو ”ته تون موٽي اچ.“

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

”پر مون لاءِ ڪيٽريون ئي رڪاوٽون آهن.“ مس سدا بهار چنبيليءَ چيو.

”بس جان، ڪمونو بدلائي، موٽي اچ. سمجهئهِ؟“ سيٽان چيس.

سيٽان اڳيان هن کي آڻ ميڇٽي پيئي.

پني جو وچٽو ڪولي هن سامهون سمنڊ ڏي اشارو ڪيو. ”جيڪڏهن تون چئين ٿو تہ آئون ڪلاڪ اندر موٽي اچان. پاٽيءَ جي پرسان ويهي ڪجهہ دير پاڻ ڳالهائينداسين.“

سيٽان پانهن موڙي واچ ۾ ٽائيم ڏٺو. ”پوري ڪلاڪ اندر موٽي ايندينءَ نہ؟ پڪ؟ وعدو؟“

”آئون وعدو ٿي ڪريان، ڊڪ.“

سيٽان هن کي ڇڏيو ۽ هوءَ ڊانس ڪندڙ جوڪرين جي ميڙ ۾ گم ٿي ويئي. هي پوءِ ماڻهن جي ميڙ مان رستو ناهيندڙ سمنڊ ڏي وڌيو. رستي تي ڪيترائي جپاني آواز هن جي ڪنن ۾ ٻرڪندا رهيا. ڪاٺ جي چاڪڙين جي ٺڙڪ ٺڙڪ، جپاني ساز- ساميسين جي شرنائيءَ وانگر تکو سر، ڪنهن نوڊل وڪڻندڙ پوڙهي ماڻهوءَ جو هوڪو. سامهون 'توري - ئي' دروازو نظر اچي رهيو هو جنهن جي چوڌاري پتر جا چونجها ڏيا ٽمڪي رهيا هئا. اهي ڏيا انهن ماڻهن کي سڏي رهيا هئا جن ان پاڪ در جي هينان لنگهي پنهنجي جسم ۽ روح کي پاڪ پوتر بنائڻ ٿي چاهيو. ڪجهہ ڏاڪا مٿيرو شنتو ڌرم جو پائو بيئنل هو جيڪو پني جي وچٽيءَ سان پاڻ کي هوا هٽي رهيو هو. شادي شده جوڙا هن کان دعا وٺي رهيا هئا.

ڪلاڪ گذرڻ ۾ اجا پنجويهہ منٽ بچيا ٿي، شڪ جو شيطان سندس دماغ ۾ ديرو ڄمائي کيس آگاهہ ڪرڻ لڳو تہ تون اجايو هتي وينو ڪلاڪ وڃائين. تيسين هوءَ سامان ٻڌي ڪنهن ٻي پاسي ٻيجي وڃڻ ۾ ڪامياب ٿي ويئي هونداءِ. پر پوءِ جڏهن هن کي ٻي گهڙيءَ ياد آيو تہ هوءَ هن سان وعدو ڪري ويئي آهي تہ شيطان کي ڇڻ اماڙي لڳي ويئي.

سيٽان سمنڊ جي ويجهو پهچي هڪ پرپري جاءِ پور تي قبضو ڪري ويهي رهيو جو چوڌاري ڪيترائي جوڙا جوڙا جايون والاري وينا هئا. هن جي پٺ سمنڊ ڏي هئي ۽ صبر سان وقت گذارڻ جي انتظار ۾ هو. پر جڏهن پورو ڪلاڪ گذري ويو تہ هڪ هڪ منٽ هن جي اندر ۾ هڪ دفعو وري نئين سنئينءَ وسوسا ۽ شڪ شبها جاڳائڻ لڳو. پر هن انهن کي دل سان هرگز قبول نہ ڪيو. سندس دير سان پهچڻ جا ڪيترائي سبب ٿي سگهن ٿا. هن سوچيو.

هن پٺ ورائي سمنڊ ڏي ڏٺو جيئن سمنڊ کان ڪجهہ صبر سکي سگهي، جيڪو صبر جي ئي علامت آهي. پري بلڪل پري سمنڊ جي ڪناري تي، چانڊوڪيءَ ۾ سامهون ڪا

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

عورت، خاموشيءَ سان پاٽيءَ کي ڏسي رهي هئي. هي يڪدم سجاڳي پيرن تي اُٿي بيٺو ۽ تعجب کائڻ لڳو ته خبر ناهي ته هوءَ ويچاري ڪيتري دير کان انتظار ڪري رهي آهي. تڪيون تڪيون پرانگون ڪٽي ٻين جوڙن جي وچ مان رستو ٺاهيندو ان عورت ڏي وڌيو. ايتري ۾ هوءَ جهڙو پنيان مڙي ته هن تي نظر پيس ۽ هن خوشيءَ مان هٿ لوڏي پنهنجي هجڻ جو اطلاع ڪيو.

دراصل سمنڊ جي ڪناري وٽ وڏيڪ اڪيلائي ڏسي هوءَ اتي بيهي انتظار ڪري رهي هئي. پوءِ هو ٻئي گڏ تي وينا منهن سان منهن ملائي، هڪ ٻئي جي ويجهو ٿي۔ جيئن سندن ڳالهيون رڳو پاڻ ئي ٻڌي سگهن، ٻيو ڪو به نه.

”پيگيءَ مون کي نياپو ڪيو هو ته تون ضرور ايندين.“ هن نماڻائيءَ مان چيو ”پيگيءَ مون کي اهو به اطلاع ڪيو هو ته 'ماما سان' چاهي ٿي ته آئون جهٽ شادي ڪريان. هوءَ مون لاءِ ڪو سرپرست ڳولي رهي آهي جيڪو مون کي 'زال' ڪري رکي.“

”ٻي زال“ سيٽان ڏيرج سان چرچي طور پڇيو.

”منهنجي خيال ۾ ته بلڪل ائين.“

ڪجهه لمحا گهري ماٺ بعد هن چپ چوريا. ”هو گيشا مس سدا بهار چنبيليءَ سان شادي ڪرڻ ٿو چاهي.“ هن چيو ”پر آئون هرگز نٿي چاهيان.“ اهو چئي هن سيٽان ڏي پنهنجاپ وارين نگاهن سان ڏٺو.

”مون کي نه ته مس سدا بهار چنبيليءَ لاءِ وقت آهي ۽ نه وري ڪنهن ٻيءَ گيشا لاءِ“ سيٽان چيو ”فقط هڪ ڇوڪريءَ۔ ڪانوماسايو ڪارڻ سچي زندگي ڏيئي سگهان ٿو. تون ان ڇوڪريءَ کي سڃاڻين؟“

هوءَ مرڪي چوڻ لڳي: ”ڪڏهن ڪڏهن.“ ۽ پوءِ پنهنجو مٿو سيٽان جي جوٽ تي رکي ڪيس غور سان ڏسڻ لڳي.

”ماسايو“ سيٽان پڇيو ”تون منهنجي زال ٿي رهندينءَ؟“

هن سيٽان کي چيرائيندي چيو: ”ٻهرين زال؟“

”زال ـ فقط زال.“

پوءِ هن سنجيدي ٿيندي چيس: ”ڏڪ تون ڪجهه سمجهڻ جي ڪوشش ڪر. اهو سوچ ته اهو ڪم ڪيڏو ڏکيو آهي. گيشا گهر منهنجي لاءِ مسئلا ڪٽي پيدا ڪندو جو هو مون کي

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

خريد فروخت جي شيءِ سمجهن ٿا.“

”منهنجو هڪ دوست آهي، اهو ان مسئلي کي دور ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو. هو تمام اهم ماڻهو آهي ۽ پڪ اٿم ته هو ان ۾ ضرور ڪامياب ٿيندو ۽ توکي ان گيشا جي چڪر مان ڪڍي ويندو. پلي بي ڪا وچي مس سدا بهار چنبيلي ٿئي، هنن وٽ ڪيترين ئي ڇوڪرين وينيون آهن.“

”تنهنجو اهو دوست ساڪاموتو ته نه آهي؟“ ڪانوماسايو پڇيو.

”ها.“ سيتان وراڻيو.

هن سيتان جي سيني تي ڳل رکي چيو: ”جيڪڏهن هو چوندو ته گيشا گهر وارا ڪڏهن به هن جو چيو نه ٽاريندا.“

”آئون به ائين ٿو سمجهان. پر تو منهنجي سوال جو ته جواب ڏنو ئي ڪونه.“

هوءَ اجا به ٿورڙو اڳيان رڙهي. جيئن هوءَ اجا به هن جي ويجهو ٿي سگهي. ”ڊڪ، وچ ۾ ڪيترائي مسئلا آهن. تون نٿو سمجهي سگهين.“

”آئون بلڪل چڱيءَ طرح سمجهي سگهان ٿو ماسايو. مسئلا اهي ئي آهن نه ته تون ٻڌ آهين. تنهنجي قوميت جپاني آهي. پاڻ ساڳي زبان نٿا ڳالهايون. تون گيشا گهر وارن وٽ پئسن جي عيوض جڻ گروي رکيل آهين.“ سيتان چيو ”پر آئون انهن مان ڪنهن به ڳالهه جي پرواهه نٿو ڪريان. جنهن به مندر، مسجد، پگوڊا يا سائنيگاگ ۾ توکي وٺي تون وڃي سگهين ٿي. جپاني قومي ترانو ڪو وڄائي ٿو ته تون پلي اٿي بيهه، مون کي ڪو اعتراض ڪونهي. باقي گيشا گهر جي حساب کي آئون پاڻهي منهن ڏيندس.“

”ڊڪ“ هن سيتان کي زور سان ياڪر پائيندي چيو ”منهنجا ٻار ڏسڻ ۾ ڪيئن لڳندا؟“

سيتان ڪيس چمي ڏيندي چيو ”اهي پاڻ جهڙا پاڳ وارا ته نه ٿي سگهندا.“

هن پنهنجو منهن ڦيرائي مٿي آسمان ڏي ڏنو. ”ڊڪ، چنڊ ڏي ڏس. ڪن جو چوڻ آهي ته چنڊ ديوتا زمين ڏي ڏسندو رهي ٿو ۽ هن ڪان ڪنهن جو به پيار ڳجهو ناهي. ڪڏهن ڪڏهن ڇوڪرو ڇوڪري راضي هوندا آهن پر هنن جا مائٽ سندن شادي ڪرائڻ نه چاهيندا آهن ته چنڊ ديوتا چوندو آهي ته گهبرايو نه. آئون توهان جو ميلاپ ڪرائيندس سمجهيئه.“

”بلڪل سمجهيم“ سيتان چيو ۽ آهستي آهستي اُٿي بيٺو ۽ هن ماسايو ڪانو کي به اُٿڻ ۾ مدد ڪئي. پوءِ سيتان ڪجهه گهڙين لاءِ بيٺي بيٺي ماسايو کي ۽ چنڊ کي ڏسڻ لڳو- جنهن

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

جي رعب ۾ اڻارٽيءَ جي راز جي ڪيس هاڻ خبر پيئي هئي. پوءِ ماسايو ڪي هٿ ڪان وٺي هلڻ لڳو. ”هل، مون سان هل، مسز سيتان.“ هن چيو.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com



# الطاف شيخ

## مئرين انجينئر

Altafshaikh2004@yahoo.co.uk

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com